# تحقيق لغات سنڌي

عبدالڪريم سنديلو

بي. اي (آنرس)، ايم. اي.

# تحقيق لغات سنڌي

عبدالڪريم سنديلو
بي . اي (آنرس)؛ ايم . اي .
ليڪچرار "سنڌي"،
گورنمينٽ ڪاليج، لاڙڪاڻو سنڌ.

ڇاپيندڙ:
تاج محل پريس،
شاهي بازار، حيدرآباد.
فون نمبر: ٢٣٢٣.

ڇاپو ڇوٿون] سال ١٩٦٣ع [جلد ٢٢٠٠

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

قيمت ١٠-٠-٠ روپيا

ملڻ جو هنڌ:
شاه محمد عباسي،
نزديڪ ٻي-وي-اسڪول،
لاڙڪاڻو سنڌ.

ڇپائيندڙ:
شاه محمد عباسي،
نزديڪ ٻي-وي-اسڪول،
لاڙڪاڻو سنڌ.

## نذر عقيدت

هي ڪتاب دل جي حضور سان
محترم سيال صاحب جي اسم گراميءَ
ڏانهن منسوب ڪيان ٿو،
جو سنڌ جو خاموش ۽
پخته ڪار اديب آهي.

سيال علي محمد درخشنده باد
گر قبول افتد زهي عز و شرف.

سنڌ بلو

# فهرست ابواب


| حرف | صفحو | حرف | صفحو |
|---|---|---|---|
| الف | ۱ | ڌ | ۱۸۴ |
| ب | ۵۰ | ڏ | ۱۸۸ |
| ٻ | ۶۱ | ڊ | ۱۹۶ |
| ڀ | ۷۰ | ڍ | ۱۹۸ |
| ت | ۸۱ | ر | ۲۰۰ |
| ٿ | ۹۲ | ز-س | ۲۱۳ |
| ٽ | ۹۵ | ش | ۲۳۶ |
| ث | ۱۰۰ | ص-ڪ | ۲۵۱ |
| پ | ۱۰۱ | ک | ۲۸۲ |
| ڦ | ۱۳۴ | گ | ۲۸۹ |
| ج | ۱۳۸ | ڳ | ۲۹۷ |
| ڄ | ۱۴۶ | گهه | ۳۰۳ |
| جهه | ۱۴۸ | ل | ۳۰۷ |
| چ | ۱۵۲ | م | ۳۱۷ |
| ڇ | ۱۶۳ | ن | ۳۳۸ |
| خ | ۱۷۲ | و | ۳۵۳ |
| د | ۱۷۳ | ه | ۳۷۵ |
| | | رايا | الف کان ڪ |

# ٻه اکر

مدت کان آرزو هئي ته ”سنڌي لغت“ مرتب ڪريان، ليڪن اڪيلي سر، تهي دست، ڇا ٿي ڪري سگهيس! بقول سليمان شاعر: بنا لشڪر خزاني جي، ٿيڻ سلطان مشڪل آهه. مون سان ٻه اها ڪار هئي. نه عربي، سنسڪرت، گجراتي وغيره جو ڄاڻو، ۽ نه وري مختلف لغات جو ذخيرو! جنهن ڪري ڪجهه وقت ته دل جي دل ۾ رهي. آخر سنڌ سرڪار، ”سنڌي لغت“ جو ڪم، جوان بخت محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي سپرد ڪيو، جنهن ڊائريڪٽر آف سنڌي لغت جي حيثيت ۾، ٻن سان گڏ، مون کي پڻ، ريسرچ اسسٽنٽ مقرر ڪيو. منهنجي دل ۾ سڪ جو سلو، جو انگوران ڏي پلو، اڳيئي لڳل هو، تنهنڪري موقعي کي غنيمت ڄاڻي، هڪدم وڃي، دخليڪار ٿيس. جيتوڻيڪ ٻنڊڻ ٽن سالن (١٩٥٢ع کان ١٩٥٤ع تائين) جو هو، ۽ ڪم به منهنجي صحيح مذاق مطابق هو، تاهم دوريءَ هڪ سال کان وڌيڪ ترسڻ جي مهلت نه ڏني. ارمان آهي، جو پهريون سال ته صرف ڪتابن مان لفظن گڏ ڪرڻ، ۽ ٻاهران آيل مواد کي ترتيب ڏيڻ ۾ صرف ٿيو. ڪاش! جيڪڏهن وڌيڪ رهان ها ته قوي ارادو هو ته: لفظن جا ڌاتو يا بنياد، آئون پاڻ ڪيان ها، جا ٿي منهنجي آخرين مدعا هئي.

ڏاتو يا بنياد معنيٰ: لفظ جي جڙ يا پاڙ، جتان لفظ نڪرن ٿا. سنڌي زبان، سنسڪرت جي شاخ آهي، تنهنڪري سنڌي لفظن جا بنياد بہ سنسڪرت ڌاتن تي مبني آهن. سنسڪرت ڀاشا ۾ لڳ ڀڳ ٢٥٠٠ ڌاتو آهن،* پر ڪن جي خيال موجب: ٢٢٠٠ ڌاتو آهن.✶ سر مونير وليمس جي خيال موجب: ٿلهي ليکي ٢٠٠٠ ڌاتو آهن.‡

ڌاتو ڇهن قسمن جا سمجهيا وڃن ٿا: ١- ڌاتو پاٺ پڙهت، جو "پاٺ" ۾ آيا آهن، ٢- سوتر، جو "سوترن" ۾ ڪتب ڪتب استعمال ٿيل آهن، ٣- لوڪڪ، جو "مهاڪوين" (وڏن شاعرن) پنهنجن ڪاويہ (شعر) ۾ ڪم آندا آهن، ٤- ويدڪ، جو "ويدن" ۾ ڪم آيا آهن. انهن سڀني ڌاتن جو ورڻن، پاڻني، پنهنجي پستڪ ۾ ڪيو آهي.†

جيتوڻيڪ لغت جي ڪم ڪان ٻري رهيس، تاهم ڏيري ڏيري ڪم ڪي لڳو رهيس. پنهنجي ڪچڪول يعني ميڙيل مواد کي سنواري ۽ سينگاري، "سنڌ جو سينگار" ڪتاب تيار ڪيم، جو سنڌي ادبي بورڊ طرفان، ڇپجي رهيو آهي. ڪتاب بعد، وري خيال ٿيو تہ: سڄي مواد ۾ آيل سنڌي لفظن کي، ٻين لفظن سان گڏي،

---

*Sanskrit Dhatu Kosh. Kasha Nath Sharma.*

✶*Sanskrit Dhatu-varth Manjusha. Ramji Ghondji Khonal kar.*

‡ " *Manual (Page 45). Monier Williams.*

† " *Dhatu kosh.*

| سنڌي | سنسڪرت (اصل لفظ) | ڌاتو (اصل لفظ جو) | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| ڪَھَن | ڪَٿَن | ڪَٿ | چوڻ |

هن لغوي ڪتاب ۾، لفظن جي ڌاتن جي معنيٰ، ڪڏهن ڪڏهن دل کي نہ آوڙندي، تنهن ڪري غلط سمجهڻ نہ کپي؛ ڇاڪاڻ تہ لفظ جي اصل يا بنيادي معنيٰ، اها ئي ڌاتوءَ واري هڪ آهي، جا اصطلاح ۾ ٻي ٿي آهي.

مثال:

| سنڌي | سنسڪرت | ڌاتو | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| ١— سَرَنَ | شَرَڻ | شُر | مارڻ |
| ٢— منگ | سَنگ | سمُ + گمُ | ساڻ + هلڻ |
| ٣— آرگَ | آرَگ | آرَش + گمُ | ڇاتي + هلڻ |

"سرن" معنيٰ سام، اجهو، پنہ. ڌاتو "شُر" = مارڻ، آهي. بظاهر، اها ڌاتوءَ واري معنيٰ، دل کي نٿي آوڙي؛ ڇاڪاڻ تہ "سرن" مان سام، اجهو، جي معنيٰ نڪري ٿي. ڌاتوءَ واري معنيٰ "مارڻ"، ۽ لفظ جي معنيٰ "اجهو"، "بچاءُ" آهي. ٻئي متضاد خيال! پر ڌاتوءَ واري معنيٰ "مارڻ" بالڪل ٺيڪ آهي. تشريح ٿيندي: جيڪو "سام" پوي، تنهنجي دشمن کي مارڻ آهي بہ انيز، تہ جيڪو "سرڻ" پوندو، تنهنجي دشمن سان ضرور بہ پاڻي ڪبا.

٢— "منگ"، سنڌ جو عام لفظ آهي، جو گهوٽ جي ورتل پانهن لاءِ، ڪم ايندو آهي. سنسڪرت لفظ "سَنگ" آهي.

پر اصل لفظ آهي: سَمْ = ساڻ + ڪَرْ = وڃڻ. جا، گهوٽ سان گڏ وڃي، سا، ٿي سندس زال.

٣- "ارگ"، ٻهراڙيءَ جو عام لفظ آهي، جو "نانگ" جي معنيٰ ۾، استعمال ٿئي ٿو. سنسڪرت لفظ: اَرَگ، پر اصل لفظ آهي، اَرَسْ = ڇاتي + ڪَرْ = هلڻ. جو، ڇاتيءَ تي هلي، سو، ٿيو نانگ.

واضح ٿيو ته لفظ جي معنيٰ ۽ ڌاتوءَ جي معنيٰ، ٻئي درست آهن، پر لغوي معنيٰ، ڌاتوءَ واري هڪ آهي. مٿين مثالن ۾ 'شَرْ' 'ڪَرْ' ۽ 'ڪَرْ' ڌاتو آهن. "سَمْ" ۽ اَرَسْ، اُپسرگ يا اڳياڙي (Prefix) جون نشانيون آهن.

سنڌيءَ ٻوليءَ جا گهڻا تڻا لفظ، پنهنجي اصليت کان ڦري، ٻي صورت اختيار ڪري چڪا آهن. انهيءَ ڪري پراڪرت نحوين جي خيال موجب، سنڌي لفظن کي ٽن ڀاڱن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: ١- تد ڀو (تد = تت = اهو + ڀو = ٿيڻ)، انهيءَ (سنسڪرت) جهڙا، مگر نه عين بين سنسڪرت. مثلاً: ڏسڻ، پٽ، واپار، لوهار وغيره. ٢- تتسم (تت = اهو + سم = ساڳيو، برابر)، اهي (سنسڪرت) ساڳيا. مثلاً: چور، سورِيه، مِتر، ساگر وغيره.

| تتسم | تد ڀو |
| --- | --- |
| سوريه | سورج |
| مِتر | مِت، مائٽ |
| درشن | ڏسڻ |

مگر ڪ ۽ ر (ڪر)، جو ڳنڍيل آواز ڏيندو. ٤- "ن" جو تلفظ، ٽن نمونن سان ڪيو ويو آهي: پهريون "سالم" يا "سچي اچار" وارو، ٻيو "اڌ اچار" وارو، ۽ ٽيون "غنہ" يا "نَڪ جي اچار" وارو. مثلاً: "رَنجَنَ" جو پهريون "ن" غنہ، ۽ ٻيو سچو اچار وارو آهي. "ڪنۡيا" ۾ "ن" ساڪن آهي، جنهنڪري "ن" جو اڌ اچار ڏيندو. مطلب ته: اعراب (زير، زبر، پيش) ته سالم اچار، "سڪون" (ْ) ته اڌ اچار، ۽ خالي ("ں" مثال ڪابہ اعراب نہ) ته غنہ يا نڪ وارو اچار ڏيندو. ٥- سنسڪرت جي ڪن حرفن تي تشديد (ّ) آيل آهي، تن مان، ٽ، ٿ، ڄ، جهہ، ڏ، ڪ، ۽ گهہ آيل هجي ته هيٺين طرح ٻٽا حرف سمجهڻ گهرجن:

| | |
|---|---|
| ت+ٿ=ٿّ | ٽ+ٺ=ٺّ |
| ج+ڄ=ڄّ | ج+جهہ=جهّ |
| د+ڏ=ڏّ | ڪ+ک=کّ |
| گ+گهہ=گهّ | |

| | | معنيٰ |
|---|---|---|
| مثلاً: ج+ڄ=ڄّ. | ٻڄّ+ٻڄّ | پڄ |
| ج+ڄ=ڄّ. | اِڄّا=اِڄّا | خواهش |

٦- سنسڪرت جا ڪيترا لفظ، "ي" ۾ پڇاڙي ڪن ٿا.

مثلاً: "ٻريہ" (ٻرين). "ٻريہ" جي "يہ"، برابر "ي" سمجهڻ گهرجي، ۽ نہ "يهہ" يا "يه". ٧- سنڌي ۾، ڪيترن لفظن جو اچار، "ر" سان شامل ٿئي ٿو پر اها "ر" لکڻ ۾

خصوصيت قلب :- سنڌي زبان جي ڪن لفظن ۾ اهڙي ته اکري ڦيرگهير ٿي ويئي آهي، جو پاڻنجي ٿو ته لفظ ائين ٿي آهن . مثلاً :

| لفظ | اصل لفظ | لفظ | اصل لفظ |
|---|---|---|---|
| ڇڪنو | نڪڇو | چوڻ | وچن |
| ٿت | تمت | مگدر | مدگر |

سنسڪرت ۾ به "خصوصيت قلب" جي موجود آهي . مثلاً :

| سنڌي لفظ | سنسڪرت لفظ | اصل لفظ |
|---|---|---|
| شينهن | سِنهه | هنس |

هن لغت ۾، سنڌي لفظ جي فقط مصدر ڪم آڻي، بنياد ڪيو ويو آهي . مثلاً : "گهمڻ" مصدر مان، ڪيترائي لفظ لکرن ٿا : گهمر، گهمڻو، گهمڻي، گهمندڙ، گهماءُ، گهماٽ، گهمائيندڙ، وغيره . ضروري هئڻ ڪري، اهڙن لفظن کي، دوبارو به ڏنو ويو آهي .

هيٺ ڏيکاريل ڪوشن (Dictionaries) ۽ ڪتابن مان، جڪين جيان داڻو داڻو چونڊي، ڪتابي صورت ۾، آن جي راهه تيار ڪئي اٿم . اميد ته پارکو، آن جي جنس کي، شناخت واري نظر سان، ملهه مهانگو ٺهرائيندا .

| | | | |
|---|---|---|---|
| ١- سنسڪرت - | انگلش | ڊڪشنري | سر مونير وليمس |
| ٢- " | " | " | ٽيڪو ڊو ربينوي |
| ٣- " | " | " | مئڪڊونيل |

| | |
|---|---|
| ٥٢- ڪاشف الغموض | آخوند فتح محمد |
| ٥٣- وٿيپتي ڪوش | جهمٽ مل نارو مل |
| ٥٤- فلالاجيڪل ڪيو راسٽيز | مرزا قليچ بيگ |
| ٥٥- شاه جو رسالو ٣ جلد | ڊاڪٽر گربخشاڻي |

لاڙڪاڻو

١-٨-١٩٥٥ — عبدالڪريم سنديلو

# علامتون

اپ — اپڀرانش

اس — اسپيني

انگ — انگريزي

ب — بلوچڪي

ت — ترڪي

پرا — پراڪرت

پور — پورچوگال

ڏن — ڏنپال آچاريه جي "ديسي نام مالا" ۾ آيل لفظ

س — سنڌي

سرا — سرائڪي

سن — سنسڪرت

ص — صفحو

ع — عربي

ف — فارسي

گ — گجراتي

م — مراٺي

ملا — ملايا

هہ   هندي
هيم   هيمچندر آچاريہ جي "ديسي نام مالا" ۾ آيل
ديسي لفظ
يو   يوناني
>   اصل لفظ جي نشاني
:   "يا" نقط اشتقاق يا ڌاتوءَ جي حالت ۾، جيڪڏهن
ڏنگين (:) اندر هجي
؟   شڪ جي نشاني
١   پهريون خيال (معنيٰ ۽ اشتقاق جي حالت ۾)
٢   ٻيو خيال " " " "

## ٻيو ڇاپو

پهرين ڇاپي بعد، ٻيو ڇاپو حاضر آهي. جيتوڻيڪ سنڌ ساڳي آهي، تاهم ڪن لفظن سان اضافو آندو ويو آهي. تنهن کان سواءِ ڪيترن لفظن جا ضد پڻ ڏنا ويا آهن ته جيئن معنيٰ وڌيڪ واضح رهي.

جن حضرات، سنڌيءَ سان نينهن نباهڻ خاطر، دلبري ڏيکاري، رايا موڪليا آهن، سي، شڪرگذاريءَ بعد، درج ڪجن ٿا. اميد ته آئينده به سنڌيءَ جا سڄڻ، وينجهار ٻنجي، منيءَ چڙهيل موتين کي صفا ڪري، تحفي طور موڪلڻ فرمائيندا، جنهنڪري نه رڳو موتين جو ڀهڪو ٻيڻو ٿيندو، پر ساڳئي وقت، انهن جي جوت ۽ جمال کان پڻ لغت وڌيڪ اوجر ڪائيندي.

لاڙڪاڻو

٢٨-٣-١٩٥٧ع   عبدالڪريم سنديلو

# الف

آبادَ : (ف. آباد. آب = پاڻي + 'آد' نسبت جي نشاني. پاڻيءَ سان تعلق رکڻ وارو)، وسايل، سرسبز. ضد "ويران".

آبُ داڻو: (ف. آب و دانہ. آب = پاڻي + دانہ = داڻو، آن جو ڪڻو)، روزي، رزق، خوراڪ، قسمت.

آبرو : (ف. آبِ رُو. آب = پاڻي، رونق + رو = منهن، چهرو- منهن جي رونق)، عزت، ناموس، شهرت، حيا، لڄ.

آپارَڻَ : (سن. آپَرَڻَ. آ = ساڻ، تائين + پرِ = پرڻ)، پڙڪائڻ، هُشي ڏيڻ، ہٿي ٿيڻ، همٿائڻ.

آپاسَڻ : (سن. آپاسَن. آ + پاسْ = چمڪڻ)، ظاهر ٿيڻ، پڌرو ٿيڻ، نروار ٿيڻ.

آپُون : (سن. آپيشَ)، آنَ جا ڪِيرا سنگ.

آتارَڻَ : (سن. آتارَڻَ)، ڏُتارڻ، رهڻ.

آتَر: (سن. آستَرَ. آ + سْتْرْ = ڍڪڻ)، پردو، ڍَڪ.

آتمُ : (سن. آتمَنْ)، روح، من.

آتما : ڏسو "آتم".

آتڻ : (سن. آيتن. آ = ساڻ + يت = ڪوشش ڪرڻ)، گهر، ايت ڪتڻ جي جاءِ.

آتو : (سن. آرت، آرد = ڏک ڏيڻ)، ڪڪ، عاجز، لاچار.

آٿت : (سن. آشوست)، ڏڍ، آسرو، دلاسو.

آٿر : (ف. آستر. پرا. آٿر. سن. آستر)، گڏهه جا ٿرا، گڏهه جي سنجت جو سامان.

آٿڻ : (سن. آورتن. آ = تڪو + ورت = ڦرڻ)، ڦرڻ، رجڻ.

آڙڻ : (سن. آستر. آ = ساڻ، چوڌاري + ستا = چرڻ ڪان بس ڪرڻ)، ٺهرڻ، پاڻيءَ کي هڪ هنڌ چڏڻ ته جئن غلاظت ترو ٿي.

آپدا : (سن. آپدا. آ = تائين، ساڻ + پد = وڃڻ)، آفت، مصيبت.

آپگهات : (سن. آتمگهات. آتمن=روح + گهات<هن= مارڻ)، پاڻ مارڻ، خود ڪشي.

آڦري : (سن. آسڦاير. آ = ساڻ + سڦاير = سجڻ)، جانورن جي بيماريءَ جو قسم.

آجپڻ : (سن. آيت)، آزادي، ڇوٽڪارو، نجات، مڪتي.

آڄِڙي : (سن . آَڄ پالَ . آَڄَ = ٻڪري + پالَ = پاليندڙ)، ٻڪرار، ڌنار، غريب.

عمر تو هَٿان، آجائيي ٿئي آڄڙين. (شاه)

آڄڪو: (سن . آڄِيوڪا. آ + جِيُو = جيئرورهڻ. ٢. آذَوقَه = آبِ زَقه . ف . آب = پاڻي + ع . زَقه=ٻکيءَ جي کچيءَ جو کاڌو)، ٿمر، توشو ۽ پرو سو.

آڄو: ڏسو "آڄڻ"

آڄِيان : (سن . آدانَ)، مرحبا، ڪِيڪَرَ.

آڇامَ : (ف . آماج)، هدف، نشان.

محبت جي ميدان ۾، عاشق! ڏيي آڇام. (شاه)

آڇَرَ: (گ. آتوارَ. سن . آدِتيَـوارَ. آدِيتَہ = سج + وارَ = ڏينهن)، آرتوار.

آڇِلو: (سن . آنچَلَ . اَنْچ = ملائڻ)، پلاند، دامن، ڪپڙي جو ٽڪر ۽ صافو.

آڇارو: (سن . آسارَ. آ = تائين ، ساڻ + سْرَ=وَهَڻ) تکو وسارو ۽ لهرن جي تيزي، گهيري ۾ اچڻ.

آڇارا عَميق جا، گَذيا غَواصن . (شاه)

آڇِلائڻُ : (سن . آڪشالَنَ . آ = ساڻ + ڪْشَلَ = صاف ڪرڻ)، آگهارڻ، ڌوئڻ، چاچراڻ .

آچَنُ : (سن. آچَڪشَن)، صلاحُ، چوڻُ، مرضي ڏيکارڻ.

آدِ : (سن. آدِ)، اصل، پهريون، بنيادي.

آدَرُ : (سن. آدَر. آ = ساڻ + دُرِ = عزت ڏيڻُ)، عزت.

آدَرڀاءُ : (سن. آدَر ڀاوَ. ڀاوَ = خيال)، گهڻي عزت، مهمان نوازي، خدمت خاطري.

آديسُ : ڏسو "آديشُ".

آديسي : (سن آديشي. آديشُ = حڪم)، فقيرن جو قسم.

آديشُ : (سن. آديشَ. آ = تائين + دِشُ = ڏسڻُ)، سنياسن جو سلام، نيازُ، حڪم.

آڌارُ : (گ. م. آڌار. سن. آڌارُ. آ = ساڻ + ڌُرِ = رکڻُ، جهلڻُ)، آسرو، سهارو.

آڌوتي : (سن. آوَڌوتَ. آوَ = هيٺ، پري + ڌوتَ = ڌوتيل. ڌو = ڌوئڻُ. جنهن دنيوي خواهشون ڌوئي ڇڏيون هجن)، سنياسي، ساڌو، جوڳي.

آڏيلو : (سن. آرڌ = اڌ + ايلا (ڀاڄاڙي)، پيسي جو اڌ.

آڏِ : (سن. آدِ)، اصل، پهريون، خاص.

آڏارڻُ : (سن. آنتَرڻ)، ڏڏ روڪڻُ، سارين کي اڌرو ڇڙڻ.

آڏاٺو : (سن. آوَٽ = کڏ) کپڙي آٽي جي جاءِ.

آڏتُ: (سن آدِتيہ. آدِتَ = هڪ ديوتا جو نالو)، سج .

آڏَ ترِڇا: (هير . آڏاڏا . سن. آورِتّ. آ = تائين ، چو ڌاري ورت = ڦيرڻ + پرا تِرِچ . سن . تِريچ ) ، ڏنگا ڦڏا ، آڏا ٽيڏا .

آڏَ ترِڇا آهڙا ، ڏونگر کي ڏاڪا . (شاه)

آڍوڪو: (سن . آرڌر)، آلو، گِهميل.

آرَ: (ف. آرَه . سن . آرا . آ = تائين + رُ = وڃڻ)، ٽوڻ ، سِڱي جو قسم .

آرِتوار: (گ. آتوار. سن. آدِتيوار. آدِتيہ = سج + وار = ڏينهن )، آچر .

آرَتي : (گ. م. آرتي . پرا . آراتِي . سن . آرَتِ : آراترِڪَ )، ديوتائن جي سامهون ڏيئا گهمائڻ ، هندن جي پوڄا پاٺ جو قسم .

آرِپار: (سن . آوارپار. آوار=هي ڪنارو + پار=هو ڪنارو ، هڪ ڪناري کان ٻئي ڪناري تائين ، منجهان .

آرَس : (سن. آلَسيہ. آ= نہ + لَس =ڪم ڪرڻ)، سستي، آلس.

آرِسي : (ڏن. آيرِيسو. پرا . آرسو . سن. آدرش . آ = چئني طرفن کان + ڍرش= ڏسڻ) آهينو ، آئينو ، درپني .

آرِکَڻ : (سن. آوَلوڪَن)، مهاندو، ديدار، درشن.

هئين پيرين آرِکَئين، مُنهن نه مُهائي. (شاه)

آرَنڀ : (پرا. آرَنڀ. سن. آرَنڀ. آ = گهڻو + رَڀ = شروع ڪرڻ)، شروعات، مهاڳ، ديباچو.

آرو : (سن. آرا)، پيار، انگل، مرضي.

آرِيٺو : (گ. آرِيٺا. سن. آرِشٽَ)، هڪ قسم جو ڦل.

آريو : (سن. آريه)، وڏو، شريف، خاندان.

آڙَ : (سن. آلَ = روڪ)، پردو، پناه، سام، ٽيڪ.

آڙَهَڙ : (سن. آشاڍ = آکاڙ. هندن جي هڪ مهيني جو نالو)، اونهارو، گرم مند، لُڪ لڳڻ جي موسم.

آسَ : (پرا. آسا. سن. اَشا. اَش = حاصل ڪرڻ)، اميد، ڀروسو.

آساسُ : (ف. آسايش. پرا. آساسَ. سن. آشواسَ، آ + شوسَ = ساهه کڻڻ)، آرام، فرحت.

آسانگو : (سن. آسنگَ. آ = ساڻ + سَنجُ = پيار ڪرڻ)، آسرو، محبت.

آساونتُ : (سن. آشاونت. آشا = اميد + وَتُ = هجڻ)، اميدوار، آسن ڀريو، آساوند.

آستانُ : (ف. آستان. سن. ستان. ستا = ترسڻ)، جاءِ، ويهڪ، هنڌ.

آسپاس : (سن، آسه + پارشو)، ارد گرد، چوڌاري، ويجهو.

آسرو: ( پرا. آسيہ. سن. آشريہ. آ = چئني ڪان + شري = وڃڻ)، سهارو، ٽيڪ، آڌار، اميد.

آسمانُ: (ف. آس = جنڊ + مان = وانگر. جنڊ وانگر گول ۽ ڦرندڙ)، اڀ، آڪاس.

آسَنَ: ڏسو "آسڻ".

آسَنگ: ( پرا. آسَنگ. سن. آسَنگ. آ = ساڻ + سَنج = محبت ڪرڻ)، محبت، آسرو.

آسَنَ: ( پرا. آسَڻ. سن. آسَن. آس = وهڻ)، ويٺڪ، جاءِ، گهر.

آسيسَ: (سن. آشِس. آ=ساڻ + شاس = حڪم هلائڻ)، دعا.

آشَرَمَ: ( پرا. آسَم. سن. آشرَم. آ = ابتڙ + شَرَم = ٿڪ. ٿڪ جي ابتڙ، يعني آرام. اها جاءِ، جتي ٿڪ پڃجي. آرام جي جاءِ)؛ رشين ۽ منين (بزرگ شخصن) جي رهڻ جي جاءِ. هندن جي عقيدي موجب چار آشرم آهن: ١- برهمچريہ ٢- گرهست ٣- وان پرستھ ٤- سنياس.

آشيرواد: ( سن. آشيرواد)، آسيس، دعا.

آفَتَ: ( ع. آفت. سن. آپد)، مصيبت.

آفيمُ: ( ع. آفيون. سن. آهفين. آهِ = نانگ + ڦين =

گِج ، آفيم ۽ جهڳ يا گج وانگر نڪرندو آهي ـ
ڪارو ۽ آهي ؟ بي هوش ۽ ڪري ٿو)، هڪ
نشيدار شيءِ .

آڪارُ: ( سن. آڪار. آ = ڌائين + ڪرُ = ڪرڻ ) ڏول، صورت، شڪل .

آڪاسَ: ( پرا. آگاسَ. سن. آڪاشَ. آ = چئي طرفن کان + ڪاشُ = چمڪڻ)، آسمان .

آڪاشَواڻي : (سن، آڪاشَواڻي. واڻي = گفتگو)، اِلهام ، غيبي آواز.

آڪِرو: (سن. آڪُلَ)، کهرو ، شوخ ، زبرست .

آڪَڙِ: (گ. آڪڙَ. سن. آڪَڊُ. آ = چڱي طرح سان + ڪَڊُ = سخت)، وڏائي، مغروري، سيٽ .

آڪو: ( پرا. آڪو. سن. آپڪوَ. آ = نہ + پڪو = پڪوَ)، ڪچو ، اڻ پڪل .

آڪَهہ: ( سن. اوڪَسُ)، ڪنب ، گهراٽو.

آڪيڙو: ( سن. آڪيلَ. آ = ساڻ + ڪيلَ = مضبوط ڪرڻ)، وَڪڙ ، پيچ ، وراڪو.

آک: ( سن. آڪشوٽَ)، اکروٽ.

آکاڙُ: (گ. آشاڙ. پرا. آساڍ. سن. آشاڍ)، هندن جي هڪ مهني جو نالو .

آڪاڙو: (گ. آڪاڙو. ڏن. آڪايہ. پرا. آڪاڻ. سن. آڪشوات)، ڪسرت گاهہ.

آکاڻي: (پرا. آڪاڻيہ. سن. آکيانڪ. آ کيا = چوڻ)، ڪهاڻي، حڪايت، وارتا.

آکر: (سن. آکشر. آ + کشر = صاف ڪرڻ، چڪائڻ)، مکڻ جو نڪمو حصو، جو رجائڻ بعد (گيهہ ڪان) جدا ٿئي.

آکڙڻ: (سن. آ + سڪل)، ٽاڪڙ جڻ.

آکڻ: (سرا. آکڻ. پرا. آئکڻ. سن. آکيان. کيا = بيان ڪرڻ)، چوڻ.

آکيرو: (سن. آشريہ)، پکين جي رهڻ جي جاءِ.
آکيڙو: ڏسو "آڪيڙو".

آگ: (ڏن. آگني. پرا. آگ. سن. آگن. آگ. =مٿي وڃڻ)، باهہ.

آگبوٽ: (سن. آگن = باهہ + انگ. بوٽ Boat = ٻيڙي)، جهاز، اها ٻيڙي، جا باهہ (ء ٻاڦ) تي هلي.

آگم: (سن. آگم. آ = تائين، ڇٽي طرفن کان + گم = وڃڻ)، وقت، جھڙ.

آگيا: (پرا. آڄا. سن. آڄا. آ = تائين، ساڻ + ڄا = ڄاڻڻ)، حڪم، فرمان.

آڳانڊو: (سن. آگرھ + "اندو" = پچاڙي)، مدد، آسرو.

آڳر: (سن. آگرواتَ. آگر = اڳ، ڀريون)، اڳواڙو، اڳڻ.

آڳڙيو: (سن. آگنِ = باھ + ڪار = وارو)، لوھر، باھ جو ڪم ڪندڙ.

آڳھ: (سن. آگرھ)، آسرو، آڌار، ڀروسو.

آڳيٺي: (سن. آگنِ = باھ + سٿا = رکڻ)، منقل، سگري، ڪل.

آگھارڻ: (سن. آگھرشڻ. آ = چئني طرفن کان + گھرشڻ = گھڻ)، ڌوئڻ، صفا ڪرڻ.

آگھٽجڻ: (سن. آگھٽ)، روڪجڻ.

آڱر: (پرا. آنگل. سن. آنگلِ)، انگشت، ھٿ يا پير جي آڱر.

آڱوٺو: (گ. آنگٺو. م. آنگوٺا. پرا. آنگٺ. سن. آنگشٺَ)، ھٿ يا پير جي ڀرين آڱر.

آلاپ: (سن. آلاپ. آ = گھڻو + لپ = ڳالھائڻ)، آواز، تان.

آلاپڻ: (سن. آلاپن)، آواز ڪرڻ، ڳالھائڻ، پولڻ.

آلو: (م. اولي. سن. آرڊر: اول)، آڊو ڪو، پسيل، پڳل.

آلوڙو: (سن. آلول)، ننڍ جي ڀنڪي، جھپڪي، جھوٽو.

آليہ: (سن. آليہ. آ = تائين + لي = وڃڻ)، جاء، گھر، آستان.

آمِڙي: (گ. آنملي. ڌ ن. آنبلِٺ. پرا. آنبلِيا. سن. آمْليڪا)، گدامڙي جو وڻ يا ان جو ڦل.

آنڌاري: (سن. آنڌ=آنڌو+ه. آنڌيرا)، سخت طوفان، جنهن ۾ اونده ٿي وڃي.

آنڊو: (سن. آنْتر)، پيٽ جي ڊگهي نلي، جنهن ۾ ڪل ڪاڏو وڃي.

آنسون: (پرا. آنسين. سن. آشرو)، ڳوڙها، لڙڪ.

آنڪوڙو: (سن. آنڪر=ڏنگي نوڪ)، لڪڙو، جنهن جو هڪ ڇيڙو ڪمان جيان وريل هجي.

آنند: (سن. آننْد. آ=ساڻ+نندْ=خوشي ڪرڻ)، موج، سرهائي.

آنو: (سن. آڻڪ)، روپئي جو سورهون حصو.

آنو: (سن، آنڊ)، بيضو.

آنهن: (سن. آهاو)، کوهه ڀرسان حوض، جنهن ۾ مال پاڻي پيئي.

آڻ: (پرا. آڻا. سن. اڄْڃا. آ=تائين، ساڻ+ڄڃا=ڄاڻڻ)، مڃتا، حڪم.

آڻڻ: (سن. آنِي. آ=ساڻ+نِي=هلائڻ)، ڪٺي اچڻ، حاصل ڪرڻ.

آورا : (پرا. آمَلَيہ. سن. آمَلَڪ)، هڪ قسم جو ڦل.
آواندو: (ف. آوند<آبِ وند=پاڻيءَ جو ٿانءُ)، ڪسي، نالي.
آوَنگ : (ف. آوَند)، ٿانءُ، برتن.
اسان آڏارا، آئي آونگ چاڙهيا. (شاه)
آوَٽ : (سرا. آوٽْ. سن. آگامْ)، اچڻ.
آهَ : (ف. آه. سن. آههَ)، درد يا سور کان نڪتل
دانهن، افسوس!
آهَ : (سن. آشا)، اميد، آسرو.
آهارَ: (ف. آهار. پرا. سن. آهار=کاڌو، سن. آڌارَ=
ٽيڪ)، کاڌو، مدد، آسرو.
آهَرَ: (سن. آهار. آ+هرْ=کٽڻ، وڻڻ)، پَتو، جو ڌوٻي
ڪپڙن کي ڏيندا آهن. ڏسو "آهار."
آهَرَ: (ف. آخور<آب خور=پاڻي پيئڻ جي جڳهه)، ڪونَرَ،
بَندَرِ، آهرو، هاڏِرِ.
آهِري : (سن. آدَرْشَ. آ = چئني طرفن کان = دِرْشْ= ڏسڻ)،
آهينو، آرسي.
آهَڙا : (سن. آ=تہ+سَکَ+"ڙا" پڇاڙي)، ڏکيا، اهنجا.
آڏ تِرچا آهَڙا، ڏونگر کي ڏاڪا. (شاه)
آهيڙي : (سن. آکيٽَڪ. آ=ساڻ+کِٽْ=ستائڻ)، شڪاري، صياد.

آهينو: (ف. آهن = لوھ. اڳي لوھ کي مهٽي، ملي، صاف ڪري، منهن ڏسندا هئا)، آهري، آرسي، آئينو.

آبو: (ع. آبو)، ڀيءُ، بابا.

آبر: (ف. آبر. سن. آڀر. آپ = پاڻي + ڀر = ڀرڻ. پاڻيءَ ڀريل)، ڪڪر، بادل.

آبرق: (ع < ف. آبرڪ. ابر = ڪڪر + "ڪ" اسم تصغير جي نشاني. سن. آڀرڪ)، هڪ قسم جو پٿر.

آبرو: (ف. آبرو. آب = سونهن + رو = منهن. سن. ڀرو)، ڀرون.

آبريق: (ع < ف. آبريز. آب = پاڻي. ريز. امر. ريختن = هارڻ. هي ٿانءُ ٻــ پاڻي پلٽائڻ ۽ وضو ڪرڻ لاءِ ڪم ايندو آهي)، ڪونرو، ڪرو، ڪوزو.

آبناسي: (سن. اوناشي. آ = نہ + و ناشي = ناس ٿيندڙ)، امر، لازوال.

آبهڻ: (پرا. آڀ. سن. آورڌويـــ)، ٻيهڻ، ٻچڻ، چونڪارو حاصل ڪرڻ.

آپانجڻ: (پرا. آمڀهہ. سن. آوشمن. آش = ســڙڻ)، ڏونهانجڻ، ڪوسانجڻ، ڦٽي وڃڻ، جهڪو ٿيڻ.

آپاسي: (سن. آشــواس. شــواس = ساهہ کڻڻ)، وات ڦــاڙي، ڏکيو ساهہ کڻڻ.

آپٽڻ: (گ. آوٽــڻ. سن. آدوورتن. آد = مــٽــي + وورت = موٽڻ، ڦرڻ)، بدن کي صاف ڪرڻ جو مصالح (جسون

جو آنو، سرهي تيل سان ڳوهيل)، جو ڪنوار کي "ونواهه" واري عرصي ۾ (ڪيس حسين بنائڻ لاءِ) لڳايو ويندو آهي، جنهن ڪــي سنڌي محاوره ۾ "انو لڳائڻ" چوندا آهن.

آپرڻ : (سن. آدولن. آدْ = مٿي + ولن = وڃڻ)، ٿهڪڻ، اپامڻ.

آپس : ڏسو "هِپس."

آپلا : (سن. آبل. آ = نه + بل = بل، طاقت)، نبل، ڪمزور.

آپوجهه : (پرا. آبڌ. سن. آبڌ. آ = نه + بڌ = سياڻو. بڌ = ڄاڻڻ)، بي سمجهه، پوروڙو، ساده لوح.

آپ-آپ : (پرا. آپ. سن. آپر = آپْ = پاڻي + پر = پرڻ)، آسمان.

آپارڻ : (سن. آدْ : آتْ = مٿي + پر = پرڻ)، جوش ڏيارڻ، پڙڪائڻ، هشي ڏيڻ.

آپاڳــ : (سن. آپاڳيه. آ = نه + پاڳيه = پاڳــ، پاڳو، قسمت. ڀڄ = حصه ڪرڻ)، نپاڳــ، ڪمبختي.

آپرو : (سن. آبل. آ = نه + بل = بل، طاقت)، ڪم طاقت، اپلو، نبل.

آپرڻ : (سن. آدْ پرڻ. آدْ = مٿي + پر = پرڻ)، آپامڻ، ڳونچن جو ڦٽڻ.

آپرڻ : (سن. آدْ گمن. آدْ = مٿي + گم = هلڻ)، سج جو ظاهر ٿيڻ.

آيمانَ : (سن . آيمانَ . آپ = گهٽو + مانَ = وڏائي . منَ = سمجهڻ . پاڻ کي گهٽو سمجهڻ)، وڏائي، تڪبر .

آيڻ : (سن . آدِيَونَ . آدْ = مٿي + يَوَنَ = جاءِ)، ڪرڻ و ئيڻ، ٻيهڻ .

آيپاسَ : (سن . آيپاسَ . آپ = گهٽو + آسْ = ڦهلڻ، چمڪڻ)، مطالح، مشق .

آيېدَ : (سن . آيېدَ . آ = نہ + ڀيدَ = فرق، تفاوت . جنهن ۾ ڪو فرق نہ هجي)، ساڳيائي، هڪجهڙائي .

آتِ : (سن . آت)، گهڻو، وڌيڪ، زياده .

آتَ : (سن . آنتَ . آمْ = وڃڻ)، آخر، نيٺ، حد .

آتارڻ : (سن . آوترڻ . آوَ = هيٺ + ترْ = پار ٿيڻ)، نقل ڪرڻ، اتارو ڪرڻ،

آتاولو : (هيم . آتال - سن . آتْ = مٿي + تُورْ - تڪڙ ڪرڻ)، تڪڙو، جلد باز، اُبهرو .

آتپڻ : (سن . آتپنَ . آدْ = مٿي + پدْ = وڃڻ)، ظاهر ٿيڻ، پيدا ٿيڻ .

آترَ : (سن . آترَ . آدْ = مٿي + ترْ = پار پوڻ)، اتر طرف، عوضو، بدلو .

آتساهَ : (پرا . آڇاهَ . سن . آتساهَ . آدْ = مٿي + سهْ = سهڻ)، ڪوشش، جوش .

آتل: (سن. آتليہ. آ = نہ + تليہ = تل، برابر. تل = تورڻ)، آتور، بي مثل.

آتم: (پرا. آتم. سن. آتم. آد = مٿي + تم = ٿيڻ)، اعليٰ، پرڌان.

آتڻ: (سن. آڪت. وڄ = ڳالهائڻ)، چوڻ، ڪهڻ.

آتور: (سن. آتليہ)، آتل، لاثاني. ڏسو "اتل".

اِتهاس: (سن. اِتهاس. ات = اهڙيءَ طرح + هہ = سچ پچ + آس = هو)، پراڻي ڳالهہ، تاريخ.

آتيت: (سن. آتيت)، الڳ، نيارو، ساڌو، جوڳي.

سي اتيت چئجن، جن سرب اتيت مهي ڪيو. (سامي)

آتيسار: (پرا. آئيسار. سن. آتيسار. آت = گهڻو + سر = وهڻ)، بيماريءَ جو قسم، جنهن ۾ دست گهڻا ٿين.

آٿاهہ: (گ. آٿاهہ. سن. آ = نہ + ٿن. ٿڪهو، ٿاهو. هيم. ٿڪو. سن. آ = نہ + ستاهہ = ترو. جنهن جي تري جو پتو نہ لڳائي سگهجي)، بي انت، بي حد.

آٿلپٿل: (ٿن. پٿاليہ = ابتو ٿيو. هيم. آٿلپٿلا. سن. آت = مٿي + پهل = اڇلڻ)، ليٽ پيٽ، لوٽ پوٽ، هيٺ مٿي، ڦيرو، انقلاب.

آٿلڻ: (هيم. آٿلڻ. پرا. آٿلڻ. سن. آتشٿل. آت = مٿي + سٿل = قائم)، ابتو ٿيڻ، اٿل کائڻ.

آٽڻ : (پرا. آٽاڻَ. سن آٽشانَ. آٽ = منٿي + سٿا = بيهڻ)، ڪڙو ٿيڻ.

آٽالولا (سن. آٽالَ. آٽ = مٿاهون)، اسباب، سامان.

آٽڪل : (سن. آٽ = وَلڻ + ڪَل = ڳڻڻ)، آڪوڏڪو، رمز.

آٽڪڻ : (سن. آ = نہ + ٽڪ = هلڻ)، آڙڻ، وَنڊجڻ.

آٽڪڻ : (سن. آٽ = گاهہ)، گاهہ جو قسم، جو دوا ۾ ڪم اچي ٿو.

آٽل : (سن. آٽلَ. آ = نہ + ٽَل = چُرڻ، ٽارڻ)، محڪم.

آٽو : (سن. آٽنَ. آٽ = گهمڻ. ميني طرفن کان گهميل يعني پيٺل. ف. آرد)، پيٺل اَن.

اَٺ : (ف. هَشت. سن. آشٽ)، ست ۽ هڪ.

اُٺ : (پرا. اُٽّ. سن. اُشٽر. ف. اُشتر) شتر، اٺ جانور.

اٺاسي : (گ. اٺياسي. سن. اَشٽاشيت. اَشٽ = اٺ + آشيت = اَسي)، اسي ۽ اٺ.

اٺانوي : (سن. اَشٽانَوَت. اَشٽ = اٺ + نَوَت = نوي)، نوي ۽ اٺ.

اٺاوڻ : (سرا. اٺاوڻ. پرا. اٺاوڻَ. سن. اَشٽاپنَ)، اٺائڻ، ڪٺڻ.

اٺاويهہ : (سن. اَشٽاوِنشت. وِنشت = ويهہ)، ويهہ ۽ اٺ.

ٺاهه : (پرا. آٿاوَ سن. آتْ = سٿي = سٿا = ٻيهڻ)، اٿاريل ڳالهه، افواهه.

آٺيهه : (سن. آشٽرنشت. ترنشت=ٽيهه) ٽيهه ۽ اٺ.

اٺو : (پرا. اِٺ. سن. اِشٽ)، خواهش ڪيل، تڪيل، نظر پيل، نظر هنيل.

ميهر ۽ سهڻيءَ ڇا ڏٺو؟
ڇا، ڪير هو ڪنهن جو اٺو؟
جهوري وڌي، جنهن جهول ۾،
سالڪ سچا! ڏي مون خبر. (گل)

اٺونجاهه : (سن. آشٽاپنچاشت. آشٽ=اٺ+پنچاشت+پنجاهه)، پنجاهه ۽ اٺ.

اٺهتر : (گ. اٺوتير. پرا آٺهتر. سن. آشٽسپتت. سپتت= ستر)، ستر ۽ اٺ.

اٺهٺ : (پرا. آڏسٺ. سن. آشٽششٽ. ششٽ=سٺ)، سٺ ۽ اٺ.

اٺيتاليهه : (سن. آشٽچتوارنشت. چتوارنشت=چاليهه)، چاليهه ۽ اٺ.

اپاڌ : (سن. آپاڌ)، تڪڙي، بگاڙ.

اپار : (سن. آپار. آ = نه + پار = ڇيڙو، ڪنارو. جنهن کي پيو ڪنارو نه هجي)، اٿاهه، بي انت.

آپاءُ : (پرا. آوايہ. سن. آپايہ. آپَ = ويجهو + آ = ساڻ + اِ = وڃڻ)، تدبير، علاج، ڪوشش.

آپائڻ : (سن. آتپتن. آدْ = مٿي + پَدْ = حاصل ڪرڻ)، پيدا ڪرڻ، خلقڻ.

آپڀرنش : (سن. آپڀرنش. آپَ = هيٺ + ڀرنش = ڪِرڻ)، بگڙيل بولي، پراڪرت پولين مان هڪ بولي.

آپت : (سن. آتپت. آدْ = مٿي + پَدْ = حاصل ڪرڻ)، پيدائش، آمدني.

آپتڻ : (سن. آتپتن. آدْ = مٿي + پَتْ = ڪولڻ)، ڪلڻ، وائکو ٿيڻ.

مٿِ پيڙهائي پليِ، جو آپتي تہ واءُ،

جو پڌر وڏي ڪاڪِڙي، تو چڏي ويندي ساءُ.
(شاهہ ڪريم)

آپجس : (سن. آپيشس. آپَ = گهٽ + يشسْ = جس)، بدنامي، برائي، داغ.

آپجڻ : (پرا. آپجتي. سن. آپَ = مٿي + جنْ = جمڻ)، پيدا ٿيڻ، ڀڙهڻ.

آپجر : (گ. آپجرا. سن. آپسرا. آپْ = پاڻي + سرْ = وهنجڻ. پرين کي وهنجڻ وٽندو آهي). پري، سهڻي عورت.

اَپدَيش: (سن. اَپدَيش. اَپَ = ويجهو + دِش = فرمائڻ، ڏيکارڻ)، وعظ، پرچار.

اَپراڌَ: (پرا. آورَڌَ. سن. اَپراڌ. اَپَ = خراب طرح سان + راڌ = پورو ڪرڻ)، پاپ، ڏوهه.

اَپتَنَ: (سن. اَتپتن. اُدْ=مٿي+پَدْ= وڃڻ)، مٿي چڙهڻ، تکو هلڻ، غالب پوڻ، پيدا ٿيڻ.

اَپسرا: (سن. اَپسَرا) ڏسو "اپڇرا".

اَپسَرَگَ: (پرا. آوسَگ. سن. اَپسَرگ. اَپَ = ويجهو + سَرجَ = پيدا ٿيڻ: رکڻ)، اڳياڙي (*Prefix*)، لفظ (ڌاتو يا بنياد *Root*) اڳيان ايندڙ نشاني.

اَپسَوَڻ: (سن. اَپشَکَنَ. اَپَ = خراب + شَکَنَ = سَڳڻ)، خراب سوڻ.

اَپَکارَ: (پرا. اويار. سن. اَپکارَ. اَپ = خراب + ڪارَ = ڪر)، برائي، نقصان.

اَپکارَ: (سن. اَپکار. اَپَ= گهٽو +ڪُر = ڪرڻ)، مهرباني، ڀلائي، احسان.

اَپمانَ: (پرا. اَپماڻَ. سن. اَپمانَ. اَپَ = خراب، گهٽ + مانَ = عزت، مَنْ = سمجهڻ)، بي عزتي.

اَپواسَ: (پرا. اوواس. سن. اَپواس. اپَ = ويجهو + وَسْ = رهڻ)، ورت، روزو، لنگهڻ.

آڪٿڻ : (سن. آتَ = مٿي + ڪٿِڻ = ڳَچ + هہ. آنا = اچڻ. ڳچ جو مٿي اچڻ)، ڇميل ڪير (ڏونري) جو ٿانَ ڪان ٻاهر نڪرڻ.

آجاڙڻ : (سن. آڌ : آتَ = مٿي + جنا + ٻاڙ)، ناس ڪرڻ، ويران ڪرڻ.

آجڙوال : (سن. آجَ = ٻڪري + پالَ = پاليندڙ)، آجڙي، ٻڪرار، ڌنار.

آچ مَ آجڙوال ڪَي، عمر! سَو رُہن (هنر. امير بخش)

آجڳر : (پرا. آيڳر. سن. آجڳر، آجَ = ٻڪر + ڳرَ = ڳهندڙ. ٻڪرو ڳهندڙ)، اژدها، آريڙ، وڏي بلا.

بحر بلائون ٻچڙيون، آفتون اجگر. (حفيظ)

آجوڳ : (سن. آيوڳ. آ = نہ + يوگ = جوڳ)، خراب، برو.

آجيت : (سن. آجت. آ = نہ + جِت = جيتڻ)، غير مغلوب.

آج : (پرا. آج. سن. آڌيہ)، اڄوڪو ڏينهن.

آڄاڻ : (سن آجڃانَ. آ = نہ = + جڃانَ = ڄاڻ)، غير واقف، جاهل، بيوقوف، ساد و سودو.

آچڻ : (سن. آويہ)، ڏهڻ، تيار ٿيڻ.

آجهڪڻ : (سن. آجَ = مٿي + ڪَرَڻ = ڪرڻ)، مٿي ٿيڻ، پاڻ اڇلڻ.

آجهڻ : (سن. آوبڌ)، ڏسڻ، سمجهڻ.

آڄهڻ : (پرا. آڄاڻ. سن. آڌيان)، هلي وڃڻ، گهٽ ٿيڻ.

آجهور: (پرا. اوجهر. سن. نرجهر)، جهرٽو، تيزي، پاڻيءَ جو وهڪرو، ڪڻ.

آڇاٽ : (سن. آڇ)، اکرائي، گستاخي.

آچار: (پرا. آچار. سن. آچار. آ = متي + چر = وڃڻ)، آواز، تلفظ.

آچارڻ : (پرا. آچارڻ. سن. آچارڻ)، آواز ڪرڻ، چوڻ.

آچانڪ : (سن. آچيانات. آ = نہ + چيان = چاڻ)، اوچتو، هڪدم.

آچاهہ : (سن. آ = نہ + هہ. چاهہ. 7سن. اِچا = خواهش)، چاهہ کان سواءِ.

ڪري مَن اچاهہ، سامي چڏيائين چن ۾. (سامي)

آچرج : (گ. آچرج. سن. آشچريہ. "آ" عجب جي نشاني (!) + چر = ڪيڻ، وڃڻ)، حيرت، تعجب.

آچل : (سن. آچل. آ = نہ + چل = هلندڙ)، محڪم، مضبوط.

آچنبو: (گ. آچنبو. سن. آسنيو)، اچرج، حيرت.

اِچا : (سن. اِچا. اِچ : اِش = خواهش، ڪرڻ)، خواهش، مرضي.

آڇِلڻ: (هير. آڇَّليِي. پرا. آڇَّلڻ. سن. آڇَّلن. آتْ=مٿي + چَلْ=چرڻ)، ڦنو ڪرڻ.

آڇو: (سن. آڇّ)، صاف، صفا، اوجل، نرمل.

آڇوت: (سن. آ=نہ+ڇُپْتَ=ڇهيل. جو ناپاڪائيءَ کان نہ ڇهيو ويو هجي)، گهٽ ذات وارو.

آڃ: (سن. آدَنيا)، پياس، خشڪي.

آداس: (سن. آداسَ. آتْ+آسْ=جدا ٿي وهڻ)، غمگين، بي قرار.

آدْرَڪ: (ف. آدْرَڪ. سن. آرْدْرَڪ)، سنڌ، مصالح جو قسم.

آدَم: (پرا. آجَّم. سن. آدْيَم. آدْ=مٿي+يَمْ=ڪوشش ڪرڻ)، محنت، جتن، ڪوشش.

آدِيت: (سن. آدْوَيتَ. آ=نہ+دْوَيتَ=ٻئي. دَوِ=ٻہ)، برابري يا ٺيڪيءَ کان سواءِ.

آڌ: (پرا. آڌ. سن. آرْڌ. رَڌْ=وڌڻ)، سڄي جو پورو پيو حصو.

آڌر: (سن. آڌَرَ=هيٺيون چَپ)، لب، چپ.

آڌر عَجْب عجيب جا، جي خوشيءَ مون کولي.
(پودو)

آڌَر: (سن. آ = نـــہ + ڌُرَ = رکـــڻ. جنهن جي آڌار لاءِ ڪجهہ نہ هجي)، بي سهاري، بي آڌار.

آڌَرمَ: (سن، آڌَرمَ. آ+ڌَرمَ)، پاپ، ڏوهہ، گناهہ.

آڌَرنگ: (سن. آرڌانگ. آرڌَ = اڌ + آنگ = عـضـوو، بـــدن)، ارڌانگ، بيماريءَ جـو قسم، جنهن ۾ اڌ بدن سَڪي پوي.

آڌِڪ: (سن. آڌِڪ. آڌِ = مٿي)، زياده، گهڻو.

آڌِڪارَ: (پرا. آهيارَ. سن. آڌِڪارَ. آڌِ = مٿان، تي+ ڪرُ = ڪرڻ)، اختيار. قبضو، حق.

آڌمو: (پرا. آڌَما. سن. آڌ + ڌما)، دل جو پور، اچل.

آڌوٽ: (گ. آڌوٽ. آڌ = هيٺ تـــي + وُرتِ = ٿيڻ)، اڌ عمر جو، ڪرڙ وَڏ.

آڌورو: (هہ. آڌَورا = آڌ + پُورا. سن. آرڌَ = اڌ + پـورَ)، آڌوڪابرو، اڌ پورو، آڌ ڪِيڏو، ناقص.

آڌِيراج: (سن. آڌِراج. آڌِ = مٿي، تــي + راجــا = بادشاه)، وڏو بادشاهہ، شهنشاهہ.

آڌيڙ: (سن. آرڌ آيہ. آرڌَ = اڌ + آيـــہ = عمر)، آڌوٽ، اڌ عمر جو، ڪرڙ وَڏ.

آڌِين : (سن. آڌِين. آڌ = ساڻ + اِن = مالڪ)، ٻروس، لاچار، نوڪر.

آڌينتا : (سن. آڌينتا)، محتاجي، محتاجي، فرمانبرداري.

آڏ : (سن. آل)، روڪ، بند.

آڏامڻ : (پرا. آڏاڻ. سن. آڏين. آڏ = مٿي + ڊي = آڏائڻ)، پرواز ڪرڻ.

آڏڻ : (سن. آتَ=اوچر ڪرڻ)، ڳاهڻ، جوڙڻ.

آڏولَ : (سن. آ=نه + ڏَلَ = لَڏڻ. جر نه لَڏي)، محڪم، مضبوط.

آڏِي : (سن. آڏري=ڪهڻ)، ٻنڊي، جنهن تي ڪاٺ ڪجي يا گوشت وڍجي.

آڏيارَ : (سن. آنيات)، گوشو ڪنڊڙ، ٻاهو ڪنڊڙ.

آڍِ : (سن. آد)، اصل، بنياد، نسل.

آڍِڪڻ : (سن. آڌ = مٿي+ ڌرُ=ڍچڻ)، ڍچڻ.

آڍِلڻ : (سن. آللوٺن)، الٽڻ، مٿان ٿي هيٺ ڪرڻ.

جڏهن آيو آبر بهارَ، تڏهن هنِ ڪيس قريب جا،
آليهر جان آڍِلي پيا، بدن ڍريا تي ڍار. (جلال)

آڊمبر : (پرا. آڊنبر. سن. آڊمبر)، ڏيکاءُ، ٺٺ ٺام، رعب تاب.

آرَ: (پرا. آرَ. سن. آرَس)، ڇاتي.

آرَبَ: (سن. آرْبُدَ)، سو ڪروڙ.

آرِبيلو: (سن. آلَپِيَہ. آ=نہ + ٿپَ = ليپ ٢- آلسَ = گهٽو + ويلُ=وچن)، لاڏلو، چاڳلو؛ بيپرواهہ.

آرْتو: (پرا. آرَتَ. سن. آرَڪتَ)، ڳاڙهو.

آرْٿَ: (سن. آرْٿَ. آرٿ = ڳولڻ)، مطلب، معني، شرح.

آرْٽَ: (پرا. آرَهَٽَ. سن. آرَگهَٽَ)، ايٽ؛ چرخو.

آرْپَڻَ: (سن. آرْپَڻَ. آرْپ=ڏيڻ)، حوالي ڪرڻ، سونپڻ؛ پيٽا؛ نذر.

آرْجَمَندَ: (ف. آرج=قيمت، مرتبو + مند = صاحب)، سڳورو، پيارو، مرتبي وارو.

آرْداسَ: (سن. آرْدَ = گهرڻ + آشا=اميد، آس. ٢- ف. عرض داشت)، پيٽا، نذرانو؛ تحفو؛ سوال، عرض.

آرْدلِي: (انگ. آرْڊِرْلِي *Orderly*)، سپاهي، خدمتگار.

آرْڊانگَ: ڏسو "آڌرنگ".

ارڙهن: (گ. آٿارا. م. آٺرا. پرا. آٺارهہ. سن. آشٽادَشَن. آشٽَ=اٺ+دشَ+ڏهہ)، سترهن ۽ هڪ.

آرْڪَ: (سن. آ = نہ + س. رک- رکڻ. سن. رَڪشَڻَ. جيڪو پرهيزگاري نہ رکي)، غافل، بي وفا.

آرڳ: (سن. آرڳ. آرش = ڇاتي + ڳم = هلڻ. جو ڇاتي تي هلي)، نانگ.

ڏهس:

هڪڙا ڀن، پيا ڦن، ٿيا تليهر، آليهر،
آرڳ، ٻشيهل، راڃلا، سيهر، وسيهر،
اوکي اوٽ عشق جي، جت واسينگ وڃهن ور،
اتي اُم ڏونگر، سئي رکج صديق ڇني. (صديق)

آڄگر: (سن. آڄگر. آڄ = ٻڪرو + گر = ڳهندڙ)، اژدها،
اريڙ، وڏي بلا.

چر چنندن چيري ڳهٽي، ڪيس ڪڪر جهڙا ڪام،
ٻس ٻيا ٻر ڳر ڪري، آڄگر جهڙا عام،
قريبل ڪنيار چئي، جنهن درس ڏيايا دام،
سرنگهه پڇي پيا سام، لکون ليث لباس جي. (ڪنيار)

آرٽ: (پرا. آرٽ. سن. آرٽ، آرٽ)، سچ.

مڪ ٻسي محبوب جو، آرٽ ٿيو اولي. (بودو)

آرو: (سن. آر)، چڪر جو هڪ ٻرزو.

آروٽ: (سن. آ = نہ + پلشٽ = پڪل)، اڻ پڪل،
ڪچو، خام.

آروڳ: (پرا. آورگ. سن. آروگيہ. آ = نہ + روگيہ = روڳ، بيماري)، تندرست.

آرهہ: (سن. آرس)، چاتي.

آرهہ آنارن آپڻيو، ورَ وڃهن واسينگ. (لونگ)

آرهہ: (سن. آ = نہ + هرش=خوشي)، ناخوش، بي شڪر.

آڙينگ: (هہ. آڙنا + سن. وکر)، ڏشٽ، هوڏي، اٽوٽو، جانٺو.

آڙل: (سن. آلل)، ٻجر، وارن وارو، گهوڙي جو قسم.

آڙن: (سن، آل=رڪاوٽ)، ڦاسڻ، اٽڪڻ.

آڙي: (سن. آري)، اي، او، اوهو.

آس: (پرا. آنهہ. سن. آشن. آش = پرڻ)، ڏپ، سج جي روشني يا گرمي، تڙڪو.

اُستاد: (ف. استاد 7اُستاوڌ. استا = ڪتاب + وڌ = دانا. دانائي ڪتاب)، معلم، ماهر.

آستت: (سن. سنستت. ستت=ساراهڻ)، سارهہ، تعريف.

اُستر: (ف. اُستر. سن. آشوتر. آشو=گهوڙو. جو گڏهہ سان، گهوڙيءَ مان ڄر ڄمي)، خنچر.

اُستر: (ف. اُستر. سن. آ = تائين، چوڌاري + ستر = ڍڪڻ)، اندريون ڪپڙو يا تهہ.

اِسْتِري: (سن. سَتْرِي=سْتَرْ=ڦهلائڻ)، درزين ۽ ڌوٻين جو هڪ اوزار، جنهن سان ڪپڙن جا ور يا گهنج لاهيندا آهن.

اِسْتِري: (سن. سْتْرِي. سْتَيَ=گڏ ڪرڻ)، ناري، عورت.

اِسَتَ: (سن. سْتَتَ)، محڪم، مضبوط.

اِسْتَرَ: (سن. سْتَرَ. سْتْا=بيهڻ، قائم ڪرڻ)، اجل، اٽل، قائم.

اِسْتُوپَ: (سن. سْتُوپَ. سْتُوپْ=ڍڪ ڪرڻ)، وڏو دڙو، ٿلهو، جنهن تي مذهبي متا آڪريل يا لکيل هجن.

اِسپنگر: (ف. اسپ غول. اسپ=گهوڙو+غول=ڪن. ٻوٽي جو پن گهوڙي جي ڪن جهڙو آهي)، وکر جو قسم.

آسرڻ: (سن. آڌسرڻ. آڌ = متي + سَرَڻ = سَرڻ، وڌڻ)، وڌڻ، تيار ٿيڻ، سنڀرڻ.

آسهو: (سن. آسهيہ. آ = نہ + سهيہ = سهڻ جوڳو)، نسهو، ڪمزور.

اِسي: (سن. آشيتِ. آشت=اٺ + "ت" ڏهاڪن جي نشاني)، ستر ۽ ڏهہ.

آشرَفِي: (ف. آشــرفــي. آشــرَف هڪڙي بادشاه جو نالو، جنهن ڀهريائين اهـو سڪو ۽ پنهنجي نـالـي پٺيان ڪڍيــو + "ي" نسبت جـــي نشانـــي)، ننڍي سونَ جي مُهر.

اِشنانَ: (گ. آشنانَ. س. سنانَ. سنا = وهجڻ. ف. شنا)، سنان ڪرڻ، وهنجڻ.

آشوميگهه: (س. آشوميگهه. آشوَ = گهوڙو + ميگهه = يگيه، قرباني)، هڪ قسم جـو يگيه، جنهن ۾ (قــديـــم زماني ۾) گهوڙو ذبح ڪيو ويندو هو.

اِطْرِيفَلَ: (ع. > س. تِرِي = ٽي + ڦَل = ميوو. ٽي ڦَل. ١- هريڙون ٢- ٻهيڙا ٣- آورا)، هڪ دوا جو نالو.

آڪَ: (س. آرڪّ)، ٻوٽي جو قسم.

آڪاجَ: (پرا. آڪاج. س. آڪاريہ. آ=نہ+ڪاريّہ = ڪم)، نڪمو، ناڪام.

آڪارَڻ: (س. آتڪرشڻ. آتْ=مٿي+ڪرش = ڇڪڻ)، ٻاهر ڪڍڻ، ٻار پهچائڻ.

آڪَٿَ: (س. آڪٿّ. آ = نہ + ڪَٿ=چوڻ)، بي شمار، بي انداز، بي انت.

آڪَرتَرڪ: (س. آڪرترڪ. آ + ڪرُ = ڪرڻ)، نہ، ڪم ڪندڙ، فعل جو قسم.

آڪرڪرهو: (ع. عقرقرها. سن. آڪرڪرڀ)، دوا جو ٻوٽو.

آڪنڊ: (پرا. آڪنٽ. سن. آنڪنٽ. آت.=متي+ڪنٽ= ڪچي. سڪ ڪان ڪِـاٽ اوچـو ڪبو آهـي)، سڪ، اڪير.

آڪير: (پرا. آڪليا. سن. آتـڪلڪا)، سڪ، آڪنڊ.

آڪيلو: (سن. ايڪ. ه. لا (پچاڙي)، نرالو، هڪ جڙو، ڇڙو.

آک: (پرا. آک. سن. آڪشِ)، چشم.

آکٽ: (گ. آکٽ. سن. آڪنٽ. آ= نہ + ڪنٽ = بس ڪرڻ)، بيشمار، بي انت.

آکر: (پرا. آکر. سن. آڪشر. آ+ ن + ڪشر = ناس ٿيڻ)، حرف.

آکرو: (سن. آ= نہ + ه. ڪرا. سن. ڪر= صاف، سچو)، ڪوڙو، ڪوڙو.

آکروٽ: (گ. آکـروٽ. پرا. آکـوڊ. سن. آڪشوٽ)، سڪي ميوي جو قسم.

آکري: (پرا. اوکل. سن. الوکل)، ٺڪر جو وڏو ڇوٽو يا وڏي ڪونڊي، جنهن ۾ ساريون ڇڙجن.

آکڙڻ: (سن. آنـکدن. آت=متي+کڊ=پچڻ)، آلڙڻ، آکلڻ.

آکنڊ: (سن. آکنڊ. آ=نہ+کنڊ=ٽڪرو، ڀاڱو)، سڄو.

آکو: (سن. آڪشت. آ = نہ + ڪشت = چڙيل . سچا چانور)، ہوچا جي خيال کان درياءَ ۾ آن وجهڻ.

آکيلڻ: (سن. آتڪلن. آت = مٿي + ڪل = اچلڻ)، ڪولڻ.

آگاڏ: (پرا. آگاهہ. سن، آگاڌ. آ = نہ + گاڌ = ترو، جاء)، اپار، اٿاهہ، اونهو.

آگت: (سن. آگت. آ = نہ + گت = چال)، خراب چال وارو، پاپي.

آگر: (ف. آگر. سن. آگر)، اگربتي.

آگرو: (پرا. آگ. سن. آگر)، تکو، خوفناڪ، ناپسند.

آگلو: (پرا. آگ. سن. آگر = اڳيان + لا (پچاڙي) هئيلو، گدو.

آگم: (سن. آگم. آ = نہ + گم = وڃڻ. جنهن ۾ (جسماني اکين سان) وڃي نہ سگهجي)، سخت، ڪٺن.

آگمڻ: (سن. آڌ گمن. آد = مٿي + گم = هلڻ، وڃڻ)؛ ايرڻ؛ ظاهر ٿيڻ، ڏسڻ ۾ اچڻ.

آگم رپ نہ آگمي، ڪنڪن اچي نہ ڪوءِ. (جلال)

آگن: (پرا. آنگڻ. سن. آگن)، آگ، باهہ.

جلو جوڙ جبين، آگن ناهي اهڙو. (سائينداد)

آگوچر: (سن. آگوچر. آ = نہ + گوچر = حواسن جي سامهون)، جو ڏسڻ ۾ نہ اچي.

آگيان: (سن. آڄيان. آ = نہ + ڄيان = ڄاڻ)، جهالت، اڻڄاڻائي.

آڳاڙڻ: (سن. آدگرهڻ. آدْ=مٿي+گْر=وٺڻ)، وصول ڪرڻ.

آڳرائي: (پرا. اگ. سن. آگْرَ + "ئي" پڇاڙي)، چڙهتي، گستاخي، ظلم.

آڳلو: (سن. آگْرَ يہ)، اڳيون، پهريون.

آڳواڙو: (سن. آگْرَ واتَ)، آڳر، گهر جو اڳيون حصو.

اڳوانڻ: (سن. آگْرَ گامي. آگر = اڳيان + گامي = هلندڙ)، مهندار، رهبر.

آگهه: (پرا. آگهه. سن. آرْگهہ)، بها، ملهه، نرخ.

آگهاڙڻ: (سن. آدْگهاٽن. آتْ: آدْ = جدا + گهٽْ = ملائڻ)، ننگو ڪرڻ، ظاهر ڪرڻ يا ڪرڻ.

آگهائي: (سن. اشڪتي. آ=نہ+شڪتي=سگهہ)، ڪمزوري، بيماري.

آگهي آگهائي، رنج رهيان ڪي رسيو. (شاه)

آگهٽ: (سن. آگهٽ=ڪولڻ)، اوگهڙ، پڌرائي، نرواري.

آگهڻ: (سن. آرْگهيہ. آرگهہ=اگهہ)، ملهه ڪرڻ اگهہ پائڻ، قبول پوڻ.

آگهڻ: (سن. آدْگهرشڻ. آدْ = مٿي + گهرشڻ = گسڻ)، صاف ڪرڻ.

آگهورُ: (سن. آگهور. آ=نہ+گهورُ=خوفناڪ، ڊيڄاريندڙ. جنهن ڪان وڌيڪ ٻيو ڪو ڊيڄاريندڙ يا خوفناڪ نہ هجي)، ڀيانڪ، خطرناڪ، خوفناڪ، گهرِي ننڊ.

١- گُهورِيندي گهورِيا، آگهورُ گهوريائون،
مَيڪَرُ مـاريـائـون، مَـلاحن مَنهن سَنرا. (شاھ)

٢- اگهوري عشق جـا، اوتيون صرايون،
پيالا ڀـَـت ٻيو، چاڙهيـن ڦـا دَنـگ. (گل)

آڱارو: (پرا. آنگارِگ: آنگارَيہ. سن. آنگارَڪ)، منگل جو ڏينهن.

آڱرَ: (پرا. آنَگارَ. سن. آنَگارَ)، ڪوئلو.

آڱڻَ: (پرا. آنگڻَ. سن. انَگَنَ. آگْ=وڃڻ)، اڱڻ، صحن.

آلَ: (سن. آلِ)، ٻچو، پونر، آڌِ، بنياد، نسل.

آلاوڻَ: (پرا. آلاوڻ. سن. آلاپَنَ)، ڳالهائڻ، الائڻ.

آلبيلو: (ڏسو "اربيلو".

آليپَ: (سن. الـيـپـہ. آ=نہ+لَيپْ=ليپڻ)، اڻ ليپ، دَرِ ليپ.

آلتا: (اپ. آلـتا. پرا. آلـت. سـن. الَڪتَڪَ)، ڳاڙهو يـا لاک جو رنگ، جو عورتون سينگار وقت (ڪپهہ سان) پيرن کي لائين.

آلَٽ پلَٽ : (هيم. آلٽ پلٽ)، ڏانوانڊول، هيٺ مٿي.

آلُنو : : (سن. آلونُن)، اونڌو ٿيڻ.

آلجهن : (سن. آورنڌن آو= هيٺ، پري + رڌ = روڪڻ)، لنجهڻ، تردد، چڪر، چنتا.

آلرڻ : (سن. آلـلن، ڪر ڪٽڻ، هيٺ مٿي ٿيڻ.

آلڙ : (سن. آل= گهٽو+لل=چاهه)، من موجي، بيپرواه، اناڙي.

اِلسي : (پرا. آيسي. سن. آتسي)، ٻوٽي جو قسم.

آلڪو : (سن. آنڪ. آڌ = مٿي + ڪ(ڪم) = خواهش ڪرڻ)، فڪر، انتظار.

آلک : (سن. آلڪشيه. آ= نه + لڪش = لک، خبر. جو جسماڻي (اکين سان) ڏسي نه سگهجي)، خدا.

آئي پور آندر ۾، لکن لک آلک. (سچل)

آلگ : (سن. آ = نه + لگ = لڳڻ. جو ڪنهن سان نه لڳي)، نيارو، علحدو، جدا، پري.

اِلماڙي : (پور. آلماريو)، ڪٻٽ جو قسم.

آلڻ : (سن. اپلپن. آپ = نه + لپن= چوڻ، ٻولڻ)، سچي نه ڪرڻ، لڪائڻ، ڳجهو ڪرڻ.

آيل ! ڪريان ڪيئن؟ منهنجو نينهن اِهليو نه رهي. (شاه)

آلو: (پرا. آلوءَ. سن. آلوڪ) آلو ھکي.

آلو: (گ. آلو. ھيم. آلوڊو. سن. آروڊ)، بيوقوف، ھاڳل.

آلوپ: (سن. آ = چئني طرفن کان + لوپ = لکي وڃڻ)، گم، لکل.

آلوڙڻ: (سن، آلولن. آتْ = مٿي + لولن = لوڏڻ)، آکوڙڻ، لوڏڻ.

وَرَ وڍائين ونجھ کي، آلوڙَ نہ ڏئي. (شاہ)

آلوٺو: (سن. آلوٺ. آ=نہ+لوٺ=لوٺ)، ڦکو، بي مزي.

آليھر: (سن، اليڪ = خرابي + ھر = ڪٽندڙ)، نانگ.

آما: (ع. اُم. آما. سن. انبا)، ماءُ.

آماٺو: (پرا. آماٺ. سن، انماٺ)، چريو، گمراھ، غافل.

آماڙي: (سن. آلمڪ)، چوچڙي، ٻريل ڪاٺي.

آماس: (سن. آماوسيا. آما = گڏ: ساڻ = وس = رھڻ. سج ۽ چنڊ جو گڏ رھڻ)، اونداھي ھڪ جي ھند رھين تاريخ، اھا تاريخ، جنھن ۾ چنڊ ڏسڻ ۾ نہ اچي.

آمانو: (سن. آمان. آ=نہ + مان = عزت)، بي مانو، بي عزت.

آمبر: (سن. آمبر) آسمان. "ڏسو انبر."

آسبِرتَ : (سن. آمرتَ. آ = نہ + مرتَ = مئل)، آب حيات، آمرت.

آمَر : (پرا. آمَر. سن. آمَر. آ = نہ + مرّ = مرڻ)، لازوال، آبدي، دائمي.

آمڪو : (سن. آمَڪو. آدَسَ = هُو، آهو)، فلاڻو، هي، هو.

آمَل : (پرا. آمولّ. سن. آمولّيہ. آ = نہ + مولّيہ = ملھ)، املھ، لاثاني.

آمَلَهہ : (ڏسو "آمَل".

آمَنگ : (سن. آمَنگ. آدّ = مٿي + مَنگ = هلڻ)، دل جي اچل، جذبو.

آميرِي : (سن. آتميلَ. آتَ = مٿي + مِل = ملڻ)، ڳنڍ، پيچ، محبت.

آميو : (سن. آمِتَ. آ = نہ + مِتَ = ماپيل)، اڻ ميو، اٿاهہ.

آنَ : (سن. آنّ. آدّ = کائڻ)، اناج.

آنّ : (گ. آنَ. پرا. آنّ. سن. آورڻ). ردن جا وار.

آناتَ : (سن. آناتَ. آ = نہ + ناتَ = مالڪ)، بي مالڪ، بي واهو.

آناج : (سن. آنّ + جَ)، ڏسو "انّ".

آناڙِي : (گ. آناڙي. سن. آناريہ. آنَ = نہ + آريہ = شريف)، جهنگلي، جاهل

آنبَ : (ف . آنبہ . گ . آنبو . ڏن . آنبو . پرا . آنبَ . سن . آمْرَ)، ميوي جو قسم

آنَبَرَ : (پرا . آنَبَرَ . سن . آنَبَر) . آسمان، اڪاس، اڀ، ڏسو "امبر".

آنْپَيَي : (سن . آنَپَوَ . آنْ = پوء + پوَ = هشڻ )، گيان، علم، چاڻ .

آنْپَيَي جوت آندر ۾، ستهہ سَدَ پري . (سامي)

آنتَ : (پرا . آنتَ . سن . آنْتَ)، حد، چيڙو .

آنْتراراشْٽرِيَ : (سن . آنْترراشْٽرِيہ)، بين الاقوامي، قومن جي منڊل .

آنْترِيامي : (سن . آنترِيامِي . آنْتَرْ = اندر + يامِي = ڄاڻندڙ )، من جي بات سمجهڻ وارو .

آنَجَمَن : (ف . آنَجم = ستارا + "ن" نسبت جو . قسمين قسمين ستارن (ماڻهن) جي گڏ ٿيڻ جي جاءِ)، مجلس .

آنجَنَ : (سن . آنجَنَ)، سرمو، ڪجل .

آنجيرَ : (ف . آنجير . سن . آنجير)، ميوي جو قسم .

آنْچَرَ : (پرا . آنَچَلَ . سن . آنچَلَ)؛ دامن، پلاند، ڪپڙي جو ٽڪر .

وَپَ ڳيرِي پيش پَو، آنچَرَ وَٽي ڪر آهَ . (جلال)

آنچَر: (سن. اِنچَر)، عادت، لڇڻ، ڳڻ.

اَنڊ: (سن. اَنڊ)، چنڊ.

اَندر: (ف. اندر. پرا. اِنتَر. سن. آنتَر)، ۾، منجھہ.

اِنڊرجال: (اِنڊرَ = ديوتائن جو راجا + جالَ = ڄاري)، جادو.

اِنڊري: (پرا. انديہ. سن. اِنڊريہ. اِنڊرَ = ديوتائن جو راجا)، حواس.

اِنڌَڌنڌ: (ھ. آنڌا = ڌنڌ. سن. آنڌَ = انڌو = ڌومُر = غبار)، ظلم، ڳڙٻڙ.

آنڌو: (پرا. آنڌَ. سن. آنڌَ)، اکين کان سڄو، اکين کان جڏو، نابين.

آنڌي: (سن. آنتَ)، ڇيڙو، ڪنارو، حد.

اِنڌيرَ: (گ. آنڌيرَ. سن. آنڌڪارَ)، آنڌھ، ڪَنياڻ، انڌ ڌنڌ.

آنڌيرو: (پرا. آنڌيارَ. سن. آنڌڪارَ)، اونداھي.

اِنڊلٺ: (سن. اِنڊرَ + ڌنُش = ڪمان). وَساوڙنيءَ آسمان ۾ ستن رنگن جو پٽو، جو مينھن بعد ڏسڻ ۾ ايندو آھي.

جڏھن آيَ انڊلٺ آيري، تَنھن کان پيرَ وڏ ويرونَ. (وسند)

آنراڳ: (پرا. آنراڳ. سن. آنراگ)، پيار، محبت.

آنس: (پرا. آنس. سن. آنش)، حصو، ڀاڱو.

آنسرو: (سن. آنسرڻ = ڀويان هلڻ)، ڀويان هلندڙ، پوئلڳ، مٺ ماريندڙ.

گورب وڃهندي گوند، ڪريا ڪيس ڪلاهه تان،
آل اليهر انسرا، عين ته نرگس نوند. (جلال)

آنڪ: (سن. آنڪ. آنڪ = نشان ڪرڻ، ڳڻڻ)، نشان، عدد، قسمت، بدن، سريرو.

آنڱرکو: (گ. آنگرکو. سن. آنگ رکشڪ. آنگ = بدن + رکشڪ = بچائيندڙ. رکشا = سنڀال)، ڪڙتي جو قسم.

آنگوچو: (گ. آنگوچو. سن. آنگ = بدن + آنچ = ڍڪڻ)، پوتڙي يا گوڏ جو قسم، ٻوچو.

آنگور: (پرا. آنڪر. سن. آنڪر) گونچ، مور، گوهه.

آنگي: (پرا. آنگيا. سن. آنگڪا. آنگ = بدن)، عورتن جي چولي.

آنگيڪار: (پرا. آنگيڪر. سن. آنگيڪار. آنگ = قبول + ڪر = ڪرڻ)، قبوليت، فرمانبرداري.

آنگهہ : (سن. آنڪ)، ڇهنب، لوڪ، ڇير، وَڍ.

آنمولَ : (سن. آ = نہ + هہ. مولَ. <سن. مولئيہ = ملهہ)، قيمتي، املهہ.

آنوسار : (سن. آنوسارَ. آنَ = پويان + سَرُ + وڃڻ )، موافق، مطابق.

آنوکو : (سن. آنَ = نہ + ايڪش = ڏسڻ. جنهن جهڙو ٻيو نہ ڏسجي)، نرالو، عجيب، نادر، ناياب.

آنومانَ : (پرا. آڻمانَ. سن. آنمانَ. آنَ = پٺيان + ما = ماپڻ )، اندازو، گمان.

آنياءُ : (سن. آنيايہ. آ = نہ + نيايَہ = انصاف)، ظلم، انڌير.

آنيڪَ : (پرا. آڻيڪَ. سن. آنيڪ. آنْ = نہ + ايڪَ = هڪ)، گهڻا، بي انت.

آڻَ : (ڪ. آوڻ. سن. آوڻَ = گهٽ)، گهٽ، ڪم.

آڻاسو : (سن. آناسڪ. آ = نہ + ناسا = نڪ. نڪ ڪانسواءِ)، بي شرم.

آڻاسِي : (سن. آناشيت. آ ونا = گهٽ. آشيتِ = آسي )، ستر ۽ نو.

آڻبَلَت : (سن. آنْ = نہ + بَناوَ = ميل)، اڻ ٺاهہ، وڳوڙ، قوت.

آڻيهه : (سن. ايڪونترشت. ايڪ = هڪ + آنْ = گهٽ + ترِنشت=ٽيهه)، اڻاويهه ۽ هڪ.

اڻ ڳڻيو : (سن. آنْ = نه + گڻ = ڳڻ)، بيشمار.

آڻڻ : (سن. آوي)، ٺاهڻ، تيار ڪرڻ.

اڻو : (سن. اڻ)، ذرو.

اڻونجاهه : (سن. ايڪونپنچاشت. ايڪ = آن + پنچاشت = پنجاهه)، چاليهه ۽ نو.

اڻويهه : (سن. ايڪونونشت. ايڪ = آن + ونشتِ = ويهه)، ارڙهن ۽ هڪ.

اڻهتر : (سن. ايڪرنششت)، سٺ ۽ نو.

اڻهٺ : (سن. ايڪونششت)، پنجاهه ۽ نو.

آڻي : (سن. آڻي = اڳيون حصو)، نوڪ، ڇهنب (ڪنهن به تيز اوزار جي).

اڻيتاليهه : (سن. ايڪونچتوارنشت = ايڪ + آن + چتوارِنشت = چاليهه)، ٽيهه ۽ نو.

آوائي : (سن. آوارتا. آ = نه + وارتا = وائي)، خراب وائي، تَوائي، بي فائدو.

اوبارڻ : (سن. اُدوارڻ)، ڪاڻي بچائڻ.

اوپارڻ : (سن. آڌ والـنَ. آڌ = مٿي + وَلـنَ = وجڻ)، ٿهڪائڻ.

اوپارو : (پرا. آپ. سن. اورڌويہ = اپو تيـڻ)، وهڪري جي ابتڙ.

اوپالو : (سن. آپالنپ. آپَ = ويجهو + آ = تائين + لَپْ = اچڻ)، ننداِ شڪايت، ڏوراهو، مهڻو، شعلو.

آوتار : (پرا. آوتار. سن. آوتار. آوَ = هيٺ + تَر = پار وجڻ. هيٺ زمين تي ڪنهن ديوتا جـو اچڻ)، سروپ.

اوتارو : (سن. آوتَرَڻ = هيٺ لهڻ، منزل ڪرڻ)، ٽڪاڻو، جاءِ، مڪان.

آوتڙ : (سن. آوتَٽ. آوَ = خراب، ٻري + تَٽ = ڪنار)، اٿائو گهيڙ.

اوتڻ : (گ. اوتـڻـي. م. اوتڻي. سن. آ = گهڻو + آوتَ = آٿيل)، پلٽڻ، پائڻ، وجهڻ.

اوٽ : (سن. آٽ=ڪک پن)، آڙ، روڪ.

اوپرو : (سن. آپـلَ)، پيو، ڌاريو، اجنبي.

اوهل : (سن. آپـلَ)، رتن، قيمتي پٿر.

اوجاڳو : (گ. اجاگرو. هيم. اجِگر. سن. آجاگَر. آد = مٿي

+ جاڳر = جاڳڻ)، بي خوابي.

اوجهري: (گ. اوجهري. هہ. اوجهل. سن. آدر)، پول.

آوجهڙ: (پرا. آورجهن. سن. آورنـڌن)، آڙ، ايڪانت، اٿانئو هنڌ.

آچيت: (سن. آ = نہ + هہ. چيت. <سن. چيتس=چت)، بي سڌ، بي خبر.

آوچو: (سن. آچ)، ڊگهو، لنبو، عمدو، خاص.

آوچي نيچي: (پرا. آچاويہ. سن. آچا وچ). هيٺاهين مٿاهين.

سائر ڏيئي لت، آوچي نيچي پوڙي،
هيڪائين هيڪ ٿيو، ويئي ڪَپ جهت. (قاضي قاضن)

اوچڻ: (گ. اوچاڙ. هير. آوآڇ. سن. آوڇد)، پهرڻ جو ڪپڙو، پناهہ، ڍڪ.

اوچو: (سن. ڌچ)، خسيس، نيچ، ڪميڻو. هنر.

مٿر ماروئڙن تان، ڪنهن اوچي ڳالهہ آتاء. (امام بخش)

آوڌيا: (سن. آوڌيا=آ=نہ+وڌيا=علم)، جهالت، اڻجاڻائي.

اوديا پٽ لاهي، ساڪي ڏسي ڪين ڪي. (سامي)

اوڌر: (سن. آڌار. آڌ=مٿي+ڌر=جهلڻ، ڪٿڻ، قرض.

اوڏڻ: (گ. اوڍون. هير. اڍيہ. ڌن. آوڍيہ. سن.

سن. آد ودِن. اودَ = پاتَلَ . ٢- سن . آهو يشنَن)، پاڻي، پهرڻ، ڪپڙا ڏڪڻ.

اوراٽڻ : (سن. آوَرَڻَ)، ڍڪڻ، لڪائڻ، بند ڪرڻ .

اورارو : (سن. آوارَ)، درياءَ جي اورين پر، هي پاسو.

اورانگهڻ : (سن. آلنگهن. آدْ = مٿي + لَنگهه = پار پوڻ). مٿان وڃڻ، لتاڙڻ، انحرافي ڪرڻ .

اورانهون : (سن. آوارَ = اورين پر)، اورين، ويجهو، نزديڪ.

اوراڻو : (سن. آوَرْتَنَ = ڏهرائڻ)، اولاٽو، لولي .

اورڪڻ : (سن. آولَڪْشَڻَ)، نهارڻ، ڪولڻ.

اوڙاهه : (سن. آدَ ڌ)، اونهو سمنڊ، سمنڊ ڪن.

اوڙڪ : (سن. آدُرْڪَ)، آخر، نيٺ، پڇاڙي.

آوس : (سن. آوَش. آ = نه+وَش = وس)، بي وس، لاچار.

اوس : (گ. اوس. هـيم. اوسا. سن . آوَشْيايه)، ماڪ، ماٽ، نيرُ، تڏ .

آوَسٿا : (سن. آوَسٿا)، عمر، حالت . هندن جي عقيدي موجب چار اوسٿائون آهن : ١- جاگُرَت ٢- سوَپنَ ٣- سُشُپت ٤- تريا.

اوسَهه : (سن. آشَـيـه)، ڪَڏَ، اوجهڙ، اوچتو خيال، فال، نعيب، انتظار.

اوسيڙو: (سن. آوَسَر)، انتظار، ڪِٽني.

اوڪَڻ: (سن. اُدْ ڪِلَنَ. اُد = مٿي + ڪِري = ڪولڻ)، اٿي ڪرڻ، قي ڪرڻ.

اوَڪَد: (سن. اوشَدَ. اوش = گرمي + دَا = رکڻ)، دوا، ٻج جو قسم.

اوَڪَر: (سن. آمَڪ. آ = نه + مَڪ)، ڏکيو.

اوکا اوَڪَر لَڪيُون، ڪَپر ڪَرڙا ڪوهَ. (حمل).

اوڳارَڻ: (پرا. اُڳّارَڻَ. سن. اُد ڳارَڻَ. اُدْ = مٿي + ڳري = ڪولڻ، ٻاهر ڪرڻ)، پيٽ مان (جانورن جي حالت ۾) ڪڍي، چٻاڙڻ.

اوڳرائِي: (پرا. اُڳّالَ. سن. اُدْڳارَ)، ڏڪار.

آوَڳڻ: (سن. آوڳڻ. آوَ = سواءِ + ڳڻ = خوبي)، عيب، برائي.

اولانيو: (سن. آپالنبَ. آپَ = ويجهو + آ = تائين + لَبْ = ملڻ)، مهٽو، داب دڙڪو. ڏسو ”اوپالو“.

اوِلڙو: (هير. اوَآولو. سن. ٻالا پَتَ. سج اڀرڻي جي صاف روشني: هير. آهرِيڻو. سن. وڇايه = جهڪو)، پاڇو، عڪس.

اولَڻ: (پرا. اولَڻ. سن. آوَرَڻَ)، ڍڪڻ، پناهه ۾ آڻڻ.

اولو : (سن. آرترِ)، ڳِنَ، سڪاڻَ.

آنائِڻ : (سن. آنيَنَ=مٿي ڪرڻ)، اڳهائڻ، قبول ڪرڻ.

آوندهِ : (پرا. آنڌياو. سن. آنڌڪارُ)، اونداهہ، ڪاري رات.

آنڌو : (سن. آڌومکَ. آڌسْ=هيٺ+مُکَ=منهن)، آنڌو، آبتو، ڪنڌ هيٺ.

آونگهہ : (سن. آوانچ. آوَ=هيٺ + آنچَ=نوڙڻ، هيٺ ڪنڌ ڪرڻ)، غنودي، ننڊ جي ہنڪي يا غلبو.

اونو : (سن. آنمنسْ)، خيال انتظار، فڪر.

آونهارو : (سن. آشنمَ=گرم+ڪالَ=وقت)، گرميءَ جي مند.

آوٺو : (سن. آونَ. آونْ=گهٽ ٿيڻ)، گهٽ، خالي.

اوهہ : (سن. آوَدسْ)، ڏڌ، ڇاتي.

اوهرڻ : (سن. آپهسرڻَ. آپَ = پري + سَرڻَ = وڃڻ)، هڪلڻ، ڪاهڻ.

اوهو : (سن. آهو)، هو هو، اي هي، عجب جو آواز.

آويرو : (سن. آويلا. آ=نہ + ويلا = وقت)، اويلو، بي مهلو، ڪمهلو.

اويسارَ : (سن. آوسرِمَ. آ=نہ+وِ=گهٽو+سْرْمْ=ياد ڪرڻ)، نہ وسرندڙ، ياد.

آويلو : (ڏسو "اويرو".

اويلو مهمان، پٺائي پاڻ.

آهِ : (پرا. آهِ. سن. آهِ)، نانگ.

آهِ ڪارو، آودي ٽِڪِي، تہ ڪو موءِ مثال. (سليمان)

آهچاڻ : (سن. آيِجچانَ. آيِ = چوڌاري، گهٽو + جْچانَ = چاڻ)، نشان، پتو، ڏَس.

آهس : (پرا. اوي. سن. اوجَسْ)، پرڪاش، روشني، جوت.

آهَڪَ : (سن. آسُڪَ. آ = نہ + سُڪَ = سهنج)، اهنج، ڏکُ.

آهنجَ : (سن. آسُهَ. آ = نہ + سُهْ = سهڻ)، ڏکُ، سور.

آهَنَر : (سن. آهِنْ = ڏينهن + نَرَ = مرد يا جوڙو)، ماڻهو، جو گهوٽ جي سنيال لاءِ سانس گهمي، گويا پهريدار.

آهَنْسا : (سن. آهنسا. آ = نہ + هنسا. هِنْس = مارڻ)، ڪنهن بہ ساهواري شيءِ کي نہ مارڻ.

آهَنڪار: (سن. آهنڪار. آهْم = مان + ڪَرْ = ڪرڻ. مان مان ڪرڻ)، هٺ، غرور.

آهو: (پرا. آس. سن. اشْ)، تير، گز.

آهو بہ ويو، سهو بہ ويو. (پهاڪو)

آيٽ : (پرا. آرَهَٽ. سن. آرَگهَٽ)، ارٽ، چرخو.

آيرَ: (سن. هيرڪ)، خبر آڻيندڙ، خابرو.

آيِرکا: (سن. آيِرْشا. ايْرشيَ = ريس ڪرڻ)، ريس.

ايرنڊي : (گ. ايرنڊو . سن . ايرنڊ)، هيرڻ جو تيل .

ايشور : (سن . ايشور. ايش = حڪم هلائڻ + ور = اعليٰ، اتم)، پرميشور، مالڪ.

ايڪاسي : (گ. ايڪاسي . پرا. ايڪاس . سن . ايڪاشيت)، اسي ۽ هڪ.

ايڪانت : (پرا. ايڪنت . سن . ايڪانت. ايڪ . = هڪ + آنت = پڇڙي)، اڪيلائي، تنهائي.

ايڪانوي : (سن. ايڪانوت)، نوي ۽ هڪ.

ايڪتا : (سن . ايڪتا)، ميل، ٻڌي، برابري .

ايڪٽيهه : (پرا. ايڪتيس . سن. ايڪترنشت)، ٽيهه ۽ هڪ.

ايڪو : (سن. ايڪ = هڪ)، ايڪتا، ميلاپ، ٻڌي .

ايڪونجاهه :(گ. ايڪاونَ. پرا. ايڪاونَ. سن. ايڪپنچاشت)، پنجاهه ۽ هڪ.

ايڪهتر : (گ. ايڪوتير. سن . ايڪسپتت)، ستر ۽ هڪ.

ايڪهٺ : (گ. ايڪسٺ. سن. ايڪششٽ)، سٺ ۽ هڪ.

ايڪيتاليهه : (سن . ايڪچتوارنشت)، چاليهه ۽ هڪ.

ايڪيهه : (سن . ايڪونشت)، ويهه ۽ هڪ.

ايلاچِي: (سن. ايلا + ف. "چہ" اسم تصغير جي نشاني)، ننڍا ڦوٽا.

ايلاڙ: (ع. علاج)، منت، منٿون ميڙون، نيزاري.

## ب

بابو: (ف. بابا)، اي، ابو،

باتِ: (سن. وارتا. وَرت=ڳالهائڻ)، ڳالهہ ڪٿا، ٻولي.

باتِ چيت: (سن. وارتا+چِنتَن =غور، ويچار)، ڳالهہ ٻولهہ، حال احوال.

باجو: (سن. واديہ. وَد=آواز ڪرڻ)، ساز جو قسم.

بادِشاھ: (ف. پاد = تخت. < پات نگهباني + شاه = ڏئي)، حاڪم.

بادَلُ: (ھ. بادَر. سن. وارِد. وارِ= پاڻي + دا=ڏيڻ. پاڻي ڏيڻ وارو)، ڪڪر، گهٽا، ميگهہ.

بارُ: (ف. بار. سن. ڀار. ڀرِ=ڀرڻ: جهلڻ)، وزن، تور.

باروتَ: (ت. بارود)، دارو، گندرف وغيره مان ٺهيل مصالح.

بازُ: (ف. باز. سن. واجَ)، شڪاري پکيءَ جو قسم.

بازارِ: (ف. آبا = شرُوو+ زار=جاء. اها جاء جتي شرُوو ۽ پيون خوراڪي شيون وڪامن)، وڪري جي جاء.

بازيگر: (ف. بازي = راند. بازيدن = کيڏڻ + ”گر“ اسم فاعل جي نشاني)، رانديگر، بازي وجهندڙ، هڪ ذات.

باس: (سن. واس)، خوشبوءِ.

باسڻ: (سن. واسن)، ٿانءُ، ڀانڊا.

باسڻ: (پرا. ڀاسڻ. سن. ڀاشڻ. ڀاش = چمڪڻ)، قبول ڪرڻ، باس باسڻ.

بافتو: (ف. بافته)، ڪپڙي جو قسم.

باڪري: (ع. بقال)، سبزي فروش.

باک: (سن. ڀاش. ڀا = چمڪڻ)، روشني، جا سج اڀرڻ کان اڳ ٿئي.

بالم: (سن. ولڀ)، پيارو، مڙس، سوامي.

بام: (سن. واما)، عورت.

بان: (گ. وان. ورڻ)، رنگ.

بان: (سن. باڻ)، تير.

باندر: (سن. وانر. وان = وڻ جو ڦل + را = وٺڻ)، ڀولڙي جي ذات جو جانور.

باندي: (ف. بنده. سن بندي)، قيدي.

بانَس: (سن. وَنش)، بالس ڪاٺ جو قسم، جو وچ مان ٻورو ٿئي ٿو.

بانَڪ: (سن. وَرٽڪ)، سينگاريل، سهڻو.

بانڪ بدن برق جو بهتر، دَر اندر دڦن دَهاني. (جلال)

بانڪو: (سن. وَنڪ)، بهادر، سورمو، وير.

باهہ: (سن. وَنهہ)، آگ.

بائلو: (پرا. بائَل. سن. واتَل=جنهن تي هوا جو اثر ٿيو هجي)، ٻاگل، چريو، سورک.

بائو: (پ. بائو)، ٻار کي ڏيڇارڻ جو لفظ.

ببر: (ف. ببر. پرا. ببر. سن. بربر=ملڪ جو نالو)، بربري ملڪ جو شينهن، شير.

بتائڻ: (هہ. بتانا = بات + نا. سن. وارتا + هہ "نا" پچارڻ. ٢- وَدن. وَد =ڳالهائڻ)، سلڻ. ٻڌائڻ.

بتي: (گ بتي. پرا. بت. سن. وَرت)، چراغ، شمع.

بتي: (پرا. پتي. سن. پستري)، تيرن رکڻ جي ڪوٺري.

بنڌي: سن. ونڌ=ونڊڻ)، آنَ جي ورچ.

بنو: (ڏسو "بني". سرڻ پچائڻ جي جاءِ.

بني: (گ. پني. سن. پراشتر)، شراب چڪائڻ جي جڳهہ، ڏوبين جي بني يا وڏو چلهو.

ٻـڻي : (سن. آوَنِي = کڌ، چَر)، قبر.

ٻجاجي : (ع. بزاز. بز = ڪپڙو)، ڪاپڙي، ڪپڙي فروش.

ٻـڄڪو : (ت. بـقـچـه)، هڙ، ٻـڍ، گودڙي.

ٻـڄـلـي : (سن. وِدْ يَتْ. وِ = گهڻو + دْيتْ = چـمـڪـڻ)، وڄ، کنوڻ.

ٻجو : (سن. ٻجا)، ٻوندو.

ٻـڇـڻ : (سن. ونـڇـن = نه حاصل ڪرڻ. ڪنهن به تڪليف ڪان ورِي ٿي وڃڻ)، ڇُٽڻ، ڇوٽڪارو.

ٻـخرو : (ف. بَـهْـرَه)، حصو، ڀاڱو، فائدو.

سَرو قَد ميڏي دلبر دا، جو حسن نکا تلوار ڪنون،
بَخت وَندان نون بَخرا مليا، صورت دي سَردار ڪُنون.
(پيڙو)

ٻـخْـمَل : (ع. مَخْمل)، ريشمي ڪپڙي جو قسم.

ٻِـدا : (وِداع. سن. وِدايه)، معاف.

پيڙيون ليئي پارِ، توتان بَـنـدَ بِدا ٿيو. (شاه)

ٻـدَڪ : (ف. بَـتَـڪ. سن. وَرْتَـڪ)، هنجهه جـي ذات جو پکي.

ٻـدو : (سن. ٻادَر)، هندن جي هڪ مهني جو نالو.

بِراجمانَ: (سن. وِراجمانَ. وِ = گهڻو = راجَ = چمڪڻ)، رونق افروز، جلويدار.

بَراڏ: (سن. وَرپاترا. وَرَ = گهوٽ: مڙس + پاترا = وڃڻ)، ڄڃ.

بَرَبلو: (ف. بلبل)، پوري، بلبل.

بَرتَن: (سن. وَرتَن)، ٻانڊو، ٿانءُ.

بَرخوردار: (ف. برخورد = ميوو يا ڦر کائڻ = "آر" نسبت جي نشاني. ٢- بر = ميوو + خور. خوردن = کائڻ + دار = وڻ. ڦر کائڻ جو وڻ. اهو لفظ پُٽ لاءِ آهي، ڇو ته پٽ به پيءُ لاءِ گويا اميد جو وڻ آهي). پٽ، فرزند.

بَرسات: (سن. وَرشا. وَرش = وسڻ: پيدا ڪرڻ)، مينهن.

بَرسڻ: (سن. وَرشڻ)، وسڻ، تيار ٿيڻ.

بِرو: (سن. وِروپ. وِ = خراب + روپ = ڍول، شڪل)، خراب، بڇڙو.

بِرهه: (سن. وِرهه. وِ = گهڻو + رهه = ڇڏڻ)، جدائي، فراق.

بِرهمڻ: (سن. براهمڻ. برهم = خدا صاحب)، هندن جي ڇهن ذاتين مان اتم ذات. هندن جون چار ذاتيون: ١- برهمڻ ٢- ڪتري ٣- ويش ٤- شودر.

بَرَهمچاري : (سن. بَرهمچاريہ. بَرهمَ = ويد : ڀڳوان + چَرُ = چلڻ. "ويد" يا "ڀڳوان" مڪڻ يا هٿ ڪرڻ لاءِ ڦرڻ. هندن جي عقيدي موجب ٻهريون ڏاڪو، جنهن ۾ انسان کي ٢٥ سال علم ۾ گذارڻا آهن ۽ شادي ڪرڻي نہ آهي)، وديار ٿي، شاگرد، چڙو.

ٻڙ : (سن. وَٽَ)، وڻ جو قسم.

ٻڙٻڙ : (پـرا. ٻـڊٻـڊ. سن. وَرُوَرتـا)، ٻـڪ ٻـڪ، بيهودگي، بڪوات.

ٻڙڇي : (سن. بَرشچن)، نيزو، ڀالو.

ٻڙڪڻ : (سن. ٻڊٻڊ = ٻڙٻڙ ڪرڻ)، قلهڙو ٿي ڦسڻ، آواز ڪرڻ، خراب ٿيڻ.

بُستان : (ع. <ف. بوستان. بو + بانس، مهڪ + سْتان = جاءِ)، ڦلواڙي، باغ.

بِسترو : (ف. بستر. سن. وِستَر)، هنڌ، وڇائو.

بَستي : (سن. وَست. وَسُ = وسائڻ، رهڻ)، آبادي، جڳهہ.

بسرامَ : (سن. وِشرام. وِ = لہ + شْرمَ = ٿڪڻ)، آرام.

بِشيهرَ بِشيهَلَ : (سن. وِشهر. وِشَ = زهر + هَرَ = ڪٽيندڙ)، نانگ.

ڪالي لانگ بِشيهل وانگي، زلفان چلي چلي. (سچل)

بصر: (ع. بصل)، ڀاڄيءَ جو وکر.

بَڪ: (سن. وَچ = ڳالهائڻ)، بڪواد، بڪواس، اجائي گفتگو.

بَڪَڻ: (سن. وَچَن. وَچَ = ڳالهائڻ)، بڪ بڪ ڪرڻ، اجايو ڳالهائڻ.

بَڪواس: (سن. وَچ = ڳالهائڻ + وَش = جهيڙو ڪرڻ)، بڪواد. ڏسو "بڪ".

بُڪي: (سن. بُڪ) گردو، بدن جو هڪ نازڪ عضوو.

بَک: (پرا. بَک. سن. پَکش. پَکش = کاڌو کائڻ)، کاڌو، پوڄڻ.

بَک: (ڏن. پَڪيہ. هير. پوکو. گ. پَک. م. پوڪ. پرا. ٻڀُکا. سن. ٻڀُڪشا. ڀَج = کائڻ)، کائڻ جي خواهش، اشتها.

بِکيا: (سن. ڀِڪشا. ڀِڪش = گهرڻ)، ڀيک، دان، خيرات.

بِکياري: (سن. ڀِڪشا + "آري" پڇاڙي)، ڀيک گهرندڙ، هينو فقير.

بَکيڙو: (سن. وِڪرڻ. وڪر = هڪ هئي سان وڙهڻ)، جهنجهٽ، جهگڙو.

بَکيو : (ف. بَخيه)، ٽوپو، سيپو.

بِکاسَڻ : (سن. وِڪاس)، کلڻ، ظاهر ٿيڻ، نڪرڻ.

بِگِڙَڻ : (سن. وِگرَهه. وِ= گهٽ+ گرَهه= وٺڻ. "و" اڳياڙي (Prefix) اچڻ ڪري "گرهه" جي معنيٰ "لڙڻ" ٿي پئي)، ڦٽڻ، خراب ٿيڻ، بدلجڻ.

بَلهَزيز : (ع. بِلاحذر. بِلا = سواء + حَذر= ڊپ)، بي ڊپو، بلا، مصيبت.

بَمبو : (ملا. بَمبو = بانس)، بانس جي ڪاٺ جو لڪڙو.

بَن : بن : (سن. وَن)، جهنگل ڪاٺ، وڻ.

بِنا : (گ. بِن. سن. وِنا)، سواءِ، بغير.

بندو : (ف بنده- بستن= ٻڌڻ. گ. بندو. هير. بنڊو. سن. بَنڌ= ٻڌڻ)، نوڪر، غلام، غريب ماڻهو.

بندي : (ف. بندي. پرا. بندي. سن. بندي)، قيدي.

بنرو : (سن. ونراج. وَن= جهنگل+ راج= بادشاه)، شينهن.

جَلوو جوڙ جيين. آگَن ناهي اهڙو،
جنهن ڪيو بانوليو بَنراوَ کي، چانَڪ لائي چين.
(سائينداد)

بنرو : (هه. بنسرا : بنسا. سن. ورتن= تيار ٿيڻ، سينگار ڪرڻ : وَر= مڙس)، گهوٽ.

ميندي لاوئين بنرا، سيج مائين سنهڙا. (سهرو)

بنو: ڏسو "بنرو".

بنواسي: (سن. بنواسن. بن=جهنگل+وس=رهڻ)، جهنگل ۾ رهندڙ، جهنگلي.

بنيون: (هہ. بنيا. سن. وڻڪ)، واپاري، ڏسو "واڻيو".

بڻ: (ف. بن. سن. بڌن)، جڙ، پاڙ، بنياد.

بڻڻ: (سن. ورتن)، ٿيڻ، جڙڻ، تيار ٿيڻ.

بوتو: (ف. بوته)، توڏو، گورو، ڪنوات، ننڍو آڪ.

بوجو: (هير. بودر. گ. بوجو. هہ. بوجها)، بار، وزن.

بودو: (سن. آبوڌ. آ=نہ+بڌ=سمجهڻ)، اپوجهہ آڪ.

بورچي: (ت. باورچي. ف. باور=اعتبار+"چي" نسبت جي نشاني. جنهن تي اعتبار ڪجي تہ ڪاڏي ۾ زهر نہ ملائيندو)، ماني تيار ڪرڻ وارو رسويو.

بوڙيا: (پرا. بتٽ. سن. بد بد)، پاڻيءَ جا ڦوڪڻا، ڦوٽا، حباب.

بوز: (ف. بز=بڪر)، چيگڙو، بيوقوف.

بوسو: (پرا. بس: پس. سن. بس)، ڪڻڪ جو قسم.

بولو: (ت. بلاق)، نڪ ۾ پائڻ جو هڪ زيور.

اَنَ ڪُرَ منجهان ڪوهہ، ميو ماڻو نہ ٿئي. (شاه)

پَهَنوارُ : ڏسو "پنوهار".

پَهَڻُ : (سن. پَٿْ=هلڻ)، خيال ڪرڻ، ويچارڻ.

پَهُو : (پرا. پَهہ. سن. پَٿْن. پَٿْ=وڃڻ)، پيچرو، چارو، دڳ، رستو.

پَهي : (پرا. پَنتَڪ. سن. پَٿَڪ. پَٿْ=وڃڻ)، واٽهڙو، مسافر، مددگار.

پَهِي : (پرا. پائيِ. سن. پاٿري)، وَني، تَسري.

پَنچاتِ : (سن. پَنچايت. پَنچْ=پنچ = پنجن جو ميڙ)، هندن جي ويچار ڪرڻ واري سڀا.

ڦٽڻ : (پرا. ڦٽڻ. سن. ڦان. پا = ڦٽڻ)، ڏکڻ، ڏوکڻ.

پيادو : (ف. پي = پايہ = پير + "آده" نسبت جي نشاني. سن. پادات)، پيادل، پيرين پيادو.

پيارو: (سن. پريہ + ڪار)، وڻندڙ، پيار وارو.

پياس : (پرا. پياس. سن. پپاسا. پا = پيئڻ)، اُڃ، خشڪي.

پيالو : (ف. پياله. سن. پا آليہ . پا = پيئڻ + آليہ = جاءِ)، جهن يا وٽي جو قسم.

پيٽي : (سن. پيٽي)، صندوق.

پيٽ : (سن. پيٽ = ٿيلهي. پيٽ = گڏ ڪرڻ)، شڪم، ڏن ڪان سيني تائين بدن جو ڀڱو.

پيچ : (سن. پيڇ. پا = پاٽي + پانڇ = پنڇ. پنڇ جهڙو ڪرڻ)، پيچي رهڙي.

پيچرو: (ف. پاي چاره. پاي = پير + چاره = رستو)، ڪس، دڳ، چارو، واٽ.

ڦيچڻ : (سن. پ-رچ = قابو ڪرڻ)، قابو ٿي وڃڻ.

پيڇو : (سن. پشچات)، تڪارو، تعاقب، پويان ٿيڻ.

پيڙي : (هيم. پيڍاء. سن. پيٺ = جاء)، اها جاء، جتي سامان وڪرو ٿئي، پڙي.

پيڙ: (پرا. پيڙ. سن. پيڊ. پيڊ = هلڻ)، جنهن سان هلجي، چرڻ.

پيڙا: (پرا. پيڊا. سن. پيڊا)، درد، سور.

پيڙڻ: (سن. پيڊن. پيڊ=چيپاڙڻ)، زور سان رڳڙڻ.

پيڙو: (سن. پنڊ)، آٽي جو گوهيل چاڻو، مٺائي جو قسم.

پيڙهو: (پرا. پيڍا. سن. پيٺڪا)، ڪکن جو ٺهيل آسڻ.

پيڙهي: (سن. پيٺي)، پشت، بنياد، بڻ، ٽهي.

پيسو: (سن. پڻاش)، آنڪ جو چوٿون حصو.

پيڪڙا: (پرا. پيءَ ڪڙءَ. سن. پد ڪنڪ. پد = پير + ڪنڪ=ڪڙو)، پيڙي، زنجير.

پيڪڙا پيرن ۾، ڪاراڻ ڪانا. (شاه)

پيڪو: (سن. پتِرڪ)، پيءُ جو، ابي ڏاڏي جو.

پيلو: (هير. پيول. سن. پيت)، ڦڪو رنگ.

پيلو: (سن. پيل. پيل=روڪڻ اها شيءِ، جا وڄ کان روڪي. جنهن کي تير لڳندو ته وڄ کان روڪجي پوندو)، تير، ٻاڻ.

ٽنگر ٽڪيو ڪين ڪي، پار رسيو پيلو. (شاه)

پين: (سن. پنگ. پن=ڪرندڙ. هيٺ منهن ڪيل)، نانگ.

ڀين ڀنيگهہ نہ وسري، توڙي گهايل هوءِ. (سينگار)

ڀينڊا: (هہ. ڀينڊا. سن. ڀنڊ. ڀنڊ = هاڻ)، رستو، ڀچرو، مفاصلو.

ڀينگهو: (پرا. پنکا. سن. پرينکا)، ڏولي، هندورو.

ڀيڻ: (سن. ڀيڻ = ڀڻ جي لائق)، چانورن جي ڀڃي آهر، ڀتو.

ڀيهہ: (سن. ڀيدا)، سوڙهہ، ڪپا گيهہ، مصيبت، تڪليف.

ڀيهڻ: (پرا. پسار. سن. پرويش. ار=چئني طرفن کان + وش=داخل ٿيڻ)، اندر داخل ٿيڻ.

ڀيهڻ: (پرا. پيسڻ. سن. پيشڻ. پش= پيسڻ)، ڪنهن شيءِ کي آنو ڪرڻ.

ڀيءُ: (سن. پريہ)، محبوب، پرين.

# ق

قاتڪ: (سن. ڪپاٽ)، وڏو دروازو.

قاتڻ: (سن. سقاتن. سقت = ڪلڻ)، قاتي پوڻ، ڪلي پوڻ.

قاڙ: (سن. قال)، گهورو، چوني، ميوي جو ڪپل ٽڪر.

قاڙڻ: (هير. قادءِ. سن. سقاتن)، چيرڻ، ٽڪر ٽڪر ڪرڻ.

قاڙهو: (سن. پرشت)، هرڻ جي ذات جو هڪ جانور.

قاسڻ: (سن. پاش. پش=قسڻ)، قاسي پوڻ، آڙڻ، قابو ٿيڻ.

قاڪ: (سن. قلڪ)، قار، ڪپهل ٽڪر.

قاندڻ: (سن. سقت)، ور هائڻ.

قنڪي: (سن. سقنڪي)، بلوري پٿر جو قسم.

قنڻ: (سن. سقنن)، ڌڪڻ، زخم ڪرڻ.

قيٽڻ: (پرا. قٽ. سن. پرشت)، ناس ٿيڻ، اصلوڪي حالت
ڪان ٻي طرح ٿيڻ.

قنڻ: (پرا. قنڻ. سن. سقنن)، کلڻ، ظاهر ٿيڻ، قونهڙوکائڻ.

قيڙي ڪرڻ: (سن. پريشڻ)، آڇلڻ، ڇڏي ڏيڻ.

قٽ: (سن. سقت)، "ڌڪار" جو لفظ آهي. جيئن: قٽ لعنت.

قيقڙ: (سن. قفس)، ساهه کڻڻ جا نازڪ عضوا.

قضولي: (ع. فضولي)، اجائي ڳالهه، افواه.

قر: (سن. قل)، گهوڙو، اوزار جو منهن، ڏاڙهي لاهڻ
جو پٽو.

قرڪڻ: (سن. سقرڻ)، لرزڻ، ٿڙڪڻ، ڏڇڻ.

قرڻ: (پرا. قرڻ. سن. قلن)، ٻور جهلڻ، ميوو
جهلڻ، ٻوڪڻ.

قِرَڻُ: (پرا. پيرڻ. سن. پريرَڻَ)، گهمڻ، ڦري وڃڻ، ڦيري ڪائڻ.

ڦَرهو: (هيم. ڦَرئو. پرا. ڦَرءُ: ڦلڪ. سن. ڦَلَڪَ)، تختو، ڏوبيءَ جي ڪپڙن سٽڻ جو تختو.

ڦُڙڦُڙِ: (سن. پُريشَتَ)، مينهن جي ڪڻ ڪڻ، ڦڻ، ڦڻ.

ڦُڙتي: (سن. سُڦُورتِ)، چالاڪي، هوشياري، تيز.

ڦِسَڪُڻ: (سن. پرسرَڻَ)، ڪنهن لسي شيءِ تان کسڪڻ، ترڪڻ.

ڦڪو: (سن. آپَڪو)، بي سواد، بي مزه، بي رونق.

ڦِڪو: (سن. پنگ)، پيلو رنگ.

ڦَگڻ: (گ. ڦاگڻ. ڏز. ڦگڻ. پرا. ڦگڻ. سن. ڦالگڻ)، هندن جي هڪ مهيني جو نالو.

ڦَل: (پرا. ڦَل)، ميوو، فائدو، عوضو، نتيجو.

ڦَل: (سن. ڦُلَّ. ڦَلْ = ڪَلي)، گل، پشپ.

ڦلائڻ: (هيم. ڦيلڻ. سن. پرسرت. پر= گهڻو + سر= وڃڻ)، ڦهلائڻ، ونڊڻ، ورهائڻ.

ڦُلڪاري: (سن. ڦُلاڪار)، گلڪاري، ڪپڙي تي نڪتل گل.

ڦُلڪو: (سن. پولڪا)، چپاتي، ڏڪڙي، آڙانو.

قَلَڻ : (پرا. قَلَ. سن. قَلَنَ)، ٽڙڻ، کلڻ (گلن جو).

قَلو : (سن. قَلَ = گلَ)، اک ۾ اڇو ٽڪو، جوئر يا

ٻئي آن جو ٽڙڪايل يا سيڪيل داڻو.

قَلواڙي : (سن. قَل واٽِي. قَل= گل+واٽِي=واڙي)، باغيچو.

قَليلَ : (سن. قَلتَئِيلَ. قَل+تئِيلَ=تيل)، گلن جو تيل.

قَنَ : (سن. قَڻ)، ڦڻدار نانگ، نانگ.

قَڻ ڪيس ڪنولَ ماٿ نڪري، ٿوآرگ تڪي آڪاسَ (سينگار)

قَندَ : (سن. بند: پاش)، ڏوڪو، ٽڪِي.

قَندو : چاري. ڏسو "ڦند".

قَڊَڻ : (سن. سڦَٽَ=ڦٽڻ)، ڦٽي پوڻ، آيامڻ.

قَڻ : (پرا. ڦَڻ. سن. ڦَڻ)، نانگ جو مٿو يا ڦڻ.

ڦَڻي : (گ. م. ڦڻي. سن ڦڻا)، ڪنگي، ڦڻوٽو.

ڦوٽ : (سن. سڦَٽ)، ڏار، چير، نفاق، ويڇو.

ڦوڦينڊا : (سن. سڦوٽ)، چمڙيءَ جي آيريل گَلَ، جنهن ۾ روڳ هجي.

ڦوڙو : (سن. سڦوٽڪ)، ڦرڙي، ڇهنبو، زخم، ملو.

ڦوڪارو : (هيم. ڦونڪا. پرا. ڦڪار. سن. ڦوتڪارَ)، نانگ جي ساه ڪڍڻ جو آواز، ڦون ڦون جو آواز.

ڦينڪڻ: (سن. ڪشيڀن)، ڇڏڻ، اڇلڻ، ڦٽو ڪرڻ.

ڦيڻ: (پرا. ڦيڻ. سن. ڦين)، گج، جهڳ.

ڦينڪاري: (پرا. ڦيڪارِيہ. سن. ڦيتڪارت)، گدڙ جي ذات جو جانور.

ڦوڪٽ: (سن ولڪل)، اجايو، مفت، بي فائدو.

ڦوڪڻ: (سن. ڦوتڪار)، وات مان زور سان هوا ڪڍڻ.

ڦوڪ: (سن. ڦلڪ)، ٻوٽي جو قسم.

ڦوهارو: (ع. فوراه، سن. ڦوتڪار)، پاڻي ڇٽڪارڻ جو اوزار.

ڦينٽو: (سن. پيٽ)، پٽڪو، پڳ، دستار.

ڦينٽي مٿي ڦل، سونهين سر سردار جي. (جلال)

ڦينڊ: (ڏن. ڦڊا. هير. ڦنڊ. سن. ڦٽا)، ڦڻ، مٿو، چوٽي.

## ج

جات: (سن. جات. جن=جمڻ. ع. ذات)، ڪل، ڪٽنب.

جاترا: (پرا. جاتا. سن. ياترا. يا=وڃڻ)، زيارت، تيرٿ، سفر.

جاتري: (سن. ياتري. يا=وڃڻ)، زيارتي، تيرٿواسي.

جاپ: (پرا. جاو. سن. جاپ)، من ۾ ڏني جو نالو وٺڻ.

جاڄڪ: (پرا. جايگب. سن. ياچڪ. ياچ = گهرڻ)، منگتو، بکاري.

جاچڻ: (سن. ياچن)، ڏسڻ، پرکڻ، تپاسڻ.

جادم: (پرا. جايو. سن. يادو)، راجا ياد جو اولاد.

جاڏو: (سن. جڊ)، سخت، ڪهرو، آرڏو.

جار: (پرا. جال. سن. جوال)، ساڙو، پچ، لنو، عشق.

جاڙ: (سن. جاڊيہ)، اجايو، مفت، سستي، چوڪ، جٽ.

جاڙو: (پرا. جمل. سن. يمل)، گڏ چاول.

جاڦر: (سن. جات قل)، جاڦل، گرم مصالح جو قسم.

جاڳڻ: (پرا. جگڻ. سن. جاگرڻ)، سجاڳ، ننڊ مان اٿڻ.

جال: (سن. جال)، گهڻو، بيشمار.

جانڊم: (سن. ينتر = جنڊ)، آٽي پيهڻ جي جڪي.

جانگهي: (سن. جانگهه+هه. "ايا" پچاڙي)، ڪڇو.

جانو: (ف. زانو. پرا. جاڻ. سن. جانُ)، گوڏو.

جاڦل: (پرا. جاڦل. سن. جات قل)، گرم مصالح جو قسم، جاڦر.

جتن: (پرا. جت. سن. يتن)، ڪوشش، اپاءُ.

جتو: (پرا. جت. سن. يڪت)، گڏيل، ساٿي، سنگت، همراه.

جتي: (سن. يتِ)، جنهن هاڻ تي ضابطو رکيو هجي، ستي، جوڳي.

جِتي : (ف. جفت. سن. يُڪت)، ٻوٽ جو قسم.

جَٿو : (سن. يوٿ)، ٽولو، گروه.

جِڏا : (پرا. جِڏا. سن. ڇَڏا)، منجهيل وار.

جَپ : (پرا. جَو. سن. جپ). بار بار من ۾ ديوتا جو نالو وٺڻ.

جَپڻ : (پرا. جَپڻ. سن. جَپن. جَپ=اندر ۾ دهرائڻ)، بندگي ۾ خدا جو بار بار نالو وٺڻ.

جُڌ : (پرا. جُجهه. سن. يُڌ. يُڌ=لڙائي ڪرڻ)، لڙائي، جنگ.

جَڏو : (پرا. جڏ. سن. جڏ)، بيمار، ڪمزور، ڪم عقل، سست.

جَر : (پرا. جَل. سن. جَل)، پاڻي، نير.

جَرجلو : (ع. زَلزلَ)، ماتم، ڏک، پڪو.

جَرڪڻ : (سن. جوَل)، چلڪڻ.

جَڙ : (سن. جڙا)، بنياد، بيخ.

جَڙڻ : (ڌن. جڊي. سن. جَڙن. جَٽ=ملائڻ)، مڙهڻ، ملائڻ.

جَڙڻ : (سن. يُڪت. يُج=گڏڻ)، ٺهڻ، جڳائڻ.

جَس : (پرا. جَس. سن. يشَس)، نيڪ نامي، نيڪي، شاباس.

جَست : (پرا. جسد. سن. جسد)، ڌاتو جو قسم.

جَڪڙڻ : (سن. يُڪت + ڪرڻ)، قابو ڪرڻ، سوگهو ڪرڻ، ٻڌڻ.

جُڪَ: (گ. جَڪَ. سن. جهَشَ)، مڇي.

جَڪَ: (سن. جَشْ = ايذاءُ رسائڻ، ڏکوئڻ)، درد، سور، دک.

هو تن جي حمل ڇَني، هَيَس جِيءَ آندر جَڪَ. (حمل)

جڪَڻ: (سن. جَشَنَ. جَشْ = ڏکوئڻ)، ساڙ لڳڻ، خار لڳڻ، دل ۾ دک ڏيڻ.

جڳَ: (پرا. جَڳَ. سن. جَڳَتْ. گَمْ = وڃڻ)، جڳت، سنسار، جهان.

جُڳَ: (پرا. جُڳَ. سن. يُڳَ)، زمانو، وقت. هندن جي عقيدي موجب چار جڳ آهن: ١- سَتَيُہْ يُگَ ٢- ترِيتا يُگَ ٣- ڏواپَر يُگَ ٤- ڪَلِ يُگَ. هر هڪ ۾ نمبروار ١٧٢٨٠٠٠، ١٢٩٦٠٠٠، ٨٦٤٠٠٠، ٤٣٢٠٠٠ سال آهن.

جُڳَتِ: (پرا. جُتَ. سن. يُڪْتَ)، حڪمت، تدبير، ڍنگ، چمت.

جَڳهِ: (ف. جاءِ گاه. پرا. جَگهَ. سن. يَدْگُرَهَ)، جاءِ، مڪان، هنڌ.

جَلَ: (پرا. جَلَ. سن. جَلَ)، پاڻي، جر، نير.

جَلَ: (پرا. جَلَ. سن. جْوَلَ. جْوَلْ = ٻرڻ)، ساڙو، اڇ، جلن.

جُلاب: (ع. <ف. گلاب. گل+آب)، دوا جو قسم.

جلڻ : (پرا. جلڻ. سن. جولن. جول=ٻرڻ)، سڙڻ، ڪامڻ.

جلندر: (پرا. جلويـر. سن. جلودر)، پيٽ جي بيماري.

جاهه : (ع. جرح)، ھلان، ڪاهه.

جمال گهوٽو: (سن. جيپالڪني)، جلاب جو قسم.

جنبڻ : (ف. جنبيدن=لوڏڻ)، جنبي وڃڻ، لڳي وڃڻ، مشغول ٿيڻ.

جنٽ : (پرا. جنت سن. جنت)، جيو، ساهواري شيءِ.

جنجال : (سن. جن = ماڻهو + چال = چاري. ٢- جنجوال. جول = ٻرڻ )، جنجل، ڏوجهرو، ڏقيـڙ، جهوري، ڪٺي.

جليبي : (ف. زلبيا)، مٺائيءِ جو قسم.

جم : (پرا. جم. سن. يم)، موت.

جنب : (سن. جنم)، جم، حياتي، عمر.

جنڊ : (پرا. جنت. سن. ينتر)، ننڍي چڪي.

جنگ : (ف. جنگ=وڏو جهاز)، ڪاٻ وڏي شيءِ بهادر.

جنگلو : (يور. جينگلا)، ڪٺهڙو.

جنم : (سن. جنم. جن = پيدا ڪرڻ)، جمڻ، پيدايش.

جنم ڀومي : (سن. جنم + ڀوم = زمين. جمڻ جو هنڌ)، وطن، ديس.

جَڻيو: (گ. جنوئي. سن. يَجُيو پويت. يَجُج = وشنو يڳوان +آپويت=ڍڪيل بدن جي پوشاڪ. آپَ=وڇڙو، اندر + وي = آڻڻ)، سڳو، جو هندو، ڏرمي نشاني سمجهي، ڳچيءَ ۾ پائيندا آهن.

جَو: (پرا. جَو. سن. يَو)، اناج جو قسم.

جَوانُ: (ف. جَوان. پرا. جَوانڻ. سن. يُونَ)، پهلوان، بهادر.

جوڀَنُ: (پرا. جوڀڻ. سن. يووَنَ)، جواني، خوبصورتي.

جوتِ: (سن. جيوتِ)، چمڪ، پرڪاش، روشني.

جوتِش: (سن. جيوتِش)، علم نجوم.

جوتِشي: (سن. جيوتِشڪ)، نجومي.

جوٽڻ: (سن. يوجن: يُڪت. يُج=گڏجڻ)، ڏاند ڏڪائڻ، شروع ڪرڻ.

جوٽو: (پرا. جوٽ. سن. يوڪتر)، ڍڳ جي نوڙيءَ جنهن جي مڪڙيءَ کي ٻڌڻ وارو ڏورو.

جوڙي: (سن. يوڙڪ)، جوڙي، ڀيچي، ساٿي، سمان.

جُرِتُ: (سن. جُشٽ)، اوبر، کائڻ بعد بچايل کاڌو.

جوٽو: (پرا. آيٽ. سن. آيڪت. آ = نه + يڪت = ڪنڊيل. جا ڪالهه سچ سان ڪنڊيل نه هجي)، ڪوڙو.

جوڌو: (سن. يوڌر)، جڌ ڪندڙ، سپاهي، پهلوان.

جورو: (سن. يوگ)، پوري پوشاڪ، شاديءَ جو ڏاج.

جوڙ: (سن. جوڊ: يوگ)، جملو، سنڌ، برابر، مٽ.

جوڙڻ: (پرا. جوئڻ. سن. جوڊن: يوجن)، گڏڻ، ٺاهڻ.

جوڙو: (پرا. جٽ. سن. يڪت. يج = ملڻ)، ٻه، ٻن جو ميل، سنگت.

جوڙو: (ع . جيفه = ڍونڍ، لاش)، لالچ، حرص.

جوڳ: (سن. يوگ. يج=ملڻ)، ميل، ڏاندن جوجوڙو، جوڙي.

جوڳ: (پرا. جوگ. سن. يوگ. يج=ملڻ)، ڌيان، ميل، ميلاپ.

جوڳ: (سن. يوگيه)، نيڪ، لائق.

جوڳي: (سن. يوگي. يج = ملڻ)، ڌيالي، تپسي، سنياسي فقيرن جو قسم.

جوڳيسر: (پرا. جوئيسر. سن. يوگيشور)، وڏو جوڳي.

جوڻ: (پرا. جوڻا. سن. يوڪا)، غليظ وارن ۾ رهندڙ ننڍڙا جيتڙا.

جُوڻِ: (پرا. جونِ. سن. يونِ)، پيدا ٿيڻ جي جڳهه، تناسخ، پنرجنم. هندن جو عقيدو ته مرڻ بعد روح وري هن جهان ۾ موٽي اچي ٿو. جيڪڏهن ڪم چڱا ته روح چڱي جوڻ وٺي ٿو، ورنه خراب. ڪل ۸۴ لک جوئيون آهن، جن مان ۹ لک جل (پاڻي) جا جيو، ۲۷ لک وڻ ٽڻ ۽ پهاڙ وغيره، ۱۱ لک ڪيڙان وغيره، ۱۰ لک پکي، ۲۳ لک چوپايا جانور، ۴ لک منگهڻ ۽ جون وغيره.

جوءِ: (پرا. جايا. سن. جايا)، زال ٻتني، استري.

جُوٽا: (پرا. جُوٽا. سن. ڏيوت)، پيسن جي راند.

جُوٽارِي: (پرا. جُوٽار. سن. ڏيوتڪار)، جوٽا کيڏندڙ.

جُوٽو: (هير. جروارِي. سن. جُورٽاهوي: يو+پرڪار)، اناج جو قسم.

جَوهَر: (سن. جيو = روح + هر. هرَ = ڪٽڻ)، آپ گهات، جيئري پاڻ جلائڻ. راجپوتن ۾ رواج هوندو هو ته جڏهن جنگ ۾ مرندا هوا، تڏهن زالون جيئري پاڻ باهه ۾ جلائيندي يون هيون.

جَهارَ: (گ. جهار. سن. آوهار)، سلام، نمڪسار، بندگي.

١- جاجڪ تو جهار، ڏم پيرا ڏياڃ ڇي. (شاه)
٢- ڪرنايون ڪرنين، ڪن يا جهار جلال ڇي. (جلال)

جھور: (ع. جوهر < ف. گوهر)، موتي.
جهور جڙيو هوس جان تي، منهن موتيءَ ڪان مين. (جلال)

جيت: (سن. جت)، هار، شڪست.

جيت: (سن. جنت)، ننڍڙي ساه واري شيءِ، سرٽو.

جيرو: (ف. زيره. پرا. جيرَ. سن. جيرڪ)، وکر جو قسم.

جيءُ: (پرا. جيو. سن. جيو)، من، دل، آتم.

جيئڻ: (پرا. جيونڻ: جيئڻ. سن. جيون)، زنده رهڻ، زندگي.

جيهآ: (پرا. جارس. سن. يادرِڻ)، جهڙا.

# ڄ

ڄاٽو: (سن. جاماتر)، نياٽو.

ڄار: (پرا. جال. سن. جال)، وڏي ڄاري.

ڄاڙي: (سن. دنشٽرا)، ڇپاڙڻ وارا ڏند.

ڄانگهو: (سن. جنگها)، وڏين ڄنگهن وارو، وڏي وک هڻندڙ، ڊگهو.

چاڻڻ: (پرا. جاڻڻ. سن. ڄاڻ)، سمجهڻ، معلوم ڪرڻ.

چاهو: (سن. شلِيڪي. شلِيہ = ڪنڊا)، جانور جو قسم، جنهن جي پٺيءَ تي ڪنڊا ٿيندا آهن.

چِپ: (ڏن. جيها. سن. جهوا)، زبان.

چچ: (سن. جنير)، گهوٽيتا.

چر: (سن. جول. جول=پرڻ)، باهہ جي ڪوسي هوا جهڙي.

چرم: (سن. جنمانتر. جن = پيدا ڪرڻ + آنتر = اندر)، چمار، حياتي.

چڙهہ: (سن. جٽا = ڀاڙ)، پيخ، ڀاڙ.

چلڻ: (پرا. چلڻ. سن. چڻ. چل = گهمڻ)، هلڻ.

چمار: (سن. جنمانتر)، عمر، حياتي.

چمڻ: (سن. ٻم = ٻڌڻ)، ڪير جو ڏونري جي صورت ۾ ٿيڻ. ٻاٽيءَ جو ٻرف جي صورت ۾ ٿيڻ.

چمڻ: (سن. جنم)، جنم وٺڻ، پيدا ٿيڻ.

چمون: (پرا. جنب. سن. جمب)، وڻ جو قسم يا ان جو ڦل، ڪشمير جو هڪ شهر.

چنڊا: (سن. جهنت = ٻونڙا)، وار، چت.

چنگهہ: (پرا. جنگها. سن. جنگها)، ٽنگ.

ڄَڻَ: (پرا. جَڻَ. سن. جَنَن. جَنْ = پيدا ڪرڻ)، جنم ڏيڻ، وڄامڻ.

ڄَڻو: (پرا. جَڻ. سن. جَن. جَنْ = پيدا ڪرڻ)، آدمي، انسان، ماڻهو.

ڄَو: (پرا. جَڻ. سن. جَتُ)، لاڪ.

ڄَور: (سن. جَلاڪا)، جيت جو قسم.

ڄيٺ: (سن. جْيِيشْٺَ)، هندن جي هڪ مهني جو نالو.

ڄيرو: (سن. جْوالا. جَلْ = سڙڻ)، باهه، ڄڀي، لاٽ.

## جهه

جهاڙ: (هيم. جهاڏ. پرا. جهاڏ. سن. جهاٽ)، ننڍو وڻ، ٻوٽو، ڇت جي ٻتي.

تليهر ترنگ، آيي جهاڙي پر. (سليمان)

جهاڙَڻ: (سن. شَرَن: شايَن)، جهاڙ وجهڻ، منڊ يا منتر پڙهڻ.

جهاڙَڻ: (سن. ڪشَرَڻَ)، ٻهارڻ، ڦريو ڏيڻ.

جهالِر: (پرا. جهلَرَ. سن. جهلِري)، ڪِناري، جا سونهن لاءِ لڳايل هجي؛ زيور جو قسم.

جهانجهہ : (پرا. جھجّھر. سن. جھر جھر)، ڪنجهي، هڪ قسم جو باجو.

جهانورو : (سن. شياول)، ڪاراڻ تي مائل، ڪومائل، ڪومايل.

جهانءِ : (سن. ڇايا)، انڌارو، اوندهہ، ٿڌي روشني، جهلڪ، زيورن جي جهالر.

جهانءِ : (سن. ڌون)، آواز.

جهٻڻ : (سن. ڪشپ=لوڏڻ)، جهڪڻ، ولوڙڻ.

جهٽ : (پرا. جھڊت : جھڊ. سن. جهٽت)، جهٽ پٽ، سگهو، ترت.

جهٽ پٽ : (سن. جهٽت+پٽ=چرڻ)، جلد، سگهو.

جهٽ : (ف. جفت. سن. يڪت)، ساٿي، جوڙو، سٿر، ران.

جهپڙ : (پرا. جھڊپ. سن. آڇد. آ=وڻ+ڇد=ڇڻڻ، ويڙهڻ. ڪسي وڻ)، جهٽ، لامارو.

جهڇڻ : (سن. ڪشر)، ڪِرڻ جهرڻ.

جهرڪ : (پرا. چڊگ. سن. چٽڪ)، جهرڪيءَ جو مذڪر.

جهرڻ : (پرا. جهرڻ. سن. ڪشرڻ)، ڪِرڻ، سُڪڻ، ڏٻرو ٿيڻ.

جهرڻو : (سن. نرجهر: جهر)، آبشار.

جَھَروڪ: (سن. گَواڪش. گو = ڪِرڻون + آڪش - آک)، دري، ڪڙڪي، جاري.

جَھڪائڻ: (سن. يڪج)، هشائڻ، وهارڻ.

جِھل: (پرا. جِھلّ. سن. جِھلي)، گاهه جو قسم.

جُھل: (ع. جُل)، سرپوش، جانورن جي پٺيءَ تي وجهڻ جو ڪپڙو.

جَھلڪ: (سن. جھلڪا)، چمڪ، پرڪاش، روشني.

جھلڻ: (سن. جَھلڪا)، پکو هڻڻ، وڃڻو گهلائڻ يا گهمائڻ، سهڻ.

جَھلڻ: (سن. ڏلن. ڏل=لڏڻ)، جهولڻ، لڏڻ.

جُھمر: (سن. جُھمپ)، مٿي ۾ پائڻ جو زنانو زيور.

جُھمر: (سن. جھمپ)، ناچ.

جُھمڻ: (سن. جھمپن. جھمپ = ٽپو ڏيڻ)، لڏڻ، نوڙڻ.

جَھنڊ: (هيم. جَھنٽي. سن. جھاٽ)، ٻار جا ٻهريان مٿي جا وار، وار.

جَھنڊ: (سن. يوٿ)، ٽولي، گروهه، گھنڊ، مٺارو، ٻڪل.

جَھنڊو: (هيم. جهنڊئو. سن. جينتَ)، آنڪاس، نشان، علم.

جَھنگل: (پرا. جنگل. سن. جنگل)، جهنگ، پيلو.

جھوپڙي: (سن. ڪشپ)، پونگي، ڪنيا، منهن، ڇنو.

جھوڙا: (سن. پُڪت)، ٽونڊ، جھاپا.

جھولَڻ: (سن. دولن. ڏل=لڏڻ)، ڪنڌ هڻڻ، ڪنڌ ڌوڻ.

جھولِي: (پرا. جھولِ آ. سن. جھولِڪ)، جھول، گود، هنج.

جھومڪ: (سن. جھنپ)، ڪنن جو هڪ زيور.

جھونجار: (گ. جھجھار. پرا. جھجھ + "آر" پڇاڙي. سن. يڌ=لڙائي+ڪار)، جوڌو، پهلوان، سياڻو.

جھونڪو: (سن. پَڃ)، واءُ جو جھوٽو.

جھونڪار: (پرا. جھنڪار. سن. جھنڪار)، ٽورو آواز، هونڪار.

جھونو: (پرا. جڻ. سن. جيرڻ)، پراڻو.

جھوڻ: (سن. شياوَل = جھانورو)، پرڻ، ڏکڻ، ڀڪڻ، ٽڏي روشنيءَ سان چمڪڻ.

باهه جھوبن، ڪانگ لنوين،
تون آوين، منهنجا سورڙا،
مون کي مورڙي موڪل ڏي. (مورڙو گيت)

جھينگو: (سن. چنگت)، مڇيءَ جو قسم.

جھيڻو: (سن. ڪشين)، باريڪ، جھڪو، ٿلهو.

# چ

چاتَڪ: (سن. چاتَڪ)، پکيءَ جو قسم.

چارِ: (سن. چَتَر)، ٽي ۽ هڪ.

چارَڻ: (پرا. چارڻ. سن. چارَڻ)، ڀٽ، ڳائڻو، راجپوتن جي هڪ ذات.

چارو: (سن. چَر = چَرڻ)، ڪاڏو، گاهه، چوکو.

چارو: (ف. چاره)، رستو، واٽ، واهه، ڪِٿو.

چارِي: (پرا. چارءَ. سن. چارَڪ)، جاسوس، ڀاڳي، پير کڻندڙ، چوڪيدار.

چالو: (سن. چَل)، گت، رفتار، لوڏ.

هَنجهن هوڏ ڦٽي ڪئي، ڀِسي چاڻ جا چالا. (ڪنڀار)

چاليهه: (پرا. چتاليس. سن. چَتوارِنشَت)، ٽيهه ۽ ڏهه.

چانڊوڪي: (سن. چندرِڪا)، چانڊني، چنڊ جي رات، چنڊ جي روشني.

چاندي: (سن. چَندَر)، هڪ سفيد ڌاتو.

چانگو: (سن. چَنگ = خوش)، متارو آٿ.

چانور: (هي. چاٺلا. پرا. تَندُل. سن. تَندُل)، ساريون، اناج جو قسم.

چانهه: (سن. چاش)، نيري رنگ جو پکي.

چانهه: (ف. چاي. < چيني ٻوليءَ جو لفظ "شا" آهي)، ٻوٽي جو قسم، جنهن جا پن پيئڻ جي ڪم ايندا آهن.

چاهه: (سن. اِڇا)، پيار، هرير، خواهش.

چٻڻ: (سن. چروڻ)، ڏندن سان ڪچلڻ، ڪائڻ.

چپوتڙو: (سن. چتوال)، وهڻ لاءِ چورس بنايل اوچي جڳهه.

چت: (پرا. چِتَ. سن. چِتّ. چِت = سمجهڻ)، من، جيءُ.

چتائڻ: (سن. چيتن. چت = سمجهڻ)، خبردار ڪرڻ.

چتر: (سن. چتر)، چالاڪ، مت ٻول.

چترويدي: (سن. چترويدن)، چارئي ويد ڄاڻندڙ، وڏو ودوان.

چتي: (سن. چڪروت)، پتي، چيوت، ٽڪڙي.

چٽ: (سن. چاٽ)، مٺو ٻول، ڏلو، گشو.

چٽ: (سن. چِتر)، تلڪ، سينگار.

چٽاٽو: (سن. چتر = چٽو + "آٽو" ڇاڙي)، چٽي روشني، تجلو.

چٽڪمرو: (سن. چِتر + ڪربر = ڪمرو)، رنگا رنگي، رنگ برنگ.

چٽڻ: (سن. چترڻ)، چٽ ڪيڻ، تصوير بنائڻ.

چِٽَڻ: (ڏ ن. چوٽنو. سن. چوٽن. چِڊ: چوڊ = هڪلڻ)، نشان ڪرڻ، هڻڻ.

چِٽو: (سن. چِترَ)، صاف، روشن، پڌرو.

چٽي: (سن. چِٽ = مارڻ)، سزا، ڏنڊ.

چِٺِي: (سن. چِٺ = قاصد ٿيڻ)، چٺي، ڪاغذ، خط.

چِپ: (سن. چِپ = ماٽ ڪرڻ)، ماٽ، سانت.

چَپاٽ: (پرا. چپيٽا. سن. چپيٽ)، چماٽ، ٿڦڙ.

چِپاٽي: (ف. چپاٽي. سن. چرپٽي)، ڏڪڙي، ڦلڪو. مالي.

چَپٽو: (پرا. چِمٽ. سن. چپيٽ)، چمٽو.

چَپٽي: (پرا. چپِڊيا: چپڊي. سن. چپٽڪا)، چِهنڊي، ٿوري ذري، آڱوٺي سان آڱر جي تاڙي.

چپڙي: (سن. چرپٽي)، لوري، پٽي.

چِپڻ: (سن. چِپن)، داٻ هيٺ آڻڻ، ڪچلڻ، پيڪوڙڻ.

چِپو: (سن. ڪشپٽي)، ڪَنَ، ماناٽي جو ڏڪ، هٿ جي چپن آڱرين جي ويڪر.

چِڪِر: (پرا. چِڪِر. سن. جنر= پيٽ)، پيٽي، گهڻ ڪانڪ، سچر.

چِر: (سن. چلڪ)، زمين ۾ ڪڏ، غار.

چرتر: (سن. چرتر)، سڀاءُ، ڪم، ڪرتوت، چال.

چرچو: (سن. چرچا)، عقل جي ڪيڏ، پوڪ ٽڪاءُ.

چرڪر: (سن. چريت)، ديرِ، اويل.

چرن: (پرا. چلڻ. سن. چرڻ. چر = هلڻ)، پير.

چئي چرن سند ياس، وهيءَ ورن مٺائيا. (جلال)

چرڻ: (سن. چرڻ. چر = ڍورن جو گاهه کائڻ لاءِ گھمڻ)، گاهه کائڻ.

چرو: (سن. چر)، ديگ.

چرون: (پرا. چلڻ. سن. چلڪ)، لپون، سٿيون، چنگل.

چرهو: (سن. چر)، گاهه، چارو.

چڙڻ: (سن. چند)، ڪاوڙ ڪرڻ، خفي ٿيڻ.

چڙي: (پرا. چڊگ، سن. چٽڪ)، جهرڪي.

چڙهڻ: (پرا. چڊڻ. سن. آچلن)، هيٺان ڪان مٿي وڃڻ.

چسڪو: (ه. چسڪا. سن. چشڻ. ف. چشيدن = چکڻ)، لذت، ذوق.

چڪ: (ڏ ن. چڪ. سن. چڪر)، کنڀر جو چڪ، زمين جو ٽڪر.

چِڪ: (سن. چِڪل)، گپ، گپ چڪ، گارو، چِڪڻ.

چڪاسڻ: (سن. چڪاس = چمڪڻ)، جاچڻ، تپاسڻ.

چِڪر: (پرا. چِڪر. سن. چِڪر)، وار.

چَڪرِي: (سن. چَڪرِي)، چَڪر، لاٽون. ڏي وٺ، مقابلو.

چَڪس: (پرا. چَڪ. سن. چَڪشُ)، اک.

چَڪلو: (سن. چَڪرَ=”لا“ پچاڙي)، ڪاٺ جو گول تختو، جنهن تي ماني ويلجي، چڪرو.

چَڪناچور: (ھ. چڪ= پرپور+چور<سن. چورڻ=باريڪ ذرا)، چڪچور، ڪرڪنا.

چِڪنو: (پرا. چِڪڻ سن. چِڪڻ=سٺيو)، ڪپڙي جو قسم.

چِڪڻ: (سن. چِيت. ف. چڪيدن = وهڻ)، سنجرڻ، سور ڪرڻ.

چِڪڻ: (سن. چِڪڻ)، چيڪي زمين، ڏڀڻ.

آڏو چِڪڻ چاڙھ، موج نہ سهي مڪڙي. (شاھ)

چَڪڻ: (ڏن. چَڪ. هيم. چڪڻ. سن. چِتم. چيہ=ڪرڻ)، هڄي وڃڻ، پورو ٿي وڃڻ.

چَڪور: (پرا. چڪور، سن. چُڪور)، پهاڙي تتر.

چَڪوو: (پرا. چڪ. سن. چڪرواڪ)، پکيءَ جو قسم.

چِڪي: (سن. چَڪرِي)، جانڊھ.

چِڪيا: (پرا. چِڪچا. سن. چِڪستا)، علاج، دوا، دارو.

چِڪ: (ت. چِق)، بانس يا ڪجيءَ جي تيلين مان ٺهيل چوري يا پتر.

چُکَڻَ : (سن. چَشَڻَ. ف. چِشِيدن)، سواد وٺڻ.

چِکيا : (سن. چِتا)، ڏاکهه، باهه.

چِڳِڙَ : (سن. چِڪِڪَ)، چِڪَ تيل، گندگي ۽ ڀڙيل ۽ خراب وار، گهڻو مڪَيل.

چَڱو : (پرا. چَنڱَ. سن. چَنڱَ)، تندرست، خوش ۽ ڀلو.

چِلڙَ : (سن. چُلڪَ + "ڙ" پڇاڙي)، کپ چڪ.

چِلڪاٽُ : (سن. چِلمِلڪا)، چمڪاٽ، روشني، تجلو.

چَلَڻَ : (پرا. چَلَڻَ. سن. چَلَنَ. چَلْ=اڳتي هلڻ)، هلڻ، گت.

چُلُون : (پرا. چُلُءُ. سن. چُلَڪَ)، لپَ، چُڪو، ڏڪ.

چُلهه : (پرا. چُلِ. سن. چُلِ)، چلهو، باهه ٻارڻ جو هنڌ.

چَلهو : (سن. جَلَهَ)، اها جاءِ، جتي گارو ٿاهجي ۽ گڏيل پاڻي ۽ ڪڏ، حوض.

چمُ : (ف. چَرم. پرا. چمُ. سن. چَرمَنُ)، کَل، چمڙو.

چَماٽ : (ف. طمانچه. پرا. چپيڙا. سن. چپيٽ)، چماٽ، ٿڦڙ.

چمارُ : (پرا. چَمارَ. سن. چرمڪارَ)، موچي. ڏسو "چمُ".

چمٽو : (پرا. چمٽ. سن. چِپٽ. چِ=چولهه جو ڪم)، چپٽو.

چمچو : (ف. چمچه. سن. چمَسَ)، ننڍي ڪڙيءَ جو قسم.

چَمَڪ: (سن. چَمَتڪرتَ)، پرڪاش، تجلو، جوت.

چَمَتڪارَ: (سن. چمتڪار. چَمَتْ=عجب+ڪارَ=ڪرڻ وارو)، اچرج، پرڪاش، روشني.

چَمَڪارَ: (پرا. چَمَڪارَ، سن. چمتڪار)، بجليءَ جي روشني، تجلو.

چَموٽي: (سن. چرمَ=چم+"اوٽي" پڇاڙي)، چم جي ٽُڪي، جنهن مان چرخي جي تَڪ لنگهي.

چُمَڻُ: (پرا. چُنبڻ. سن. چمبڻ. چُمبْ=چمڻ)، چمي ڏيڻ، بوسو ڏيڻ.

چَنبو: (ف. پَنج. سن. پَنچَڪَ)، پنج آڱريون، شينهن جو چنبو.

چَنبيلي: (سن. چَنپَڪ "ايلي" پڇاڙي)، چنبي جو گل.

چِنتا: (پرا. چِنتا. سن. چِنتا. چِتْ=ياد ڪرڻ)، سوچ، ويچار، فڪر.

چَنچَلَ: (پرا. چَنچَلَ. سن. چَنچَلَ)، چلولو، بيوقوف، خوش رفتار.

١- چَرَنَ چِيهي تنهن چينچَلَ جا، جنهن چِينَ چَڪايو چَسَ.

(صابر)

٢- چَلدي چال، چَلي نهين چِينچَلَ، هَسَتي ٿيا حيرانا.

(عالم خان)

٣- لوڏ ڪنجل جي ڪر ٿي، چال ٻسي چينچل.
(ڪنيار)

چَندا: (سن. چَند: چَندَ ر)، چنڊ.
او چندا آ چوڏس، سنسار سڄي ۾ صابر ڇمي. (صابر)

چَندَرمکي: (سن. چَندَرمکي. چندر + مک = منهن. جنهن عورت جو منهن چنڊ جهڙو هجي)، گل جو قسم.

چَندَن: (پرا. چنندڻ. سن. چنندن. چِند = خوش ڪرڻ)، صندل، سرکنڊ.

چَندَن هار: (سن. چنندر هار. چنندر = چنڊ + هار = هار)، نَوَ لڪو هار.

چَندو: (سن. چندرا)، ٽوپيءَ جو آستر.

چَنڊ: (پرا. چَند. سن. چَندر)، چندر، مهتاب.

چَنڊو: (سن. چنڊ = ٿهري. چڊ = ڪروڌ ڪرڻ)، ڪروڌي، ٺيا گو، ليچ، پاپي.

چنگهڻ: (سن. چيتڪار) درد يا سور کان دانهن ڪرڻ.

چِرڻ: (سن. چرڻ. چر = گاهه کائڻ)، جهنگ چرڻ.

چڻ: (پرا. چننڪ. سن. چڻڪ)، چولا، اناج جو قسم.

چڻنگ: (سن. چرت)، آلو، ٽانڊو.

چوٿ : (سن . چتُرٿي)، چوٿين تاريخ، ڏِل جو چوٿون حصو، جو مرهٽا اڳاڙيندا هوا.

چوٽ : (سن . چٽ)، ڌڪ، ضرب، ٽڪر.

چوڙ : (پرا. چولا. سن. چودا)، مٽي جي وچ جا ڏکيا وار.

چوهٽ: (سن . چتُرپٽ . چتُر= چار+ پٽ=ميدان. چئني طرفن کان کليل ميدان)، نابود، ناس.

چوپڙ : (سن. چتشپٽي. چتُر= چار+ پٽ= ڪپڙي جي نتيل)، راند جو قسم.

چوپڙي : (هند. چوپڙي. سن. چتُرپٽ. چتُر= چار+ پٽ= ڪپڙي جو ٽڪر. تهه) ننڍي بندي، ڪتابڙي.

چوقرا : (سن. چتش قَل)، چئن ڦرن يا نوڪن وارا.

چوچڙي : (سن. چرت)، آماڙي، اولانيو.

چوڏري: (سن. چتُر=چار+ ڏر= رکندڙ)، ڪنهن سماج جو مکيه ماڻهو، وڏو، پرڌان.

چوڏس : (پرا. چاڻدسيا. سن. چترد شي)، چوڏهين تاريخ.

چوڏس : (سن. چتر=چار+ دشا= طرف)، چوڌاري، چوطرف.

ڪيڏانهن ڪاهيان ڪرهو؟ چوڏس چٽاڻو. (شاهه)

چور: (پرا. چور. سن. چور)، چوري ڪندڙ.

چوراسي: (پرا. چئراسي. سن. چترشيت)، اسي ۽ چار.

چورانوي: (سن. چتر = چار + نوت = نوي)، نوي ۽ چار.

چورس: (پرا. چورس. سن. چترسر)، چوڪسي شڪل، جنهن جون ڪنڊون ۽ پاسا هڪ جيڏا هجن.

چورڻ: (سن. چورڻ)، ڪُٽڻ، باريڪ ذرا.

چوڙڻ: (سن. چل = چڙڻ)، هنيائڻ، مائڻ.

چوڙو: (سن. چوت)، موڪرو، ويڪرو، خلاصو.

چوڙي: (سن. چوڏامڻ)، ڪنگڻي.

چوسڻ: (سن. چوشن. چوش = چوسڻ)، ڪنهن شيء جي رس پيئڻ.

چوڪ: (ڏن. چڪ. هير. چڪ. ءِ. پرا. چڪ. سن. چيت)، پڙل.

چوڪاٺ: (سن. چتشڪاشٺ)، دروازي جون چوڙون.

چوڪسي: (ه. چو = چار + ڪس = جاچ. سن. چتر + ڪش)، نظرداري.

چوڪنڊو: (سن. چتشڪوڻ. چتر=چار + ڪوڻ = ڪنڊ)، چوڪسي شڪل.

چوڪا: (پرا. چوڪا. سن. چوڪش)، صاف، پوتر، وڻندڙ، چانور.

چوڪو: (سن. چوڪش)، پاڪ، کرو، ايماندار.

چوليِ: (سن. چوليِ)، ڪنجرو، چولو.

چوماسو: (پرا. چاؤماس. سن. چتر = چار + ماس = مهينو)، برسات جي مند، برسات جا چار مهنا: آکاڙ، سانوڻ، بڊو ۽ اسو.

چونڊڻ: (پرا. چڻ. سن. چين. چ = چونڊڻ جو ڪم)، ڪٽي گڏ ڪرڻ، چولڊو ڪرڻ، انتخاب ڪرڻ.

چونر: (پرا. چمر. سن. چامر)، ڏنڊي ۽ پڌل وار، جي راجائن ۽ ديوتائن مٿان پکي يا وڃڻي جئن گهلايا (گهمايا) ويندا آهن.

چونڪ: (هيم. چئڪ. پرا. چئڪ. سن. چتشڪ. چتر = چار + ڪ = ميڙ. چئن جو ميڙ)، چار شيون، چيوترو، چوڏڪي.

چونڪي: (سن. چتشڪي)، پهرو، ڪرسي، جاء.

چونو: (سن. چورڻ)، سيڙهي.

چوڻ: (سن. شروڻ)، ران، سٿر، ڏاڪ، ڪچڙ.

چوڻ: (سن. وچن)، ڪهڻ، ٻولڻ.

چوونجاهه: (سن. چتشپنچاشت. چتر=چار+پنچاشت=پنجاهه)، پنجاهه ۽ چار.

چوهتر: (سن. چتہ سپتت)، ستر ۽ چار.

چهڻ: (ڏ ن. چوتھو. هير. چهڻ. سن. چنات)، چنبڙڻ، لڳڻ.

چوهٺ: (سن. چتہ ششٺ)، سٺ ۽ چار.

چهنب: (هير. چنچلي. پرا. چنچ. سن. چنچ)، پکيءَ جي نوڪ.

چناڪو: (سن. چہ = نمو)، چونڪو، ڦڙو، ڏڪ.

چيتن: (پرا. چيتڻ. سن. چيتن)، آتما، روح.

چيتو: (سن. چيتس)، چاڻ، هوش، ٻڌي، خيال.

چيٽ: (سن. چئيتر)، هندن جي هڪ مهني جو نالو، چيٽ جو فصل.

چيٽو: (ڏ ن. چِتُو. سن. چتر ڪ. چتر = چٽ + ڪ)، شينهن جو قسم.

چيٽڻ: (پرا. چيٽ. سن. چيشٽ)، ڪوشش ڪرڻ، حيلا هلائڻ.

چير-چيرو: (پرا. چير. سن. چير)، ڪپڙو.

چِيرَڻُ : (سن. چِيرڻُ)، چير ڏيڻ، ڦاڪڙن ڦاڪون ڪرڻ.

چِيڪَٽ : (پرا. چِڪّارَ. سن. چِيتڪارَ)، آواز، چيڪاٽ.

چيلاڙو : (سن. تَيلاڙِي)، ڏِڪٿاري، گهريترِي پڻگي، پِرنگي.
ڏسو "پِنگي".

چيلو : (هيم. چِلّو. سن. چِيتَڪَ)، شِشُ، مريد.

چيلهِڪي : (سن. چِيڪا)، چيلهه جو سونو ٻڌو يا زيور.

چَيَنُ : (سن. شَيَنَ)، آرام، قرار.

چِيَنُ : (سن. چِٽَ)، چِين چِين، چِر چِرِ، پکين جو آواز، ڪوڪ.

چِينچَلُ : ڏسو "چَنچَلُ".

## ڇ

ڇَ : (پرا. ڇَ. سن. شَٽْ: شَشْ. ف. شَش)، پنج ۽ هڪ.

ڇاتِي : (سن. ڇادَنَ. ڇِدَ=ڍڪڻ. جا نازڪ عضون کي
ڍڪي)، سينو.

ڇاٽون : (پرا. ڇِٽَ. سن. کشِپٽَ)، برسات جون لاڙون،
ڏارون، هُسان، هگسان.

ڇاپَڻُ : (سن. ڇَپَنَ)، ڇپڻ، ڇپائيءَ جو ڪم ڪرڻ.

ڄاڄ: (هير. ڄاسِي. سن. تَڪَرَ. ف. تاشڪ)، لسِي، ڏڌ.

ڄاڇر: (گ. ڄاڇَر. ڏن ۽ هير. ڄنڇولِي)، ننڍو ٻاٽي، تانگهو.

هَنجهَ، تَتَئين هوءِ، اُونهي ۾ اوڙاهَ جي،
اي ڪانيرو ڪوءِ، جو ڄاڇڙ ۾ ڄيڙون ڪري.
(شاه ڪريم)

ڄارَ: (پرا. ڄارَ. سن. ڪشارَ)، خاڪ، ڦلهيار، رَک، ڀسم.

ڄاڙِتو: (سن. ڄاتُرَ)، جاسوس، خابرو، ڄارِي، ڏيڻي.

ڄاڪ: (سن. شاڪ. شَڪ = ڪم ڪرڻ جي طاقت)، توفيق، طاقت.

ڄاڪَ: (سن. شَڪَنَ)، مستي، نشو.

ڄاڱو: (هه. ڇهه + آنگلَ. سن. شَٽ+آنگلِ)، جنهن کي هٿن يا پيرن ۾ ڇهه آڱريون هجن.

ڄالُون: (سن. ڄالَ)، لِڦُون، ڦوڦينڊا. ڦڦولا، ڦُوڪٽا.

ڄانڊَڻ: (سن. ڪَنڊَنَ)، جدا ڪرڻ.

ڄَنگ: (سن. ڄاگلَ=ڇيلو)، ٻڪرين جو ڌڻ.

ڄانگو: (سن. ڄَنّ+ڪَرَڻ)، وٽن جون ٽاريون ڪپڻ، مڇڻ.

ڄانو: (هير. ڄاهِي. سن. ڄايا)، ٻاچو، ٻاچولو.

چانڻُ: (سن. ڇايا)، چانئجي وڃڻ، عڪس اچي وڃڻ.

چاليون: (سن. ڇايا)، مُنهن تي ڪارا داغ.

چاڻُ: (سن. چالَنَ)، صفا ڪرڻ.

چاڻو: (سن. چادَنَ)، چانوٽي، ديرو.

چاونجاهہ: (سن. شَٽپَنچاشَت)، پنجاهہ ۽ ڇهہ.

چاهتَر: (پرا. چاهتَّر. سن. شَشسپتَت)، ستر ۽ ڇهہ.

چاهٺ: (پرا. چاهٺ. شَٽشَشٽ)، سٺ ۽ ڇهہ.

چائي: (سن. ڇايا=چانو، ڀاڇو)، ڏوڙ، مٽي.

چائيتاليهہ: (سن. شَٽچتوارنشَت)، چاليهہ ۽ ڇهہ.

چايا: (پرا. چايا. سن. ڇايا)، سايو، پاڇو، عڪس.

ڇبري: (سن. ڇوِ= رونق، چهرو + "ايلي" پڇاڙي)، سونهن واري، سهڻي.

ڇَرِ چَندَن ڇبري ڪهڻي، ڪيس ڪَڪَرَ جهڙا ڪام.

(ڪنيار)

ڇِت: (پرا. ڇَتَّ. سن. ڇَتَر)، جاءِ جو مٿيون ڍڪ.

ڇَتَرپَتي: (سن. ڇتر=ڇَت، تاج+پَتِ=مالڪ)، راجا.

ڄتي ڄت: (پرا. ستي. سن. شَڪتِ. شَڪ = ٻلوان)، ڀالو، اڙچي، سونو.

ڄٽ: (سن. ڄٽر. ڄڊ = ڍڪڻ)، تاج، موڙ.

ڄٽڻ: (پرا. ڄٽ. سن. ڄٽ. ڄٽ = خلاصو ٿيڻ)، آزاد ٿيڻ.

ڄٽي: (سن. ڄٽري)، آس يا مينهن کان بچائڻ لاءِ ڪڙي جي ٺهيل شيءِ.

ڄٽيھ: (سن. ڄٽر نشت)، ٺيھ ۽ ڇھ.

ڄٽي: (پرا. ڄٽي. سن. شَشٽي)، جمڻ کان ڇهين ڏينهن جو ڪم.

ڄڙڪٽ: (ھ. ڄڙ + ڪاٽ. سن. ڪشپ = وڃهڻ + ڪٽڻوا)، ٻانگ جو قسم.

ڄڙڻ: (سن. ڪشپ = وڃهڻ)، لڪڻ، اوٽ ۾ اچڻ.

ڄڄ: (ف. ڇج: ڇڄ. سن. ڇاد)، سپ، ڪاڳر، آنڻ چنڊڻ جي شيءِ.

ڄڄو: (گ. ڇاڄ. سن. ڇڊ. ڇڊ = ڍڪڻ)، ڇت، ڇڻ، ڪوٺو، مڪان.

ڄڄ: ڏسو "ڇاڇڙ".

چَچُوندَر: (پرا. چچندر. سن. چَنچدَرِي)، چوهي يا ڪئي جي ذات جو جانور.

چِڊو: (پرا. چِڊ. سن. چِڊر)، ٽرو، پڙو، سنهو.

چَرَڻ: (پرا. چَرَڻ. سن. ڪشرَڻ)، چِڻن، آڪرڻ، ٽپا هڻڻ.

چُرو: (پرا. چَرَ. سن. ڪشَرَ)، ڪاتَ، وڏي چَري.

چُرَڻ: (سن. چورَڻ)، آڪري ۾ آنَّ وجهي ڪڻڻ، صاف ڪرڻ.

چَرَهه: (سن. شَرَ)، ڪاتَ يا ڏاتوءَ جو لنبو ٽڪرو.

چُڙهو چانڊ (سن. چَمنڊ)، اڪيلو، اڪيلو سر، هڪڙو ڇڙو.

چَڪ: (سن. چَڪَر)، آسپاس، ويجهڙائي.

چَڪ: (پرا. چِڪ. سن. چِڪا)، نِچَّ.

چِڪڙو: (پرا. سَگڊ. سن. شَڪَٽَ، شَڪ = سهڻ، وٺي وڃڻ)، بيل گاڏيءَ جو قسم.

چَڪَن: (سن. چَڪَن)، مستي، نشو.

چَڪو: (ک. چَڪو. سن. شَٽڪ. شَٽ = ڇهه + ڪ ميڙ ڇهن جو ميڙ)، ڇهن جو عدد، ڇڪي جي ڳوٽ.

چِڪو: (سن. شِڪَي)، نوڙيءَ جي ٺهيل ڇِڀي، جا ڇت ۾ ٽنگجي.

ڄڳو: (پرا. کڄ. سن. کڄ)، مڄو.

ڄڳير: (سن. کڄ + "ابر" پڇاڙي)، ڪلنگيءَ وارا، بهادر جوڌا، شهزادا.

ڪاڻ ڪلاچيءَ ويا، ڄتون ڪٽي ڄڳير. (شاه)

ڄَل: (پرا. ڄل. سن. ڄل)، ٽڪي، ڪپت، دولاب.

ڄلڙ: (سن. شلڪ)، کلون، تهه.

ڄلڻ: (پرا. ڄيلڻ. سن. تڪشڻ)، کل لاهڻ.

ڄلڻ: (سن. آچلن)، هلڻ، چلڪڻ.

ڄلو: (سن. چلي = ول)، منديءَ جو قسم.

ڄم: (< ع. شمع)، بتي.

ڄم: (بلو. < ف. چشم)، اکيون.

آهو عين عجيب جا، ڄم برابر ڄم. (سينگار)

ڄمر: (سن. شنبر)، ڪکر.

ڄمائڻ: (سن. شمن. شم=ٺڏو ڪرڻ)، ڇهڪو ڪرڻ، ٺارڻ، وسائڻ،

ڄمڪڻ: (سن. شنج)، ڄم ڄم ڪرڻ، گهنگهرن جو آواز.

ڄَنَ: (سن. چن. چند = ڏکڻ)، ڄنو، سنهڻ، گهر.

چَنِ: (سن. ڪشَڻَ)، ڪِنَ، سيڪنڊ جو ⁴⁄₅، تمام جلدي، لحظو.

ڪَري مَنَ آچاهَ، سامي چڏيائين چَنِ ۾. (سامي)

چَنَچَرَ: (سن. شَنَيشچَرَ. شَنيشَ = آهستي + چَرَ = چالِ)، ڇنڇر ڏينهن، زُحل.

چَنڊ: (پرا. چَنڊ. سن. چَنَدَر)، پَدَ، مائرائن جو ميل، نظر، ڪُوڙ، لڳي.

چَنَدَنَ: (سن. چَنَدَنَ. چَنَدَ = چاهڻ)، وڻندڙ. ڏسو ”چيڙي“.

چَنڊو: (هيم. چَنڊو. سن. سِنچ = پاڻي ڇڪارڻ)، پاڻي جو نيهو يا ڏونڪو.

چَنِ: (سن. چِنِ + ه. ”نا“. ڇڏ = وِڍڻ)، الڳ ڪرڻ، ٽوڙڻ، جدا ڪرڻ.

چِڪارَڻَ: (سن. ڪشيت + ڪَرَڻَ)، چَنڪارڻ، ڏونڪَ.

چَو: (پرا. چَو. سن. چَو)، روشني، چلڪو، چمڙي، کل، چهرو، پوش.

چُوٽ: (سن. چُٽَ. چُٽَ = ڇڏڻ)، ڇَڏَ چوٽَ، ٽڪڙو.

ڇوڇو: (پرا. ڇڇ. سن. تڇ)، خالي، غريب.

چرڏو: (هـ. چَرڙِي. سن. چوچَ)، وڻ جي ڪل.

چوڙو: (سن. شاوَڪ)، ڇوڪرو، لاوارث، غريب.

ڇوڙڻ: (سن. ڇورَڻ)، ڇڏڻ، آزاد ڪرڻ.

ڇوڪر: (سن. شاوَڪ)، ليٺگر، ٻار.

ڇوھ: (سن. ڪشُپ)، تيزي، سختي، تکائي.

ڇريھ: (سن. ڇڌِ وشتِ)، ويھ ۽ ڇھ.

ڇھارو: (سن. ڪشَت + دارَ)، ڪارڪ يا ڪتل جو قسم.

ڇهاسي: (سن. شَڌشيتِ)، اسي ۽ ڇھ.

ڇَھر: (سرا. ڇھَر. پرا. ڇوھر. سن. شاوَڪ)، ڇوڪرو.

ڇَھَل: (سن. ڇَل)، مڪر، ڏڳي، چانهر، ڇند، فَندَ.

ڇهند: (پرا. ڇمُ. سن. ڇڌمَن)، ڍونگ، مڪر، ڇندَ.

ڇَهَڻ: (سن. ڇَپ)، لڳڻ، گسڻ، ڇهڻ.

ڇيت: (پرا. ڇتِ. سن. ڇتّ. ڇڏ = ڍڇڻ)، ڪاٺي جي
ڪَل، سنهڙي تکي ڇپر.

ڇيڄ: (سن. شنجُ = کهنکهڻ جو ڇمڪڻ)، ڇمڪو،
خوشي، ناچ، گانو.

ڇيڇڙو: (پرا. ڇڇّ. سن. ڌڇّ)، وَکو گوشت جو نڪمو
ڀاڱو.

چِيڊ: (پرا. چيڊ. سن. ڇيڊ. ڇِڊ = ڇڇڻ)، تفريق.

چيِرَڻُ: (سن. ڇيدَنَ)، چيرائڻ، چيرو ڏيڻ، آپارڻ، پڙڪائڻ.

چيِرُو: (ڏن. ڇييو. سن. ڇيدَ)، حد، ڇڙي، انت.

چيلو: (پرا. چِکَلَ. سن. ڇِکَلَ)، پڪرو.

چيٽُو: (هيم. چاڻَ. سن. ڇِکُڻ)، ڪانءِ يا پينهن جو قوسو، ٿاڪ.

چيِهُ: (سن. ڇِيدَ. ڇِڊَ=زخم ڪرڻ)، چير، زخم، گهاءُ، حد.

چِيهَلِ: (سن. شنبر؟)، هرڻ. هرڻ جي اڪ سهڻي ٽيندي آهي.

جَمَ چِيهَلِ، ناس ڪِيهَلِ، هنِدوي هونتَ رَتانِ.
(سينگار)

# خ

خانَقاهُ: (ع > ف. خانگاه > خانه = گهر + گاه = جاءِ)، پيرن ۽ فقيرن جي وهڻ جي جاءِ.

خانَمانُ: (ف. خان مان> خانه=گهر+مان=سامان)، =گهرُ ترُ.

خاوَرُ: (ف. > خاوَر. خار=چوڏهين جو چنڊ + ”ور“ فاعليت جي نشاني)، اولهه، اوڀر، سج.

خاوَندُ: (ف. > خانه وَلد. خانه=گهر + وَند = وارو)، صاحب، ڌڻي.

خُدا: (ف. خود+آ. خود = پاڻ + آمدن=اچڻ . پاڻهي ايندڙ)، مالڪ، ڌڻي تعاليٰ.

خُداوند: (ف. خدا+وَند=جهڙو)، مالڪ، ڌڻي.

خَرارُ (ف. خُروار). ڏسو ”خروار“.

خَراسانُ: (خَر = سج+ آسان : آستان= ملڪ. فارس ۽ عراق. جي اڀرندي ۾ آهي)، ملڪ جو نالو.

خَربَزه: (ف. خر = وڏو + بَزه = مٺو، سَرهو. گهڻن ميون کان وڏو ۽ سرهو آهي)، گدرو.

خَرزِين: (ف. خَرزِين = گڏهه جو هنو)، پوري جو اسر، ڪوٺري.

خَرخَسو: (ف. خَرخَشه)، ڪَڙاڪ، جهيڙو، ڏقير.

خِرمَن: (ف. خِر= وڏو + مَن = بار)، اَنّ يا سنگن جو ڍڳ، فصل.

خَروارُ: (ف. <خَربار. خَر = گڏهه + بار= وزن. ايترو بار، جو گڏهه کڻي سگهي)، ويهه مَڻ تورَ اَنّ.

خيرباد: (ف. خير = چڱو + بار = هجي. خير هجي)، موڪلائيءَ جا لفظ، خدا حافظ.

## د

داپَ: (پرا. دَپُ. سن. دَرْپَ)، دٻاءُ، زور، ٻار.

داتا: (سن. داتا)، ڏيڻ وارو، سخي.

داڪَ: (سن. سٿاپن. سٿا = قائم ڪرڻ)، ٿاڪَ، ڪڙمين جو ڪاٺ جو اوزار، جنهن سان آلي زمين کي مٿان گهمائي، سڌو ڪندا آهن.

دارُون: (ف. دارو. سن. دْرَوَيَ)، دوا، علاج، ٻڪي.

داڙو: (سن. داڙُرو. دا = ڏيڻ)، مددگار.

داسُ: (پرا. داسُ. سن. داسَ)، نوڪر، ٻانهو.

داسو: (سن. دْرَشَتْ)، ڪاٺ جو سوڙهو شهتير جو قسم، ٿاهي ڪاٺ جي پٽي.

داڳُ: (ف. داغ)، ڏنبُ، چٽو، داسُ (ڀاڃي وغيره جو).

دالِ: (پرا. دالِ. سن. دَلْ=ڏرڻ)، مڱ، مٽر وغيره ڏريل، ڀاڃي جو قسم.

دالچيني: (ف. دار. سن. دار = ڪاٺ + چيني = چين ولايت جو)، سرهي وکر جو قسم.

دامِني: (سن. سَودامِني)، کنوڻ، وڄ، ترني، ڪنگورَ.

دامنيون سپ ڏور تيون، آنگ اندر چولي.
(بود و)

ڪنجن خوب ڏس دامڻن، لطيفي لاتيان. (الڙ)

دان: (پرا. داڻ. سن. دانَ)، خيرات، ڀيک ڀڄ.

دائو: (ف. دانہ. گ. دائو. پرا. دَتا. سن. دَاتِيه)، ڪڻو، آن، اناج.

داوَر: (ف. داد ورَ. داد= عدل+ "ور" فاعليت جي اشاني)، عادل، حاڪم.

دائِي: (ف. دايہ. گ. دائِي- پرا. دَتِي. سن. دَاتِري. دا= ڏيڻ)، جا وير ڪرائي، جا ٻچن جي خدمت ڪري.

دَبِستانَ: (ف. آدَبستان. ادب = چڱي هات + سِتان = جاه)، مڪتب.

دَبائِڻ: (سن. دَمَنَ. دَمْ=زور ڏيڻ)، زور ڏيڻ، هيسائڻ، اک ڏيکارڻ.

دَپارا: (سن. دُوِ = ٻ + پارَ = پاسو)، ٻه پار، ٻنهي طرفن جا.

پاڻ پور مل سيف دَپارا، ڪن پيا تيز خنجر ڪي.
(جلال)

دَڇَنَ : (پرا. دَسَڻَ. سن. دشن)، ڏند.

باڪ بدن برق جو بهتر، ڏر الدر دَڇن دهاني.
(جلال)

دَڌِ : (سن. اَدڌِ)، سمنڊ، ساگر.

دَڌِسُتَ : (سن. اَدڌِ = سمنڊ + سُت = پٽ. سمنڊ جو پٽ، پيدائش)، موتي.

دَڌِسَتَ پينسر بين ۾، پِرون پونر پونگ.

(مگٿهار)

ڌي ڦرَ ڦرَ ڦوهارن جي، دَڌِسَتَ صاف سموند.

(جلال)

دُراچاري : (سن. دُراچاري. دُشٽ = خراب + آچار = چال چلن، ريت)، پاپي.

دُراهو : (ف. دو = ٻه + راهَ = رستو. ٻن رستن وارو)، ڪجهارت، يا هنر جو قسم، جنهن ۾ ٻن قسمن جي لِک رکيل هجي.

دَرْپَڻَ : (پرا. دَپڻ. سن. دَرپڻ)، آهينو، آرسي، درسني.

دُرْدَشا : (سن. دُردشا)، خراب حالت، بري حالت.

دَرْزي : (ف. دَرزن = سئي. درز = ٽوپو + زن. زدن = هڻڻ)، ڪپڙو سبندڙ.

**دَرَسَ:** (سن. دَرْشَ)، ديدار، نظر.

قرين ڪنيار ڇڻي، جنهن دُرَسَ ڏِکايا ڏُلَ.

(ڪنيار)

**دَسْتاوَ:** (ف. دَست=هٿ+"آر" نسبت جي نشاني. جو هٿ سان ٻڌو وڃي)، ٻنڪو، ٻڪ.

**دُرَسِنِي:** (سن. دَرْشَنِيہ. دَرْشْ=ڏسڻ)، آهينو، آرسي. اها هَندِي (ناڻي جي ڇڻي)، جنهن سان پيسا ڏيکارڻ تي هڪدم ملن.

**دَرشَنَ:** (پرا. دَنسَڻ. سن. دَرشَنَ. دَرْشْ=ڏسڻ)، درسن، ديدار.

**دَرْگاهُ:** (سن. دُرْگا. دَرْ=مشڪل+گَ=گَمُ=وڃڻ. اهو جنهن ۾ مشڪل وڃي سگهجي)، قلعو، ڪوٽ، ديوي.

**دَرْلَبَ:** (سن. دَرْلَبَ. دَرْ=گهٽ+لَبَ=لڀڻ)، الڀ، ناياب، انوکو.

**دِرَمُ:** (ع. دِرهَمْ. پرا. دَمُ. سن. دْرَمْ<يو. دِرام Drachma)، سڪي جو قسم.

**دَرَنگِي:** (ف. دو+رنگ. سن. دِوْ+رنگ)، ٻِرنگِي ڪوڙي.

دَرْويش: (ف. دَرويز=درآويز. در=دروازو+آويز. آويختن = لٽڪڻ. جو دروازي کي لٽڪي يعني پينو. ٢- ”دريوزڳري“ ”درويز“ ٿيو ۽ مٿجي ”درويش“ ٿيو. در= دروازو + يوز- وزيدن: يوزيدن = چنبڙڻ. دروازن کي چنبڙندڙ يعني پينو ٣- در= موتي+ويش: واش: وش=مثل، جهڙو. موتيءَ جهڙو يعني الله لوڪ فقير)، پهتل شخص.

دَڙڪي: (س. دَلَن)، گهوڙي جو پنڌ.

دَڙي: (س. دَل)، دڪي، ڏلهي.

دَسترخوانَ: (ف. دَستارخوان. دَستار= پٽڪو، ڪپڙو + خوان=خوانچو)، ڪپڙو جو خونچي تي هوي يا جنهن تي ماني کائجي.

دَسْتُور: (ف. دَستور. دست = هٿ، گادي، طاقت+ ”ور“ نشاني فاعليت جي)، قانون ۽ قاعدو، طرز.

دَسو: (ف. دَشالَ. س. دُوشاٽَ)، اوني لوئي جو قسم. دَسا پهرن ديسَ تي، مارو ريٽا ڪن. (هنر)

دَسهڙو: (س. دَشهرا. دَش=ڏهه + هر=ڪٽڻ. ڏهه پاپ ڪٽي وجهڻ. ١- ٽي ڏوهه جسم جا: خون، چوري، زنا. ٢- چار ڏوهه زبان جا: گندي گفتگو، شوخ پوڻ، گلا ڪرڻ، ڪوڙ ڳالهائڻ.

٣- ٽي ڏوهہ من جا: پرائو مال تڪڻ، دل ۾ خراب خيال ڪرڻ، ايمان نہ آڻڻ. هندن جي عقيدي موجب، جيڪڏهن هو گنگا نديءَ ۾ سنان ڪندا تہ سندن پاپ لهي ويندا)، درگا ديويءَ جي پوڄا جو ڏينهن؛ هندن جو وڏو ڏڻ.

ڊِشاشَولَ: (سن. دِڪشُولَ: دشاشُول)، آهو طرف، جنهن ڏانهن ڪنهن خاص ڏينهن تي وڃڻ بدسَوَڻ هجي.

ڊَشٽ: (سن. ڊَشٽَ. ڊَشٽ=دشمني ڪرڻ)، پاپي، لچ، خراب.

ڊَشمَن: (ف. ڊَش: ڊَشت=خراب+مَن = دل. سن. ڊَشٽ =خراب+مَن=دل. جنهن جو من خراب هجي)، ويري، ڏچڻ.

ڊَشوارُ: (ف. ڊَش = خراب + ”وار“ نسبت جي نشاني)، آوکو، ڏکيو.

ڊَڪو: (سن. ڊَوِڪ)، آني جي چوٿين ڀاڱي جو وزن.

ڊَکَ: (پرا. ڊَکّ. سن. ڊَهکَ)، ڏک.

ڊَکَڻ: (سن. ڊَهُ)، پرڻ.

ڊَگنو: (سن. ڊَوِگُڻَ. ڊَو=ٻہ+گُڻَ=ڳڻ)، ٻن ڳڻن واروءَ ٻيڻو، ٻٽو.

ڏگنا دام دلبر جا، وِجهن ڪونڌَر ۾ ڪجلو.
(ڪنيار)

دِڪَ: (سن. دِڱڌ)، ڏکلو، ڇميل رت جو ٽڪر، ڏونري جو ڇَڪو.

دَلَ: (پرا. دَلَ. سن. دَلَ)، لشڪر، فوج، گهٽا.
قريبن ڪنيار ڇٽي، جنهن دَرَس دکايا دَلَ.
(ڪنيار)

دَلَ: (سن. دِيلا=اک جو تارو)، اک، تارو.

دَلبو: (سن. دَلَبَ)، ڏتو، گشو.

دلارو: (سن. دُرلالن)، پيارو، لاڏلو.
سيب ذقن، لب لاکيڻا، دهن سين ڏلارا. (ڪنيار)

دَمڙي: (سن. دَرم)، پيسي جو اٺون حصو.

دَمَڪ: (هہ. چمڪ. سن. چمتڪر)، چمڪ، شوڀا.

دِنَ: (پرا. دِڻ. سن. دِنَ) ڏينهن.

دَنَ: (سن. تُنبِ)، ناف. ناڀ.

دَند: (ف. دندان. سن. دَنت)، ڏند.

دَنگَل: (ف. دَنگَل)، آکاڙو، پهلوانن جي ڪشتي.

دَوار: (سن. دْوار)، در، دروازو.

وچ ڪنهن ٻئي ديس ڊوار، ڪَن هَٽَ هتون.
(سَر موڪي - هنر)

ڊوبدو : (ف. روبرو. سن. ڊويور پرڊوي)،
منهن مقابل، آمهون سامهون.

ڏور: (ف. ڏور. سن. ڏور)، پري، وِٿيرڪو.

ڏوڙڻ : (پرا. ڏاوڻ. سن. ڏاوَن)، ڊوڙڻ، ڊَڪڻ.

دوست : (ف. دوست. دوس. دوسيدن = چنبڙڻ : پاڪر
پائڻ = "ت" وڌيڪ آهي)، ورين، پيارو، سنگتي.

دوش : (سن. دوش)، ڏِل، اوگڻ، ڏوھ، پاپ.

دوڪو: (سن. ڌوڪتا)، چَل، دغا، ٺڳي.

دوڪ : (سن. سٽوڪ)، ذرو، ٽڪر، گِنڊو.

دولاب : (ف. دولاب : دولابہ = نار، جنهن سان کوھ
مان پاڻي ڪڍجي)، ٺڳي، ڊوھ.

ڏونهون : (پرا. ڏوم. سن. ڏوم. ڏو = ڊچڻ)، پرندڙ
ڪاٺين مان نڪرندڙ ڪاري هوا.

دوهڙو : (ھ. دو + "هرا" پچاڙي. سن. ڊوِ = ٻہ + "هرا"
پچاڙي. ٢. سن. ڊوِپدا)، دوپدا، دوهو، ٻن
سٽن جو شعر.

دوهو: (پرا. دوھا. سن. ڊوِڌا. ڊوِ = ٻہ)، دوهڙو.

دَهْرو: (سن. دُو + "هَرو" ڀڃاڙي)، ڪُورو، وزندار، ڳرو.

دَهْري: (ف. دَر = موتي)، زيور جو قسم.

دَهْقانُ: (ع. < ف. دِهگان. دهه = ڪوٽ + "گان" نشاني نسبت جي. ٢- دِهه + ڪان = خان = سردار)، ڪوٽائو، ڪوٽ جو سردار.

دَهَلَڻ: (سن. دَرْ = ڊڄڻ + هَلُ = ڌڪڻ)، ڊڄڻ، لرزڻ.

دَيا: (سن. دَيا. دَيہ = رحم ڪرڻ)، رحم، ٻاجهه.

ديباچو: (ف. ديبا = پَٽ جو ڪپڙو + "چہ" اسم تصغير جي نشاني. ٢. ديباج < ف. ديباه = ريشمي چوغو: اڳي ڪتاب جي پهرين صفحي تي چٽ ڪيندا هوا)، مهاڳ، منڍ.

دِيپَڪَ: (سن. دِيپڪ. دِيپَ = ڏيئو)، راڳ جو قسم، ڏيئو.

ديرو: (ف. ديره: ع. دائره. سن. سَمِيرِي)، مڪان، جاءِ.

دِيسَ: (پرا. ديسَ. سن. ديسُ)، وطن ڏيهه.

ديڳَڙَ: (هيم. ديڳء. سن. دَرِشَ)، ڏسڻ.

ديڳ: (ف. ديگ)، وڏو ديڳڙو.

دِينُ: (سن. دِين)، غريب، مفلس.

دِيناداستي: (ف. ديده دانسته)، ڏسي وائسي.

دِينارُ: (ع. دِينار. سن: دِينارُ)، هڪ سونو سڪو.

دِينَ ڏَيالُو: (سن. دِيندَيالُ. دِينَ = غريب + ديالُ = مهر ڪرڻ وارو)، غريبن تي مهر ڪرڻ وارو، ٻاجهارو.

ديو: (ف. ديو. پرا. ديو. سن. ديو. دِوُ=چمڪڻ)، ديوتا، جِنُ ڀوت، پرين جو مڙس.

ديوالِي: (سن. دِيپاولي. دِيپَ = ڏيئو + آولِي = قطار)، ڏيوالي، ڏياري.

ديوتا: (پرا. ديوتا. سن. ديوتا)، ديو، خدا، فرشتو.

ديولِ: (پرا. ديئل. سن. ديواليہ. ديو = ديوتا + آليہ = جاءِ. ديوتائن جي رهڻ جي جاءِ)، ڪرستانن جو پاڪ آستان.

ديوي: (پرا. ديوِي. سن. ديوِي)، ديو استري، عورت، رائي.

ديهِ: (پرا. ديهہ. سن. ديهہ)، جسم، بدن.

دلبر ديهہ، بدر جان، انس آطلس جهڙا انگ. (جلال)

ڏِئي: (سن. ڏيِتَ)، ڏَئو، چمڪ، جلوو.

# ڏ

ڏاتِ: (سن. ڌرِتِ = ڄهلڻ)، عادت، نمونو، طرز.

ڏکين ڏاتِ پئو، هنيڙو لوهہ سندا ڄڻن،

(شاهہ ڪريم)

ڏاتو: (پرا. ڏاڻ. سن. ڏاتَ)، معدني شيون، لفظ جي ڄڙ، بنياد، مادو.

ڏاتورو: (گ. ڌتورو. پرا. ڌتور. سن. ڌتور)، ٻوٽي جو قسم.

ڏاچا: (سن. داتَ)، گيڙوءَ رتل.

ڏار: (پرا. ڏار. سن. ڏار)، وهڪرو، تيزي.

ڏارڻ: (سن. ڏارڻ)، رکڻ، جهلڻ، سنڀالڻ.

ڏاڙو: (سن. ڏارا)، ڦرلٽ، گهڻن چورن جي ڪم.

ڏاکو: (گ. ڏاکو. هير. ڏروگا. سن. تاڙڪو)، ڏورو، سکو.

ڏام: (سن. ڏامن)، جاءِ.

ڏام-ڏامو: (پرا. ڏام. سن. ڏامن = ڀالڻ)، ڪاڏو، پرچن.

ڏانڌل: (گ. ڏانڌل، ڌن. ڌڌولي. سن. ڌونڌو،

ڏو=ٻ+ڏو=ٻ)، ٻـکيڙو، ڪنراڪب، حجت.

ڏاٽا: (گ. ڏانا. سن. ڏاٽا)، مصالح جو قسم.

ڏاوڻ: (سن. ڏاوَنَ=صاف ڪرڻ)، وهنجڻ، سنان ڪرڻ.

ڏهر: (پرا. ڏوَل. سن. ڏوَلَ)، اڇو، سفيد.

ڏتارڻ: (پرا. ڏتّ. سن. ڏورتيِ)، لڱڻ، ريبڻ.

ڏپ: (سن. ڏوپ)، آس، سج جي روشني.

ڏج: (گ. ڏجا. سن. ڏوجا)، جهنڊي، ابيرق.

ڏچڻ: (سن. دشن. آنش)، ڏندن جي سفيدي، چلڪو.

ڪامڻ ڪنول ڪريل قل، ڏهنون ڏچن ڏچڻ.
(خضر)

ڏڏڙ: (سن. ڏولِ)، مني، رئي، ڏوڙ.

ڏڏڻ: (سن. ڏو)، لڏڻ لچڪڻ.

ڏر: (پرا. ڏرا. سن. ڏرا)، ڌرتي، زمين.

ڏرتي: (سن. ڏرتري)، زمين.

ڏرپت: (سن. ڏرپڻ)، آهينو، آرسي.

ڏوئي ڏرپت جان ڪري، ساهه سينگارن سال.
(جلال)

ڌرتي: (سن. ڌرتد=ڌوهي جو قسم)، نوڙي، سٽ سري.
هن لفظ جو استعمال ڪاوڙ وقت ڏيندو آهي.

ڌرم: (پرا. ڌمّ. سن. ڌرم. ڌرم=جهلڻ، پڪڙڻ)، مذهب.

ڌرمشالا: (سن. ڌرم+شالا=جاءِ)، مسافرخانو.

ڌرڻ: (پرا. ڌرڻ. سن. ڌرڻ. ڌر=رکڻ)، رکڻ.

ڌرو: (سن. ڌر)، بيل گاڏيءَ جو ڳن.

ڌرو تارو: (ڌرو تارا)، قطب تارو.

ڌڙ: (سن. ڌرو. ڌر=جهلڻ)، بدن جو وچ.

ڌڙا ڌڙ: (سن. ڌر)، لڳا تار، جلدي جلدي.

ڌڙڪ: ڏسو "ڌڙڪ".

ڌڙي: (سن. ڌٽڪا)، پنجن سيرن جو وٽ، وزن، پنج سيري.

ڌڪار: (پرا. ڌڪار. سن. ڌڪار)، نفرت، ڇڄان.

ڌڪاءُ: (سن. ڌم)، ڪرڻ جو آواز، ٽڪرجڻ جو آواز.

ڌڪڙ: (سن. ڌو=ٻه+ڪنڊ=ٽانءُ)، طبلي جو قسم.

ڌڳائڻ: (سن. ڌڳڌ)، ٻارڻ، ڌڳائڻ، خوب گرم ڪرڻ.

ڌم: (سن. ڌوم=ڌونهون)، هل، شور، غلغلو.

ڌمڻ: (پرا. ڌمڻ. سن. ڌمن. ڌما: ڌم = ڦوڪڻ)،
ڦوڪڻي، ڌنوڻ، ڌنوڻي.

ڏَنُ: (سن. ڏَنَ)، مال، ملڪيت، پُونجي.

ڏِنُ: (سن. ڏِيانَ. ڏِيي = ڏيان ڪرڻ)، خيال، لَنوَ، موج.

ڏَنِ: (سن. ڏوَن)، آواز.

ڏَناسري: (سن. ڏناشري)، هڪ راڳڻيءَ جو قسم.

ڏَڃَڪَرَ: (سن. گهن = جهڙ + چَڪر = ڦيرو)، بيوقوف.

ڏَنڊُ: (سن. ڏوم: ڏومر)، ڪوهيڙو، لڙاٽ، انڌارو، رَو.

ڏَنڌو: (گ. ڏنڌو. سن. ڏنڌانيم)، ڪام ڪاج، ڪاروبار.

ڏَنِش: (سن. ڏنس)، ڪمان.

ڏَنوڻ: (سن. ڏما)، ڦوڪڻ.

ڏَڻُ: (سن. ڏَنَ)، چوپايو مال.

ڏُڻِي: (سن. ڏَني= ڏڻ وارو، مالدار)، مالڪ، شاهوڪار.

ڏوبي: (ڌاوڪ)، ڪٽي.

ڏوتِي: (سن. آڌووستر. آڌو= هيٺ+وستر=ڍڪ، ڪپڙو)، گوڏ جو قسم، جا اڪثر هندو پڌلدا آهن.

ڏوتِي: (پرا. ڏوتِي. سن. ڏوتِي)، نياهو آئيند ڙ عورت، پڙوسي.

ڏوپُ: (سن. ڏُرپَ)، واس ڌوپ، خوشبو.

ڏوڏي: (پرا. دوڏ‎ء. سن. ڏرت)، ڏنڻ، ڏنڍي.

ڏوڙي: (سن. ڏرِيہ)، ثاني، مٿ، ٻيڄي.

ڏون ڏون: (پرا. ڏمڏما. سن. ڏمڏما)، ڏمڻ کي ڦوڪڻ جو آواز.

ڏولس: (سن. دنش)، ڏمڪي، رعب تاب.

ڏوٽڻ: (پرا. ڏٽڻ. سن. ڏوتڻ. ڏو = ڇورڻ)، لوڏڻ.

ڏوئڻ: (پرا. ڏوڻ. سن. ڌاوڻ)، ٻاٺيءَ مان صاف ڪرڻ.

ڌيان: (سن. ڌيان)، خيال، سمجهه، چيتو.

ڌيرج: (پرا. ڌج. سن. ڌيرِيہ)، تحمل، بردباري، صبر.

ڌيمي: (سن. مڌيہ)، آهستي آهستي، ڌيري، وٽندڙ.

ڌيءَ: (پرا. ڌيئا، سن. ڌهتر. ڌهہ + ڏهڻ. اڳي ڌيئن تي ڪير ڏهڻ جو ڪم رکيل هوندو هو)، نياڻي، دختر.

## ڏ

ڏات: (سن. دات. دا = ڏيڻ)، بخشش، نعمت.

ڏاتار: (سن. داتر. دا = ڏيڻ)، داتا، سخي، ڏاتر.

ڏاٽو: (پرا. دتّ. سن. دانر)، ڪڙمين جو هڪ اوزار، جنهن سان لا بارو ڪندا آهن.

ڏاٽ: (سن. دَنشٽرا. دَش=چڪ وجهڻ)، هوڙ.

ڏاجَ: (سن. دايہ. دا=ڏيڻ)، ڏاجو.

ڏاڏو: (سن. تاتَ)، پيءُ جو پيءُ.

ڏاڍو: (پرا. دَڍَ. سن. ڏرڍَ=پختو)، مضبوط، سخت.

ڏارو: (سن. دَرّ)، ڏريل آنّ، ڇاوو، ڇانورن جو ڪيرو.

ڏاري: (گ. ڊاري. هيم. ڏن. ڊالِي)، ٽاري، شاخ.

ڏاڙهون: (سن. داڙمِ. دَلّ=چيرڻ، ڦاٽڻ)، آنار، ميوي جو قسم.

ڏاڙهي: (سن. داڍِڪا)، سُونهاري، ريش.

ڏاڪَ: (م. گ. داڪ. سن. ڍَڪّا=ڍولڪيءَ يا ڊيبڪيءَ جو قسم)، رَڙ، هُل، سُڏڪن سان پريل آواز.

اوچنگارن سان آڏَ ڪيائين، ڏونگر ڏيئي ڏاڪَ.
(حمل)

ڪُميون ڪَڇون، لُڏڙا، ڏاڪَ ڏين ڏيڏر.
(حفيظ)

ڏاگهه: (پرا. داگهه. سن. داهَ. دَهُ=سڙڻ)، باهه، چڪيا.

ڏاگهو: (سن. ٽَنڪا=ٽنگ)، آٽ.

ڏاليِ: (سن. ڊلَڪ)، ميوات سان ڀريل سوغاتي ٽوڪرو.

ڏاندِي: (سن. ڏنڊَ)، ٻُونڊي.

ڏاڻ: (سن. دانَ. دا=ڏيڻ)، ڪاڌو، خوراڪ، بخشش.

ڏاوڻُ: (پرا. دامڻ. سن. دامَن)، پيندَ، آٽ جي پيرن جي ٻڌڻ جي نوڙي.

ڏاوڻِي: (پرا. دامڻِي. سن. دامَني)، کهٽي جو قسم.

ڏاهَ: (ف. داهہ. سن. داسِي)، ٻانهي، گولي، پورهيت.

ڏاهِ: (پرا. داهَ. سن. داهہ) ساڙو، تپش.

ڏُٻرو: (هيم. دُبلَ. پرا. دُبلَ. سن. دُرٻلَ. دُرْ=گهٽ+ ٻَلَ=طاقت)، ڪمزور، هيڻو.

ڏَيَڻَ: (پرا. دَهڻَ. سن. دَهنَ. دَهہ=سڙڻ)، سڙڻ، جلڻ.

ڏَتڙ: (پرا. دَتڍِي. سن. دَسٽِي. دُسْ: دُشْ=خراب. ٽِي: تَٽَ=ڪنارو)، اوکو تڙ، خراب حالت وارو.

ڏَنو: (سن. دانت)، حقي يا چلم ۾ نڙ يا گوء جي ڪنڍِ.

ڏَجهڻَ: (پرا. ڊجهڻ: ڊهڻ. سن. دهڻ. دهہ=سڙڻ)، سڙڻ، ٻرڻ، جلڻ.

ڏَچَر: (سن. دُرچر. دُر = کوٽ + چَر = ڪاٽڻ، چرڻ)، ڏور ڪاٽڪ. ضد "سُچَر".

ڏڌ: (پرا. دَڏ. سن. دَگڌَ)، دُهَ = ڏهڻ)، لسيءِ، جهڻ.

ڏڌورَ: (پرا. ڊَڏ. سن. دَگڌَ)، ڏڌل، جليل، سڙيل.

ڏڍ: (سن. دُرڍَ = ڏاڍو)، آسرو، آٿت، همت.

ڏڍ: (سن. دَدُر)، چمڙيءَ جي بيماريءَ جو قسم.

ڏرِ: (سن. دَرُ) ڏرڙ، ٻر، ڏرو، ٽنک.

گدڙ کي گٻي ٻوئي، ته ڏر ۾ وڃي لکي.
(پهاڪو)

ڏر: (پرا. دَر. سن. دَر)، خوف.

ڏرت: (سن. دُرِتَ)، مصيبت، آفت.

ڏرڻ: (پرا. دَلَن. سن. دَلَن. دَلِ = ڏرڻ)، ڏارو ڪرڻ، ٻيهڻ.

ڏس: (سن. دِشا)، طرف، پاسو.

ڏساسول: ڏسو "دشاشول".

ڏسڻ: (سن. دِشِ)، ٻڌائڻ، ٻاسڻ، سکڻ، ڏيکارڻ.

ڏسڻ: (پرا. ديکّ. سن. دُرشِ)، پسڻ، نظر ڪرڻ.

ڏڪار: (سن. آڏڪار. + آڏ = مٿي + ڪر = منهن ڪان نڪرڻ)، پيٽ مان نڪتل هوا، جا وات مان آواز ڪري نڪري، آنٽي ڪرڻ وقت آواز.

ڏڪار، (سن. دُشڪال. دُشٽ = خراب + ڪالَ = وقت)، ڏُڪر، قحط.

ڏِڪ: (پرا. دِڪا. سن. دِيڪشا)، مڱڻ ساٽ، مينگار.

ڏَڪ: (پرا. دَڪ. سن. دَهڪ)، دک، درد.

ڏَکڻ: (پرا. دَکڻ. سن. دَڪشڻ)، ڏکڻ طرف.

ڏَگرو: (سن. دَلڊڪ + ”ور“ پچاڙي)، مَگدر يا مترڪي جو قسم.

ڏَلڻ: (سن. دَلْ = لَڏڻ)، ڏاِيي وڃڻ، ڪمزور ٿي وڃڻ.

ڏَلهو: (سن. دِلڪَ)، ڪاٺي ڪٺڻ يا پنجهو وجهڻ جو ٽوڪرو، ڪارو.

ڏَن: (سن. دَنڊ)، ڍل، محصول، ڏنڊ چٽي.

ڏَند: (ف. دندان. پرا. دَنتَ. سن. دَنتَ)، ڏَچڻ، دند.

ڏَنڊ: (سن. دَنڊ)، جرمانو، سزا، عوض، ورزش جو قسم.

ڏَندو: (پرا. دَنڊ. سن. دَنڊ)، سوٽو، داسو.

ڏنڊوتِ: (سن. دَنڊوَتْ. دَنڊَ = ڏنڊو + وَتَ = جهڙو)، نمسڪار، جهڪي سلام ڪرڻ.

ڏنگَ: (پرا. ڍَنسَ. سن. دَنشَ)، وچون، نانگ وغيره جو چڪ.

ڏنگڻَ: (پرا. ڍَنسَڻَ. سن. دَنشَنَ)، ڏنگ هڻڻ.

ڏِڻَ: (پرا. دِڻَ. سن. دِنَ)، هندن جو ٻوتر ڏينهن، ڏينهن.

ڏوڏي: (سن. تَنڊَ)، پست جو ڦل، جنهن مان آفيم نڪري ٿو.

ڏورِ: (هيم. دَورو، دورو. پرا. دورَ. سن. دور)، ڏوري، رسي، مهار، ٻيت جو قسم.

ڏورِ: (ف. دُور. سن. دُورَ) پري، وِڇِيرڪو.

ڏوڪو: (سن. ڍِڪّا)، لَڪڙي، جا دهل تي هڻجي، ڪتل يا ڪارڪ، جا اڃا سخت هجي.

ڏولَ: (سن. ڏَلْ = مٿي ڪرڻ. ع. دَلْو)، پاڻي پرڻ جو ٿانءُ.

ڏولائو: (سن. دولا. دَلْ=لڏڻ)، تڪليف، پريشاني.

ڏولي: (پرا. دولِي. سن. دولڪا)، پالڪي، ڪجاءُ.

ڏونگر: (گ. ڏُنگر. هي. ڏنگرو. سن. تنگ = مٿي)، ٽبل، روهه، ڇپر، پهاڙ.

ڏوهه: (سن. دوش. دش = خطا ڪرڻ)، خطا، گناهه، جرم.

ڏوهٽو: (پرا. دوهت. سن. دوهتر)، ڌيءُ جو پٽ.

ڏوهٽو: ڏسو "دوهٽو".

ڏوئي: (ڌن. ڏوي. هي. ڏوئي. سن. درو)، ڪاٺ جو چمچو.

ڏيئو: (پرا. ديو. سن. ديپ)، مٽيءَ مان ٺهيل چراغ.

ڏهه: (پرا. دس. سن. دشن)، نَو ۽ هڪ.

ڏهاڙو: (گ. ڏهاڙو. سن. دوس. دو = چمڪڻ + "ڙو" اسم تصغير جي علامت)، ڏينهن، روزانو.

ڏهاڪو: (سن. دشڪ)، ڏهن جو عدد.

ڏهاڳ: (سن. دُرڀاڳيہ. دُر = خراب + ڀاڳيہ = ڀاڳ)، بدقسمتي. ضد "سهاڳ".

ڏهڪار: (سن. ڌسيہ)، خوف، ڀيانڪ حالت.

ڏهلو: (پرا. ڏهلا سن. دهڪت + "لو" پڇاڙي)، ڏکيو، مشڪل.

ڏَهَڻ: (پرا. ڏهَڻ: دوهَڻ. سن. دوهَنَ. دَهْ = ڏهڻ)، مڱنڌڙ يا کير ڏيندڙ جانور مان آهستي آهستي کير ڪڍڻ.

ڏَهِي: (پرا. دَهه. سن. دَڌِ)، جهڻ، ڏَڌِ، ڌونرو.

ڏَهِي: (سن. دِشا)، ڪپڙي جي باريڪ تَندَ، ذرڙي.

ڏِيارِي: ڏسو "ديوالي".

ڏَيا: (سن. دَيوِيا)، حشمت، رعب، ڪَلا، جوت، روشني.

ڏيڏَرُ: (هيم. ڋڋرو. سن. دَرَدُرَ)، ٽان ٽان ڪندڙ ننڍڙو جانور.

ڏيڏ: (سن. اَڏيرڏ)، هڪ ٻ اڌ.

ڏيڍي: (ف. دِهليز. سن. ديهلي)، ٻاهرين دروازي ۽ گهر جي وچ ۾ پٽ.

ڏيرُ: (ڏن. ڏيرو، ديرو. پرا. دِئر. سن. ديورَ)، مڙس جو ڀاءُ.

ڏيرو: ڏسو "ديرو".

ڏيساندَرُ: (پرا. ديسنتر. سن. ديشانترءِ. ديش = ملڪ آنتَر = ٻيو)، پرڏيهه، ٻيو ملڪ.

ڏيساوَرَ: (سن. ديشاھر. ديش = ملڪ + آپر = پيو)، پيو ملڪ، جتان مال موڪلجي يا خريد ڪجي.

ڏيورو: (پرا. ديوَل. سن ديوالِيہ. ديو = ديوتا + آلَيہ. =جاء. ديوتائن جي جاء)، مڙهي.

## ڊ

ڊاپ: اصل لفظ آهي "درم". ڏسو "درم". ٢- ھ. ڏرب. سن. ڏروبہ.

جي خزانا مڙ لڳي ڪو، اھل دنيا جو هزار،
ناهي تهڙو جهڙو ڏئي، مسڪين ٿو هڪڙو ڊاپ،
(گل)

ڊاڪو: (سن. ڏسيہ)، لٽيرو، آڙاھ، چور، ڌاڙيل، بدمعاش.

ڊالڻ: (سن. تلن)، وجهڻ، پلٽڻ.

ڊاک: (سن. ڏراڪشا)، انگور.

ڊانوانڊول: (سن. ڏاوَن+ڊولن)، بگاڙيل، منجهايل، الٽ پلٽ.

ڊاهڻ: (سن. ڌونس)، ناس ڪرڻ، بگاڙڻ.

ڊَڀ: (پرا. ڊَڀ. سن. دَرڀ. درڀ = ڪنڊ ڏيڻ)، ڪريدار گاھ جو قسم.

ڊَڀُ: (سن. ڏروڀيہ)، دوا، اڪين جو دارو.

ڊ ڏي: (پرا. ڊِڏِم. سن. ڊِڊِرشِٽا. ڊِڙُ = رکڻ)، مچلائي، نڙپٽو، ڏوڙ، هوڙ، بي هوشي.

ڊ ڏو: (پرا. ڊِٽ. سن. ڊَرِشٽ)، بي شرم، اکين جو پڪو، بي ديدو، هوڏي.

ڊ چڻ: (سن. دَر. ڏرَ = ڊچڻ)، ڏرڻ، ڀو ڪرڻ.

ڊَ ڪَڻ: (سن. تَڪشَڻ)، واڍو.

ڊِ ڪهو: (پرا. ڊِيهه. سن. ڊِيرگهه)، لنبو، وڏو.

ڊَم: اصل لفظ "درم". ڏسو "درم".

ڀنجين ڊميَن ڊم، ڪڍجي ڪي سڄڻين.

(شاه ڪريم)

ڊَنَپ: (سن. دَنپ)، وڏائي، مغروري.

ڊِ نگ: (سن. ڊِين. ڊي = آڪاس ۾ وڃڻ)، شوخي، وڏائي، وڏو، جَنگ، پکين جو ولر.

ڊ وَڙَڻ: (پرا. ڏاوَڻ. سن. ڏاوَن)، ڊڪڻ، دوڙڻ.

ڊَ ول: (سن. دول؟)، ڍنگ، ريت، نمونو.

ڊَ ونڊي: (پرا. دونڊِي. سن. ڏونڊِي)، ٻيڙيءَ جو قسم.

ڊ وهَ: (پرا. دوهه. سن. ڏروهَ)، ٺڳي، دغا.

ڊهون: (سن. ڊنب. ڊلب=چلائڻ)، ستون، هلان، ٿيلها.

ڊبڪي: (سن. ڊنڊم)، دهلڙي.

ڊيگهه: (سن. دير گهه)، لنبائي، ڊگهائي.

## ڍ

ڍار: (سن. ڌارا)، نمونو، وات، وٽ، پاسي ۾، پرسان.
هن منڌ مارو سنرا، ڍ ڳهر ڍار رهن. (شاه)

ڍارڻ: (سن. ڌارڻ. ڌر= جهلڻ)، جهلڻ، رکڻ، هٿ ڪرڻ.

ڍال: (سن. ڍال)، اوزار، جنهن سان تلوار جو ڌڪ روڪجي، آڙ.

ڍائي: (سن. آرڌڌوي. آرڌ=اڌ+ڌو=ٻ)، اڍائي، ٻه ۽ اڌ.

ڍرڻ: (پرا. ڍل. سن. ڪشر)، ڍرڪڻ، لڙڻ، هيٺ ڪرڻ، ڪمزور ٿيڻ.

ڍرو: (سن. شٿل. شٿل = ڍرو ڪرڻ)، آهستي، قسڪڻو، ڪهرڪهلو.

ڍڪڻ: (سن. ڍڪڻ)، ڍڪ، ٻڙ.

ڏَڪَڻ: (سن. ڏَوڪ)، جونجڻ، رسڻ، ڀڄڻ، وڃڻ.

ڏَنڍورو: (سن. ڏَنڍَنَ. ڏَنڍْ = ڳولا ڪرڻ)، منادي، پڙهو، هوڪو.

ڏَنگ: (سن. دَنَپ. دنپ = ڏيکاءُ ڏيڻ)، ريت، نمونو، عادت.

ڏور: (گ. ڏور. سن. ڏَرْوَهُ)، جانور، مال، بيوقوف.

ڏول: (سن. ڏو + ”ل“ پڇاڙي)، مڙس، مالڪ، محبوب.

ڏوري: (سن. ڏار)، هيٺاهين زمين، جتي پاڻي بيهي.

ڏولَڪ: (ف. ڏهلڪ. سن. ڏولَ)، ڏولڪي، دهلڙي.

ڏوما: (پرا. ڏُمَ. سن. ڏرمْ)، ڙِڪا، آواره گهمڻ، ٽاپا.

ڏوندڻ: (سن. ڏوندَنُ)، ڳولڻ، تلاش ڪرڻ.

ڏونگ: (گ. ڏونگ. سن. دَنَپ. دَنپْ = ڏيکاءُ ڪرڻ)، مڪر، ٺڳي.

ڏونگري: (سن. ڏومڪ. ”ري“ پڇاڙي)، ماڪ، ماٽ، ڌڙ، غبار، ڌند.

ڏوئڻ: (سن. وودِ)، ڪشتي وجهڻ، بار ڪشتي وجهڻ، کپائڻ.

ڏير: (سن. ڏَرَڻ)، انبار، ڍڳ.

ڏيلهَ: (هہ. ڍِلنا. سن. ڍلن = هڻڻ)، ڍيلهڻ، ڌڪڻ، ترڻ.

ڍِينگَ: (سن. ڌرا ڍنگ. ڌرڍ = مضبوط ٿيڻ + انگ = عضوو)، مضبوط، پڪي جو قسم، ڏورو.

جتي ڍِينگ ڍرن، تتي تاري تنهنجي. (شاهه)

# ر

راتِ: (پرا. رَتِ. سن. راتر)، رين، رجني، شب، اوندهہ.

راٺوڙ: (سن. راشٽرڪوٽ)، ذڪر هندوستان ۾ راجپوتن جي مشهور ذات، جانٺو، بهادر.

راجا: (سن. راجن. راج = چمڪڻ)، بادشاهہ، اڌيراج.

راجپوت: (سن. راجپتر. راجا + پتر = پٽ)، راجپوتانا ۾ رهندڙ راجائن جي هڪ ذات.

راجڪمار: (سن. راجڪمار)، راجا جو پٽ، شهزادو.

راڄ: (پرا. راڄ. سن. راجيہ)، حڪومت، شهنشاهت.

راڄاڻ: (سن. راڄ + ”آڻ“ پچاڙي)، راڄيو، حاڪم، داناء.

راڙو: (گ. راڙو. سن راٽِ)، جهيڙو. رڙ، هل، گوڙ.

عليءَ ٻَٽ آمِيرَ، ڪَندا راڙو رَڪ سين.

(سر ڪيڏارو)

راسِ: (پرا. راس. سن. راش)، موڙي، ڍير، ڍڳ.

رامينڪ: (سن. راش+آنڪ)، فلڪياتي ستارن جي روشنائيءَ جي لاٽ.

راڪاس: (پرا. رَڪَس. سن. راڪشس)، ديون جي هڪ ذات، خبيث روح.

راڳ: (سن. راگ. رَنْج = پيار ڪرڻ)، گانو، موسيقي، ڳائڻ وڄائڻ. علم موسيقي موجب راڳ، ”ڇهہ“ آهن: ١- ڀيرَوَ ٢- هِنڊول ٣- مينگهہ ٤- سِري راڳ ٥- ديپَڪ ٦- مالڪوس. هر هڪ راڳ کي ڇهہ راڳڻيون آهن.

راڱو: (سن. رَنگ)، ڇيٽ جو قسم.

ٻَر ٻلائون ٻچڙيون، راڱا ڪن رِهاڙ. (حمل)

راماٽو: (سن. رَوَڻ. رَ= آواز ڪرڻ)، راڙو، هنگامو، هَلان، هڪل، جنگ.

رانجهَن: (سن. رَنجَن)، ساجن، پريتم. هِير جو پيار.

رانڊڻ : (سن رَنجَن)، خوشيون ڪرڻ، ريجهائڻ.

راڻو : (پرا. راڻ. سن. راجن. راج = چمڪڻ)، راجپوتن جي بادشاهن لاءِ لقب، راجا.

راڻي : (پرا. راڻِي. سن. راجني)، راجا جي زال.

راوت : (پرا. راڻت. راجپتر)، ننڍو راجا، سورهيه، بهادر، هڪ ذات.

راوَل : (پرا. راڻل. سن. راجڪَل)، راجائي نسل جو، شهزادو.

راهو : (پرا. راهُ. سن. راهُ)، آسماني گرهه.

راءِ : (پرا. رايه. سن. راجن)، راجا، سردار.

رائڙ : (سن. راجڪر. راج = راجا + ڪَرَ = ڍل)، خراج، محصول، ڍل.

رائي : (سن. راجڪا)، تيلي ٻج جو قسم، ننڍڙا ذرا.

رايگان : (ف. راهه = رستو + ”گان“، نشاني لياقت جي. جو رستي جي لائق هجي)، اجايو، مفت.

رَباب : (ع. رَباب. > ف. رَواوه. رَواو = غمگين آواز + ”ه“ نشاني لاڳاپي جي)، وڄائڻ جو ساز.

رَبين : (سن. رَوِ + ”اِيَن“ پچاڙي)، سج.

سِهه ڪِچي، ڪَتِ ڪيسري، اهڙي رُوءِ رَبين.
(عارف شاه)

رَبَ: (سن. دْرَوَ)، پيچري، پَتَ جي ڏَر، ڪمند جي رس.

رَتُ: (پرا. رَتَّ. سن. رَڪْتَ)، خونُ.

رُتِ: (سن. رُتَ)، مند، موسم. "هندو" سال کي "ڇهن" رُتن ۾ ورهائين ٿا: ١- بسنت (بهار. مهنا: چيٽ ويساک)، ٢- گُرِيشَمَ (اونهارو. گرمي جو وقت. مهنا: جيٺ، آکاڙ)، ٣- وَرْشا (برسات، برسات جو وقت. مهنا: سانوڻ، بَڊو)، ٣- شَرَدْ (سرءُ. مهنا: آسو، ڪتي)، ٥- هِمْ (ٿڌ، ٿڌ جو وقت. مهنا: ناهري، پوهَ)، ٦- شِشَر (سيارو. ڏَنڌ، ڪوهيڙو، مهنا: مانگهه، ڦگڻ).

رَتَنُ: (پرا. رَيَڻَ. سن. رَتْنَ. رَمْ= کيڏڻ، جنهن کي ڏسي، خوش ٿجي)، جواهر. رتن "نَوَ" آهن: ١- موتي ٢- ماڻڪ ٣- لاجورد ٤- گوميد ٥- هيرو ٦- مرجان ٧- نيلم ٨- پُکراج ٩- زمرد.

"چندن هار" يا "نَوَلکو هار" ۾ اهي سڀ رتن، پوندا آهن، چاڪاڻ ته هر هڪ کي پنهنجو رنگ، روپ ۽ چلڪو آهي. اڪبر

بادشاه (١٥٥٦–١٦٠٥ع) جا ”نَوَ رتن“ (نَوَ آسلهه ماڻڪ، نَوَ عالِم: ١- بهرام خان ٢- ملا فيضي ٣- ابوالفضل ٤- راجا توڏرمل ٥- بيربل ٦- ابوالحسن ٧- راجا مانسنگهه ٨- مرزا عبدالرحيم خان خانان ٩- تانسين) بہ الهن ”نَوَن رتن“ تان ورتل آهن. دراصل وِڪرماجيت (اُجين جو راجا) جي دربار جا ”نَوَ پنڊت“ هئا، جن کي ”نَوَ رتن“ سڏبو هو. نَوَ پنڊت: ١- دَ نونتر ٢- ڪشپنڪ ٣- امرسنهه ٤- شنڪ ٥- ويتاليت ٦- گهٽڪرپر ٧- ڪاليداس ٨- وَراهمِهر ٩- وَررچي. ۽ اهو خيال آساني نون (٩) تارن يا گرهن تان ورتل آهي، ڏسو ”گره“.

رَيَنَ: (سن. رَوِ + ”اَنَ“ پچاڙي)، سج.

رَنگ رَيَن جو رَوپ سان، ڪيو ماڻو منڌ ملي. (ڪنيار)

رَتناوَليِ: (سن. رَتنَ + آوليِ = قطار)، موتين جي مالها، هيرن جو هار.

رَتن جوتِ: (سن. رَتنَ جيوتِ)، گل جو قسم.

رَتولُ: (پراء رُتُ. سن. رَڪتَ)، رتل، ڳاڙهو ڏيل، ڳاڙهو بنگلو.

رَتِي: (گ. رتِي. سن. رَڪتِڪا)، اُنن چانورن جي تور، ماسي جي اَٺين پتي، تمام ڏورڙو، پوک جي بيماريءَ جو قسم.

رَتِيءَ جي رِهاڻ، جيءَ آڙايم جَتَ سين (شاه)

رَتُ: (سن. رَتُ. رمُ = ڪيڏڻ: خوش ٿيڻ)، گاڏي.

رِپُ: (پراء رِپُ. سن. رِپُ. رَمُ = خراب ڳالهه چوڻ)، ويري، دشمن.

آگم رِپ نه آگمي، ڪَنڪَن اچي نه ڪوه.

(جلال)

رَپو: (پراء رَپَّ. سن. رَوپيہ)، چاندي.

رَجَ: (پراء ره. سن. رَجَسُ)، مٽي يا ڌوڙ.

رَجَني: (پراء رَيڻِي. سن. رَجَنِي)، رات.

زلفين نانگ ڌاج ڪِتوئِي، ڪِيا هَي رَجَنِي ڪالِي.

(مانجهي)

رَجهڻ: (پراء رَجهَّ. سن. رُڌ = اٽڪڻ)، رُنيڻ، مشغول ٿيڻ.

رَجَ: (سن. آرَٺيہ)، سچ، واري ٿي واري.

رَچنا: (سن. رَچنا)، جوڙجڪ، قدرت.

رَچڻ: (سن. رَچن. رَچ = ٺاهڻ)، ٺاهڻ بنائڻ، سينگارڻ، سنوارڻ.

رَچڻ: (پرا. رَچ. سن. روچن. رُچ = چمڪڻ: پيار ڪرڻ)، وڻڻ، فرحت ڏيڻ.

رَڄ: (سن. رَشم)، نوڙي؛ ٽانڊ. "رڄ" سڀ چيز سان لڳي سگھي ٿو. جئن: ڪنهر جا "رڄ".

رِڃ: (پرا. رِڃ. سن. رڪشس)، هڪ جهڪلي جانور.

رَڙ: (سن. راٽ. رَٽ = گوڙ ڪرڻ)، شور، آواز، واڪو، هل.

رَس: (پرا. رَس. سن. رَس. رَس = سواد وٺڻ: پيار ڪرڻ)، سَت، سار، عرق؛ فرحت، لطف، مزو. "رس" جا "ٻه" قسم آهن: ١- جسماني يا طبعي ذائقہ جا رس، جنهن جا ڇهہ قسم آهن: ١- مٺي رس ٢- کٽي رس ٣- کاري رس ٤- ڪڙي؛ ڪوڙي رس ٥- تکي رس ٦- ڪساري رس. ٢- حس يا ڪلپنا وارا رس، جنهن جا نَو قسم آهن: ١- شرنگار (سينگار؛ عشق، پريم)، ٢- هاسيہ (کلائيندڙ)، ٣- ڪَرُنا (رحم، قياس،

رقت آميز) ٤- رَودر (ڏمر، ڦهر، ڪوپ)، ٥- وِير (موِرهيائي)، ٦- ڀيانڪ (دَهشت، هيبت، هراس)، ٧- وڀتس (ڪرپ، ڪراهت، نفرت، بچان)، ٨- آدڀت (حيرت، تعجب، اچرج)، ٩- شانت (سانت، آرام، فرحت)، ڪڏهن ڪڏهن ڏهون رس "واتسليه" (ڪوملتا) به ڳڻين ٿا. اهي "رس" شعر جو مکيه جز آهن، پر وشونات جي خيال موجب (اهي رس، شعر جي) جان آهن. (وي-آيت).

رَستو: (ف. راسته)، دڳ، واٽ، پيچرو.

رسڪپور: (سن. رسڪرپور. رس = پارو + ڪرپور = ڪافور)، دوا جو قسم، وکر جو قسم.

رسڻ: (پرا. روسڻ. سن. روشڻ. رش = ناراض ٿيڻ)، ڪاوڙ ڪرڻ، رسي وڃڻ.

رسوتي: (سن. رسوتي)، ڀاڄي، ڪاڏو، ڀوڙ.

رسي: (هيم. رسي. پرا. رس. سن رشمِ)، نوڙي، ڏوري.

رسيلو: (سن. رسڪ)، رس ڀريو، سوادي، مزيدار.

رَشْتَ پشْتَ: (سن. رِشْتَ پشْتُ)، مضبوط، سڻيءَ هاڻيءَ وارو.

رِشِي: (سن. رُشِ)، مُنِي، تپشيا ڪندڙ، بزرگ.

رَڪُ: (گ. رانڪَ. هيم. رانچه. پرا. رَنڪَ. سن. وَنڪَ. رُڪَ = سواد وٺڻ)، غريب، ڪنگال.

رَکَ: (پرا. رَکا. سن. رَکْشا)، خاڪ، ڀسم، ڇار، ڦليهار، پرهيز، رکيا، سنڀال.

رَکڻ: (پرا. رَکڻ. سن. رَکْشَڻ. رَکْشُ = ڌَرڻ)، ڌَرڻ، ٺهرائڻ، بچائڻ.

رَکو: (سن. رَکشَ)، اڻيو، خشڪ، ڪَٺورِ، ميل جهول وارو نه.

رَکْيا: (سن. رَکْشا)، سنڀال، بچاءُ، پرگهور.

رَڳَ: (ف. رَگَ)، نَسَ.

رَڳڙَڻ: (سن. گهَرْشَڻَ)، گهوٽڻ.

رِلَڻ: (سن. لَلَنَ)، سان، گڏجڻ.

رَلَڻَ: (سن. لَلَنَ)، اجايو گهمڻ.

رِلِي: (سن. پرا. رِلَّڪَ)، گودڙي، ڦراسيءَ جو قسم.

رَمَڻ: (پرا. رَنبَ. سن. ڪَرم)، هلڻ، چرڻ، وڃڻ.

رَمَڻ: (سن. رَمَڻ. رَمْ = کيڏڻ)، راند ڪرڻ، خوشي ڪرڻ.

رَنبَڻ: (سن. روپَڻ)، رونبو ڪرڻ، سارين جو ٻج (سلا) ھوڪڻ.

رَاڻَڻ: (سن. راڻڻ)، ڍڪڻ، ٽاڪڻ.

رَنڀَڻ: (پرا. رنڀڻ. سن روڌن. رَڌْ = اٽڪڻ)، رُجھڻ، مشغول ٿيڻ.

رَنڊ: (سن. رَنڌْرَ. رَڌْ=ناس ٿيڻ: ھورو ٿيڻ)، رستو، پيچرو.

رَندو: (ف. رنده - رَنديدن = مڏو ڪرڻ. سن. رَدَنَ)، ڍکاٺڪو اوزار.

رَنڌَڻ: (پرا. رَنڌَڻ. سن. رَنڌَنَ. رَڌْ = ناس ڪرڻ)، پچائڻ، ٻاڃي ٽائڻ.

رَنڊِي: (سن. رَنڊا)، ڪسٻياڻي، رنگيلي، فاحش عورت.

رَنڙ: (پرا. رَنڊا. سن. رَنڊا)، بيوه عورت، وڌوا.

رَنگ: (ف. رَنگ. پرا. رَنگ. سن. رَنگ)، رنگ، نمونو، راڳ، تماشو.

رِڙ: (پرا. رَڙ. سن. رَڻ. رَ = آواز ڪرڻ)، لڙائي، وَيل، ظلم.

رِڻُ: (سن. آرڻيہ)، جهنگل، ميدان، بيابان.

رَوِ: (پرا. رَوِ. سن. رَوِ)، سج.

رَوِ، کينچَن، ماه، کَنگو کَر، ناهي جوڙ جمال.
(سليمان)

روٽَ: (هيم. روٽَّ. سن. رَٽْ = ٽوڪڻ، وَڍڻ)، ڪٽڪ جو لولو، ٿلهي روٽي، ماني.

رُوپُ: (پرا. رُوپَ، سن. رُوپ. رَوپْ = ڊولائتو ٿيڻ، ڏسڻ)، صورت. شڪل.

رُوپيو: (پرا. رَپّ. سن. رُوپيہ)، سڪو، جنهن جو ملهہ سورنهن آنا آهي.

روجهہ: (گ. روجهہ. هيم. روجهو. پرا. روجهہ. سن. رشيہ)، هڪ جانور جو نالو.

روڏَنَ: (سن. روڌَنَ. رَڌْ = کوڙها کاڙڻ)، رئڻ. روج.

روڙو: (پرا. لٽّ. سن. لوشْتَ)، کنڊو، ٺڪر.

رُوشو: (ف. روءِ سياه. رو = منهن + سياه = ڪارو)، ڪارو منهن، مُنهن ڪارو.

روڪَ: (سن. روڪ. رَچْ = چاهڻ)، روڪڙ، نقد.

روڪَڻ: (سن، روڌَنَ. رَڌْ = بند ڪرڻ)، جهلڻ، رنڊڪ وجهڻ، بندڻ.

روڳ: (پرا. روڳ. سن. روگ. رُج = بيمار ٿيڻ، سُور ٿيڻ)، بيماري، گند.

روڳي: (پرا. روڳ. سن. روگِن)، بيمار.

رولو: (هيم. رولو. سن. راوَ. رُ = آواز ڪرڻ)، بڪبڙو، مونجهارو.

روهہ: (سن. روهہ = متاهين)، جبل، ڏونگر، ڇپر، ڪوهہ.

روهڻ: (سن. روڌن. رُڌ = روڪڻ)، سوڙهو گهٽڻ، آنڪڻ.

رِهاڻ: (سن. رَڌ = ريجهائڻ)، مجلس، وندر.

روهي: (سن. روشڻ)، پٿر جي ڪونڊيءَ جو قسم، موچڪو اوزار.

رِهائڻ: (سن. آرَهہ)، جڳائڻ، لائق ٿيڻ، روا هجڻ.

رِهت: (سن. رِهت. رَهہ = ڇڏڻ)، ڇڏيل، خالي، بنا.

رهڻ: (هيم. ريهہ. سن. راج)، ترسڻ.

رُئڻ: (پرا. رُئڻ. سن. رودن. رُد = رُئڻ)، ڳوڙها ڳاڙڻ، لڙڪ وهائڻ، هنجون هارڻ.

رَئو: (ع. رِداۃ)، ڀوتيي، مٿي تي پهرڻ جو ڪپڙو.

رَئي: (پرا. رَيہ. سن. رَجس)، مٽي، ڌوڙ، دز، غبار.

رِي: (سن. رِتي)، سواءِ، بنا، بغير.

ريگڙا: (ف. ريگ=واري + "ڙا" پڇاڙي)، واريءَ سان ڀريل، ميرا، چونڪا، مٽيءَ سان ڀريل پاڻيءَ جا ڦڙا.

رِيتِ: (پرا. رِيءِ. سن. رِيت. رِي = وڃڻ)، ڍنگ، نمونو، طرز.

ريتي: (گ. ريتي. هير. ريوالشا. سن. ريتجا. ف. ريگ)، واري، رائو، ڀُري.

ريٽو: (سن. رَڪتَ)، ڳاڙهو. ڳاڙهو ڪپڙو.

رِيجهڻ: (سن. رَنجَن. رَنْج=خوش ٿيڻ)، ورچڻ، راضي ٿيڻ، مائل ٿيڻ.

رِيڙهه: (سن. رِيدَڪ) پٺيءَ جي ڪنڊي (ڪرنگهي) جي هڏي.

رِيس: (سن. اِيرشا. رُش=غصو ڪرڻ)، حسد، ساڙ.

ريک: (پرا. ريها. سن. ريکا. لِکْ=لکڻ)، ريکا، نشان.

رَين: (ڏ ن. ريڻي سن. رَجَنِ)، رات.

ريڻي: (گ. رڻي. ڏن. رَيڻي. هير. رَتَن. سن. رَتِني)، سون جي ڳِيٽي.

ريوَڻ: (سن. رَوڻ. رَ= آواز ڪرڻ)، ڪوڪ.

ريوڻ رهي نہ روهہ رِي، توڙي ٽئي پرلوءِ.
(سينگار)

رِيهہ : (سن. ريش)، ڏاڙهن، ڪوڪ.

## ز

زِمين : (ف. زمين. زم = ٽڏاڻ، ڏڏ + ”ين“ نسبت جي نشاني)، ڌرتي.

زمِيندار: (ف. زميندار. زمين + دار=رکندڙ. داشتن=رکڻ)، زمين جو مالڪ.

زيور: (ف. زيب + ور = وارو)، ڳهڻو.

## س

ساٿ : (گ. ساٿ. هير. سٿرو. پرا. سٿ. سن. سارٿ. سٿ = وڃڻ)، ٽولو، ساٿاري، سنگت.

ساٿارِي : (سن. سارٿ + ”آري“ پڇاڙي)، مددگار، پاٿاريدار.

ساٿِي : (هير. سهٿٿا. سن. سهت. سهہ = ساڻ + اٿ=وڃڻ : سهہ = سهڻ)، مددگار.

ساجن : (سن. سجن. ست = سچو + جن = ماڻهو)، سڄڻ، ست پرش، ڀلو ماڻهو، ڀرين.

ساڃاڻ : (سن. سَڃْڃانَ)، سمجھ، ساڃھ.

ساڌ : (سن. ساڌُو. ساڌ = پورو ڪرڻ)، سَنْتَ، مهاپرش، ويراڳي.

ساڍو : (سن. سارْڌَ. سَ = ساڻ+اَرْڌَ = آڌ)، آڌ سان، پڻ ڪان وڌيڪ عددن کي اڳ گڏڻ.

سارَ : (پرا. سارَ. سن. سارَ. سْرِ = وڃڻ)، سچ، رس، مول، ٻِل، اصل مطلب، خلاصو، فائدو، ڌن.

ساراهڻ : (پرا. سُلاهَڻ. سن. شْلاگهَنَ)، تعريف ڪرڻ.

ساربان : (ف. سار = آٺ+بان = رکندڙ)، ساروان، اوٺين، سردار.

سارنگ : (پرا. سارَنگ. سن. سارَنگ. سْرِ = وڃڻ)، هڪ راڳڻيءَ جو نالو، آسماني مانڊاڻ.

سارنگي : (سن. سارَنگي)، ستار جو قسم.

سارڻ : (پرا. سارَڻ. سن. سْمَرَڻ. سْمَرِ = ياد ڪرڻ)، سنڀالڻ، ياد ڪرڻ.

سارو : (سن. سَرْوَ)، سڄو، پورو.

سارِي : (سن. سارِي. شْرِ = ناس ڪرڻ)، شطرنج جي ڳوٽ.

سارِي : (سن. شال)، آنَ جو قسم.

ساڙهي: (پرا. ساڊي. سن. شاٽڪا)، عورتن جي پهرڻ جو ڪناريدار ڪپڙو.

ساڙيهه: (سن. سوديش. سو = پنهنجو + ديش = ملڪ)، ساڙيهه، وطن.

ساس: (سن. شواس)، دم، ساهه.

ٻڪريءَ کي ساس جي، ڪاسائيءَ کي ماس جي.
(پهاڪو)

ساک: (پرا. سک. سن. ساڪشيہ. سا = سان، سامهون + آڪش = اک)، شاهدي، قسم.

ساکي: (سن. ساڪشن)، شاهد، گواهه.

ساگر: (پرا. ساگر. سن. ساگر. س = سان + گر = زهر. جو زهر سان پيدا ٿيو هجي. ايوڌيا جي هڪ راجا جو لالو، جنهن تان "ساگر" ٿيو)، سمنڊ. هندن جي عقيدي موجب "ساگر" "ست" آهن: ١- لوڻ جو ٢- کير جو ٣- گيهه جو ٤- ڏهيءَ جو ٥- شراب جو ٦- ڪمند جي رس جو ٧- مانيءَ جو.

ساڳ: (پرا. ساگ. سن. شاڪ. شڪ = ڪم ڪرڻ جي طاقت رکڻ)، ساڳي ڀاڄيءَ جو قسم، ڪاٺ جو قسم.

ساڱاهڻ: (سن. سنڄڃان)، خيال ڪرڻ.

سالو: (پرا. شالَ. سن. شيالَ)، زال جو ڀاءُ.

سالور: (ف. شال)، دوشالي ڪپڙي جو قسم.

سام: (پرا. سامَ. سن. سامن. سو=ڀاپن جو ناس ڪرڻ)، هندن جو ٽيون ويد.

سام: (سن. شرام)، پناهه، اجهو.

سامهون: (پرا. سنمهَ. سن. سنمک. سم=اڳيان+مک=منهن)، اڳيان.

سامي: (سن. سوامن. سو=ڏن، پاڻ)، سوامي، گرو.

سان: (سن. شنڊ)، جوان پاڏو، مينهن جو مذڪر.

سانيارو: (سن. سنمک. +"آرو" پڇاڙي)، سامهون، اڳيان.

سانير: (سن. سمر)، يادگيري.

سانير: (سن. سنبر. سن. شمبر)، هرڻ جو قسم.

سانيڻ: (سن. سمڏا. سم=ساڻ+ڏا=رکڻ)، سانڍڻ.

سانت: (پرا. سنت. سن. شانت. شم=ٿڌو ڪرڻ)، چپ، شانتي.

سانجهي: (سن. سنڌيا. سم=چڱي طرح مان+ڌئي=ڌيان، ڪرڻ)، شام.

سانچڻ: (سن. سنچين. سم=چڱيءَ طرح سان+چِ = جمع ڪرڻ)، آٽت ڏيڻ.

سانچو: (سن. سٽاتا)، فرمو، ٺوڙ، ٺپو.

سانڍاڻ: (سن. سندت)، ڪٽاڻ، آچار.

سانڍو: (سن. سرندڪ)، ڪرڙي يا ڇچيءَ جي ذات جو جانور.

سانڍڻ: (سن. سمڌا. سم=ساڻ + ڌا = رکڻ)، سانيڻ.

سانگ: (هيم. سيگهي. سن. شنڪ)، ڀالو، برڇي.

سانگ: (سن. سوانگ)، حيلو، ڪوشش، ڍول.

سانگي: (سن. سانگتڪ)، سانگي سان ايندڙ، مسافر، مهمان.

سانگهارو: (سن. سنهار. سم= چڱيءَ طرح سان + هر = ڪٽڻ)، چينارو، ڇچڻ.

سانورو: (پرا. سامل. سن. شيامل)، سانولو، ڪارانجهڙو.

سانوڻ: (پرا. ساوڻ. سن. شروان)، هندن جي هڪ مهني جو نالو.

سانئون: (سن. شيامڪ)، ڏت جو قسم.

ساٺو: (سن. شرانت)، ٿڪل، خالي، سکٺو.

ساڻيهه: (سن. سوديش)، وطن. ڏسو "ساڙيهه".

ساوڙي: (سن. شياما)، گاهه جو قسم.

ساهه: (پرا. ساس. سن. شواس)، ساس، دم.

ساهتيه: (سن. ساهتيه، سهت=ميل)، ميلاپ، علم ادب.

ساهڙ: (سن: سهارد)، هوت، پيارو، سهڻيءَ جو پتار.

ساهيڙي: (گ. ساهيلي. هير. ساهلي. سن. س=سان+آلي= سکيي، سنگتياڻي)، سهيلي، سجني.

ساءُ: (پرا. ساءُ. سن. سواد. ف. سواد)، لذت، مزو.

سائر: (سن. ساگر)، سمنڊ.

سائر ڏيئي لت، آوچي نيچي پوڙي. (شاه ڪريم)

سائو: (سن. ساڌو)، ڪمائيءَ وارو، ڪٽوان، شاهوڪار.

سائين: (سن. سوامن)، مالڪ، گرو، استاد.

سبڻ: (پرا. سيوڻ. سن. سيون. سو=سبڻ)، تو پو ڏيڻ.

سٻر: (سن. سبل. س=سان+بل=ٻل)، طاقتور، سگهارو، مضبوط.

سٻوجهه: (سن. سبوڌ. س=سان+بوڌ=سمجهه)، سمجهو، سياڻو. ضد "اٻوجهه".

سڀ: (سن. سرو)، ڪل، سيئي. هڙئي.

سڀا: (سن. سڀا. س=سان+ڀا=چمڪڻ)، سماج، دربار، مجلس.

سَياڳو: (سن. سُوڀاڳيه. سَ=چڱو+ڀاڳ=بزرگي، روشني)، سدورو. ضد "نياڳو".

سَياڻي: (ع. صُبح+"آڻي" پڇاڙي)، صبحاڻي، ايندڙ ڏينهن.

سَياءُ: (سن. سُوڀاوُ. سُو=پنهنجو+ڀاوَ=نمونو)، مزاج، عادت.

سَيِت: (سن. سَروَتَر. سَرو=سڀ+تَر=جڳهه)، هر جڳهه.

سَپَر: (سن. سبَل. سَ=ساڻ+بَلُ=ٻَل)، سگهارو، مددگار.

سَت: (سن. سپت)، ڇهه ۽ هڪ.

سَتُ: (پرا. سَتُ. سن. سَتَو)، سَنگهه، جوهر، تَتُ.

سَتُ: (سن. سَتيه، سَتُ. آسُ=ٿيڻ)، سَچ، ميلَ.

سَتاسي: (سن. سپتاشيت)، اسي ۽ ست.

سَتانوي: (سن. سپتنوت)، نوي ۽ ست.

سَتائُ: (سن. سنتاپن. سَم=چڱيءَ طرح سان+تَپ=تپڻ)، ڏک ڏيڻ.

سَتاويهه: (سن. سپتونشت)، ويهه ۽ ست.

سَتٽيهه: (سن. سپترنشت)، ٽيهه ۽ ست.

سَترهن: (سن. سپتادش)، سورنهن ۽ هڪ.

سَتر: (سن. سپتت)، سٺ ۽ ڏهه.

سَتَڙ : (سن. سَ=چڱو+ تَتَ=تڙ)، سٺائو تڙ ۽ پورو.

سَتسَنگ: (سن. سَتسَنگ. سَتَ = چڱي + سَنگَ= سنگت)، ڀلي سنگت، ساڌن سان اٿڻ وهڻ.

سَتُون : (پرا. سَتم. سن. سَڪَتُ)، پڳهل ڏاٽيون، مٺي ٻـا مٺائيءَ جو قسم.

سَتونجاهه : (سن. سپتپنچاشت)، پنجاهه ۽ ست.

سَتهتر : (سن. سپتسپتت)، ستر ۽ ست.

سَتي : (پرا. سئي. سن. ستي. ستَ = چڱي)، استري، جا مڙس جي لاش سان گڏ جلي، ستَ يا سيل واري.

سَتي : (سن. شڪست)، دوا، ڦڪي، ٻڪي.

سَتيا ناس : (سن. ستياناش. ستيہ=سچائي+ ناش = ناس)، بربادي.

سَتيتاليهه : (سن. سپتچتوارنشت)، چاليهه ۽ ست.

سَت: (پرا. سَت. سن. سارَت)، ساٿ، ٽولو.

سَتائي : (سن. سَ=چڱو + سَتاني = پوري وقت تي)، پوري مهل تي، سويل.

سَترو: (سن. شوچ. سَ = گهڻو + آچ = صاف)، نرمل، اجلو، سولو.

سَت : (پرا. سَت. سن. سوتر، سو= سڀ)، ڌورو، ڏاڪو.

سٽاڻو: (سن. سَتّا=هستي+"آڻو" پچاڙي)، خوفائتو.

سِٽَڻ: (سن. سَرج=خلقڻ)، رِٽڻ، من ۾ وهارڻ.

سٽ: (پرا. سَٽ. سن. شَشٽ)، پنجاهه ۽ ڏهه.

سٽڙي: (پرا. سَٽِي: سَٽِڪ. سن. شَشٽِڪ. شَشٽِ=سَٽ)، سارين جو قسم، جو سٽ ڏينهن ۾ تيار ٿئي ٿو.

سٽو: (پرا. سن. سَٽ. سن. سَشٽ)، چڱو، وڻندڙ، پسند.

سَپ: (پرا. سَپّ. سن. سَرپ، سَپّ. سَرپ=وڃڻ)، نانگ.

سِپ: (پرا. سَتّ. سن. شَڪستِ)، سپي، ڪوڏ يا ڪرڪٽي جو قسم.

سَپ: (پرا. سَپ. سن. سَورپ)، ڇڄ.

سپجڻ: (سن. س+آت=مٿي+پدَ=پيدا ٿيڻ)، ڄمڻ، نپجڻ.

سَپڪ: (پرا. سپڪ. سن. سپڪو)، چڱيءَ طرح پڪل، سٺو، سوٽ.

سپنو: (پرا. سمڻ. سن. سُوپن. سوپ=سمهڻ)، خواب.

سپوت: (سن. سَتپتر. سَتيءِ=سچو+پتر=پٽ ٢- سپتر. س= چڱو+پُتر=پٽ)، سالڪو پٽ. ضد "ڪپوت".

سَقرو: (سن. سَقَل. سَ=سان+قَل=ميوو)، سڦلو، سَجايو.

سِج: (پرا. سَج. سن. سوريه. سَر=هلڻ)، سورج.

سُجاڳَ : (سن. سُ = سان + جاڳرَڻَ = جاڳڻ)، بيدار، جاڳيل.

سِجاوتي : (سن. سُورِيہ = سج + ”آوتي“ پڇاڙي)، مٽي جو سُور، جو سج اڀرڻ سان پوي.

سَجاوَٽ (سن. سَجا = سينگارڻ + ”آوَٽ“ پڇاڙي)، سينگار، ٺاهہ ٺوهہ.

سَجاڻ : (سن. سَجّا = سونهن ڏيڻ)، سينگارڻ.

چٽي مانگ مُحبن، چوٽو سر ڪنڌ ۾ سَجَلْيو. (ڪنيار)

سَجڪَڻ : (سن . سَجَڻَ. سَجْ = چنبڙڻ)، چنبڙڻ، پرچڻ، سجهائڻ.

سَجاڻَ : (پرا. سَجّاڻَ. سن. سَجْيان. سَ = سان + جْيانَ = ڄاڻ)، خبردار، سياڻو.

سَجَڻَ : (سن. سَجّن)، دوست. ڏسو ”ساجن“. ضد ”ڏَجَڻَ“.

سَجَڻ : (سن. سوٿ : شْوَيَٿَ). آماسجڻ، ٿوترجڻ.

سَجَڻ : (سن. شْرتِ. شْرَ = ڀڏڻ)، ٻجهڻ. سَجهڻ.

سَجهندو : (سن. سوچِس. شْچ = چمڪڻ)، سوجهرو، روشني.

سِجهَڻ : (پرا. سِجّهہ. سن. سِڌْ. سِڌْ = پورو ڪرڻ)، ڪرڻ.

سَڃ : (پرا. سڻ. سن. شَونْيہ)، ويراني، پينگ.

سَڃاڻڻ : (سن. سمْ = سان + جْيا = ڄاڻڻ)، پڇاڻڻ.

سَڄَڻ : (سن. سنڌان. سمْ = چڱيءَ طرح سان + ڌا = وڪڻ)، چهڻ، لڳڻ.

سڄو: (سن. شونيہ)، سکڻو، خالي مسڪين.

سَچ: (هيم. ڌن. سچ. پرا. سچ. سن. ستيہ)، سَتُ، سيل، نيڪ، درست.

سَڄَرُ: (سن. سَ=چڱيءَ طرح سان+چَرُ=چرڻ)، ڳهڻ ڪانڪ. ضد "ڏَچرُ".

سُچيتُ: (سن. سچيتس. سَ = چڱو + چِتَ = من)، خبردار، هوشيار.

سدا: (پرا. سدا. سن. سدا)، سدائين، هميشه، نت.

سڌ: (پرا. سڌ. سن. سڌي)، پتو، خبر، سمجهه.

سڏارڻ: (سن. سيڌن. سڌ = وچن)، لڏڻ، وچن، مرڻ.

سَڌَرُ: (سن. سَ=چڱيءَ طرح سان+ڌَرَ= رکڻ ٢. شڌڪر. شڌ=صاف ٿيڻ)، ٺيڪ ٿيڻ، درست ٿيڻ.

سڌڻ: (سن. سڌ. سڌ=پورو ٿيڻ)، پورو ٿيڻ، اُجي وڃڻ.

سڌو: (سن. ساڌ)، سامهون، ٺيڪ، سچو، سادو ساڌو، نيڪ، سڌو سنئون.

سڌو: (سن. سڌ)، سنئون سڌو، جنهن ۾ وَرَ يا ڏِنگ نہ هجي.

سَڏُ: (سن. شبد. شبُ = پڪارڻ)، آواز، واڪو، پڪار.

سَرُ: (سن. سرس. سُرُ = وڃڻ، وهڻ)، تلاءُ.

سَرَ: (پرا. سَرَ. سن. شَرَ. شَرَ = مارڻ)، تير، پوڙو.

سِر: (پرا. سِلا. سن. شِلَ = ڪٽو ڪٽو ڪري گڏ ڪرڻ، چونڊڻ)، مٽيءَ جو ڪچو يا پڪو سڊول ٽڪر.

سِر: (پرا. سِرَ. سن. شِرَس. شِر = ناس ٿيڻ. ف. سَر)، مٿو.

سُر: (سن. سُورَ. سُورَ = آواز ڪرڻ)، آواز، لهجو.

سراپ: (سن. شاپَ. شَپ = پاراتو ڏيڻ)، بد دعا، پِٽ، پاراتو.

سراڌ: (سن. شراڌ. شرَڌا = وشواس، اعتبار)، وڏن جي نيت غريبن کي کاڌو کارائڻ.

سراڻ: (سن. شاڻ)، روهي.

سَرائي: (سن. شَلاڪا. شَل = وڃڻ)، سيخ، جنهن سان سرمو پائجي، گاڏيءَ جي ڦيٿن ۽ پهل ڪاٺ يا لوه جي پنڌي يا پٽي.

سَرب: (سن. سَرو. سَر = وڃڻ)، سڀ، خدا تعاليٰ.

سي آڏيت چُڪجن، جن سَرب آتيت سِهي ڪيو. (سامي)

سُرت: (سن. سمرت)، هوش، خبر.

سرجڻ: (سن. سرجن. سرج = پيدا ڪرڻ)، اپائڻ.

سَرڌا: (سن. شرڌا. شرت = پروسو + ڌا = رکڻ)، ايمان، پڪو وشواس.

سَرخاب: (ف. سَرخاب. سرخ + آب)، پاڻيءَ جو پکي، چيهو، جنهن جا پر ڳاڙها ۽ نرم ٿيندا آهن.

سُرخرو: (ف. سرخ = ڳاڙهو + رو = منهن)، مان وارو.

سرسام: (ف. سرسام. سَر = مٿو + سام = سوڄ)، بيماريءَ جو قسم، جنهن ۾ مغز سڄي پوندو آهي.

سْرڪو: (ڏ ن. سَرْئو. سن. سُرڪ. ف. سِرڪ)، انگوري رس.

سِرشْٽي: (سن. سرشٽ. سْرڄ=پيدا ٿيڻ)، ڪائنات، سنسار.

سِرڪَنڊ: (سن. شْرِيکنڊ. شْرِي = سونهن + کَنڊ=ٽڪرو)، چندن، صندل.

سَرْڳ: (سن. سْوَرْگ. ١- سْوَر = آواز + گو = وڃڻ. جتي سٺا آواز ٿين ٿا. ٢- سْ = چڱيءَ طرح سان + رْڄ = وڃڻ. جتي چڱيءَ طرح سان وڃن ٿا يا رهن ٿا)، اندر لوڪ، بهشت. ضد "نرڳ".

سُرلو: (سن. سَرَل)، چٽو، صاف، خوش.

سَرَڻ: (پرا. سرڻ. سن. شَرَڻ. شَرَ = مارڻ. جو پناهه ۾ اچي، تنهن جي دشمن کي مارڻ)، سام، اجهو، پناهه.

سْرنائي: (ف. سورنائِي. سور = شادي + نائِي = سرود جو آواز)، شرناهه.

سِرنگهه: (سن. سُرنگ)، زمين جي اندران رستو.

سَرنهن: (ف. سَرشَف. سن. سَرْشَپ)، تيلي ٻج جو قسم.

سِرنهن: (سن. شِرِيش)، وڻ جو قسم.

سَرَڻ: (سن. سَرَڻ)، حاصل ٿيڻ، ڏهڻ، گذرڻ.

سَرَڻ: (پرا. سَرَڻ. سن. سَرَڻ. سَر = هلڻ)، هلڻ، کسڪڻ.

سَرو (پرا. سَرا. سن. سُرا. سُرَ=چمڪڻ، گهڻي لياقت رکڻ)، دارو، شراب.

سَروانُ: (ف. ساربان: ساروان)، اوٺي، اٺوان. ڏسو "ساربان".

سَرُوپ: (سن. سَرُوپ. سَ= برابر + رُوپ = شڪل)، برابر، سمان.

سَرُوپ: (سن. سُوَرُوپ. سُوَ= پنهنجو + رُوپ)، سونهن، سندرتا، سوڀيا، شڪل.

سَرُوپ: (سن. سَرُوپ. سُ=چڱو + رُوپ=شڪل)، سندر، سڊول، منوهر، خدا تعاليٰ.

سَرهو: (سن. سُهَرِش. سُ=چڱو، سان + هَرِش=خوشي)، خوش.

سُرهو: (پرا. سُرهِ. سن. سُرڀِ. سُ=چڱيءَ طرح سان + رڀ=چاهڻ، آواز ڪرڻ)، خوشبودار.

سَرُد: (سن. شَرَد. شُرِ=ناس ڪرڻ. ڪڪرن ۽ گرميءَ کي ناس ڪندڙ)، هڪ موسم جو نالو.

سُريت: (پرا. سُرئِ. سن. سُرَت. سُ=چڱيءَ طرح سان + رَتُ: رم=محبت ڪرڻ، کيڏڻ)، يار، رکيل عورت.

سَرير: (پرا. سَرير. سن. شَرير. شُرِ=ناس ٿيڻ)، بدن، ديهه.

سِرِيشٽ: (سن. شِريشٽ. پُرَ=گهڻو + شِنِش=سارا هڻ)، اتم، اعليٰ، بهترين.

سَڙڻ: (سن. سَڙڻ)، گرڻ، پچڻ، خراب ٿيڻ.

سَڙهه : (سن. شَڏ=ناس ٿيڻ)، ڪمزور، ڏڏو، ڪم طاقت، سَتل.

سِڙهه : (گ. سَيِ. هير. سَيِ و. سن. سَتَمپ. ع. شِراع)، ٻيڙيءَ جو باد وان.

سَس : (پرا. سَس. سن. سَشِن)، چند.

سَس : (ڙ ن. ساسو. پرا. سَسو. سن. شوشرو)، زال يا مڙس جي ماءُ.

سَستو : (سن، شُوسَت)، سهانگو.

سُشِيل : (پرا. سُسِيل. سن، سُشيل)، اتم سيا واري.

سَسڻ : (پرا. سَوس. سن. شَش)، سوڙهو ٿيڻ، ڪومائجڻ.

سَسو : (سن. شَش)، گهٽو، گهٽو.

سِسِي : (سن. شِيرش. شر = ناس ٿيڻ. جو آخر ناس ٿئي)، سر، مٿو.

سَڪاڄ : (سن. سَڪارِيہ. سَ = چڱو + ڪارِيہ = ڪم)، وڙائتو، لائق.

سَڪارڻ : (سن. سُويڪرڻ)، هَٿ پرڻ، مڃڻ، هَنڊيءَ ڪي قبول ڪرڻ. ضد ”اڪارڻ“.

سَڪَر : (سن. سَڪال. سَ=چڱو + ڪال=وقت)، سَڪار. ضد ”ڏڪر“.

سَڪَڻ: (پرا. سَڪَ. سن. شُشُ = گهٽ ٿيڻ)، ٺوٺ ٿيڻ، بي رس ٿيڻ.

سَڪو: ڏسو "سڳو".

سِڪ: (سن. شِشيَ. شاشُ = سڪڻ)، ڇيلو، گرونانڪ جي ڌرم کي مڃڻ وارو.

سَڪَ: (پرا. سَهَ. سن. سَڪَ. سَڪَ=سڪي ڏيڻ: سَ= چگيءَ طرح سان + ڪَنُ =ڪوڙڻ)، آرام.

سَڪَرَ: (سن. ساڪشَرَ) شريف، لائق.

سِڪَڻ: (پرا. سِڪَڻَ. سن. شِڪشَڻَ. شڪشُ. = سکڻ، سيکارڻ)، پرائڻ.

سَڪِي: (پرا. سُهِي. سن. سَڪِي. سَ= ساڻ + ڪيا = چوڻ وارو)، سهيلي، سرتي.

سَڪوتَرَ: (پرا. سَگت. سن. سَڪوتَرَ. سَ=ساڻ + گوتَرَ=برادري)، ڪُل، ڪٽنب.

سَڳداسِي: (سن. سَگَنڌَ. سَ = چڱي + گَنڌَ = باسَ + واس)، جانورن جو قسم.

سَڳَرَ: (ع. ثَغَرَ)، سوڙهو لنگهه، اوکو پيچرو.

سَڳَنڌَ: (پرا. سَگَنڌَ. سن. سَگَنڌَ. سَ= چڱي + گَنڌَ = بو)، خوشبو.

سَڳِني: (سن. سڳڻ. سَ= چڱي + گڻ = ڀلائي)، ساڄٽي.

سگهڻ : (پرا. سڪڻ. سن. شڪنَ. شڪ=طاقت رکڻ. ف. شگون)، سگهڻ، سنوڻ ساٿ.

سَگهو: (ھ سڪا. سن. سُوڪيو. سُو= ڀلو)، سڪو. سگهو ڀاءُ = ھڪ ماءُ ڀيءُ جو ڄايل. ضد "ويگهو".

لُڄان چوران پت نہ ڪائي، توڙي ھووَن سَگهي ڀائي.
(ڀهاڪو)

سَگهہ : (پرا. سڪ. سن. شڪتَ. شڪ = طاقت رکڻ)، ٻل، طاقت.

سُگهڙ : (سن. سگهٽ. س = چڱي + گهٽ = گهڙڻ، ٺاهڻ. چڱي گهڙت ڪندڙ)، سالڪ، سگهڙ، وکر وهائيءَ وارو، ڳيتن جو ڪاريگر.

سِگهو: (سن. شيگهر). جلدي، ترت.

سَڱ : (سن. سنگ. سم= ساڻ + گم= وڃڻ : سنج = ملڻ)، ڳانڍاپو، مائٽي.

سِڱ : (ھير. شِڱ، پرا. سِنگ. سن. شرنگ. شر=ناس ڪرڻ)، جانورن جي مٿي تي نڪتل ٻہ سخت شاخون، سنگهو.

سَلائڻ : (پرا. سَلاھڻ. سن. شلاگهن. شلاگهہ = ساراھڻ)، تعريف ڪرڻ، واکاڻڻ.

سلجهائڻ : (سن. شوڌن)، سنوارڻ، سڌو ڪرڻ، ترتيب ڏيڻ.
سلڻ : (سن. شلي. شل = پار وڃڻ)، ٽنگ ڪڍڻ، سوراخ ڪرڻ.
سلڻ : (سن. سملپن. لپ = چوڻ)، سچي ڪرڻ. ضد "آلڻ".
سلڇڻو : (سن. سلڪشڻ. س=چڱو+لکشڻ=لڇڻ)، ڳڻوان، سٺين عادتن وارو. ضد "ڪلڇڻو".
سلوار: ڏسو "شلوار".
سلوڪ : (پرا. سلوگ. سن. شلوڪ. شلوڪ = ڳنڌ ڪرڻ، وڌڻ)، ڇڻن بدن جو سنسڪرت شبد، آواز.
سلوڻو : (پرا. سلوڻ. سن. سلوڻ. س=ساڻ +لوڻ=لوڻ)، نمڪين، سوادي، مزيدار. ضد "الوڻو".
سلهه : (ع. سل)، مرض جو قسم.
سم : (پرا. سم. من. سم)، سمان، برابر، سڀ، پورو.
سماپت : (پرا. سمت. سن. سماپت. سم = ساڻ + آپ = حاصل ڪرڻ)، پورو، ختم.
سماج : (پرا. سماج. سن. سماج. سم = ساڻ + آج = وڃڻ. جنهن سان آنجي وڃي)، جماعت.
سماچار: (سن. سماچار. سم = ساڻ + آ = چئني طرفن کان + چر = چلڻ)، خبر، احوال.

سَماڌ: (سن. سَماڌِ. سَمْ = آ + ڌا = رکڻ. چئني طرفن کان خيال رکڻ)، گهرو ڌيان، ڌڻي تعاليٰ سان محويت وارو ڌيان، اها ڄاءِ، جتي جوڳي سنياسن کي پورين.

سَمانَ: (سن. سَمانَ. سَ = برابر + ما = ماپڻ)، برابر، مٽ.

سَمانو: (سن. سَمانَ. سَ = ساڻ + مانَ = عزت)، ماناڻو، عزت وارو.

سَمائڻ: (سن. سَماويش)، داخل ٿيڻ، پنجي وڃڻ.

سَمْپادَڪ: (سن. سَمْپادَڪ. سَمْ = چڱيءَ طرح سان + پَدْ = چلڻ. ڪنهن ڪم کي چلائڻ وارو يا ڪرڻ وارو)، مهتمم، اخبار نويس.

سمجهڻ: (پرا. سَنبجهه. سن. سَنْ: سَمْ = چڱيءَ طرح سان + بُڌْ = سمجهڻ)، ڄاڻڻ.

سَمَرٿ: (پرا. سمٿ. سن. سَمَرٿ. سَمْ=ساڻ + آرٿ = ڌن)، پلوان، سگهارو.

سَمَرڻي: (پرا. سمرڻ. سن. سْمَرَڻي. سْمَرَ = ياد، نالو وٺڻ)، مالها، تسبيح.

سَمْڪڻ: (سن. سمڪت)، نوازڻ، راضي ڪرڻ.

سپڙ رات سمڪئا، داتا ڏيئي دانَ. (شاه ڪريم)

سَمون : (پرا. سميہ . سن. سميہ . سَمُ = ساڻ، سڀ طرح سان + اڻ = وچڻ)، وقت .

سَمونڊ : (پرا. سمدر : سمد. سن. سَمدر . سَمُ = سڀ طرح سان + آنَد = پيچاڻڻ. ٢- سَمُ = سڀ طرح سان + اُدَ = مٽي، گهٽو + دا = ڏيڻ)، ساگر، سمنڊ .

سُمهڻ : (پرا . سيڻ. سن. شيڻ. شِي = سمهڻ)، لنڊ ڪرڻ، آرام ڪرڻ .

سَميت : (سن. سَميت. سَمُ = ساڻ + آ = چئني طرفن کان + اڻ = وڃڻ)، سان، گڏ .

سَميٽڻ : (گ. سَميٽون . سن. سمت + نا)، گڏ ڪرڻ .

سُمير : (پرا . سُمير. سن. سُمير) ، ميرو جبل، جنهن گي هندو لوڪ سون ۽ رتنن جو ڏهيل چوندا آهن ۽ جتي ديوتائون رهن ٿا. جوڏهن (عام اجوم) ۽ "آتر قطب".

آڏا ڏونگر ڏاڪڙا، سخت سَجن سُمير. (حمل)

سَن : (سن . شنيہ)، چپ، ماٺ، خاموشي.

سَنياسِي : (پرا . سنٹاس. سن . سنياسِي. سَمُ=چڱيءَ طرح سان+

نہ = ويجهو + آسَ = اچلڻ . جو ڪجهہ ويجهو (مال ملڪيت وغيره) هجي، سو اچلي ڇڏڻ)، تياڳي. چوٿين آشرم ۾ رهڻ وارو. ڏسو "آشرم".

سَنانُ : ڏسو " اشنان ".

سنباهڻ : (سن. سنہرو)، تيار ڪرڻ .

سَنبَت : (سن. سنہرت)، سنيت، تياري، سانباهو.

سَنبَت : (سن. سَنوتَ. سمَ=ساڻ+وَتْ=وڃڻ)، وڪرماجيت جو چلايل سال، سنَ .

سَنبَنڌَ : (پرا. سَنبَنڌ. سن سَمبَنڌَ. سمْ = ساڻ + بَنڌْ=ٻڌڻ)، ميل، ميلاپ، ناتو، رشتو.

سَنڀالڻَ : (سن. سمڀارڻَ)، ٻرگهور لهڻ، پرورش ڪرڻ، احتياط ڪرڻ.

سَنتَ : (سن. سَنتَ)، سادو، مهاتما، جوڳي.

سَنتوش : (پرا. سَنتوس. سن. سنتوشَ. سمْ=چڱيءَ طرح سان+ تش = خوش ٿيڻ)، صبر، سک، قناعت.

سَنٿا : (سن . سنٿا. سمْ = چڱيءَ طرح سان+سٿا = قائم ڪرڻ، سبق)، پڙهڻ.

سنپورڻ : (سن. سنپورڻ. سمْ = ساڻ + پر = پرڻ)، پريل، پورو، هڪ.

سنجم : (پرا. سَنجم. سن. سنيم. سَمُ = چڱيءَ طرح سان + يم = روڪڻ)، نيم، پرهيزگار، ڪفايت، صرفو.

سنجڻ : (گ. سنچوون. هيم. سنپءِ. سن. سيچن. سچ + پاڻي ڪيڻ)، ڪوهہ مان پاڻي ڪيڻ.

سَنجهو : (هيم. سَجها. پرا. سَنجها. سن. سنڌيا. سمُ = چڱيءَ طرح سان + ڌئي = غور سان نهارڻ، جاچڻ)، سانجهي، شام.

سَنداڻ : (ف. سَندان)، سَندَڻ، لوهہ جو اوزار، جنهن تي لوهہ ڪٽجي.

سِندُر : (پرا. سندور. سن. سندور. سَنيڌ = وهڻ)، سينڌ پرڻ جو لال رنگ.

سَندَر : (پرا. سَندَر. سن. سندر، سَ = چڱيءَ طرح سان + ڌرُ = عزت ڏيڻ)، خوبصورت.

سَندو : (سن. سَنتُ)، جو، وارو.

سَنڌ : (سن. سَنڌ. سمُ = سان + ڌا = رکڻ)، جوڙ، هڏن جو ڳنڍ.

سَنڌڻ : (سن. سَنڌانَ)، ريهڻ، ڳنڍڻ، سلم اڻي ڪرڻ.

سِنڌو : (پرا. سنڌ. سن. سنڌ. سينڌ = وهڻ. جا سدائين پيئي وهي)، سنڌو ندي.

سَنڌِي: (سن. سَنڌِ. سَمِ=ساڻ + ڌا=رکڻ)، ميل، ميلاپ، جوڙ، اکرن جو ميلاپ (گرامر ۾).

سَنڍِ: (پرا. سَنڍِي. سن. شَنڍِي)، کدڙي عورت، جا ٻار نہ ڄڻي.

سَنڍِ: (پرا. سَنڍِي. سن. شَنٺِ. شَنٺَ=سُکڻ)، سکل آدرک.

سَنڍُو: (ھ ساڍُو. سن. شيالِيوودَ. شيالِي=سالي + وودا =مڙس)، ساليءَ جو مڙس.

سَنرو: (سن. سَرَل. سَرْ=وڃڻ)، خوش تازو، توانو.

سَنْسارَ: (پرا. سنسار. سن. سَنسارَ. سَمْ=ساڻ+سْرْ=وڃڻ)، دنيا، جهان.

سَنْسِڪارَ: (سن. سَنْسڪارَ. سَمْ=پاڪ، صاف، چڱيءَ طرح ساڻ+ڪَرْ=ڪرڻ)، ڪِرم يا ڪريا، جنهن سان شرير ۽ آتما، شد ٿئي، ڌرم، آرت، ڪام ۽ موکش پراپت ڪجي، صاف ڪرڻ جي ريت.

سَنسو: (سن. سَنشيَ. سَمْ=ساڻ + شي=سمهڻ، گمان)، ڀرم، وسوسو.

سَنْسڪَرَتَ : (سن. سنسڪرت. سم=صاف + ڪر = ڪرڻ. صاف ڪيل)، هندن جي پاڪ ٻولي.

سَنَڪَٽ : (پرا. سنڪڊ. سن. سنڪٽ. سم = ساڻ + ڪٽ = گهيرو ڪرڻ)، سنگت، ڏک.

ڪاڻي جي ڪم ۾، سنڪٽ ٻ گهٽا. (پهاڪو)

سَنَڪَلپَ : (پرا. سنڪاپ. سن. سنڪلپ. سم = ساڻ + ڪرپ = طاقت رکڻ)، دل جي خواهش، ڪامنا.

سَنَڪَڻ : (پرا. سنڪ. سن. شنڪ)، ڏچڻ، ڪنبڻ.

سَنڪَ : (پرا. سنڪ. سن. شنڪ. شم = ٺڏو ڪرڻ)، ناڏ، ڪوڏ.

سَنڪِنِي : (سن. شنڪني)، عورتن جي چئن قسمن مان هڪ قسم. ڏسو "پدمني".

سَنکِيو : (ف. شرنک. سن. شرنڪ)، هڪ زهريلي شيءِ.

سَنگَ : (پرا. سنگ. سن. سنگ. سنج = وچڻ)، ميلاپ، دوستي، سنڌ.

سَنگَ : (پرا. سنڪ. سن. شلڪ)، ڀاڙو، محصول، چنگي، ڀنکو.

سَنگاسَن: (سن. سنهاسَن. سِنهہ=شينهن+آسَن=تخت. شينهن جي شڪل وارو تخت)، راجا جو آسن، تخت.

سَنگَت: (پرا. سَنگَيہ. سن. سنگَت. سَمُ=ساڻ+گَمُ=وڃڻ)، دوستي، ميلاپ.

سَنگرامُ: (سن. سَنگرام)، جنگ، لڙائي، جُڌ.

سيني ۾ سنگرام، سَچا سناسن ڪي. (سچل)

سَنگيتَ: (سن. سَنگيتَ. سَمُ=ساڻ+گَي=راڳ ڳائڻ)، اهو ڪم، جنهن ۾ ڳائڻ، بجائڻ ۽ ناچ ٿئي.

سِنگهہ: (سن. سِنهہ. هَنسُ=مارڻ)، شينهن، شير.

سَنگهار: (سن. سَنگهہ=”آر“ پڇاڙي)، ڌڻ وارو، مالدار.

سَنگهر: (پرا. سَنڪَل. سن. شرنڪَل)، تيرُ، زنجير، پيڙي.

سَنگهڻ: (هيم. سَنگهيہ. سن. سَگهراڻ. سَ+گهرا=سنگهڻ)، واس وٺڻ.

سَنوارَڻ: (سن. سَنوارتَن)، سينگارڻ، ٺاهڻ، درست ڪرڻ.

سَنمک: (پرا. سَنمهہ. سن. سَنمکَ. سَمُ=اڳيان، سامهون+مکَ=منهن)، سامهُون، سامهون.

سِنهہ: ڏسو ”شينهن“.

سَنهن: (سن. شَپتَ. شَپُ=قسم کڻڻ، بد دعا ڪرڻ)، قَسم، سوڳند.

سِنڌرا: (سن. شيتلا. شيت=ٿڌو+لا=وٺڻ)، ماتا جا داغ.

سَنڌُون: (سن. سم)، سڌو، برابر.

سَنيُون: (سن. سمتا)، ڪٺڪ جي اني مان ٺهيل سنهيون تارون، ڪاچ جو قسم.

سَنيهَ: (پرا. سنيهه. سن. سنيهه، سنهه=پيار ڪرڻ)، پريم، عشق، نينهن.

سَنيهو: (پرا. سنديس. سن. سنديش. سم=ساڻ + دش= وٺڻ)، پيغام، پارانيو.

سَٽَپَ: (سن. سنيهه=سنهه=سنيهو ڪرڻ)، چربي.

سَڙَڪ: (ع. شرڪ. سن. سرڪ. سر=وڃڻ)، سڙڪ، شاهي رستو.

سَڪَڻَ: (پرا. چپت. سن. ڪشپت)، نڪ صاف ڪرڻ.

سَڻَسَ: (پرا. سٺسنت. سن. سنشانت)، ڪُڙڪ، خبر.

سَٽَڻَ: (پرا. سٺڻ. سن شروڻ. شر=ٻڌڻ)، ٻڌڻ، ڪن ڏيڻ.

سَٽِي: (سن. شڻ، شڻ=ڏيڻ)، پوک، جنهن مان سوٽلي ٺهي.

سَوا: (سن. سپاد. س=ساڻ+پاد=چوٿون حصو)، هڪ ۽ چوٿون حصو.

سَوادَ: (سن. سواد. ف. سواد)، مزو، لذت.

سَواڌائي: (سن. سَ=چڱي+وِرِتِ ڪا=مبارڪ)، خوشخبري.

سَوارَ: (ف. سَوار< اَسوار=آسو= آسپ=گهوڙو + "وار" نسبت لاءِ. سن. آشْوارَ)، گهوڙي تي چڙهيل، هَسوار.

سَوامِي: ڏسو "سامي"

سَواهُ: (سن. سَوايُو. س=چڱي + وارْتا= وائي)، چڱي وائي، وڏنڊڙ ٻولي.

سوِڀي: (سن. شوڀا. شَڀْ=چمڪڻ)، سونهن واري سهڻي.

سوڀِيا: (پرا. سوڀا. سن. شوڀا. شَڀْ=چمڪڻ)، سونهن، سندرتا.

سَوتِلي: (سن. سَوتْرَ)، سِٽيءَ مان ٺهيل ڌورو.

سَوتِي: (سن. شَلْڪَ)، سود ي ٻڌڻ لاءِ اڳوات ڏنل رقم، بيعانو.

سوٽ: (سن. سَ=چڱو + وَٽَ=وَٽيل)، مضبوط، قابو، سخت.

سوٽو: (گ. سوٽو. هہ. سوٽا. سن. شَنڊَ. شَنڊَ = ٽوڙڻ)، داسو، ڏنڊو.

سوٽي: (سن. سُوتريہ. سَوتْرَ = سٽ)، سٽ جو.

سوپاري: (ف. سپاري. سن. سپرِيہ)، ناريل جي ذات جو هڪ وڻ.

سَوجِي: (سن. شَچ)، ڪڻڪ مان ٺهيل اٽي جو قسم.

سوجهرو: (سن. شوچِسْ+"رو" پڇاڙي)، سَجهند و، روشني.

سوجهڻ : (پرا. سجّوڻ. سن. شوڌن. شُڌ= پاڪ يا صاف ڪرڻ)، جاچڻ، صاف ڪرڻ، پرکڻ.

سوچڻ : (سن. شوچن. شُچ = جلڻ، غم ڪرڻ)، خيال ڪرڻ، جاچڻ، غور ڪرڻ.

سُودر: (پرا. سُدر. سن. شودر. شُچ = صاف ڪرڻ)، آرين جي چئن ذاتين مان پوئين ذات، پنگي. ڏسو "ورڻ".

سَودو: (ف. سودا)، واپار، بدل سدل، مٽا سٽا، وکر.

سُوڌا : (سن. شُڌ. شُڌ = صاف ڪرڻ)، سڌا، صاف پاڪ.
سَروقد سُوڌا پرين، حُورن ڪان به حسين. (سينگار)

سوڌڻ : (پرا. سوهڻ. سن. شوڌن. شُڌ = صاف ڪرڻ)، ڌاتن کي صاف ڪرڻ، سڌارڻ.

سُور: (سن. شُول. شول= بيمار ٿيڻ)، درد، دک، پيڙا.

سوراج : (سن. سُوراجيه. سُو= پنهنجو + راجيه = حڪومت)، پنهنجي حڪومت.

سورٺ : (پرا. سورٺ. سن. سوراشٽر)، گجرات ۾ ڏکڻ ڪاٺياواڙ جو اڳيون نالو، راڻيءَ جو نالو.

سُورج : (سن. سُوريه)، سج.

سُورجمکي : (سن. سُوريه مکي)، گل جو قسم.

سُوردامَ: (سن. سُورَداسَ=هڪ هندي شاعر ۽ ڳَوِيو، جو انڌو هو. انهيءَ ڪري هندو، انڌي کي سُورداسَ چون)، انڌو، اکين ڪان جڏو.

سُوْرْڪَ: ڏسو "سرڪ".

سُورِمو: (سن. شُورَمانِي. شُورَ= بهادر. شُورْ = بهادري ڪرڻ)، پهلوان، وِيرُ.

سورَنهن: (پرا. سولَهَ. سن. شوڊَشَ)، پندرهن ۽ هڪ.

سُورِهَ: (پرا. سُورَ. سن. شُورَ. شُورْ = بهادري ڪرڻ)، راوت، بانڪو، جوڌو.

سُورِي: (پرا. سُولا. سن. شُولا. شُولْ=بيمار ٿيڻ)، سولِي، ڦاسِي.

سُوْرَيہ: (پرا. سُورَ. سن. سُورَيہْ)، سج.

سُوسَمارَ: (ف. سُوسْمارَ. پرا. سَنسَمارَ. سن. ششَمارَ، ششُومارَ)، گوهَ.

سُوڪَمَ: (پرا. سَهَمَ. سن. سُوڪْشَمَ، سُوچْ = چتائڻ)، باريڪ، مهين، ٿورو.

سَوگ: (ف. سَوگ. سن. شوڪ. شَچْ = چنتا ڪرڻ)، ڏک، درد، ماتم.

سَوگَنْد: (ف. سَوگَند. سن. سَوگَند)، قسم.

سائينءَ جو سَوگَنْدُ، ساجَنَ سينڌان سهڻو. (سينگار)

سوم: (پرا. سوم. سن. سوم سَو = پيدا ٿيڻ، ڪران جو چڏڻ)، چنڊ.

سَومَر: (سن. سَومَوار. سومَ=چنڊ+وارَ=ڏينهن)، چندروار، آچر بعد ايندڙ ڏينهن.

سومَناٿ: (سن. سومَناٿ. سومَ = چنڊ + ناٿَ = ڌڻي. مندر ۾ جو بُت رکيل آهي، سو چنڊ جي ڊول آهي)، بتخانو، جو گجرات ۾ آهي.

سونُ: (پرا. سونَ. سن. سُوَرْڻَ: سُوَرْڻَ. سَ = چڱو + وَرْڻَ = رنگ. سهڻي رنگ وارو)، ڪنچن، طلا، زر.

سونارو: (سن. سُوَرْڻَڪار)، سونَ جو ڪم ڪندڙ.

سَولَهڻ: (سن. سَمَرَپَڻ. سَمْ = سانڍ + آرَپَڻَ = پيٽا)، نذر، حوالي ڪرڻ.

سَولچو: (سن. شوچَنَ = ارمان)، سعيو، سانباهو، ڪُٿي، انتظار.

سَولڊِ: (سن. شَنڊِ. شَنْ + وچن)، هائيءَ جو نڪ.

سَونفَ: (سن. شَتَپُشْپا. شَتَ = سؤ + پُشپا = گل)، وَڏَ فَ.

سَونگِي: (پرا. سَنگَ. سن. شُلْڪَ = محصول، پٽ)، سَنگ وٺڻ وارو، محصول اڳاڙيندڙ.

سَونهاري: (سن. شوڀَنَ + ڪارَ = وارو. سَونهن واري)، ڏاهي.

سَونهَن: (پرا. سوهَمَ. سن. شوڀَنَ. شُڀِ = چمڪڻ)، خوبصورتي، جهَلَڪَ.

سَوَڻَ: (پرا. سَؤَڻ. سن. شَڪَنَ)، سڳڻ ساٿ، فال.

سُوءُ: (سن. شوڪَ. شُچِ = چنتا ڪرڻ)، سوگ، مڙس جي مرڻ بعد زال جو غم.

سَوتَرَ: (پرا. سَتَرَ. سن. شُوڪَرَ. شُو = آواز)، مرون، خنذير.

سَوِيڪارَ: (سن. سُوِيڪارَ. سُوَ = پاڻ + ڪارَ ڪُرَ = ڪرڻ)، قبول ڪرڻ، مڃڻ.

سوڌَڻ: (پرا. سوهَڻ. سن. شوڌَنَ. شُڌِ = صاف ڪرڻ)، صاف ڪرڻ.

سَويرَ: (سن. سَويلَ. سُ = چڱو + ويلَ = وقت)، سويل، ساجهر. ضد "آوير".

سَوِيَهَرُ: (سن. سَوِيَمْوَرَ. سوَيِمْ = پنهنجو پاڻ + وَرْ = پسند ڪرڻ وَرَ ڪي)، استريءَ جو پنهنجي مرضيءَ تي وَرَ چوندڻ.

سَهارو: (پرا. ساهارَ. سن. سَهَڪارَ)، مدد، سهايتا.

سَهاڳُ: (پرا. سوهَڳَ. سن. سَوڀاڳيہ. سُ = چڱو + ڀاڳيہ = ڀاڳُ، ڀاڳو)، مڙس جو پيار. ضد "ڏهاڳ".

سَهاڳِڻِ: (سن. سوڀاڳنِي)، وَرَ سهاڳڻ، وَرَ واري عورت.

سَهانجڙو: (پرا. سوهنجڻ. سن. شوڀانجن)، وڻ جو قسم، جنهن جي ڦرين ۽ ٻور جي ڀاڃي ٿيندي آهي.

سَهانگو: (سن. سُوَرگهہ. سُوَ = پنهنجو + آرگهہ = اگهہ)، سستو. ضد "مهانگو".

سَهائتا: (سن. سَهايتا. سَهَ = ساڻ + اِڻْ = وڃڻ)، مدد.

سَهائِڻ: (سن. شوڀن. شُڀ=چمڪڻ)، سهڻو لڳڻ، وڻڻ، جڳائڻ.

سَهائي: (سن. سڀاس. سُ = چڱي + ڀاسَ= روشني)، شعاع، سوجهرو.

سَهَٽ: (پرا. سهہ. سن. سپرهہ = چاهڻ)، سڪ، اڪير، چاهنا.

سَهَجَ: (سن. سهج. سَهہ=ساڻ + جَنْ = پيدا ٿيڻ)، سهنج، آسان، سولو.

سَهِجَ: (پرا. سهہ. سن. سَڪت)، سَهِجَ، سهنج، خوشي.

سهرا: (پرا. سيهر. سن. شيکر. شک = وچڻ)، ڪٽ، موڙ.

سهرو: (سن. شوشر. ش=جلدي + آش=حاصل ڪرڻ. جو جلد عزت حاصل ڪري)، زال يا مڙس جو ايءُ.

سهس: (پرا. سهس. سن. سهسر)، هزار.

سهم: (پرا. سهم. سن. سوڪشم=ٽڪو)، چڙب، دڙڪو، طعنو.

سهنج: (سن. سهج. سه=سان + جن=پيدا ٿيڻ)، سهج، سک.

سهڻ: (سن. سهن. سه=برداشت ڪرڻ)، برداشت ڪرڻ.

سهڻو: (پرا. سوهڻ. سن. شوڀن)، سندر، وڻندڙ.

سهو: (ڏن. سيٺو. سن. شش. شش=آچل ڪري هلڻ)، سيهڙ.

سهو: (پرا. سهه. سن. سپرهه)، لاڳاپو، واسطو.

سهي: (سن. سڌ)، سڌو، پورو.

سهيو: (پرا. سهئه. سن. سکت)، سکيو.

سهيلي: ڏسو "ساهيڙي".

سئي: (گ. سوئ. هيم. سوي. سن. سوچي. سچ=چٽيا ڪرڻ: سو=سبڻ)، رڪ جو سنهي منهن سان ٽڪو اوزار، جنهن سان ڪپڙا سبجن.

سِيارو: (سن. شِيتَ ڪالَ. شيتَ=سَردي + ڪالُ = وقت)، هڪ موسم جو نالو.

سِيالو: (سن. سَجّان)، عقلمند، ڏاهو. ضد "اياڻو".

سِياءُ: (پرا. سَمّا. سن. سَجاتَ)، سڳو، شريڪ، مائٽ، برابر، مَٽ.

سِيائُنَ: (سن. شَوِيَنَ. شُپَ=چمڪڻ)، سهائڻ، وڻڻ، جڳائڻ.

سِيتَلَ: (سن. شِيتَلَ. شيتَ=ٿڌو)، ٿڌو.

سِيتلا: (سن. شِيتَلا. شيتَ=ٿڌو+لا=وٺڻ)، ماتا، بيماريءَ جو قسم.

سِيٽَ: (پرا. سيٽ. سن. سيتَرَ)، رَسي، نوڙ.

سِيٽِي: (سن. شِيتَرَ. شِيتَ=اوزار، جو خوشي پيدا ڪري)، نِنڍڙو باجو، سِينڊ.

سِيٺ: (هيم. سيٺي. پرا. سيٺ. شريشٺن=پراشَسيَ+اشٺَن. پر=گهڻو+شنس=ساراهڻ)، وڏو شاهوڪار.

سيِجَ: (پرا. سيجّا. سن. شَيّا. شِيءِ=سمهڻ)، پلنگ، کوچ.

سِيجاهَ: (ف. سزا)، مار، سيکت.

سِيچالو: (گ. سنچالو. سَنچانُ. شِينَ)، باز پکيءَ جو قسم.

سِيڏو: (سن. آسِڌ)، ڪچو ڪاڏو، ڪاڏي لاءِ اڻ پڪل سامان.

سيرُ: (سن. سيڙَڪَ)، مڻ جو چاليهون حصو.

سِير: (سن. شيلِ. شِلْ=چڱيءَ طرح سوچڻ، اپياس ڪرڻ)، سِيل. سَتُ، سڌو گھڻ.

سِيرو: (ف. شير)، حلوو، حلوي جو قسم.

سيڙھ: (سن. شَلْيَہ. شَلْ = وڃڻ)، هڪ قسم جو جانور، جنهن جي ٻُٺيءَ تي تِکلا ٽِينڊا آهن.

سِيڙهي: (سن. شْريڻِي. شْرِ= شيوا ڪرڻ)، ڏاڪڻ.

سِيَس: (پرا. سِيس. سن. شِيرْشَ. شْرُ= ناس ٿيڻ)، سر، مٿو.

سِيڪارا: (سن. شِيتڪارَ. شيتْ = آواز، جو درد پيدا ڪري + ڪْرُ = ڪرڻ)، شوڪارا، ٿڌا ساهه، سَڏڪا.

سِيڪڙو: (سن. شَتَڪ. شَتَ = سؤ)، سؤ.

سيڪڻ: (سن. شْريشَڻ)، تئو ڏيڻ، گرم ڪرڻ، پچڻ.

سيگوَ: (ملا. سَيگو)، چانورن جو قسم.

سِيڱَ: (سن. شارْنگَ = سڱ جي ٺهيل. شْرِنگَ=سِڱ شْرُ= ناس ڪرڻ)، ڪمان.

سِيلَ: ڏسو "سِير".

سيلو: (سن. شَلِيَہ. شَلْ = وڃڻ)، تير، ڀالو، برڇي.
هَر جو سچئو سڄڻين، ميگَ منجهان ميلو. (شاه)

سيلو: (هہ. سيلا. سن. شَلڪ. ف. شال)، نوڙ، سينهو، ريشمي چادر، ڏهئو.

سيلھہ: (پرا. سيل. سن. شَليہ. شَلْ=وڃڻ)، پاڻرو ڪنڊو، تير.

سيم: (سن. شَنبِي)، ول جو قسم.

اهڙن عجبين، ساهہ سوگهو ڪيو سيم جان. (وسو)

سين: (سن. سَنْجِچا. سَمْ=چڱيءَ طرح سان + جِڃا = ڄاڻڻ. اشارو)، صدا، سوال.

سينا: (سن. سينا. سِ = گڏ ڏيڻ)، لشڪر، فوج، ڪٽڪ.

سيناپتي: (سن. سنياپتِ. سينا + پتِ = مالڪ)، لشڪر جو عملدار.

سينڌ: (پرا. سِيمنتَ. سن. سِيمنتَ. سِ=ٻڌڻ)، مانگ، مٿي جي سنواريل ليڪ.

سينڌو: (پرا. سِنڌوَ. سن. سَينڌوَ)، لوڻ جو قسم.

سينگار: (پرا. سنگار. سن. شرِنگار. شرِنگ=پيار جو وڌڻ + رْ=وڃڻ. جنهن جي ڪرڻ سان من ۾ پيار وڌي ٿو)، شوڀا، سونهن، سجاوٽ. سينگار "سورنهن" آهن:
١- ڏندڻ. ٢- چورڻ (Tooth Powder). ٣- آئيني.

بدن صاف ڪرڻ جو مصالح. ۴- سندُر. سينڌ پرڻ لاءِ. ۵- ڪيسر. نرڙ تي ٽلڪ ڪڍڻ لاءِ. ۶- سرمو، ڪجل. ۷- بندي. آلي يا ٽڪڙو. ۸- تيل. وارن لاءِ. ۹- آرگجا. سڳنڌ شيءِ بدن کي لائڻ لاءِ. ۱۰- پانُ. ۱۱- ڦلي. ۱۲- مِسي. ۱۳- نيرو رنگ. ڪاڏيءَ تي تل بنائڻ لاءِ. ۱۴- ڳلن جي ڪنڍي. مٿي ۾ پائڻ لاءِ. ۱۵- آلتا. ڳاڙها رنگ، پيرن جي ترين کي لائڻ لاءِ. ۱۶- ميندي.

ڪن وري هي "سورنهن سينگار" لکيا آهن: ۱- بدن صاف ڪرڻ. ۲- وهنجڻ. ۳- صاف پوشاڪ پهرڻ. ۴- ڪجل لڳائڻ. ۵- آلتا (ڳاڙهي رنگ) سان هٿ پير رڱڻ. ۶- وار سنوارڻ. ۷- سينڌ ۾ سندر پرڻ. ۸- نرڙ تي تلڪ ڪڍڻ. ۹- ڪاڏيءَ تي تل (تر) ڪڍڻ. ۱۰- ميندي لڳائڻ. ۱۱- بدن کي سڳنڌ شيءِ لڳائڻ. ۱۲- زيور پائڻ. ۱۳- ڳلن جي ڪنڍي وارن ۾ پائڻ. ۱۴- پانُ کائڻ. ۱۵- ڏندن کي مسي هڻڻ. ۱۶- لبن کي لال بنائڻ.

سِڄَڻ: (سن. سَجَّن)، سڄڻ. ڏسو "سڄڻ".

سيهو: ڏسو "شيهو".

سِيهي جو سِيڌ ڇڏي، وُکر وهايوم. (شاه)

سِيءَ: (پرا. سِيءَ. سن. شِيتَ)، پارو، ٿڌ.

# ش

شاباس : (ف. شاد = خوش + باش = هج)، آفرين، جس.

شاستر: (سن. شاستر. شاس = سيکارڻ)، ڪنهن ديوتا يا مني (رشي) جو بنايل ڪتاب، پستڪ، پوٿي. شاستر "ڇهه" آهن: ويدانت ۲- نيايہ ۳- سانکيہ ۴- ميمانسا ۵- پاتنجل ٦- وئيشڪ. هنن ڇهن شاسترن کي "شٻد درشن" (ڇهه درشن، ديدار) پڻ چون ٿا. ڪاويہ (ڪوتا، شعر)، قانون ۽ علمي ڪتابن کي به "شاستر" چون ٿا. جيئن تہ:- ڪاويہ شاستر، ڌرم شاستر، شلپ (هنر، ڪاريگري، ڪلا) شاستر، آلنڪار (رنگين ڪلامي، تجنيس، صنعت Figure of Speech: Ornate composition) شاستر وغيره.

شاگرد : (ف. شاه + گرد = چوڌاري. ماڻهو، جو بادشاه جي چوڌاري حڪم لاءِ بيهي. شاگرد بہ استاد لاءِ ائين آهي)، ختابي، وديارٿي.

شاميانو: (ف. شاميانه)، ڇانوَ، جو لڪڙن تي بيهي، تنبوءَ جو قسم.

شانتي : (سن. سانت. شم = ٺڌو ڪرڻ)، آرام.

شاهوڪار: (پرا. ساهار. سن. ساڌڪار. ساڌ=واپاري. ساڌ=پورو ڪرڻ+ڪار=ڪندڙ)، ڪوٺيءَ وارو، دولتمند.

شاهِي: (ف. سياهي)، مَس، ڪاراڻ.

افلاطون عقل جا، تا شاهِي لاهن شاه. (جلال)

شَبدَ: (سن. شَبدَ. شبد=آواز ڪرڻ: شَپ=پڪارڻ)، آواز، لفظ، حرف، پَدَ، ٻولَ، انجام، گيت، ڀَڄن.

شبنم: (ف. شَب=رات+نم=آلاڻ. رات جي آلاڻ)، تَرِ، ماڪ، مات، ڪپڙي جو قسم.

شَپ: (سن. شَپ. شَپ=چمڪڻ)، سدورو، سياڪو، ليڪ، پلو.

شَڌ: (پرا. سڌ. سن. شڌ. شڌ=صاف ڪرڻ)، پاڪ، صاف، اوجل، نرمل.

شَڊَنگَ: (سن. شَٽ آنگ. شَٽ=ڇهه+آنگ=عضوا)، بدن جا ڇهه عضوا: ۱- ٻانهون يا هٿ (۲)، ۲- ٽنگون (۲)، ۳- مٿو ۴- ڇيلهه.

لوڌ ڪَنجَلَ، ڪَٽ ڪيسري، ڀرون پونر پُونگ،
سَرَوُقد سوڌا پرين، آهن نيڪ شَڊنگ. (سينگار)

۲- "شَڊَنگَ" ويدن جي ڇهن ضميمي طور ڪڌ يا گن (Six supplementaery Parts of the vedas) کي اڻ چوندا آهن: ۱- شڪشا (لفظ-آچار- Pronunciation)

۲- ڪَلپَ (هندو مذهب جي ڪريا ڪرم يا ريت رسم- The ritual of the Hindu religion)، ۳- وِيا ڪَرَڻ (علم صرف ونحو- Grammar) ۴- چَندَ (علم عروض- Prosody)، ۵- جيوتش (علم نجوم، علم هئيت، آڪاسي نروار- Astronomy)، ۶- نرڪت (جنهن ۾ ويدن جي ڪٺن ۽ ڳوڙهن لفظن جي معنيٰ آهي- .(The meaning of the unusual terms

**شَرمسار:** (ف. شرمسار. شرم=لڄ + سار= صاحب. لڄ جو صاحب)، لڄي، ڦڪو.

**شَرمِندو:** (ف. شرمنده. "شرميدن" جو اسم فاعل. ۲- شرم = لڄ + "مند" فاعليت جو لفظ + "ه" جهڙائيءَ جي نشاني. ۳- شرم + مانده)، لڄي.

**شَشدَر:** (ف. ششدر. شش=ڇهه + در=دروازا)، عاجز، مونجهل. هي لفظ در اصل "نرد" راند تان ورتل آهي. هن راند ۾ ٻه تختا، هرهڪ تي ٻارنهن خانا آهن، ليڪن وچ ۾ وڇوٽي چڏيل آهي. هرهڪ تختي تي سڄي ۽ کٻي ڇهه ڇهه دروازا آهن. جڏهن ڳوٽ، تختي جي ڇيڙي تي پهچندي آهي، تڏهن (ڳوٽ جو) وڏيڪ

هلڻ محال ٿي پوندو آهي، جنهنڪري ڪيڏندڙ نهايت حيران ٿي پوندو آهي. ۲- عالم شش جهات: ۱- اتر ۲- ڏکڻ ۳- اوڀر ۴- اولهه ۵- زمين ۶- آسمان.

شَطَرَنج: (ع<ف. سترنگ يعني ماڻهوءَ جي شڪل جهڙو، چاڪاڻ ته شطرنج جي مُهرن ۽ سارين کي به ماڻهن جا نالا ڏنل آهن، تنهنڪري هن راند کي "سترنگ" يا "مَردم گيا" پڻ چون ٿا. ۲- سن. چَتَرنگ. چتر= چار+انگ=عضوا. هن راند ۾ بادشاه ۽ وزير ڌاران چار عضوا يا رُڪن آهن: ۱- هاٿي ۲- آٺ ۳- گهوڙا ۴- پيادا. ۳- ف. شد رنج يعني ويئي هلاڪي ۴- ف. صد رُنگ. صد=سُؤ+رنگ=ڏنگي. ۵- ف. صد رنج. سؤ سورن ۽ هلاڪين جا)، راند جو قسم.

شَڪَر: (ف. شَڪر. ع. سَڪَر. انگ. Sugar شَڪَر. سن شرڪرا. شر=ناس ڪرڻ، گني کي پڙڻ)، کنڊ.

شَڪَر: (سن. شَڪَر. سَچ=پوتر ٿيڻ، سوچڻ)، ڇهون کرهو، زهرو، جمع.

شَڪَروار: (سن. شَڪَر. سَچ = پاڪ ٿيڻ، سوچڻ + وار = ڏينهن)، جمعي جو ڏينهن.

شَڪتِي: (سن. شَڪتِ. شَڪ = طاقت رکڻ)، طاقت، سگهه.

شَلوارَ: (ف. شَل=ران، سٿر+ "وار" لسبت جي نشاني)، سٿڻ.

شلوڪ: ڏسو "سلوڪ".

شَمشيرَ: (ف. شَم = ننهن، پچ + شير = شينهن. ترار ۽ شينهن جي ننهن يا پچ جهڙي آهي)، تلوار.

شنگهه: (سن. سنهه. هَن = مارڻ)، شينهن، آتامرو.

شِوالو: (سن. شِواليہ. شِو=مهاديو+آليہ=جاءِ)، شِو جو مندر.

شَودَرَ: (سن. شودرَ. سچ=صاف ڪرڻ)، ڏسو "سودر".

شوڪارَ: (سن. شيتڪار. شيت=آواز، جو دردپيدا ڪري + ڪر = ڪرڻ)، سيڪارا، ڏاڍا ساهه، سڏڪا.

شَهنشاهَ: (ف. شاهانِ شاه <شاهِ شاهان)، بادشاهن جو بادشاه.

شيشَم: (سن. شنشپا)، وڻ يا ان جي ڪاٺ جو قسم.

شَيلَ: (ع. سير)، چڪر، گهمڻ.

شينهن: (پرا. سنهه. سن. سِنهه. هنس = مارڻ)، شير.

شيوا: (سن. سيوا. سيو = خدمت ڪرڻ)، خدمت، ٽهل، چاڪري.

شِيهو: (سن. سِيسڪ)، ڌاتوءَ جو قسم.

## ص

صابڻ : (ع. صابون)، مشهور سڀني مصالحن واري شيءِ، جنهن سان ڪپڙا ڌوپن ٿا.

صوفي : (ع. صوف = اُن + "ي" نسبت جي. ٢- "صوف" قوم جو نالو، جنهن جا ماڻهو ڪعبي جي خدمت ۾ رهندا هئا ۽ ماڻهن سان چڱائي ڪندا هئا)، ڪٺيوال، اهو، جو دماغ کي غير جي مشغوليءَ کان پاڪ رکي.

صاحب : (ع. صاحِب. "صحبت" جو اسم فاعل)، خداوند، مالڪ.

## ڪ

ڪابنو : (ف. ڪابين)، مهر، استري ڏن.

ڪاپارو : (سن. ڪپال = مٿان ڍڪيندڙ)، ڪاپر، ڪچيءَ يا ناريل جي تاندورن مان ٺهيل نوڙي، سڄ جو قسم، رسو، نوڙي.

ڪاپارو : (ع. قباله)، قباقو، بيعنامو، دستاويز.

ڪاتي : (سن. ڪرتري. ڪرت = وڍڻ)، ننڍو ڪات، وڏو چاقو.

ڪاٽُڻ: (سن. ڪرتن. ڪرت=وڍڻ)، ڪٽڻ، چيڊڻ.

ڪاٽُ: (پرا. ڪاٽ. سن. ڪاشٽ)، عمارتي ڪاٺي، اَڪڙ.

ڪاٽڪٽو: (سن. ڪاشٽ ڪوٽ. ڪاشٽ = ڪاٺ + ڪرت = ڪٽڻ)، پکيءَ جو قسم.

ڪاٽير: (سن. ڪاشٽ ڪار)، ڪاٺيون ڪندڙ، ڪاٺيون وڪڻندڙ، هڪ ذات.

ڪاپار: (سن. ڪپال. ڪپ + ڪالن = هڏن جو جوڙ)، ڪپار، کوپري.

ڪاپڙي: (هيم. ڪنپڙي. پرا. ڪپڙ. سن. ڪاپٽڪ)، فقير جو قسم، زاهد، جوڳي، تپشي.

ڪاڄ: (پرا. ڪڄ. سن. ڪاريہ)، ڪم، جڃ، مجلس، دعوت.

ڪاڃ: ڏسو "ڪانچ".

ڪاڇو: (سن. ڪڇ)، جبل جي پر واري زمين.

ڪاڍو: (سن. ڪرش)، ڇڪ، ڪشش.

ڪار: (ف. ڪار. سن. ڪاريہ. ڪر = ڪرڻ)، ڪم، ڌنڌو، مشغولي.

ڪارَب: (ع. قالب)، سانچو.

ڪارتوس: (پور. ڪارتوش)، بندوق جي ٽوٽي، گولي.

ڪارِج: (سن. ڪاريہ. ڪَرُ=ڪرڻ)، ڪم، ڪاج.

ڪارنهن: (سن. ڪالمن. ڪال = ڪارو)، ڪاراڻ، داغ، ڇنو، عيب.

ڪارڻ: (پرا. ڪارڻ. سن. ڪارڻ. ڪرُ=ڪرڻ)، سبب، وجهہ.

ڪارٽي: (سن. ڪارڪ. ڪرُ+ڪرڻ)، ڪارڻ يا سبب بڻجڻ وارو.

مَنجي محمد ڪارٽي، نرتون منجهان لينهن. (شاهه)

ڪارو: (سن. ڪال)، سياهه. ضد "اڇو".

ڪارون: (سن. ڪال=ڪرڪن)، دانهون، ڪارون.

ڪاريهر: (سن. ڪال هر. ڪال=موت+هر=ڪٽيندڙ.

٢- ڪال=ڪارو+هر=ڪٽيندڙ)، ڪارو نانگ، نانگ جو قسم.

ڪارونيار: (سن. ڪال يار. ڪال = ڪارو + يار = ڏيک. ڪارنهن جو ڏيک)، ڪارنهن، اونداهي، ڪوڙهه.

ڪاڙهڻ: (سن. ڪرت)، ٽهڪائڻ.

ڪاسائي: (ع. قصاب)، ناصائي، گوشت پائيندڙ هڪ ذات.

ڪافور: (ع. ڪافور. پرا. ڪپور. <سن. ڪرپور)، ڪپور، سر هي وکر جو قسم.

ڪاڪَت (ع. طاقَت)، زور، ٻَل، سُگهه.

ڪَرُهي ڪاڪَت ڇڏِي، وَريس نہ وائي. (شاه)

ڪاڪَل: (ف. ڪاڪل. سن. ڪَرْڪرالَ)، وار، زلف.

ڪاڳَر: (ف. ڪاغذ)، پنو، خط، حساب ڪتاب.

ڪالَ: (پرا. ڪالَ. سن. ڪالَ)، موت، وقت.

ڪالهہ: (ت ن. ڪَلّ. پرا. ڪَلّ. سن. ڪَلْيَ)، گذريل ڏينهن.

ڪامَ: (پرا. ڪامَ. سن. ڪامَ. ڪَمْ = خواهش ڪرڻ)، شهوت، دنيوي خيال.

ڪامَڻ: (هيم. ڪَمڻَ. سن. ڪارمڻ. ڪَرْ = ڪم + مَنْ = خيال ڪرڻ)، جادو، اندر جال.

ڪامڻِي: (سن. ڪامنِي. ڪَمْ = خواهش ڪرڻ)، سهڻي عورت، ڪامول.

ڪامُوڏ: (سن. ڪامودَ. ڪَمْ = خواهش ڪرڻ)، هڪ راڳڻيءَ جو نالو.

ڪامولَ: ڏسو "ڪامني".

ڪانَ: (سن. ڪانڊَ. ڪَڻْ + آواز ڪرڻ)، تير.

ڪانتَ: (پرا. ڪَنتَ. سن. ڪانتَ. ڪَمْ = پيار ڪرڻ)، مڙس، عاشق.

ڪانٺو: (سن. ڪنٺڪ)، تارازي، ساهمي، گهڙيال جي ٺمي.

ڪانجهي: (سن. ڪانجڪ)، چانورن جي رَبَ.

ڪانچ: (پرا. ڪنچُڻ. سن. ڪنچڪ. ڪنچ = ٻڌڻ)، سٿڻ سلوار.

ڪانچ: (سن. ڪاچ. ڪچ=چمڪڻ)، ڪاچ شيشو، ڪچ.

ڪانچن: (پرا. ڪانچڻ. سن. ڪانچن)، سون.

ڪانڌ: (پرا. ڪنت. سن. ڪانت. ڪم = پيار ڪرڻ)، مڙس، هٿيو، پتار.

ڪانڊ: (سن. ڪانڊ)، باب، فصل، حصو، ٽڪر، تير.

ڪانڊارجڻ: (سن. ڪنٽڪ. ڪنٽ = وجڻ)، لنوءَ لنوءَ ڪڙي ٿيڻ.

ڪانڪي: (سن. ڪانڪشا. ڪانڪش = پيار ڪرڻ)، خواهش مند، اڇاوان.

ڪانگ: (پرا. ڪاگ. سن. ڪاڪ. ڪئو=آواز ڪرڻ)، ڪانءُ

ڪانو: (سن. ڪانڊ. ڪڻ = آواز ڪرڻ). سَر جي ڳري، جوئر جو ڳنو، ڪلڪ.

ڪانهه: (سن. ڪاس)، ٻوڙي يا سَر جو قسم.

ڪانهلو: (ع. ڪاهل. سن. ڪاهل=ڏٻرو)، سست، ڪمزور.

ڪانءُ ڏسو "ڪانگ".

ڪانئر: (هير. ڪاهلو. پرا. ڪاير. سن. ڪاتر)، ڊڄڻو، گيدي، بزدل.

ڪانيِ: (سن. ڪانڊ = تير)، ڪانو، تيلي (سَريا ٻوڙي جي)، ڪڻڪ يا سارين جي ٻوڪ جي ڪاني، هٿ پاراتو، جنهن ڪان مصيبت نازل ٿئي.

جنهن جي ماني، تنهن جي ڪاني. (پهاڪو)

ڪاڻو: (سن. ڪاڻ. ڪڻ=بند ڪرڻ)، يڪ چشم، هڪ اک وارو.

ڪائو: (پرا. ڪاڇ. سن. ڪاچ. ڪچ = چمڪڻ)، شيشو.

ڪايا: (پرا. ڪاي. سن. ڪاي. ڪ = ديوتا جو نالو)، جسم، سرير، ديهه.

ڪَبِتَ: (سن. ڪوتا)، هندي شعر جو قسم، جو ڇهن سٽن جو ٿئي، دوهي جو قسم.

ڪَبوتَر: (ف. ڪبوتر. سن. ڪپوت)، ٻاليهر. جهنگلي ”ڪبوتر“ کي ”ٻاليهر“ چوندا آهن.

ڪَباڙِي: (سن. ڪرپٽ + ”ڙي“ پڇاڙي)، پراڻو سامان وڪڻندڙ.

ڪَبِرَ: (سن. ڪنپن. ڪنپ = ڪنبڻ)، ڪنبڻ، ڏڪڻ.

ڪُڀلي: (سن. ڪُ = خراب + گ. ڙ ن. ڀلي = سنگتي)، نالائق سنگياتي، ڀلي يا سنگتي کانسواءِ، اڪيلي. ضد ”سڀلي“.

ڪُڀو: (سن. ڪُبج)، گُڪو، پٺيءَ لوٻل.

ڪَترڻ: (پرا. ڪتّن. سن. ڪرتن)، قينچيءَ سان ڪپڻ.

ڪَترڻ: (سن. ڪرتن، ڪرت = وڍڻ)، ڏندن سان ڪاٽڻ يا ٽڪڻ.

ڪَترڻي: (سن. ڪرتني)، اها قينچي، جنهن سان جانور جا وار لاهجن.

ڪَتڻ: (سن. ڪرتن. ڪرت = ڪپڻ)، وَٽڻ، ڦڪ ڏيڻ.

ڪُتو: (پرا. ڪُڪر. سن. ڪُڪر)، سگ، جانور جو قسم.

ڪَتي: (پرا. ڪتيا. سن. ڪرتڪا)، ثريا، پروين، ستن تارن جو ميڙ.

ڪِٿا: (سن. ڪٿا. ڪٿ = چوڻ)، ڳالهه، بات.

ڪَٿڻ: (سن. ڪٿن. ڪٿ = چوڻ)، ماپڻ، اندازو لڳائڻ.

ڪَٽ: (پرا. ڪڊ. سن. ڪٽ: ڪٽي)، ڪمر، لڪ، چيلهه، ٻَڙي.

گھونگھٽ اوٽ در راھ چلي، شب شام گھڻي ترناترني،
کت ڀيل جمع، ڪٽ ڪيسر ڪي، دو نينان ھرنا ھرني.
(صابر)

ڪَٽ : (سن. ڪِٽ. ڪٽ=وڃڻ)، زنگ، موريا، سرچو.

ڪَٽَ : (پرا. ڪَٽ. سن. ڪَٽ. ڪَٽ = ڪپو ٽڻ)، دلو، گھڙو.

ڪَٽارِي : (ھيم. ڪٽاري. پرا. ڪٽار. سن. ڪَٽار)، ڪٽار، خنجر.

ڪَٽڪ : (سن. ڪٽڪ. ڪٽ=وڃڻ)، لشڪر، فوج، سينا.

ڪِٽلي : (انگ. ڪيٽل Kettle)، چانھ دان، ديگڙي.

ڪٽنب : (سن. ڪٽنب)، ڪڙم، آکھ، ڪل، گھراڻو، خاندان.

ڪَٽڻ : (سن. ڪرتن. ڪرت=وڍڻ)، ڪپڻ، ٽڪر ٽڪر ڪرڻ.

ڪَٽڻ : (پرا. ڪٽڻ. ڪٽ = پچڻ)، سٽڻ، مارڻ، ڌڙڻ، گذڻ، چلھڻ.

ڪَٽورو: (پرا. ڪٽورگ. سن. ڪٽور)، وٽو.

ڪَٽھڙو: (ھ. ڪاٺ+گھر. سن. ڪاشٺ+گرھ)، جھنگلو.

ڪَٽي : (سن. ڪَٽِ: ڪَٽي)، ڪمر، چيلھ. ڏسو "ڪٽ".

ڪَنِيا : (پرا. ڪَدِي. سن. ڪَنِي)، ڪَنِي، ڇوڪري، ڦٽيراڻو آستان.

ڪَنمال : (سن. ڪنٺ مالا. ڪَنٺ + مالا = هار)، ڳچيءَ جو ڳهڻو، ڪَنٺلو، ڪَنڍي.

ڪَٺن : (پرا. ڪَڍِڻ. سن. ڪَٺِن. ڪَٺْ = پريشانيءَ ۾ رهڻ)، ڏکيو، سخت، مُشڪل.

ڪَٺور : (پرا. ڪَڍورَ. سن. ڪَٺورَ)، بي رحم، نِردئي، سنگدل.

ڪَپاٽ : (پرا. ڪَوالَ. سن. ڪَپاٽَ)، دَرَ.

ڪَپت : (سن. ڪُ = خراب + پُرْتَيِيَم)، ٺڳي، دولاب. ضد "سپت".

ڪَپتان : (انگ. ڪيپٽن Captain)، مکيه عملدار، نائڪُ.

ڪَپَٽ : (پرا. ڪَوَڊَ. سن. ڪَپَٽَ)، ٺڳي، دولاب، چلَ تَرڪٽ.

ڪُپَٿ : (سن. ڪُ = خراب + پَٿيه. پَٿْ = وڃڻ. خراب رستي تي وڃڻ)، نالائقي، ناموزون هلت، بدپرهيزي.

ڪَپر : (سن. ڪَمالُ)، ڪنارو، پڪ.

ڪُپرِ : (سن. ڪُ = خراب + پْرَڪارَ)، ڪُريت، اڻڙي هلت.

ڪپڙو: (پرا. ڪپڊ. سن. ڪرپٽ. ڪر = ڪرڻ + پٽ = ڪپڙو)، لٽو، چيرو.

ڪَپل: (پرا. ڪول. سن. ڪپل)، ڳاڙهو رنگ، پورو رنگ.

ڪپو: (پرا. ڪتو. سن. ڪتپ: ڪوهڪ. ڪوپ = ڪوهه. ڪپي جي شڪل بہ ڪوهہ جهڙي آهي)، وڏي ڪپڙي، چمڙي جو ٿانءُ.

ڪپوت: (سن. ڪ = خراب + پتر = پٽ)، ڪپت، اڻسڌر پٽ. ضد "سپت: سپٽ".

ڪپول: (پرا. ڪوول. سن. ڪپول)، ڳل، رخسار.

ڪپور: (ڏ ن. ڪپورو. پرا. ڪپور. سن. ڪرپور. ع ڪافور)، ڪافور.

ڪپهہ: (سن. ڪرپاس)، ڪپاس، ڪپاهہ.

ڪجائو: (ف. ڪجاوه)، آٺ تي وجهڻ جي پالڪي، ڏولي، جنهن ۾ خاص طرح عورتون سفر ڪن.

ڪجل: (پرا. ڪجل. سن. ڪجل. ڪ = خراب + جل = پاڻي)، ڏئي جو قلو، جو سرمي جو ڪم ڏئي.

ڪنيا: (سن. ڪنيا. ڪن = خوش ٿيڻ)، چوڪري، جا ١٤ سالن کان گهٽ هجي، دوشيزه، ڪنواري.

ڪڃري : (هہ. ڪنچني. سن. ڪانچن=سون. سونن کهٽڻ واري)، ڪسبياڻي، رنڊي، چڪلي جي رن، فاحش عورت.

ڪڇهہ : (سن. ڪنچت. ڪم=ٿورو+"چت" سنسڪرت پڇاڙي Suffix حرف تنڪير جي علامت)، ڪجهہ، ٿورو.

ڪڇ : (سن. ڪڇ. ڪڇ=چمڪڻ)، وار، ڪيس، ڇتا.
سي ڪي ڪڇ قريب جا، وڌ ٽليهر تجلن. (وسو)

ڪچالو : (سن. ڪشن+"آلو" پڇاڙي)، ڀاڄي جو قسم.

ڪچرو : (ڏن. ڪچرو. سن. ڪچر)، گند، ڀڀر.

ڪچڪول : (ف. ڪچڪول)، ڪشتو. فقيرن جي انن جو ٿانءُ.

ڪچنار : (سن. ڪانچنار)، وڻ جو قسم، جنهن جا گل ڀاڄيءَ جي ڪم اچندا آهن.

ڪچو : (سن. ڪڇ)، دريا جي پر واري زمين.

ڪچو : (سن. ڪشن)، اڻ پڪل، اڻ رسيل. ضد "پڪو".

ڪچو : (سن. ڪنسا. ڪتس=گار ڏيڻ)، گار، عيب، مهڻو، طعنو.

ڪچور : (ڏن. ڪچري. پرا. ڪچور. سن. ڪرچور)، هڪ قسم جو ٻوٽو يا ان جو ڦل.

ڪچوري : (ڏن. ڪچرءُ. سن ڪچورڪا=چمڪندڙ پوڙي)، ٻيسڻ جي ٽڪي، جنهن ۾ دال هجي.

ڪَڇوڻُ : (سن. ڪنچَنَ)، سسائڻ، گهٽائڻ.

ڪَڇَهرِي : (سن. ڪُشْتَهرِي. ڪُشْتَ = خراب + هَرِي = ڪٽي وڃڻ. جتي انصاف جي ذريعي خرابي دور ٿي وڃي. عدالت خانو، نياءُ سڀا، دربار، دفتر، سڪهڙن ۽ شاعرن جو ميڙ، جتي خيالن جي ڏي وٺ ٿئي.

ڪَڇَ : (پرا. ڪَڇَّ سن. ڪَڪْشَ)، بغل.

ڪَڇَ : ڏسو "ڪڇھ".

ڪَڇو : (ڏن. ڪَڇا. پرا. ڪَڇا. سن. ڪَڪشا)، جانگهي، لانگوٽي.

ڪَڇُون : (سن. ڪَڇَپَ)، سيسر جي ذات جو جانور.

ڪَڏاتورو : (سن. ڪَ = خراب + ڏاتـو = بنياد + "رو" پچاڙي)، خراب بنياد وارو. ضد "سَڏاتورو".

ڪَڏَڻُ : (سن. ڪُورْدَنَ. ڪُورْدَ = ٽپڻ)، کيڏڻ، خوشي ڪرڻ.

ڪَڏهن : (پرا. ڪَيا. سن. ڪَدا)، ڪهڙي وقت.

ڪَڍَڻُ : (گ. ڪاڍوَنُ. ڏن. ڪَڍِيـ. پرا. ڪَڙّنَ. سن. ڪَرْشَنَ. ڪَرْشَ = ڇڪڻ)، ٻاهر ڪرڻ.

ڪَرَ : (سن. ڪَلا. ڪَلُ = ڳڻڻ)، خبر، سنڀال.

ڪَرَ : (پرا. ڪَرُ. سن. ڪَرَ. ڪْرِ = ڪرڻ)، هٿ.

ڪَرَ : (سن. ڪَرْتي)، لاءِ، ڪاڻ، واسطي.

ڪَرَ: (سن. ڪَلِ. ڪَلَ = ميل ڪرڻ)، ڪٽنب، گهراڻو، آڪهه.

ڪِرَ: (پرا. ڪِير. سن. ڪِير)، چٽول، طوطو.

ڪِرانَ: (سن. ڪِرڻ. ڪِرُ = چڏڻ)، روشنائي، ترورو.

تڳي تهائي تاس رِپ، واڏو ڪونت ڪِران. (سينگار)

ڪَرائي: (سن. ڪلاچي)، هٿ ۽ ٻانهن جو جوڙ.

ڪَربلا: (ع. ڪَرب=ڏک+بلا=ڏاڍائي، ايذاءُ)، عراق ۾ هڪ شهر، جتي حضرت علي رض جو فرزند امام حسين رض شهيد ٿيو هو.

ڪِرت: (سن. ڪِرت. ڪِرُ=ڪرڻ)، ڪم، ڌنڌو، مشغولي.

ڪَرتار: (سن. ڪَرتار. ڪرتا=پيدا ڪندڙ. ڪِرُ=ڪرڻ)، پرميسر، ايشور، ڀڳوان، رَبُ، خدا.

ڪَرتَب: (سن. ڪَرتويہ. ڪِرُ=ڪرڻ)، ڪم، هنر، ڪرامات.

ڪَرتري: (سن. ڪرتر، ڪِرُ=ڪرڻ)، ڪرڻ وارو، پربوڪ جو پهريون قسم. قسم: ڪرتري، ڪرمڻي، ڀاوي.

ڪَرتوت: (سن. ڪرتويتا. ڪِرُ= ڪرڻ)، ڪَم، اعمال.

ڪِرپا: (سن. ڪِرپا. ڪِرپ=رحم ڪرڻ)، دَيا، رحم، ٻاجهه.

ڪِرپانَ: (سن. ڪِرپاڻ)، ننڍي تلوار.

ڪرچ: (سن. ڪرتِ. ڪرتْ=وڍڻ)، تلوار جو قسم.

١- ڪرچين ڪند ڪلال، ڪنهن پر سمجهي ڪين ڪي.
(جلال)

٢- ڪرچين ڪند ڪلال، سفلو سخت سمير ڪان.
(جلال)

ڪرڙ: (پرا. ڪرير. سن. ڪرير)، وڻ جو قسم.

ڪرڙو، (سن. ڪرال=ڀيانڪ)، ڀوائتو، خوفناڪ، سخت.

ڪرڙوڏ: (سن. ڪربر)، جنهن (ماڻهوءَ) ڪي ڪجهه ڪارا ۽ ڪجهه اڇا وار هجن، آڌيڙ، آڌوڙ.

ڪرف: (ع. قفل)، ڪلف تالو.

ڪرڪ: (ف. ڪلڪ=ڪانو)، تير، ٻاڻ.

هنيم هوت ڪرڪ، لوڏيان لوهه نه نڪري. (شاهه)

ڪرڪل: (سن. ڪلڪل. ڪلْ=آواز ڪرڻ)، گوڙ، هل.

ڪرلاهو: (سن. ڪلا=خبر+لڀ=لڀڻ. لهڻ)، خبر لهندڙ.

ڪرم: (سن. ڪرم. ڪرْ=ڪرڻ)، ڪريا ڪرم، ڪم، ڪار.

ڪرمش: (ف. ڪورنش)، آداب، نياز، سلام.

آهو عينن ڪي ڏسي، ڀيا ڪرمش سنجهه ڪنگال.
(سليمان)

ڪَرمَنُ : (سن. ڪَرمَنْ)، ڪريا ڪرم، ڪم، قسمت، نصيب.

ڪَرمَنڊَلَ (سن. ڪَمنڊَل)، فقيرن جي بيک (خيرات) پنڻ جو ڏول.

ڪَرنگَ : (پرا. ڪَرنگَ. سن. ڪَرنگَ. ڪَ = ڏرتي + رَنْجَ=خوشي)، هَرڻ.

ڪَيفي لَڏن پَسي نرگس جان، ڪويا نَين ڪرنگ.
(جلال)

ڪِرنگهُ : (سن. ڪَنڪَ) اناج جو قسم.

ڪَرَنگهر: (سن. ڪَنڪالَ)، هڏن جو پڃرو، پڏَر، ڍُونگرو، پٺيءَ جو ڪنڊو.

ڪَرنو: (سن. ڪَرڻَ)، گل جو قسم.

ڪَرني: (سن. گُرنت گُرنت=پَڊڻ)، ڪِنڍي کوڙها.

ڪَرَڻُ : (پرا. ڪَرڻَ. سن. ڪَرَڻَ. ڪَر=ڪرڻ)، ڪرڻ، ڪرتوت، ڪم.

ڪِرَڻُ : (سن. گَلَنَ. گَلْ=ڇِڪَڻَ)، ڏِڪو ڪائڻ، ڏَهڻ.

ڪِرڻ: (پرا. ڪرڻَ. سن. ڪِرَڻَ)، تِرورو، روشنائيءَ جو ليڪو.

ڪَرو: (سن. ڪَنپَ+"آوارا" پڃاڙي)، ڪَونرو، بدنو.

ڪروڌ: (سن. ڪروڌ. ڪُرڌ = غصو ڪرڻ)، غصو، ناراضپو.

ڪِروڙ: (پرا. ڪوڊِ. سن. ڪوٽِ)، سو لک.

ڪَرَهَ: (پرا. ڪَلَهَ. سن. ڪَلَهَ ڪَلَ = آواز ڪرڻ)، جهيڙو. جيسين الّو ڪٽي لتِ، تيسين ڪَرَهَ وچي اجهامي. (پهاڪو)

ڪُرهو: (پرا. ڪَرِهَ. سن. ڪَرڀَ)، جوان اُٺ، اُٺ.

ڪِري: (سن. ڪريا، ڪُرَ = ڪرڻ)، رَڪ، پرهيز.

ڪِرْيا: (پرا. ڪرِيا. سن. ڪَريا. ڪَرَ = ڪرڻ)، ڪم، مذهبي رسم يا فرض، ريت رسم.

ڪَرِيتِ: (سن ڪَ = خراب + رِيتِ = چال، رسم)، ڪُپر، خراب ريت.

ڪَرِيڙ: (پرا. ڪَرِيرَ. سن. ڪَرِيرَ)، ڪرڙ جو وڻ.

ڪريلو: (سن. ڪارَويلّ)، ڀاڄيءَ جو قسم.

ڪَڙاهُ: (پرا. ڪَڊاهَ. سن. ڪَٽاهَ)، ڪَٽاهُ، وڏي ٽمي، ٽمي.

ڪَڙَپ: (سن. ڪانڊا)، جوئر جا سُڪا ڪانا.

ڪَڙڪَڙ: (پرا. ڪَڊَيڊَ. سن. ڪَڊَ ڪَڊَ)، ڪڙ ڪڙ جو آواز، ڪَڙڪاٽ، ڪَڙڪو.

ڪُڙمُ: (سن. ڪُٽنبَ)، ڪُٽنب، ڪُلُ، خاندان.
ڪنو ٻه پنهنجي ڪڙم سان سو نهين. (ڀاڪو)

ڪُڙمِي: (سن. ڪُٽنبِڪَ: ڪُٽنبِنۡ=ڪٽنب پاليندڙ)، هاري، کيتي ڪندڙ.

ڪَڙو: (پرا. ڪَڍَگ. سن. ڪَٽَڪَ)، دَرَ جي ڪنڊي ۽ وجهڻ واري زنجير، ڪُٽ، زنجير.

ڪَڙو: ڏسو "ڪوڙو."

ڪَڙِهه: (سن. ڪَٽِ)، طنبيلو، گهوڙن جي ٻڌڻ جي جاءِ.

ڪَڙَهڻ: (سن. ڪَوَٿ)، ٽهڪڻ، جوش کائڻ.

ڪَڙهي: (سن. ڪَرَاپِ)، ٻصرن جو ٻوڙ، ڀاڄيءَ جو ٿسر.

ڪَڙي: (پرا. ڪَڍَگ. سن. ڪَٽَڪَ)، پيرن جو زيور، پيرن جو زنجير.

ڪَڙِي: (سن. ڪَڍَ. ڪَڍۡ=ڪَلَ لاهڻ)، ڦَٽَ جو سَڪَلَ ڇِلڙ.

ڪَڙيو: (ع. قَرۡيَه=ڳوٺ)، واهه.

ڪَسَ: (سن. ڪَشايَ)، ڌاتوءَ جي ڪَٽَ، زَنگ، ميل.

ڪِسانَ: (پرا. ڪسانَ. سن. ڪرۡشانَ. ڪَرۡش=هَرَ ڪاهڻ)، ڪڙمي، هاري.

ڪَسْبيائي: (ع. ڪَسْب=ڌنڌو) ڪچري، وَيسِيا، رَنڊِي، ڇڪلي جي رَنَ، پيشه ور عورت.

ڪَسَنگَ: (سن. ڪَ=خراب+سَنگَ=سنگت)، خراب سنگت. سَنگَ، تاري، ڪَسنگ ٻوڙي. (ڀهاڪو)

ڪَسْوَٽِيي: (پرا. ڪَسْوَٽِيي. سن. ڪَشپَٽِيي. ڪَشُ=آزمائڻ)، سون پرکڻ جو پٿر، آزمايش.

ڪَشْتو: (ف. ڪَشْتہ=ڪُٺيل، ماريل. ڪشتن = ڪُهڻ)، ماريل دوائون.

ڪَشْٽ: (پرا. ڪَسٽ. سن. ڪَشْٽ. ڪَشُ=مارڻ)، درد، تڪليف.

ڪَڪَرُ: (سن. ڪ = پاڻي=ڪَرَ=ڪندڙ)، بادل، جهڙ، اڪر.

ڪُڪَرْمَ: (سن. ڪَ=خراب+ڪَرْمَ=ڪم)، خراب ڪم، بدڪاري.

ڪَڪرو: (پرا. ڪَڪَرَ. سن. ڪَرْڪَرَ)، پٿرن جي ڀور، ساڪرو.

ڪُڪُڙ: (ڏن. ڪُڪُوڙو. پرا. ڪُڪُڊَ. سن. ڪُڪُٽَ. ڪَ= آواز ڪرڻ)، گهرو پکيءَ جو قسم، مرغ.

ڪَڪڙو: (سن ڪَدَرَ)، ٻير ۾ نڪرندڙ سخت داڻو، وَلَڻَ (ڪپهه) جو ٻج.

ڪَڪورَڻ: (سن. ڪَنڪَرَ)، ڪاڙهو ڪرڻ، رڱڻ.

ڪَڪوهَ: (سن. ڪَڪَپَ)، شراب جو قسم.

ڪَڪيلو: } (سن. ڪِنڪرات)، چٽون، طوطو، اڳوڻن شاعرن،
ڪَڪيهَل } محبوب جي ڪَنڌي لڪ کي، ڪڪيلي جي چهنب
سان تشبيهه ڏني آهي.

چَرچيهَل، اات ڪَڪيهَل، هندوي هو نٽ رتان. (ڪوري)

ڪَڪَ: (سن. ڪَڪش)، گاهه جو تيلو.

ڪَڪِ: (پرا. ڪڇ. سن. ڪَڪش)، پيٽ جو پاسو.

ڪَلَ: (پرا. ڪَل. سن. ڪَلَ. ڪَلُ = آواز ڪرڻ)،
ڪوئل جي ڪوڪ.

ڪَلَ: (سن. ڪلا. ڪَلُ=ڪٽڻ)، خبر، ڪَر.

ڪُلَ: (پرا. ڪُل. سن. ڪُلَ)، ڪُر، ڪٽنب، خاندان.

ڪَلا: (سن. ڪَلا)، هنر، جوت، روشني، ڏيا.

ڪَلا رو: (سن. ڪَلا +"رو" آ پڇاڙي)، رنگ روپ وارو،
سينگاريل، سهڻو.

ڪَلالَ: (سن. ڪَلْيَہ=شراب + پالَ = رکندڙ)، گَتي وارو.

ڪُلالَ: (سن. ڪُلالَ. ڪَلُ = ٻڌڻ. ف. گلال)، ڪنڀر.

ڪَلْپَتَ: (سن. ڪَلْپِت. ڪْرِپْ = ويچارڻ)، نقلي، ڪُوڙو،
ڦُرٽو، خيال.

ٽِڙو مَن آمنَ، اوديا ڪلپت نہ رهي. (سامي)

ڪَلْپِنا : (سن. ڪَلْپنا. ڪْرِپْ=ويچار ڪرڻ)، من گھڙت بات.

ڪَلْجُگ : (سن. ڪَلِ = جھيڙو + جُگ = زمانو)، چوٿون جُڳ. ڏسو "جُڳ".

ڪِلْڪِل : (پرا. ڪَلَڪَلَ. سن. ڪَلَڪَلَ. ڪَلْ=آواز ڪرڻ)، ڪِرِ ڪِرِ، رِنج ڪِنجھ.

ڪَلْس : (پرا. ڪَلَس. سن. ڪَلَش. ڪَلْ = آواز ڪرڻ)، دلو، گھَڙو.

ڪَلَف : (سن. ڪَلْپَ)، آهار يا پِنو. جو ڪَنِي (ڌوٻي) ڪپڙن کي ڏيندا آهن.

ڪُلْفِي: (ع. قُفْل = تالو، ڪرف)، ٽيـنَ جي ٿَھيل شيءِ، جنھن ۾ کير جمي.

ڪَلَنڪ : (پرا. ڪَلَنڪ. سن. ڪَلَنڪ)، داغ، ٽِڪو.

ڪَلول : (سن. ڪَلْوِلَ)، موج، خوشي.

ڪَلاوَت : (سن. ڪَلاوت)، مُطرب، گَويو.

ڪَلِي : (سن. ڪَلِڪا)، مکڙي.

ڪِلي : (سن. ڪِيلَ)، ميخ.

ڪَلْياڻ : (سن. ڪَلْياڻَ. ڪَلْيَہ = تندرست + اڻْ = جيئڻ)، خير، سک، آنند، هڪ راڳڻي جو نالو.

ڪُرُ: (پرا. ڪَرُ. سن. ڪُرمن. ڪُرَ=ڪرڻ)، ڌنڌو، ڪاج.

ڪَمَ: (سن. ڪَمَدَ)، گاهه جو قسم، جنهن جي ڦُلَ کي "ڪم" چئبو آهي.

ڪَمارِي: (پرا. ڪَمارِي. سن. ڪمارِي)، ڪنواري، ٻارنهن سالن جي ٻالڪي.

ڪَمال پَٽَ: (سن. ڪَمال پَٽَر. ڪَمر=انڌارو ٿيڻ، ڇاهڻ+ پَتر= پن)، مصالحدار وڻ جا پن.

ڪَمانَ: (ف. ڪَمان <ع. خمان. خم=ڏنگو، ورڻ+ "آن" نسبت جي نشاني)، سينگ، وَنگ.

ڪَمائڻ: (پرا. ڪَمُ. سن. ڪَرمَ=ڪم)، اپائڻ، ڪَرڻ.

ڪَمبَلَ: (سن. ڪَمبَلَ)، لوئيءَ جو قسم.

ڪَمَرِڪَ: (انگ. ڪَيمرِڪَ، Cambric)، هرڪُ، ٽُلي جو قسم.

ڪَمرو: (پرا. ڪَمرَ. سن. ڪَربرَ)، چِٽڪمرو، رنگا رنگي.

ڪَمَلَ: (سن. ڪَمَلَ)، ڪنول جو گل. ڏسو "ڪنول".

لَين ڪمل هن ڪيف ڪنّي، وچ عشق غضب آغمام. (لَنڊ)

ڪَمِي: (پرا. ڪُمُ. سن. ڪُورمَ)، ڪچون جي ذات جو هڪ جانور.

ڪميڻو: (ف. ڪمينہ)، نيچ، گهٽ.

ڪَن: (پرا. ڪَنّ، سن. ڪرڻ. ڪر = سمجهڻ)، ٻڌڻ جو حواس.

ڪَن: (سن. ڪَندَ)، گرداب، چڪر هڻندڙ پاڻي.

ڪَنبڻ: (پرا. ڪنبڻ. سن. ڪَمپَنَ. ڪَنپ = ڏڪڻ)، ارزڻ، ڌڄڻ.

ڪَنڀار: (پرا. ڪنڀار. سن. ڪنڀڪار. ڪنڀ = ٿانءُ + ڪارَ = ڪندڙ)، ڪنڀر، گلال.

ڪَنٽ: (سن. ڪَنٽ. ڪَڻ=آواز ڪرڻ)، ٻَلو، ٻَچي.

ڪَنٺيرو: (سن. ڪَنٺيرَوَ. ڪَنٺيا+رَوَ=آواز. جنهن جي ڪلي ۽ حشمت جو آواز آهي)، شينهن، شير. هن جي ڪمر لڪدار ۽ سهڻي ٿئي ٿي، جنهنڪري اڪثر شاعرن محبوب جي پتلي ڪمر کي، شينهن جي ڪمر سان تشبيه ڏني آهي.

ديهہ سمو، ڪنٺيرو ڪڙي، لبي لاڪ وارن. (سينگار)

ڪَنجرو: (سن. ڪَنچڪ. ڪَنچ=ٻڌڻ)، چولي، ڳَج.

ڪَنجر-ڪَنجل: (پرا. ڪَنجر. سن. ڪَنجَر)، هاٿي.

لوڏ ڪنجل جي ڪر ٿي، چال پسي چينچل. (ڪنڀار)

ڪنجوس: (سن. ڪَنَ = ڪڻو، باريڪ ذرو + هه. چوس < سن. چوشَن=چوسڻ)، مکي چوس، بخيل.

ڪنجي: (سن. ڪنچڪا)، چابي.

ڪنجهڻ: (سن. ڪنج + ڀڻ ڀڻ ڪرڻ)، درد کان منهي دانهن ڪرڻ، ڪرڪڻ.

ڪنجهو: (سن. ڪانسيه)، ڪٽ جو قسم.

ڪنچر: ڏسو "ڪنجر".

ڪند: (سن. ڪنت)، نيزا، ڀالا.

ڪندرو: (سن. ڪندر)، دوا جو قسم.

ڪندن: (سن. ڪندن)، صاف سون.

ڪندن رنگ قريب جو، پارس جنهن جو پار. (جلال)

ڪنڌ: (پرا. ڪنڌ. سن. سڪنڌ. مڪنڌ =مٿي ڪرڻ)، گردن، ڳاٽو.

ڪنڊ: (ڪوڻ. سن. ڪوڻ)، گوشو، پاسو، سوڙ (رستي جو).

ڪنڊو: (پرا. ڪنٽڪ. سن. ڪنٽڪ)، وڻ يا ٻوٽي جي تيز چهنبدار ڏانڊي، خار، ڪنڊيءَ جو وڻ، هڏي.

ڪنڊل: (پرا. ڪنڊل. سن. ڪنڊل)، والي، مرڪڻي، فقيرن جي ڪن جو والو.

ڪنڊو: (سن. ڪنڊل)، جنهن ۾ ڏر جو ڪڙو هوي.

ڪنڊي: (سن. ڪنٺي = ڳچي)، گلن جو هار، ڳچيءَ جو ڳهڻو.

ڪَنڊي: (سن. ڪنڊل = ڪنڊو)، مينهن جو قسم، جنهن جا سڱ وريل هجن، مڇي ڦاسائڻ جو اوزار.

ڪَنر: (سن. ڪنڊل)، والو، جو جوڳي ڪَن ۾ پائين.

ڪَنڪ: (پرا. ڪڻڪ. سن. ڪنڪ. ڪَنْ = خوش ٿيڻ)، سونُ.

ڪَنڪن: (سن. ڪانچن)، سونُ.

آگم رپ نه آگمي، ڪنڪن اچي نه ڪوءِ. (جلال)

ڪَنڪُ: (پرا. ڪَنڪ. سن. ڪَنڪ)، پاڻيءَ جو هڪ پکي.

ڪَنگال: (پرا. ڪَنڪالَ. سن. ڪنڪال = هڏن جو پڃرو)، غريب، مسڪين.

ڪَنگڻ: (پرا. ڪَنڪڻ. سن. ڪَنڪڻ)، ٻانهن جو زيور.

ڪَنگڻي: (سن. ڪَنگُ)، سارين جو قسم.

ڪَنگو: (پرا. ڪَنگم. سن. ڪَنڪم)، ڳاڙهو رنگ، لٽي وٽ جو ڳاڙهو پور.

ڪَنگو وَنَ ڪرايون، پَرون پَونر پَوَنڪ. (سليمان)

ڪَنگو: (سن. ڪنڪت)، ڦڻي.

ڪَنوَر: (گ. ڪَنوَر. سن. ڪُمار)، شهزادو.

ڪهڙي مَدح ڪَنور جي، جو سيني سِينگارا. (گروهڙي)

ڪَنوَل: (پرا. ڪَمل. سن. ڪَمَل. ڪَمْ=خواهش ڪرڻ)، ڪنول جو گل يا ٻوٽو.

ڪنئارِي: (سن. ڪُماري)، آڻ پرڻيل، دوشيزه.

ڪَنشَچَل: (پرا. ڪَنچڻ. سن. ڪانچَن. ڪانچْ=چمڪڻ)، سونَ.

ڪَنئرو: (پرا. ڪومَنْ. سن. ڪومَل)، نرم.

ڪَنيا: ڏسو "ڪَچا".

ڪَنياءُ: (سن. ڪُ = خراب + نْيايَ = نياءُ، انصاف، آنياءُ، بي انصافي.

ڪَنيرَ: (سن. ڪاچَ = شيشو + "رَ" اچاڙي)، عينڪ.

ڪَنيرَ: (سن. ڪنئيرو)، شينهن.

ڪَٺا: (سن. ڪَڻ)، ٿورا داڻا، تمام ٿورو.

ڪَٺْچي: (سن. ڪَرْ=هٿ+رَڪْشا=رکيا، سنڀال)، وَڏِي، وڏي چمچي جو قسم.

ڪِٺڪَڻ: (سن. ڪْوڻَ. ڪَڻْ=آواز ڪرڻ)، ڪنجهَڻ.

ڪَٺِي: (گ. ڪُٺي. سن. ڪَڻَ)، ذري، هيري جي ٽِڪي، ميٺهن جي ڦڙي يا ٻُوندَ، هڪ داڻو.

ڪَوار: (سن. ڪوارتا. ڪَ=خراب + وارْتا =وائي)، خراب وائي، ڪلا، هَجْوَ، نندا.

ڪَوِتا: (سن. ڪَوِتا)، شعر.

ڪوڙِ: (پرا. ڪوڊِ. سن. ڪوٽِ)، ڪروڙ.

سِپَني ۾ سامي چئي، ڪوٽ جنم پائي. (سامي)

ڪوٽ: (سن. ڪوٽ)، قلعو، ڳڙهه.

ڪوٽوالَ: (ف. ڪوتوال. سن. ڪوٽ=قلعو + پالَ=محافظ)، قلعيدار، ڪوٽ جو محافظ، ٺپيدار جو نوڪر.

ڪوٺارِي: (هہ. ڪٺالِي. سن. ڪَ + سٿالِي)، سون ڳارڻ جو ٺانءُ.

ڪوٺو: (سن. ڪوشٺ)، سِرن ۾ پٿرن جي ٺهيل جاءِ، گهر جو مٿيون حصو.

ڪوپ: (سن. ڪوپ. ڪُپَ=ڪروڌ ڪرڻ)، قهر، غضب.

ڪوپِري: (پرا. ڪُوِرَ. سن. ڪرپَر. ڪرْپَ = ويچار ڪرڻ)، ڪوپري.

ڪوپو: (سن. ڪوپِي. ڪوپَ=ڪاوڙ، غصو)، جوشيلو، پهلوان، بهادر.

ڪوجهو: (سن. ڪُبَجَ = ڪُبو)، بد شڪل.

ڪوچَ: (سن. ڪروش. ڪرش=دانهن ڪرڻ)، آواز، هل.

ڪوڏَ: (پرا. ڪَوَڊ. سن. ڪهرڏ)، وڏي ڪوڏي، ڪَرڪٽو.

ڪوڏِر: (سن. ڪُدالَ)، ڪڙمين جي ڪانيءَ ڪٽڻ جو اوزار.

ڪوڏَر: (سن. ڪوڏَرَو)، جهنگلي ڏٿ.

ڪورو: (سن. ڪيولَ. ڪيو=شيوا ڪرڻ)، نئون، تازو.

ڪوري: (سن. ڪولَڪ)، هڪ ذات.

ڪوڙِ: (سن. ڪوٽِ)، ڪروڙ.

ڪُوڙَ: (سن. ڪَوٽَ. ڪُوٽ=افسوس ڪرڻ)، ڪُوٽ. ضد "سچ".

ڪُوَڙَ: (سن. ڪُوَر. ڪُ=خراب + وَر=بهتر)، بچڙو وڙ، نالائقي.

ڪوڙڪِي: (سن. ڪُوٽَ)، ڪوڙڪو، شڪار ڦاسائڻ جو اوزار، جو ميڻهن جي سگ جو ٺهيل ٿيندو آهي.

ڪُوڙو: (سن. ڪَٽَ)، ڪَڙو. ضد "مٺو".

ڪُوڙو: (سن. ڪُوٽَ)، دوکيباز. ضد "سچو".

ڪوڙهه: (سن. ڪشٿَ. ڪَش=چڪڻ)، مرض جو قسم.

ڪوڙي: (سن. ڪروڊ. ڪروڊ=جمع ٿيڻ)، ڇاتي، سينو، آرهه.

ڪوڙي: (پ. ڪوڊِي. سن. ڪَٽَ=ميڙ. انگ. سڪور (Score) ويهه.

ڪوشُ: (سن. ڪوشَ)، لغت، پردو، ڪوپو.

ڪُوڪَڻَ: (پرا. ڪُوڻَ. سن. ڪُوجَنَ. ڪَجْ = لات لنوڻ)، ڪُوڪو ڪرڻ، لَنوڻ، پولڻ، دانهون ڪرڻ.

ڪومائِجَڻَ: (سن. ڪَ + مْلانَ)، مُرجهائڻ، ڪومائجڻ.

ڪومَلَ: (پرا. ڪومَلَ. سن. ڪومَلَ)، نرم.

ڪُونجَ: (پرا. ڪونچَ. سن. ڪُرؤنچَ)، سهه، رائل، پکيءَ جو قسم، جو اڪثر جبل ۾ رهي ٿو. هن جي ڳچي سنهي ۽ ڊگهي ٿيندي ٿي. اڳوڻن شاعرن محبوب جي ڳچيءَ سان تشبيه پئي ڏني آهي.

ڪَونڌَڻَ: (سن. ڪَنَنَ=چمڪڻ+آنڌَ)، بجليءَ جو چمڪڻ.

ڪُونڊو: (پرا. ڪُنڊَ. سن. ڪُنڊَ)، پڻڪ يا مصالح گهوٽڻ جو ٿانءُ.

ڪَونرَ: ڏسو "ڪنور".

ڪوهَ: (سن. ڪْروشَ)، ٻه ميل.

ڪوهِ نُورَ: (ف. ڪوهِ = جبل. ع. نُور = روشني)، وڏو چمڪندڙ هيرو.

ڪوهيارو: (ف. ڪوهِ + "آر" پڇاڙي)، جبل جو رهاڪو.

ڪوئِلَ: (پرا. ڪوئِلَ. سن. ڪوڪِلَ)، هڪ پکي، جنهن جي لات دل سيبائيندڙ آهي.

ڪونلو: (هير. ڪوئلا. سن. ڪوڪلا)، آڱر.

ڪونُ: (سن. ڪنچن. ڪنچ=سوڙهو ٿيڻ)، سنڪوچڻ، سسڻ، ڪيفي لين اسي نرگس جان، ڪويا لين ڪرلڳ. (جلال)

ڪويج: (سن. ڪ = خراب + ويدي = طبيب)، نيم طبيب.

ڪويسر: (سن. ڪوايشور. ڪو=ڪوي=شاعر+ايشور= مالڪ)، راج ڪوي، شاعر شاهي.

ڪهاڙو: (پرا. ڪهاڙ. سن. ڪنار)، وڏي ڪهاڙي.

ڪهاڻي: (سن. ڪٿانڪا. ڪٿ = ٻڌائڻ)، آکاڻي، ڳالهه، حڪايت.

ڪهاوت: (سن. ڪهاوت)، ڳالهه، پهاڪو، چوڻي.

ڪهڻ: (پرا. ڪهڻ سن. ڪٿن، ڪٿ=چوڻ)، ٻڌائڻ، چوڻ.

ڪيتڪي: (پرا. ڪيئگ. سن. ڪيتڪ. ڪٿ = گهر ڪرڻ)، گل جو قسم.

ڪيٽ: (پرا. ڪيڊ. سن. ڪيٽ)، ڪيڙو، جيت.

ڪيڏارو: (گ. ڪيدارو. سن. ڪيدار)، راڳڻيءَ جو نالو، جنگ.

ڪيرُ: (سن. ڪيل. ڪيل = ٻڌڻ)، ڪلو، جنهن جي لوهي ميخ، ارچي.

ڪِيرَتَ : (پرا. ڪِتِ. سن. ڪِيرتِ. ڪُرَتَ=ساراهڻ)، ساراهه؛ ناموس، هاڪ.

ايندا د ر عجيب مون، ڪِيرَت وارا ڪَل. (جلال)

ڪِيرتِ : (سن. ڪِيرتَن. ڪُرَتَ=ساراهڻ. ساز تي ڏڻي صاحب جو نالو وٺڻ)، آواز، آلاپ، راڳ.

ڪَنجهي ڪِيرتِ ڪِينرو، واڄو وِلاتِي. (شاه)

ڪِيڙو : (پرا. ڪِيڊ. سن. ڪِيٽَ)، ماڪوڙي جيت.

ڪِسَ : (پرا. ڪِيس. سن. ڪيشَ)، وار.

جڏهن آيَ ء آبر بهار، تڏهن ڪَنولَ ڪِيس قريب جا.
(جلال)

ڪيسَرِ : (پرا. ڪيسَر. سن. ڪيسَر. ڪيشَ = وار)، هڪ سگنڌ وکر.

ڪيسَرَ : (پرا. ڪيسر. سن. ڪيسَرنْ. ڪيشَ=وار. وارن وارو)، شينهن. ڏسو "ڪَنئيرو".

لَڪ ڪَيسر، اوڏ ڪُنجل، ماري مو رمَلنگ. (جلال)

ڪَيڪانَ : (سن. ڪيڪانَ)، گهوڙو. "ڪيڪان" شهر گهوڙن ڪان مشهور آهي.

**ڪيڪڙو:** (سن • ڪرڪٽ)، آنن ٽڱن ۽ ٻن چنبن وارو پاڻيءَ جو جيت •

**ڪيلاس:** (پرا • ڪيلاس سن • ڪيلاس)، هماليه جبل جي چوٽي •

**ڪيلڪي:** (سن • ڪيلڪا • ڪل = راند)، مَن موجي، خوش مزاجي •

**ڪيٽ:** (گ • ڪيٽ • سن • ڪٽ : ڪٽي)، ڪمر، چيلهه •

گينرچلت غلام الله چئي، ڪينٽ سنڌي ڪيهر • (غلام الله)

**ڪينچن** (سن • ڪانچن • ڪانچ = چمڪڻ)، سون •

رو، ڪينچن، ماهه، ڪنگور ڪر، ناهي جوڙ جمال •
( سليمان )

**ڪينرو:** (سن • ڪنر • ڪم = ڪهڙو + نر = ماڻهو • ڪهڙي قسم جو ماڻهو؟ هندن جي عقدي موجب ديوتائن جو گويو، جنهن ڪي منڍي گهوڙي جهڙي ۽ باقي بدن انسان جهڙو هو)، هڪ قسم جو ساز، رنج ڪنجهه، رودن •

**ڪينو:** (ف • ڪينہ)، بغض، حسد، ساڙ •

**ڪيوڙو:** (پرا • ڪيل • سن • ڪدل • ڪ = هوا + دل = ڦاڙڻ • جو هوا ۾ ڦاٽي پوي)، ڪيلو •

ڪيهَر: (پرا. ڪيسر. سن. ڪيسَرِنْ)، شينهن.

ڪِيئون: (پرا. ڪِرِ. سن. ڪَرِمْ)، جيت جو قسم.

## ک

کارَ: (پرا. کارَ. سن. کشارَ. کشَرْ=ناس ٿيڻ)، ڪپڙن ڌوئڻ لاءِ سفيد شيءِ، جا چوني وانگر ٿيندي آهي.

کارَڪَ: (سن. کشارَڪَ)، ڪتل.

کارَڻُ: (سن. کَرَ. کَنْ=ڦاڙڻ)، خراب ڪرڻ، بگاڙڻ.

کارو: (سن. کشارَڪَ)، لوڪرو.

کاري: (سن. کاتَ)، خليج، نار.

کامِڙيو: (سن. کَنَڪَ. کَنْ=کوٽڻ)، کاڻي کڻندڙ، کڙڏاريو.

کامَڻُ: (سن. کشامَ. کشَمْ=سهڻ)، سڙڻ، اچڻ.

کانيائي: (سن. کَشِپِتِيَ. کَشِپْ=اڇلڻ)، غليل جو قسم.

کانڌ: (سن. کشانت. کشَمْ=سهڻ)، صبر، تحمل.

کانو: (سن. کادْ=کائڻ)، ماني، کاڌو.

کاڻِ: (ف. کان. سن. کانِ. کَنْ=کوٽڻ)، کاڻي.

کاهي: (سن. کاتَ)، خندق، قلعي جي چوڌاري اڇاءَ لاءِ کنيل کڏ.

کائڻ: (پرا. کاڻ. سن. کادن. کاد=کائڻ)، پوچڻ کرڻ، چباڙڻ، خوراڪ.

کَٽري: (پرا. کَٽا. سن. ڪشتري. ڪشت=گهاءُ+تري = بچائڻ)، آرين جي ڇهن ذاتين مان ٻي ذات.

ڪَٽو: (سن. ڪٽان. ڪَم=چاهڻ)، ڏوڙو، لوڻي‌ءَ جو قسم.

ڪَٿوري: (پرا. ڪَٿوري. سن. ڪَستوري. ڪَس=تيز ڪرڻ)، مشڪ، ناف آهو.

ڪارا ڪيس ڪَٿوري‌ءَ جهڙا، آرمائين عنبر ڪي. (چاڪر)

کَٽ: (پرا. کَٽا. سن. کَٽوا. کَٽ = چاهڻ)، کٽولو، چار پائي.

کَٽراڳ: (گ=کَٽراگ. سن. شَٽراگ. شَٽ=ڇهه + راگ = راڳ)، بکيڙو، جهنجهٽ. ڏسو "راڳ".

کَٽڻ: (گ. کَٽون. هيم. کَنٽ، کَٽء، کَٽء. سن. کَٽ)، ختم ٿيڻ، پورو ٿيڻ، کپي وڃڻ.

کَٽو: (سن. ڪٽ)، ترش، کٽاڻ، آچار.

کپڻ: (سن. ڪشيڻ. ڪشپ = آڇلڻ)، خرچ ٿيڻ، هلاڪ ٿيڻ.

ڪَجڻ: (پرا. ڪيڄڻ. سن. ڪيدن. ڪَدُ = ڏک ڏيڻ)، وجهڻ، بي حال ٿيڻ، چڙڻ، خفي ٿيڻ.

ڪَجلي: (سن. ڪَرجو. ڪَرجُ = تڪليف ڏيڻ)، خارش.

ڪَجي: (پرا. ڪَجور. سن. ڪَرجور)، ڪجور، ڪتل.

ڪِڇي: (سن. ڪَرسَرا)، دال سان رڌل چانور.

ڪَدڙ: (سن. ڪشدرَ. ڪشد = پيسڻ)، ڪلون، پڳ پور، نڪمو پاڳو.

ڪَڏ: (سن. ڪاتڪ. ڪَن = کوٽڻ)، ڪاهي، ڏوري.

ڪَڏ: (سن. ڪنَڪ)، ڪوٽو.

ڪَر: (ف. خَر. پرا. ڪَر. سن. ڪَر)، گڏهه، ڪريل.

ڪَرڙ: (سن. ڪَر)، پڪل (رڌل) چانورن جو تَرو.

ڪَر: (پرا. ڪَر. سن. ڪَر. ڪَرُ = چيري ٻه ٽڪ ڪرڻ)، مينهن يا ڳئون جيئن ٻن حصن ۾ چيريل هئر.

ڪَرنڊ: (سن. ڪشر+آند)، ڦٽ جا چلڙ، ڪڙيون.

ڪَرو: (سن. ڪَرَ = تکو)، سچو، بنا ملاوت. ضد "ڪوڙو".

ڪَرو: (سن. ڪَلَ. ڪَل = گڏ ڪرڻ)، ڪري، پانڊو، گدام، دڻ.

ڪَڙُ : (سن. ڪَنڪا)، تيلي ٻج جو ڦوٽو، ڦٿون، ميٿهن وغيره جو ويامن ڪان پوءِ ڀرين ٻن يا ٽن ڏينهن جو ڪير، ڪير، جو رڌڻ يا گرم ڪرڻ ڪان پوءِ ڌونري مثل ٿي پوي.

ڪَڙْدو: (ف. خُورده)، ريزو، روپئي جو ڪُلو، مٽا.

ڪَڙَڻ: (سن. ڪْرَ)، ڪڙڻ، ڪَلڻ.

ڪَڙو: (سن. ڪَنڊُ)، پِتَر، وَنڙو، ڦوڙ، پِينڊَ.

ڪَسْڪَسَ: (ف. خَشْخاش. سن. ڪَسْڪَسَ)، پست جي داڻ.

ڪَڪْمارَ: (پرا. ڪَڪَ. سن. ڪَڊْڪَ= ترار+مارَ= هڻندڙ)، جوڌو.

ڪَلَ: (سن. ڪَلّ)، چمڙي، چِل.

ڪَلَڻ: (سن. ڪَڪْڪَ)، خوش ٿيڻ، مرڪڻ.

ڪَلَڻ: (سن. ڪَڊَ: ڪَلَ)، ظاهر ٿيڻ.

ڪَلو: (سن. ڪَلّ)، جُوتو، پادَرَ، موچڙو.

ڪَلْواڙو: (سن. ڪَلَ واٽ. ڪَلَ = ڳاهه جو پِڙ + واٽ = جاءِ. هنڌ)، ڪليل ميدان.

ڪَلْوِل: (سن. ڪولاهَلَ. ڪَلْ = سٽڻ. پري وڃڻ وارو آواز)، وڏو آواز، ڪڙڪو.

بهادر گڏئا ٻهادرين، ڪَڙَڪَ ڪلْول ڪَنَ. (ڪيڏارو)

کِميا : (پرا. کما. سن. ڪشما. ڪشم=سهڻ)، صبر، تحمل.

کَمَڻ : (سن. ڪشم=برداشت ڪرڻ)، صبر ڪرڻ.

کَن: (سن. کَڻ=پچڻ)، اٽڪل، اندازا.

کِن: (پرا. کڻ. سن. ڪشڻ. ڪشڻ = ناس ڪرڻ)، سيڪنڊ جو ۳/۵، تمام جلدي. ڏسو "چن".

کَنپ : (سن. ڪنپ)، ڪنڀ جو ميرن ڪپڙن کي ڪونر يا ديگ ۽ وجهي، باهه تي چاڙهڻ.

کَنجري : (سن. کَنجرِيٽ=ناڙي)، باجي جو قسم.

کَنڊو : (سن. کاڏڪ =کاڻيندڙ)، قرض.

کَنڊ : (پرا. کَنڊ. سن. کَنڊ. کَڊ=پچڻ)، پاڳو، ملڪ.

کَنڊ : (هہ. کانڊ. سن. کَنڊ)، شڪر.

کَنڊو : (سن. کَنڊ)، ڏندن پڳل.

کَنڊو : (سن. ڪنڊل)، کَنڊو، دل جو خراب.

کَنڊ هر: (سن. کَنڊ = ٽڪر + هہ: گهر = مڪان)، ڪريل مڪان جو بچيل ٽڪرو، دڙو، ڍڳ.

کَنگهہ : (پرا. ڪاس، سن. ڪاش؛ ڪاس)، کنگهڻ جو مرض.

کَنو: (سن. کَنڊگ. ڪشڌ = ڪهڻ)، ترار.

وِڃي عضوا ويڙ جا، پڻو کني سان خانَ. (جلال پڻو)

ڪِنوڻ: (سن. ڪَشَڻَدا)، بجلي، برق، وِڄ.

ڪَنَ: (سن. ڪَبَ)، ٽوپو، بخيو.

ڪَنَ: (سن. ڪَشَنَ)، مُدو، مقرر وقت، انجام.

ڪَوپو: (سن. ڪُوپَڪَ)، ننڍڙي ڪَڏَ، چِڏو.

ڪونَڻ: (سن. ڪَنَ)، ڪاني ڪٺڻ، ڪونَهڙو ڏيڻ.

ڪوٽو: (سن. ڪُوٽَڪَ. ڪُوٽَ = ڪُوڙ)، ڪوڙو. ضد "ڪَرو".

ڪوپري: (پرا. ڪُپر. سن. ڪَرپَر)، ڪوپري.

ڪوجنا: (سن. ڪُڄَ=چوراڻ)، تلاش، باريڪ جاچ.

ڪوَڙڻ: (سن. ڪيلُ=بڌڻ، بند ڪرڻ)، ڪَپائڻ.

ڪوَڙ: (سن. ڪُوٽَ. ڪوٽَ = ڏيڻ ڪان ٽٽائڻ)، ڍڪ، ڍيرو.

ڪوڪڙو: (سن. شُشڪَ: تُڇَ)، ميوي جو ٻج، خالي، سُڪٺو، سُڪَل، خشڪ.

ڪَونگهرو: (ف. خَرخَره)، گوگهرو، ننڊ ۾ خَرخَر جو آواز.

ڪَوهُ: (پرا. ڪُوو. سن. ڪُوپَ)، وڏي ڪوهي.

ڪَوهو: (سن. ڪُوپَڪَ)، مڪانُ.

ڪوهِڻ: (سن. ڪُشِ = گهنجڻ)، ڪپڙن وغيره جو پراڻو ڪرڻ، پٽڻ، هلاڪ ڪرڻ.

کَهه: (سن. کشارَ)، ڏوڙ، مٽي، پٽي، دَز، رڻي.

کَهرو: (سن. کَرَ)، سخت، ڏکو.

کَهنبو: (سن. کسنپ. کس=کلي لڳائڻ)، ريٽي ڪپڙي جو قسم.

جٺن کهنبو رنگ کُلي ٻوي، تهڙي لالائي ٻه لبن.
(ملهار)

کِٺو: (سن. کشيوَ. کشيوَ=خمار ۾ اچڻ)، مست، مدهوش، خماريل.

کِيانٺو: (سن. کشيرِ. کِش=وڃڻ، هڪ ڪرڻ)، رهبارو، قاصد.

کيٽ: (پرا. کيٽ. سن. کشيتر. کش=آباد ڪرڻ، رهڻ)، زمين. ڳوٺ، جاءِ.

کيٽو: (سن. کيٽ=راند)، مچلائي، چنچلائي، ڪروڌ.

کيڏڻ: (سن. کيلَن. کيلُ: کيلُ=کيڏڻ)، راند ڪرڻ.

کِيرُ: (ف. شير. پرا. کيرَ. سن. کشيرَ)، کير، ڏيج.

کيڙڻ: (سن. کرش. کرش=هَرَ ڪاهڻ)، اوڙڻ، هر ڪاهڻ.

کيڙو: (پرا. کيڊ. سن. کيٽ)، ڳوٺ، هڪ ذات.

کيلَ: (پرا. کيڊّ. سن. کيلَ)، تماشو.

کينءَ: (سن. ڪشيم=سک. ڪشِ=رهڻ)، خير سلامتي.

## گ

گاڏِي: (هبر. گڏِي. پرا. گنتِي. سن. گنتري. گمْ=وڃڻ)، ٻيل گاڏي، ٻگي.

گاج: (سن. گرْجَ. گرْجْ=گجڻ)، گجگوڙ.

گاجي: (ع. غازي)، ڪافرن کي قتل ڪرڻ وارو، پهلوان.

گارِ: (پرا. گار. سن. گالِ. گلْ=کائڻ)، ڪچو ڳالهاءِ.

گارو: (سن. ڪرْدَمَ)، گپ، راڙو.

گاروڙِي: (سن. گاروڊِڪ. گاروڊَ=منتر، جو نانگ جي زهر لاهڻ لاءِ پڙهجي)، مانڊي، مانڊو، جوڳي، ڪاريگر.

گاشو: (ع. غاشيہ)، اٺ جو سر پوش.

گامَ: (پرا. گامَ. سن. گرامْ. گرْهْ=گڏ ٿيڻ)، ڳوٺ.

گانجو: (سن. گنجڪا)، ڀنگ جو قسم.

گانو: (پرا. گاڻَ. سن. گانَ. گمْ=ڳائڻ)، گيت، راڳ.

گانءِ: (ف. گاوَ. پرا. گائي. سن. گو)، ڳئون.

گاهہ : (پرا. گهاس. سن. گهاس. گهس = کائڻ)، چارو، گاهہ پٺو.

گاٽ : (سن. گرو. گرو = وڏائي ڪرڻ)، آيمان، وڏائي.

گٻر : (سن. گرو: گب)، مغرور، متڪبر، شاهوڪار.

گت : (سن. گت. گم = وڃڻ)، ريت، نمونو، چال، گام، وک.

گت گوهر ڪي ڪنجل ڪيري، ماري مور ملنگ.
(جلال)

گتو : (گ. گتو. هيم. گتو. سن. گپت. گپ = بچائڻ)، اها جاءِ، جتي انشيدار شيون وڪامن.

گپوڙو : (سن. ڪلپ. ڪلپ = ناس ٿيڻ)، گپ شپ، افواهہ.

گف : (پرا. ڪهہ. سن. ڪف)، وات جي گجي، بلغم.

گفا : (پرا. گها. سن. گها. گهہ = لڪائڻ)، چر، زمين يا جبل اندر جاءِ.

گج : (سن، ڪنچڪ، ڪنچ = ٻڌڻ)، چولي.

گج : (پرا. گي. سن. گج. گج = مستيءَ وچان رڙ ڪرڻ)، هاٿي.

گجپتي : (سن. گج + هاٿي = پت = مالڪ)، بادشاهہ.

گجر : (سن. گرجر. گر = هاٿي ڏيڻ)، هڪ قسم جي هاڙ، جا کائڻ جي ڪم اچي.

گَجر: (پرا. گَجّر. سن. گُرجَر)، گجر قوم جي، حسين عورت.

گَجرات: (سن. گُرجَر + راشٽر = ملڪ)، هندستان جي ڏکڻ ۾ هڪ دیس، جتي ھريائين "گُوجر" قوم ويٺل هئي، جتان گجرات نالو پيو.

گَجمير: (سن. گَنگَ+ مِلْ=ملڻ. جتي ڪڪر ملي، وَس ڪن.

۲- گَنگَ + مير = جبل؟) هندستان ۾ هڪ شهر، جو ڪنهن وقت ڪهاڙين ڪان مشهور هو.

گَجر کي گجمير جون، تارن ۾ تبرون. (شاه)

گَجمير: (سن. گَجْرِ. گَج = هاٿي + آرِ = دشمن. هاٿيءَ جو دشمن)، شينهن.

گجي ايو گجمير جان، جوکيو جَنگ جوان.

گَجَڻ: (گ. ڪاجَوڻ. ڏڻ. ڪاجّ آن. سن. گَرجَن. گَرْجَ = وڏو آواز ڪرڻ)، شينهن جي رڙ ڪرڻ، ڪڪرن جو آواز ٿيڻ.

گدام: (انگ. گوڊائون Godown) پالڊو، جاءِ، جتي وڪري جو مال رکجي.

گدڙ: (سن. گُرڌَرَ)، جانور جو قسم.

گدلو: (ف. گندَه+"لو" پڇاڙي. سن. ڪَرْدَلَ)، ميرو، گندو، چِڪرو.

گـ ي : (سن. گاڌ)، گديلو، سندَ، گهوڙي تـي وجهڻ جو ڪپڙو.

گَڏو : (سن. گَڏڪ)، رانديڪو، پتلو.

گَڏون : (سن. گَڏ. گڏ=ٻاهر ڪرڻ)، لوڏو.

گَڏهَ : (پرا. گَدهَ. سن. گَرْدَڀَ. گَرْدَ = آواز ڪرڻ)، هڪ جانور، خر.

گَر : (پرا. گَر. سن. گَر)، مَر، زهر.

گُر : (سن. گُرو. گُر=اپديش يا وعظ ڪرڻ)، استاد، مرشد.

گِرام : (سن. گِرامَ)، ڳوٺ، راڳ جو وزن، سُرگم.

گِراهَڪ : (پرا. گاهَڪ. سن. گراهَڪ. گرهَ=وٺڻ)، ڳڪي، آسامي، خريدار.

گَرڀ : (سن. گَرڀ. گَر=چِٽڻ)، ڳِڀ، حَملَ، پيٽ.

گَرٿ : (ڪ. گَرٿ. سن. گرنٿ. گَرنٿ=ڳنڍ ڏيڻ)، ڳنڍ، ناڻي جي ڳنڍ، دولت، پيسا، ناڻو.

ڀَڏي گوڏ گرٿ، سانو هَنجي سُور جو. (شاه)

گَرُڙ : (پرا. گَرُل. سن. گَروڙ. گَروت=کنڀ+ڊِي = اڏامڻ)، پکين جو راجا، وڏو پکي.

ڱرڙي: (ع. غرغره. سن. گدِيرَ)، وات ڌوئڻ لاءِ پاڻي ڏيڻ.

گرنار: (سن. گرنارَ. گرِ = جبل + نارَ = نگر = شهر)، جهونا ڳڙهه ۾ هڪ جبل تي قلعو.

ڱروَل: (سن. گروانْ = پٿر. گرِوَرَ = وڏو جبل)، پٿر.
گوهر ڪِري گرول تي، ڦاڪون ٿئي في الحال. (جلال)

ڱرَهه: (سن. گراسَ)، ڪائڻ وقت پيري سان ڪائڻ جو وزن، لقمو.

ڱرَهه: (سن. گرهه. گرَهْ = وٺڻ)، سيارَ (تارو). هندن جي خيال موجب گرهه "نَو" آهن: ١- سورَيه (سج Sun)، ٢- چنڊر (چنڊ Moon)، ٣- منگل (مريخ Mars)، ٤- بڌ (عطارد Mercury)، ٥- ورهسپت (مشتري Jupiter)، ٦- شڪر (زهره Venus)، ٧- شَنِ (زحل Saturn)، ٨- راهو (Rahu)، ٩- ڪيتُ (Ketu).

ڱرَهسَت: (سن. گرهستَ. گرْهَ = گهرَ)، گهر ٻار وارو. ڏسو "آشرم".

ڱرَهڻ: (سن. گرهڻ. گرَهْ = وٺڻ)، چنڊ يا سج تي ڇاپا پوڻ.

گَڙدو: (ف. گرده. سن. گورڌ)، بڪ.

گَسَڻ: ڏسو "گهڻ".

گَڪَرُ: (سن. گَلَل)، ڪونر جهڙي شيءِ.

گَگَنُ: (سن. گَگَنَ)، آسمان، جهڙ.

گَلو: (سن. گَلَ. گَلُ=کائڻ)، نڙي، ڪِڇي.

گَليلَ: (ف. غليل)، گلياي اڇلائڻ واري، ٻشانڪي.

گُماشتو: (ف. گماشته. گُماشتن=رکڻ، مقرر ڪرڻ)، ڦلاوڻو.

گَنڀيرُ: (پرا. گَنڀيرَ. سن. گَنڀيرَ. گَمُ=وڃڻ)، گهورو يارو، متحمل، سنجيدو، ماٺيڪو، اٿاهه، گهرو، اونهو.

گَنجارُ: (پرا. گُنج. سن. گَنجَ="آرَ" ٻڇاڙي)، ڀونرن جو (گلن مٿان ڦرڻ وقت) آواز.

گَنجو: (سن. ڪَنجَ: ڪَنجَ)، جنهن جي مٿي تي وار نه ڄمي.

گَندَ: (سن. ڪَندَ)، لوڙهه جو قسم، ٻن جون پاڙون.
گَندَ جَن جي گوڏ ۾ پاپوڙا پوشاڪ. (شاهه)

گَندرَفَ: (سن. گَنڌَڪَ)، گندڪ، جَهٽ جلندڙ پيلي شيءِ.

گَنڍو: (سن. گَنڍَڪَ)، بدمعاش، لُچو.

گنوارُ: (سن. گُرامِيَ=ڳوٺاڻو)، گنوار، مورک، بيوقوف.

گَنوائڻ: (سن. گَمَنَ. گَمُ=ورتل شيءِ کي ڇڏي ڏيڻ)، گم ڪرڻ، ناس ڪرڻ.

گُڻَ: (پرا. گُڻَ. سن. گُڻَ. گُڻْ=صلاح ڪرڻ)، خاصيت، ڀلائي، هنر، سياڻپ.

ڪنيَرَ: (هہ. گير. سن. گجور)، هاٿي.

گُنيرَ پر ين نا رِپُ گيري، مل مُجرا مور گُجر ڪي. (جلال)

گوبَرَ: (هيم. گوورَ. پرا. گووَر. سن. گومَيہ. گو=ڳانءِ، ڳئون + ميہ= ٿهيل)، ڇيڻو.

گوبِي: (گ. ڪُبِي. سن. گوجِهوا. انگ. ڪئبيج Cabbage)، ڀاڄيءَ جو قسم.

گوچَرَ: (سن. گوچَرَ. گو = حواس+چرْ=هلڻ)، جو حواسن سان محسوس ڪجي.

گودَ: (سن. ڪرودِ. ڪُرَدْ=جمع ٿيڻ)، جهولي، ڇاتي.

گودِڙِي: (پرا. ڪنٿا. سن. ڪنٿا)، ڌاق، رِلي، فقيرائي پوشاڪ.

گودو: (سن. گودَ)، ڳري، مک، مغز.

گوڏ: (سن. ڪرودِ)، پوتڙو، منجهلو.

گوڏو: (سن. ڪورپر. ڪُرْ=آواز ڪرڻ)، ستر ۽ ٽنگ جو سنڌُ، جانو، زانو.

گورَبُ: (سن. گرُبَ= پيٽ جو ٻچو)، گورم، ڦرڙا، وڇڙا.

گورَب وِجهندي گوندَ، ڪِريا ڪيس ڪُلاهَ تان. (جلال)

گورَڪناٿ : (سن. گورَڪشناٿ. گو=حواس، اندري +رَڪشا = سنڀال + ناٿ = مالڪ، ڌڻي. جنهن حواسن کي پوريءَ طرح ضابطي ۾ رکيو هجي)، جوڳين جو قسم.

گورو: (سن. گور)، نئون چاول اَنُ، مغز، پورو.

گوري : (پرا. گور. سن. گور. گرُ = ڪوشش ڪرڻ)، پوري سهڻي.

جَب گوري گهنا ڪري، سولهن هار حسين. (راڄن شاه)

گوسالو: (سن. گوشالا. گو = ڳئون + شالا = جاءِ)، ڳئن (گاين) جي ويهڻ جي جاءِ.

گوسائين : (سن. گوسوامي. گو+سوامي = مالڪ)، سنياسي، ساڌو.

گولَ : (پرا. گولَ. گڌ=لپيٽڻ، ڍڪڻ)، جو ڌاري، گهيري جي اندر حد.

گونجڻ : (سن. گنجن. گنج=آواز ڪرڻ)، آواز ٿيڻ.

گوندو : (سن. ڪرود=جهولي)، گولڊ، جهوليءِ واڙ، واڙو.

گورَب وجهندي گوندَ، ڪريا ڪيس ڪلاهَ تان.(جلال)

گوهڻ : (سن. ڪش)، اندر ڪرڻ، گهوسڻ.

گَوَيو: (سن. گوَيہ. گي=ڳائڻ)، پڪي راڳ جو ڪاريگر.

ڳهه: (پرا. گهيهه. سن. گهرت. گهر=سٽيو ڪرڻ، چمڪڻ)، رچيل مکڻ.

ڳهرو: (پرا. گهر. سن. گنپير. گر=وڃڻ)، گهوڙهو، گهاٽو.

ڳهڻ: (پرا. گهرشڻ. سن. گهرش =رگڙڻ، گسڻ)، گسائڻ، مهٽڻ.

ڳيارس: (پرا. ايڪارس. سن. ايڪادش. ايڪ = هڪ + دش = ڏهه)، چنڊ جي ٻارهين تاريخ، جنهن تي هندو ورت (روزو) رکندا آهن.

ڳيت: (پرا. گيه. سن. گيت. گي =ڳائڻ)، ڳانو، بيت.

ڳيدي: (ف. گيدي. سن. گرڌر = گدڙ)، ڊڄڻو، ڪانئر، بزدل.

ڳيرب: (سن. گرو)، وڏائي، هٺ، آڪڙ.

ڳيڙو: (پرا. گورڻ. سن. گورڪ)، ڳاڙهي مٽي، ڳاڙهي رنگ جو قسم.

ڳينڊو: (سن. گنڊ)، جانور جو قسم.

ڳينڊو: (سن. گينڊڪ)، گول ٽو گل.

## ڳ

ڳاٽ: (سن. گهاٽ)، ڪر، ڳاٽو.

ڳاچ : (سن. ڳايه)، ڳيچ، گيت.

ڳارڻ : (سن. گالن. گل=وهڻ، چڪڻ)، رجائڻ، پگهارڻ.

ڳانو : (سن. گنڌ)، آنَّ جو نهيل ڌاڳو، ڦندڻ، ڳٽ، طوق.

ڳائڻ : (سن. گي)، راڳ ڪرڻ.

ڳاهہ : (سن. گراس)، ڪاڏو، ڳجهارت، ٻرولي.

ڳاڻو : (سن. گو=ڳاءِ)، ڳئونءِ جو، ڳاءِ جو.

ڳپ : (هرا. ڳپ. سن. گرڀ = پيٽ جو ٻچو)، ڏڏو، ڦر.

ڳپرو : (سن. گرڀ روپ. روپ=شڪل)، اڻرندڙ جوانيءَ وارو، ٻئو.

ڳپوراڙي : (سن. گرڀ + "آر" ۽ ٻچاڙي)، اها عورت، جنهن کي ڏٽن تي ٻار هجي.

ڳترو : (ع. قطره. سن. ڪرتن=ڪپڻ)، ڪترو، ٽڪرو.

ڳتڻ : (سن. گتسن)، پوئڻ، جڙڻ، سنوارڻ.

ڳٽ : (گ. گٽ. سن. گرنٿ)، طوق، ڦاهي.

ڳٽڪو : (سن. گٽڪا)، گولي، گوري، ٽڪي.

ڳنڍڙي : (سن. گرنٿ. گرنٿ=ٻڌڻ)، هڙ، ٻڌ.

ڳجهه : (پرا. گجهه. سن. گهيه. گهه = ڍڪڻ، لڪائڻ)، راز، مخفي ڳالهه.

ڳجهه : (گرڌر. گرڌ = لالچ ڪرڻ)، هڪ پکي.

ڳجهارت : (سن. گهيه = ڳجهو + آرٿ = مطلب)، ٻجهارت، پرولي جو قسم.

ڳجهاندر : (سن. گهيه = ڳجهو + تر)، ڳجهه، راز.

ڳچي : (پرا. گيوا. سن. گريوا. گر = پيٽ ۾ اندر نيڻ)، گردن، سسي.

ڳر : (سن. گل)، گلو، گردن، ڳچي.

ڳر : (سن. گرهه)، گهر، مڪان، پرسان.

ڳر : (هه. گر. سن. گر، منتر)، اهو آپاڪ، جنهن سان ڪم پورو ٿئي، سنڌ.

ڳرڻ : (سن. گلن. گل=وهڻ، ڪرڻ)، پگهرڻ، جهرڻ.

ڳرڻ : (سن. گلڻ)، ڪائڻ.

ڳرهڻ : (سن. ڪرڻ)، چوڻ، بيان ڪرڻ.

ڳڙکي : (سن. گواڪش. گو = ڳئون + آڪش = اک)، گرکو، ڪڙڪي، ٽنڪڙو.

ڳڙَڻُ: (سن. ڳڍُ)، ٿمڻ چڪڻ.

ڳڙَڻُ: (سن. ڳرهڻ، ڳره = پڪڙڻ)، وٺڻ، ڳنهڻ، چوڻ.
سيخن ماهه پچاءِ، جي نالو ڳيڙءِ نينهن جو. (شاه)

ڳڙهه: (هيم. ڳڍو. پرا. ڳڍُ. سن. ڳڙت)، ڪوٽ، قلعو.

ڳلَ: (پرا. ڳلُ. سن. ڳلُ)، رخسار، ڳٽا.

ڳلو: (ف. ڳلو. پرا. ڳلُ. سن. ڳلَ. ڳلُ = کائڻ)، ڳچي، گردن.

ڳلي: (سن. ڳلَ)، جتيءَ جي پاسن کي ڳنڍيندڙ چم جي سنهي پٽي، کهٽي.

ڳمڻ: (سن. ڳمڻ، ڳمُ = وڃڻ)، آهستي آهستي هلڻ، ڳهڻ.

ڳنَ: (سن. ڪرڻ)، هٿيو، سٿيو، زنانو ڪن جو زيور.

ڳنڍڻ: (سن. ڳنٿن)، ڳتون ڪرڻ، وار سينگارڻ، پوڙ، پاڃي.

ڳنڍِ: (پرا. ڳنٿِ. سن. ڳرنٿِ)، هڙ، بڌ.

ڳنڍِ: (پرا. ڳنٿِ. سن. ڳرانٿِ)، هڏن جو جوڙ، سنڌ، ميلاپ، جوڙ.

ڳنڍِ ڇوڙ: (هيم. ڳنٿِ ڇيڏو. سن. ڳرنٿِ ڇيدڪ. ڇدُ = ڪپڻ)، لليچو، کيسا ڪترينڌڙ.

ڳنڍيري: (سن. ڳنڌ)، ڪمند جا ننڍا ننڍا ٽڪرا، ٻوٻا.

ڳنو: (سن. ڪانڊ)، جوئر جو ڪانو، ڪمند.

ڳنوار: (سن. ڳرامِيہ. ڳوٺاڻو)، ڳوٺون چارپندڙ، ڏنار، مورک، بيوقوف.

ڳنهڻ: (سن. ڳرهڻ. ڳرهه=وٺڻ)، خريد ڪرڻ.

ڳڻ: (سن. ڳڻ)، ڳڻ، ڀلائي، چڱائي، نيڪي، احسان.

ڳڻڻ: (پرا. ڳڻڻ. سن. ڳڻڻ. ڳڻ=ڳڻڻ)، شمار ڪرڻ، خيال ڪرڻ، ويچارڻ، پڙهڻ.

ڳوڏري: (سن. ڪوش)، ٿيلهي جو قسم.

ڳوٽ: (سن. ڳنڪا)، ساري، چوپڙ کيڏڻ جو مهرو.

ڳوڏو: (سن. ڪونڪ)، ڏاڳن جو ويڙهو، ڍيري.

ڳوٺ: (پرا. ڳوٺ. سن. ڳوشٽ < ڳوسٿا. ڳو=ڳئون+ سٿا=جاءِ. ڳئن جي بيهڻ جي جاءِ. آرين جي وقت ۾، جتي ڳائيون چرنديون هيون، اتي ئي گهر اڏيندا هوا)، بستي، واهڻ، ديهه.

ڳور: (ف. گور)، قبر.

ڳوڙهو: (سن. ڳول: ڳڊ=بال. ڳڊ=ليپڻ)، لڙڪ، منيءَ جو ڳليلو.

ڳُوڙهو: (پرا. ڳوڏَ. سن. ڳُوڏَ. ڳَهَه = ڍَڪڻ)، لڪل، ڳجهو، ڳهانو، ڳهرو؛ ٻيٽن جو قسم.

ڳولَڻ: (سن. ڳاوِيشُ)، تلاش ڪرڻ، ڍونڍڻ.

ڳوهَ: (سن. ڳوڌا)، ڳلوئيءَ جي ذات جو جانور.

ڳئون: (ف. ڳاو. سن. ڳَو)، ڳانءِ.

ڳهرَڻ: (پرا. ڳَهڻَ. سن ڳَرهڻَ)، ننداڪرڻ ڏيڻ.

ڳهيلو: (سن. ڳَرهڻ + "ايلا" پڇاڙي)، ٻاڳل، مورک.

ڳهَڻ: (سن. ڳَمَنَ. ڳَمِ=هلڻ)، ڳمڻ، مچڻ، هلاڪ ٿيڻ.

ڳهڻ: (سن. ڳرهڻ. ڳرِ=ڳهڻ)، ڳيت ڏيڻ، ڳرڪائڻ.

ڳهڻو: (سن. ڳرهڻ. ڳرهَ = ٻانڻ)، زيور، پوشڻ. زنانا (عورتن جا) "ٻارهن" ڳهڻا آهن: ١- ٻيرن جون ٽيون ٢- چيلهڪي ٣- چوڙيون ٤- منڊيون ٥- ڪنگڻ ٦- ٻازوبند ٧- هار ٨- ڪنمال ٩- ٻينسر ١٠- ڳِنَ (ڪن جو زيور) ١١- ٽڪڙو ١٢- چونڀي ڦل.

ڳهير: (سن. ڳنڀير. ڳمِ=وڃڻ)، ڳورو ڀارو، ٻرد ٻار؛ سياڻو.

ڳهيلو: (سن. ڳَرهَڻ + "ايلا" پڇاڙي)، ٻاڳل، مورک.

ڳيچ: (سن. ڳيت. ڳَي=آواز ڪرڻ)، سهرا، لاڏا، بيت.

ڳيرو: (سن. ڳَوير)، ٻاليهر (ڪبوتر) جو قسم.

## گهہ

گهاتَ: (پرا. گهايہ. سن. گهاتَ. هَنْ=مارڻ)، زخم، ڦٽ.

گهاتَ: (سن. گَهٽَّ)، پاڻيءَ جو تڙ، رستو، لنگهہ.

گهاڙو: (سن. گاڍہ. گاهْ = ولوڙڻ)، گهرو، گوڙهو، ڏهرو.

گهاگهائِڻَ: (سن. گَگْهہ=کِلڻ)، خوشي ڪرڻ، کِلڻ.

گهاگهرِ: (پرا. گَگَّرِي. سن. گَرْگَرِي)، چُونِري، ساڙهو، منگهہ جو قسم.

گهاڻو: (سن. گَهنَ. گَهنْ = جمع ڪرڻ)، چيچڙو، جنهن ۾ تيلي ٻج پيڙجي.

گهتَ: (سن. گَپتَ)، گهورَ، پاڻيءَ ۾ ٽٻي.

گهٽَ: (سن. گَهرْشْ = مَلڻ)، هُبسَ، آبسَ، آڪرسَ، هوا بند.

گهٽا: (سن. گهٽا. گَهٽْ = گڏ ٿيڻ)، ڪڪر، بادل.

گهٽڪا: (پرا. گَهٽگَ. سن. گَهٽَڪَ)، لنڊو گهڙو، دلو.

گهٽَڻَ: (ک. گَهٽوَن. سن. گَهٽْ)، گهٽجڻ، تورو ٿيڻ.

گهٽِڻَ: (سن. گَهورَ. گَهورْ = مارڻ)، سوڙهو ڪرڻ، تنگ ڪرڻ.

گهِٽِي: (سن. گَهٽْ)، گلي، رستو.

گَھجا : (سن. گَھنَ. هَنْ = مارڻ)، گھنڊ، ڇڄ، خوشي، مجلس.

گَهر: (پرا. گَهر. سن. گَرَھ. گَرَھَ = گڏ ٿيڻ)، مڪان، جاءِ.

گَھڙ گهر: (پرا. گهگهر. سن. گهرگهر)، آواز، گهرڪو.

گَھڙڻ : (پرا. گَهڊڻ. سن. گهٽن. گَهٽ = گهٽائڻ)، چلڻ، سڊول بنائڻ.

گهڙو: (پرا. گَهڊ. سن. گَهٽ. گَهٽ = بنائڻ)، دلو.

گَھڙي : (پرا. گَهڊي . سن. گَهٽي)، وقت ڏيکارڻ جو اوزار، چوويهه منٽن جو وقت، ساعت، دلي، ننڍو دلو.

گَهڙيال : (پرا. گَهڊِآ. سن. گَهٽِڪا)، وقت ڏيکارڻ جي ڪَل.

گَهڪَهه : (سن. گهوڪ. گَهه = آواز ڪرڻ)، الو پکي.

گَهگهرو: (هير. گَهگَهر. سن. گهرگهر)، ڇنڊار ۽ گهيربدار چولو.

گَهگهلڻ : (هه گَهگي)، ڪيري يا پاپڙهي جو آواز.

تون ڇو نه گهگهلين پاپڙها، توکي ٿيئي ڏول سريا.

گَهلڻ : (سن. دولَن. دَلْ = جهولڻ)، هوا جو لڳڻ.

گَهماٽجڻ : (سن. گهورٽمانَ)، پريشان ٿيڻ، گهمري کائي ڪرڻ.

گھمائڻ: (پرا. گھلڻ. سن. گهورتن)، آگر گھمائڻ، هلائڻ، ڏورڻ.

گھمسان: (سن. گهورشمشان. گهور = خوفناڪ. شمشان = مسان)، وڳوڙ، خرابي.

گھمڻ: (پرا. گهمڻ. سن. گهورڻن. گهورڻ = هيڏي هوڏي گهمڻ)، ڦرڻ، چڪر هڻڻ.

گھمنڊ: (سن. گرو)، آيمان، وڏائي، شوخي، زور.

گهن: (پرا. گهڻ. سن. گهن. هن = مارڻ)، جهڙ.

گهنٽاگهر: (سن. گهنٽا = گهنڊ + گرهه = گهر)، برج (ٽاور)، جنهن تي وڏو گهڙيال رکيل هجي.

گهنٽو: (سن. گهنٽا. هن = مارڻ)، گهنڊ، گهڙيال، هڪ ڪلاڪ.

گهنج: (سن. ڪنچ)، وڪڙ، هيچ.

گهنڊ: (سن. گهنٽا)، ڌاتوءَ جي ٺهيل شيءِ، جا وڄي.

گهنگهر: (پرا. گهنگهل. سن. جهڪٽ)، مونجهارو، ڪاڪل، گهٻراهٽ.

گهنگهرو: (گ. گهگهرو. سن. گهرگهرا)، ننڍڙيون ٽليون، چڙين جو هڪ قسم.

گِھنَڻ: (سرا. گِھنَڻ. سن. گْرَهَڻَ. گْرَهْ = وٺڻ)، ڪِنهڻ، خريد ڪرڻ.

گَھڻو: (سن. گَھنَ. هَنْ = مارڻ)، گهڻو، وڌيڪ، زياده.

گَھڻو: (ع. غنہ)، مٺو، نَڪ مان آواز ڪڍندڙ.

گَھڻو: (پرا. گَھڻَ. سن. گَھنَ. گَھنْ = گهڻ، وٺڻ)، جيت جو قسم.

گھوٽو: (سن. گَهٽَ. ع. غوط)، ٽٻي.

گھوٽڻ: (سن. گَھٽَ آوَرْتَن)، رڳڙڻ.

گھورَ: (پرا. گھور. سن. گھور)، ڀيانڪ، خوفناڪ.

گھورَڻَ: (سن. گَھورْڻَ)، جاچڻ، تلاش ڪرڻ، مٿان گھمائڻ يا ڦيرائڻ.

گھورَڻَ: (سن. گَھورْتَنَ)، تڪڻ، گُھور ڪري نهارڻ، جُوهَ سان ڏسڻ.

گھوڙو: (پرا. گھوڏ ڪ. سن. گھوٽڪ)، هڪ گهرو جانور.

گھوسو: (سن. گَهرْشَڻَ. گَهرْش=ٽوڙڻ)، مڪ، هرمٽي.

گُھونگھٽ: (سن. اوَ گُنٽن. گُنٺ=ڍڪڻ)، نقاب، اردو.

گھيرو: (ڪ. گھيراو. سن. گْرَهَڻَ. گْرَهْ=وٺڻ)، گول جي ٻاهرين حد، چئني طرفن کان ڦيرو.

# ل

لاڀَ : (سن. لاڀَ. لڀ = حاصل ڪرڻ)، پراپت، حاصلات، فائدو.

لاٺيرو: (سن. لگهه)، ٿورو ننڍو.

لاجَ : (سن. لجا. لَسَجّ = شرمائڻ)، لڄ، حيا، شرم.

لاڇو: (پرا. لڇَ. سن. رڇَ)، رسا، نوڙيون.

لاچارَ : (ف. ناچاره. نا = نہ + چاره = رستو)، بي وس، محتاج.

لاڏَ : (سن. لَڏ = کيڏڻ)، پيار، انگل، آرو.

لاڏلو: (سن. لالَن : لاڏنيہ)، انگلي، پيارو.

لاڏو: (سن. لَڏ = کيڏڻ)، سهرو، ڪيچ، گيت.

لارَ: (پرا. لالا. سن. لالا. ليي = پٽرو ڪرڻ)، ڳاڙ، ڏارَ، ڏارا، لاٽ.

لاڙي : (سن. لاٽ)، ڪيڙو، اڪڙي، پراڻو يا قائل ڪيڙو.

ڍولي ڍِڪي آهيان، هيس اکهاڙي،

ڏيئي لِڪ لاڙي، ڪکَر ڪِيائم ڪاڪ جو. (شاه)

لاکَ : (پرا. لکا. سن. لاڪشا. لَڪش = نشان ڪرڻ)، جو، هڪ قسم جو ڳاڙهو رنگ.

لاڪِڙو: (سن. لَڪْش+"ڙو" پڇاڙي. لَڪْش=نشان ڪرڻ)، ماتا جو قسم.

لاڪِيٽو: (سن. لاڪْشا+وَرَنا=رنگ)، لَکَن جهڙو، خوبصورت.

لاڳ: (ڪ. لاگو. هير. لَڳو. سن. لَڳنَڪَ. لَڳْ=ملڻ)، شاديءَ جو انعام، جو ڪمين (ڪم ڪندڙ) کي ملي؛ شاديءَ ۾ گهوٽ ڪنوار کي ڪجهه ڏيڻ.

لالَ: (سن. لالَڪَ. لَلْ=چاهڻ)، پيارو؛ هٺ.

لالائِڻ: (سن. لالَنَ. لَلْ=چاهڻ، پياڙ ڪرڻ)، ليلائڻ، آزيون نيزاريون ڪرڻ.

لالَچ: (پرا. لالَس. سن. لالَس. لَسْ=چاهڻ). هبچ، لوڀ.

لالو: (پرا. لالَيم. سن. لالَڪَ. لَلْ=چاهڻ)، مهاشيه، بابو، صاحب.

لانبَڙ: (سن. لَنپَٽَ. رَمْ=کيڏڻ. جو پراين عورتن سان کيڏي)، بدچال، ويڇاري.

لانَڍِ: (سن. لَنبَ. لَنبْ=هيٺ لَٽڪائڻ)، قطار، لنبائي.

لانگَ: (سن. لانگولَ. لَگْ=ملڻ، لڳو رهڻ)، ڌوتيءَ جو اهو پاڳو، جو پويان ورائي، ڪمر سان ٻڌجي.

لانگوٽِي: (سن. لنگ=اندري+ه. اوٽي=پردو)، لنگوٽو، ڪڇو، چوتو.

لَبڻُ: ڏسو "لٽڻ".

لَپاڙُ: (سن. لَپَنَ. لَپُ = ڳالهائڻ)، بَڪواد، گپ شپ، ڊاڙ.

لِبيسُ: (ع. لباس)، پوشاڪ، ويس، هار سينگار.

لَڀڻُ: (پرا. لَڀَ. سن. لَڀُ=حاصل ڪرڻ)، لَهڻ.

لَتَ: (سن. لَتا)، ٽڏو، پير.

لَٽڪڻُ: (سن. لَٽنَ=جهولڻ)، اَڙڪڻ.

لَٽڻُ: (پرا. لُنٽَنَ. سن. لُنٽَنَ. لُٽَ=ڦرڻ)، برباد ڪرڻ.

لَٽو: (سن. لَڪتَڪَ)، ڪپڙو.

لَٿَ: (پرا. لَٿَ. سن. يَشٽ)، عَطا، لَڪڙي.

لَپُوري: (سن. لَپُسڪا)، گيهه يا تيل مان بنايل ليٽي، جا مرهم جو ڪم ڏئي.

لِپي: (سن. لِپِي. لِپَ=لِپڻ)، لکڻ، الف بي، آئيو پٽا.

لِوڙڻُ: (سن. لِپٽَ، لِپَ = لنبڻ)، ويڙهڻ، تهه ڪرڻ.

لَجَ: ڏسو "لاجَ".

لَڇمي: (سن. لَڪشَمي. لَڪشُ=ڏسڻ، نشان ڪرڻ)، لوڪ ماتا (هندن جي عقيدي موجب)، سهڻن لڇڻن واري، سدوري.

لَڇڻُ: (پرا. لَڇَڻَ. سن. لَڪشَنَ. لَڪشُ = نشان ڪرڻ)،

لڪي، ڳن، عادت، سياڪ. ڳن. دراصل "لڪي"
جي معنيٰ آهي "نشان". "ڇنڇه لڪڻو" (ڇنڇه لڇڻ
وارو) عام محاورو آهي، جو پڻ انهن ڇنڇهن نشانن
سان تعلق ٿو رکي. اهي نشان بدن تي ٿين ٿا،
جي سياڪ جي نشاني سمجهيا وڃن ٿا. مثلاً:
جيڪڏهن پير جي آڱوٺي ۽ آڱر جي وچ مان
ليڪو نڪري، سڌو ٿي سڌو ڪڙيءَ طرف وڃي
ته سياڪ جو نشان سمجهيو ويندو آهي. اهڙي
ليڪي کي "پدم" چئبو آهي. ڏسو "پدم".

لِڏ: (گ. لِيدَ پرا. لِدَي. سن. لَدِ ءَ)، ڪڏه يا گهوڙي
جو گند.

لَڏَنَ: (سن. لَنڌَنَ. لَڏِ=لڏڻ)، جهولڻ، پينگهه لڏڻ.

پَڏڻ ويو وري، لڏڻ آيو ياد. (پهاڪو)

لَڏُون: (پرا. لَدِءَ. سن. لَڏِڪَ. لَڏِ=چاهڻ، خوشي ڪرڻ)،
مٺائيءَ جو قسم.

لَرِ: (سن. لَلَ)، ٽڪرو، ٽڪو.

لَرِجهڻ: (سن. لَلَنَ. لَلِ=لڏڻ)، جهلڻ، جهولڻ، مرڪڻ.

لُرجهائي لَبَ لالن سين، ڇهه چمڪائي چاسينگ.
(لونگ)

لَڙ: (سن. لودَنَ=جوش ۾ اچڻ)، گوڙ، هل، پاڻيءَ
جي تيزي.

لَڙڪ: هہ. لورَ. سن. لولَ)، اکين جو ڳوڙهو.

لَڙَڻ: (سن. لَڊْ=ڇپ هلائڻ)، وڙهڻ، مقابلو ڪرڻ.

لَڙَهہ: (سن. يشْٽِ)، موتين جي مالها، هار، قطار، مدد، آسرو.

لَسَ: (سن. لَسْ=چمڪڻ)، لسو، هِڪ ڪرو، ڪَڪرن جي هڪجهڙي ڪارڻ.

لَغَدو: (ف. لَڪد)، لَتَ، ٺوڪَر، ضرب، ٺونشو.

لَغورَ: (بلو <ف. لاغر)، ڪمزور. هيٺو. "ڏڪار" جو لفظ.

لَڪ: (سن. لَنگهہ= پار پون)، جبل جو رستو.

لَڪَ: (هہ. لَنڪ)، ڪمر، چيلهہ، ٿَيِي.

لڪ ڪيشر، لوڏ ڪَنجل، ماري مورَملنگَ. (جلال)

لِڪَڻ: (سن. لَڪ)، ڇپڻ، آڙ ۾ ٿيڻ.

لَڪَڙو: (پرا. لَکّڊ. سن. لَڪْٽَ)، ڪاٺ جي ڇڙهہ، لڙهہ.

لَکَ: (سن. لَکْشَ. لَکْشْ=نشان ڪرڻ)، سَو هزار.

لِکَ: (سن. لِکْشا)، ذرو ٿورو، حصو.

لَکَ: (پرا. آکّا. سن. آلْکا)، لَکَ، ڪوسي هوا.

لَکَڻ: ڏسو "لڇڻ".

لِکَڻَ : (سن. لَڪشَ)، محسوس ڪرڻ.

آئِي پَهَرَ آنڌَرَ ۾، لِکَڻ لِک آلِکَ. (سچل)

لِکَڻَ : (سن. لِکَنَ. لِکْ = لکڻ)، تحرير ڪرڻ، قلم هلائڻ.

لَڳَڻَ : (سن. لَگَنَ. لَگ = ملڻ)، چهَٽڻ، وَهَرَ يا لَڳُ ڇهڻ.

لَڱڙو : (ف. لَنگ)، منڊو.

لِڱَ : (سن. لِنگ)، عضوا.

لِلاٽَ : (سن. لَلاٽَ)، نرڙ، پيشاني، ڀاڳ.

لَلڪارَ : (سن. لَلْ = کيڏڻ + ڪْرُ = ڪرڻ)، پڪار، دمڪي، آواز.

لِنبڻَ : (سن. لِمپن. لِپْ = بند ڪرڻ)، لنباوت ڪرڻ، بند ڪرڻ.

لَنبو : (پرا. لَنبَ. سن. لَنبَ. لَنبْ = هيٺ لٽڪائڻ)، ڊگهو.

لَنڊو : (پرا. لَنڊَ. سن. لَنڊَ)، سڪڙو، لوسي، ننڍي.

لَنڍو : (سن. رَنڊ. رَٽْ: رَٽْ = مارڻ)، پڇ ڪانسواءِ، ڪميڻو.

لَنگَرَ : (ف. لَنگر)، ڪلو، جنهن سان ٻيڙي يا جهاز بيٺا رهن.

لَنگورَ : (پرا. لَنگولَ. سن. لانگولِن. لَگ = ملڻ، لڳو رهڻ. ڏسڻ ۾ پڇ وارو)، باندر جي ذات جو جانور.

لَنگهڻ: (پرا. لَنگهڻ. سن. لَنگهن. لنگهہ = ٻار ٻوڻ، ٻک ڪيڻ)، ٻار ٻوڻ، ٻک.

لَنگهو: (سن. لَنگن)، مگٽهار.

لَنوڻ: (پرا. لَو. سن لپن. اَپ=ڳائڻ)، ٻولڻ، آواز ڪرڻ.

لَڻ: (پرا. لوم. سن. لوم. لَو = وڍڻ)، وار.

لَنئن: (سن. ايہ. لِي=ملڻ)، پيار، الفت.

لَڻڻ: (سن. لَوَنَ. لو=ڪاٽڻ)، ڪپڻ، ڪاٽڻ لاٻارو ڪرڻ.

لوڀ: (پرا. لوڀ. سن. لوڀ. لَڀ = خواهش ڪرڻ)، لالچ، هٻچ.

لوڙو: (سن. لَٽ = ڦرڻ)، ڳڏون، وڏي لوڙي.

لوڻڻ: (سن. لوڻن) ڦرڻ، ڳسڻ، لَڻڻ.

لوچڻ: (سن. لوچن. لوچ = ڏسڻ)، نهارڻ، ڳولڻ.

لوڌي: (پرا. لُڌ. سن. لُبڌ. لَڀ = لوڀ ڪرڻ)، لوڌ وارو، شڪاري.

لورو: (پرا. لولا. سن. لَوليہ)، ڪمينو، هڪ ذات.

لوري: (سن. لولا. لَل=لَڏڻ)، تير، ٻاڻ، ڪاڌو، چڪ.
لوري جت لڳوم، آت آيوئي آهيان. (شاه)

لوڙ: (سن. لول)، تمنا، گهرج، ضرورت.

لوڙھ : (سن. لوشٽ)، ٻاجهيءَ جو قسم، ڪيرولي لوڙھ.

لوڪ : (ہرا. لوگ. سن. لوڪ. لوڪ = ڏسڻ)، جهان، سنسار، ماڻهو. هندن جي عقيدي موجب ”ٽي“ لوڪ آهن: ١- سورگ لوڪ يعني ديولوڪ: ديوتائن جي رهڻ جي جاءِ. ٢- مرتيہ لوڪ يعني پرٿوي: هي جهان، جتي ماڻهو رهن ٿا. ٣- پاتال لوڪ: هيٺاهون. ملڪ، جملي ”چوڏهن لوڪ“ آهن، جن مان ست، ڌرتيءَ جي (هڪ پٺي) مٿان ۽ ست ڌرتيءَ جي (هڪ پٺي) هيٺان. ڌرتيءَ کان مٿان ست لوڪ: ١- ڀور لوڪ ٢- ڀو لوڪ ٣- سور لوڪ ۴- مهر لوڪ ٥- جن لوڪ ٦- تپ لوڪ ٧- ستيہ لوڪ. ڌرتيءَ کان (هڪ پٺي) هيٺان ست لوڪ: ١- آتل ٢- وتل ٣- ستل ۴- رساتل ٥- تلاتل ٦- مهاتل ٧- پاتل. انهن چوڏهن لوڪن کي ”چوڏهن طبق“ پڻ چوندا آهن:

سهسين پڙهي سبق، حافظ جاڻڻ پاڪي،
سمجهن ڪين سلوڪ جو، اشارو احمق،
ورلو ڪو واقف ٿيو، ويڙهي سڀ ورق،
ڏٺا جنهن طبق، چوڏهن پنهنجي چت ۾. (سامي)

لَولو: (سن. لونَ=وَڍيل)، ٽُنڊو، لـڱڙو، پنگلو.

لولِي: (سن. لولَ. لَلْ=کيڏڻ)، پيار جو گيت، اوراڻو.

لومڙِي: (سن. لومَش. لوم=وار. جنهن جي بَتَ تي گهڻا وار هجن)، گدڙ جي ذات جو هڪ جانور.

لَوِن: (سن. لومَ=وار)، وار، تند، تار.

لَونگ: (پرا. لَوَنگ. سن. لوَنگ)، گرم مصالح جو قسم، نڪ جو زيور.

لَوڻ: (پرا. لَوَڻ. سن. لَوَڻ)، لوڻ.

لوئِي: (سن. لومِيه. لوم=وار. وارن واري يا وارن جي ٺهيل)، اوني ڪپڙي جو قسم.

لوهَ: (پرا. لوهَ. سن. لوه. لو=ڪاٽڻ)، ڌاتوءَ جو قسم.

لوهارُ: (پرا. لوهار. سن. لوهَڪارَ. لوهَ+ڪارَ=ڪندڙ)، لهر، لوهر، هڪ ذات.

لوهو: (پرا. لوهُ. سن. لوهت)، رَتُ، خونُ.

لوءِ: (پرا. لوءَ. سن. لوڪ)، جهان.

لَئِي: (سن. لَيَ=گم)، پرلاءِ، ناس، گم.

لَهرِ: (پرا. لَهر. سن. لَهر)، ڇولي، ترنگ.

لَهرو: (سن. لَهرِ=موج)، مرليءَ يا بين جو لهجو.

لَهَڻَ : (پرا. لهَڻ. سن. لَبَنَ. لَپَ=حاصل ڪرڻ)، ڳولڻ.

ليٽَڻ : (سن. لٽَنَ. لَٽَ=گهمڻ، ڀمهڻ)، ليٽڙڻ.

ليَٽِڻ : (سن. لٽَنَ. لَٽَ=گهمڻ)، سنهور، ڪاٺ جو بنڊ، جو ڪيڙيل يا هر ڪاهيل زمين کي سنئون ڪري، ترڪڻ.

ليپَڻ : (پرا. لپَڻ. سن. ليپَنَ. لِپَ=چنبڙڻ)، پوچي ڏيڻ.

ليڙ : (سن. لَڪُٽَڪَ)، ريڙ، ڦاٽل ڪپڙو، اڳڙي.

لِڪَ : (سن. ريکا : ليکا لِکَ=لکڻ)، ليڪو، سٽ.

ليکَ : (سن. ليکَ. لِکَ=لکڻ)، مضمون.

ليکَڻِ : (سن. ليکَنِي. لِکَ=لکڻ)، قلم.

ليکو : (پرا. ليکَ. سن. ليکِيَ)، حساب ڪتاب.

لِينگهو : (سن. ريکا. لِکَ=لکڻ)، ليڪو، چٽو، داغ.

ليٿي : (سن. ليهي : ليهَيَ. لِهَ=چٽڻ. چٽڻ جهڙي)، ڪڻڪ جي اٽي کي پچائي، ڪونر جهڙو ڪرڻ.

لِهَ : (پرا. لِهَ. سن. لِپَ=چنبڙڻ)، مڇيءَ جي لڪلڪدار رس، گندي بانس.

## م

ماتا: (ڌ ن. مايا. سن. ماتر. مانْ=ڀوڄڻ : مَنْ=عزت ڏيڻ)، ماءُ، مائي، سيتلا.

ماتِر: (سن. ماتُر. ما=ماپڻ)، ذرو، ٿورو.

ماترا: (سن. ماترا. ما=ماپڻ)، پرماڻ، ماپ، ايترو وقت جيترو (علم عروض ۾) حرف علت اچارڻ ۾ لڳي.

ماتنگ: (سن. ماتنگ. مَدْ=مست ٿيڻ)، هاٿي.

مانِي: (پرا. مَٽِي. سن. مرتِڪا)، مَٽ، چاڏي، وڏو دلو.

مانُو: (سن. منٿر=آهستي)، جهڪو.

رنگ رَيَن جو رُوپ سان، ڪيو مانُو منڊ ملي. (ڪنڀار)

ماڻ: (سن. ماڻ. ما=ماڻ)، ڪچڻ، سمائڻ.

ماجڻ: (پرا. مجڻ. سن. مارجن. مرج=صاف ڪرڻ)، مانجڻ، صاف ڪرڻ.

مارَگ: (سن. مارَگ)، رستو. ڏسو "ماڳ".

مازران: (ع. ماجرا)، حالت، واقعو.

ماڙهو: (پرا. مانُس. سن. مانُشيہ)، ماڻهو.

ماڙي: (سن. مَنڊ=سينگارڻ)، جاءِ بنگلو.

ماڙيچي: (سن. مَرُويشِي. مُرَ=ڙَر+ويشِي=رهندڙ)، ڙريلي، ڙَر جو.

ماسَ: (پرا. مَنسَ. سن. مانسَ)، گوشت.

ماسَ: (پرا. ماسَ سن. ماسَ)، چنڊ، مهينو.

ماسو: (پرا. ماسَ. سن. ماشَ. مَشْ = انداز ڪرڻ)، آٺن رتين جي تور.

ماسي: (ڏن. مائسيا. سن. ماتڙشوسا. ماتڙ+ شوسا = ڀيڻ)، ماءُ جي ڀيڻ.

ماڪ: (سن. مِهِڪا. مِهِ=ڇڻڪارڻ)، ماٽ، نيڙ.

ماڪوڙو: (سن. مَهاڪِيتَ. مَها=وڏو + ڪِيتَ=ڪيڙو)، وڏي ماڪوڙي.

ماکي: (پرا. مَکّهَ. سن. ماڪشڪَ. مَڪشڪا = مک. مکين جي مٺڙيل، مکين جي گڏ ڪيل رس، مَڌُ، شهد.

ماڳ: (پرا. مُگّ. سن. مارگَ. مَرجَ = صاف ڪرڻ: مِرگَ=ڳولڻ)، جاءِ، مڪان، رستو.

ماڳهين: (سن. مارگَ=رستو)، مُور، اصلي.

مالا: (پرا. مالا. سن. مالا. ما = سونهن + لا = وٺڻ)، مالها، گلن جو هار يا ڪنڊي، تسبيح.

مالڪوس: (سن. مالڪوش)، هڪ راڳ جو قسم.

مالهه: (سن. مالا)، ڪوهه جي ڏينگي تي (لوڻين سان ڀڏل) ٻولڊڙ رسو.

مالهي: (سن. مالڪ. مالا = گلن جو هار. گل گڏڪندڙ)، باغبان.

ماليخوليا: (يو. مالنخوليا. مالن = ڪارو + خوليا = ڦرڙي)، مرض جو قسم، جنهن ۾ دماغ ۾ اجايو سودائي خيال پيدا ٿيندو آهي.

مام: (سن. مرم. مر = مرڻ)، لڪل بات، راز، اشارو، مطلب، حيا، شرم.

مامرو: (ع. معامله)، ڪاروبار.

مامو: (پرا. مائـل. سن. ماتـل)، ماءُ جو ڀاءُ.

ماموري: (سن. مهاماري = مهتي ماري. ماري = موت)، بيماريءَ جو قسم.

مان: (پرا. ماڻ. سن. مان. من = سمجهڻ. پاڻ کي ڪجهه سمجهڻ)، هٺ، اهنڪار.

مانُ: (سن. ماڻ. ما = ماپڻ)، عزت، آدر.

مانجڻ: (سن. مارجن. مرج = صفا ڪرڻ)، ماچڻ، صفا ڪرڻ.

مانجهو: (سن. مرج = ملڻ)، ڪٽيل شيشو، جو لغڙ يا پتنگ جي ڏور يا ڏاڳي کي لائجي.

مانجھِي: (ھ. مانجھِي. سن. ماڌيہ. مَڌيَہ=وچ)، ناخدا، ناکئو، ٻھادر، آڌي مانجھي، اڌ رات.

مانڊو: (ف. مانده)، ٿکل، اداس.

مانڊاڻِي: (پرا. منٿِي. سن. منٿِي. مَنٿ = ولوڙڻ)، ڪاٺ جي ٺھيل شيء، جنھن سان ڏڌ ولوڙجي.

مانڊاڻو: (پرا. مَنڊڻ. سن. مَنڊَن)، سينگار، سجاوٽ.

مانڊِي: (سن. منترِي. منتر=منڊ)، منڊ ھڻندڙ، جادوگر.

مانڪ: (گ. مانڪ. م. ماگ. پرا. مڪ. سن. مارگ)، سينڌ.

ٻنِي مانڪ ٻڌاو سان، مڪ سر محبوبن. (وسو)

مانگر: (پرا. مَگَر. سن. مَڪَر)، مانگر مڇ.

مانگھ: (سن. ماگھ)، ھندن جي ھڪ مھيني جو نالو.

مانھن: (ف. ماش. سن. ماش)، انّ يا دال جو قسم.

ماڻ: (پرا. ماڻ. سن. مان. ما=ماپڻ) ماپو، تورو.

ماڻڪ: (گ. ماڻوڪ. سن. ماڻڪيہ)، رَتَن.

ماڻو: (سن. مان، ما = سمجھڻ. پاڻ ڪجھ سمجھڻ)، انڪل.

ماڻھو: (پرا. ماڻس. سن. منشيہ)، آدمي.

ماهہ : (ف. ماهہ. سن ماس)، چنڊ، مهينو.

ماهہ : (سن. مانس)، گوشت.

ماءُ : (سن. ماترِ) اما.

ماڙي : (هيمر. ماڊئو. ڏ ن. مانيا سن. ماترڪا. ماترِ+ "ڪا" اسم تصغير جي نشاني)، ماءُ، ماءُ جهڙي مهربان.

مائٽ : (سن. مِترِ. مِدْ = پيار ڪرڻ : م = ماءِ. مائٽ اهو، جو ماءُ پڏائي ته فلاڻي ڳالهہ مان فائدو آهي يا نقصان)، سٽ، عزيز.

مائي : (سن. ماترِ)، ماءُ، ڪابہ عورت.

مايا : (پرا. مايا. سن. مايا. ما = نہ + يا = جا، جيڪا. جا، دراصل نہ هجي، پر سمجهي تہ آهي)، دولت، ڏن، دنيا.

مَت : (سن. مَت. مَن=ڄاڻڻ)، عقل، سمجهہ.

مَتارو : (سن. مَت. مَدْ = مستي ڪرڻ + "وارو" پڇاڙي)، متل، رتوبت وارو، خوش.

مَتان : (هہ. مَت. سن. ما = نہ)، مبادا، متان.

مترڪو : (ع. مطرقعه)، هٿوڙو.

متوالو : (سن. مَت + "والا" پڇاڙي)، نشي ۾ چور ٿيل، مست، چريو.

مِتي: (سن. مِت. ما = ماپڻ)، تِت، تاريخ.

مِتيرو: (هہ. مِتيرا. سن. ميت)، چيڙ.

مَٿو: (سن. مستڪ. مس = ماپڻ)، سر، منڍي.

مِٿيا: (سن. مٿيا. مٿ = مارڻ)، خراب، ڪوڙو.

مُٽ: (پرا. مُت. سن. موتر)، ريلو، پيشاب.

مٽر: (سن. مٽر)، اناج يا دال جو قسم.

مُڪٽ: (سن. مڪٽ. مڪ = سينگارڻ. سر جو سينگار)، تاج، موڙ.

مِٽي: (سن. مرتڪا. مرد = پيهڻ، خاڪ ڪرڻ)، ڌوڙ.

مُٺ: (ف. مشت. پرا. مُٺ. سن. مشٽ)، سنڌو، پيڪو ڙيل هٿ.

مٺو: (سن. منٿر)، خراب.

مِٺو: (هير. مِٺ. سن. مشٽ)، شيرين، کنڊ يا ماکي جي سواد جهڙو. ضد "ڪڙو" يا "ڪوڙو".

مڃ: (سن. منن. مَن = قبول ڪرڻ)، ڪنواريتا.

مُڃ: (پرا. منج. سن. منج)، ٻوڙن جون سڪل ڪلون، جن مان واڻ ۽ رسا ٿين.

مَجيٺ: (پرا. مَنجٺا. سن. منجشٺا)، وڻ جي پيدايش، ڳاڙهو رنگ.

مَچَتَ سوافق سُپرين، سانگيي سَلَمَ جا. (ڪروهڙي)

مَڃَرُ: (سن. مِنجر)، ڪَنڌيءَ جو ٻورُ، سگريون.

مَڃَڻُ: (سن. مَنَن. مَنَ=سمجهڻ)، قبول ڪرڻ.

مِچڪائڻ: (سن. مِش. مِش=اک هڻڻ)، اکيون ڇنڀڻ.

مَچِلو: (سن. متسر. مَدْ=خوش ٿيڻ)، چلولو، ڇينڇل.

مَچَڻُ: (سن. مَچَّ=متي ٿيڻ، شرير ٿيڻ)، رچڻ، تيار ٿيڻ، مستيءَ ۾ اچڻ.

مَڇُ: (پرا. مَڇُّ. سن. متسيه)، مڇ مانگر.

مَچُرُ: (سن. مَشڪ. مَش=آواز ڪرڻ)، مچر.

مَڇي: (سن. متسي)، مڇلي، سين.

مَڇَڻُ: (سن. مَسُّ)، ڪپڻ، وڍڻ.

مَدْگَرَ: (پرا. مَگرَ، سن. مَدْگرَ)، ٻچريءَ جو قسم.

مَدْهوش: (ع. مَدهوش. دَهش=پريشاني يا دپ)، مُوڙهل، مخمور، بي هوش، مورڇا.

مَڌُ: (سن. مَڌُ. مَنْ=سمجهڻ)، شراب، ماکي.

مَڌْيانَ: (سن. مَڌياهَنْ. مَڌيہ=وچ+آهَنْ=ڏينهن)، منجهند.

مَڌَرُ: (سن. مَڌر) پيارو، سٺو.

مَڏو: (پرا. مَڍُ. سن. مَوڍِ: مَگڌ)، بيوقوف، مورک، منجهيل.

مَرَ: (پرا. مَلَ. سن. مَلَ)، بدن جي گَرَ يا مَٽي.

مَرجات: (پرا. مَجّايا. سن. مَريادا=حد)، عزت، مانُ.

مِرچَ: (سن. مرِچَ)، مصالح جو قسم.

مَرچوس: (سن. مَلَ=مٽي+چوشَن=چوسڻ)، ڪنجوس.

مُرجهڻ: (سن. مُورچَن. مُرچّ = بيهوش ٿيڻ)، ڪومائجڻ، جهڪو ٿيڻ.

مِرڌنگ: (پرا. مِينگ. سن. مِرڌنگ. مِرڌ = ڪُٽڻ)، ساز جو قسم.

مِرگهه: (سن. مِرگ. مِرگ=تلاش ڪرڻ)، هرڻ.

مِرگهي: (سن. مِرگِي)، بيماريءَ جو قسم.

مُرلي: (سن. مُرلِي)، وڄائڻ جو ساز.

مَرمَر: (يو. مَرمَر) سنگ مرمر.

پَڳ پاريهر پدمنيون، دَل دامنيون دوراس،

آڳ آليهر اوپسَر، مَڪَ مَرمَر موچاراس.

(صدرالدين)

مَرَڻُ: (پرا. مرڻ. سن. مرڻ. مرِ=فوت ٿيڻ)، فوت ٿيڻ. ضد "جيئڻ".

مروٽڻ: (سن. موٽن)، مروڙڻ، پيڪوڙڻ.

مرون: (سن. مرگ)، جهنگلي جانور، سوئر.

مرهڻ: (سن. مرڊن. مرڊ=معاف ڪرڻ)، بخشڻ.

مرينو: (اس. ميرنو)، هڪ اسم جو ملايم اوني ڪپڙو.

مريادا: ڏسو "مرجات".

مَرد: (ف. مرد)، نر، مذڪر، مڙس.

مڙدو: (ف. مرده)، مئل، لاش.

مڙس: (سن. پرش)، ماڻهو، انسان.

مڙڻ: (سن. ملن. مل=گڏ ٿيڻ)، گڏ ٿيڻ.

مڙهڻ: (سن. مرڊن: مڊن)، ڏڪڙ يا دهل تي چمڙو چاڙهڻ، ڪيڻ، لڳڻ، چڪ ڪرڻ، جهڙڻ.

مڙهيا گهڻو مشڪ سين، چوٽا ماڻ چندن. (شاه)

مزور: (ف. مزدور < مزدور. مزد=مزوري+ور=وارو)، ڪميي، پورهيت.

مس: (پرا. مس. سن. مس)، سياهي، شاهي.

مساڻ: (ڏن. مساڻ. پرا. مساڻ. سن. شمشان. شمن=مڙدو +شي=سمهڻ)، مڙدن ساڙڻ جي جاء.

مِسترِي: (انگ. ماستر Master)، ڪاريگر، اوستو.

مَسڻ: (سن. مَڙ=ڏکوئجڻ)، تڪليف سهڻ، ڏکوئجڻ.

مِسِي: (ف. مِس=ٽامو)، ڏندن لڳائڻ جو چورڻ.

مَشڪ: (ف. مشڪ. سن. مَشڪ)، ڪَلي، اوڻي، ڪونڊي.

مَقناطيس: (ع. < يو. مڪناٽيس)، لوهه ڇڪيندڙ پٿر.

مَڪ: (سن. مشٽڪا)، پيڪوڙيل هٿ، ٻوٽيل هٿ.

مڪتِي: (پرا. مُت. سن. مُڪت. مُچ=ڇڏڻ)، رهائي، نجات، ڇوٽڪارو.

مُڪُٽ: (سن. مُڪُٽ. مڪ=سونهن ڏيڻ. جو مٿي کي سونهن ڏئي)، تاج، موڙ، ڪلنگي.

مَڪَر: (پرا. مسير. سن. مڪر)، مڇي، ڏهين راس.

مَڪر: (ع. مڪر)، ڇند، مڪر، ٺڳي، ڍونگ.

مُڪرڻ: (ع. مُنڪر. سن. ما=نه+ڪر=ڪرڻ)، آنڪ، انڪار، ڳالهه ڪري ورِي ڦرڻ.

مَڪڙِي: (سن. منڪني)، پيڙي، جل ترني.

مَڪنو: (سن. متڪڻ)، اهو نر هاٿي، جنهن کي ڏند نه هجن، ننڍو جوان هاٿي.

مَڪِ : (پرا. مَڪِنا. سن. مَڪشِڪا. مَڪش = ڪروڌ ڪرڻ)، مَک، ماکيءَ جي مک.

مِکَ : (سن. مجن)، گورو، گودو، نريءَ جو نرم مال.

مُکَ : (پرا. مُهِ. سن. مُکَ)، وات، مُنهن.

مَکِرَ : (ع. مَکرَ)، ڍولک، چانهر، ڇهل، ڇنڊ.

مَکِڙي : (پرا. مَڪُرَ. سن. مُکرَ)، ڪلي، بند ٽيل گل.

مَکَڻ : (پرا. مَکڻ. سن. مَنثَج. مَنثُ=ولوڙڻ)، ڦٽي، ولوڙيل کير، ڇاپل کير مان نڪتل سٿپ.

مَکَڻ : (سن. مُرڪشَڻ. مُرڪش =ملڻ)، لائڻ، لڳائڻ.

مَکِيِ : (پرا. مَکَ. سن. مَکيَ. مُکَ = منهن)، پرڌانءِ پريو مڙس.

مَکِيار : (ع. مُختيار)، اختيار وارو.

مَکِيچُوسُ : (سن. مَکشِڪا = مَک + چُوشَنَ=چوسڻ. مکيون چوسيندڙ)، ڪنجوس، بخيل.

مَگِدَرُ : (سن. مُدگَرَ)، ڏسو "مدگر".

مَگِرُو : (پرا. مَگرَ. سن. مُدگَرَ)، گل جو قسم.

مَگَنُ : (سن. مگنَ. مَسجَ=ٻڏل)، نهالُ، خوش، نشي ۾ چُور.

مَڱَ: (سن. مارگن=گهرڻ)، ٽالي پناري ٽيل (عورت)، زال، ونيي. ڏسو "منگڻ".

مَڱَ: (پرا. مگ. سن. مُدگ)، اناج جو قسم.

مَڱري: (پرا. مگر. سن. مدگر)، مهري، مهلي، ڏنڊي.

مَڱتو: (سن. مارگن. مرج=گهرڻ)، منگتو، بيڪاري.

مَڱڻهار: (سن. مارگن = منگڻ، گهرڻ + "هار" پڇاڙي)، منگتو، هڪ ذات.

مَل: (پرا. مل. سن. مل. مل=پڪڙڻ)، ملهه، بهادر. ڏسو "ملهه".

مَلار: (سن. ملار)، هڪ راڳڻيءَ جو نالو، ميگهه ملهار.

مَلاکڙو: (ملهه+آکاڙو. سن. مل+آکشوات. ڪشتي لڙڻ جو هنڌ)، ميلو.

مَلاءِ: (پرا. مولاء. سن. مولات)، وڻن، ڪان.

جيڪي تن ملاءِ، سسئيءَ سور پرايا. (شاه)

مَلائي: (سن. منڊ)، کيرڻيءَ کير جي تہ، کير جو ڪنڊ، چمالي.

مَلَم: (ع. مرهم)، دوا، جا زخم تي رکجي.

مَلمل: (ف. ململ. سن. ململڪ)، هڪ قسم جو سنهين ڪپڙو.

مَلَڻ: (پرا. ملڻ. سن. ملن: مردن)، گهڻ، صاف ڪرڻ، مانجهڻ، ماجهڻ.

مَلڻ: (سن. ملن. مل=گڏ ٿيڻ)، مڙڻ، حاصل ٿيڻ.

مَلُورُ: (ع. مَلُول)، غمگين، مايوس، اداس.

مَلهه: (سن. مَلّ. هڪ پراچين ذات، جنهن جا ماڻهو جنگ لڙڻ کان مشهور هئا. انهي ڪري ڪشتيباز جوڌي جوان کي "مل" يا "ملهه" نالو پئجي ويو)، مل، پهلوان، بانڪو، بهادر.

مَلهه: (سن. مُلّ. سن. مولئه. مول=بنياد)، اگهه، قيمت.

مَلڇ: (پرا. مڇّ. سن. مليڇّ. مليڇ=ٻرو وچن ڀولڻ، جهنگلي نموني ڳالهائڻ)، پاپي، گنهگار، جهنگلي.

ملڻ: (سن. مَلِنَ)، گندو، ميرو.

ممتا: (سن. ممتا. مم=منهنجو)، پيار، موهه، وڏائي.

مَن: (پرا. مڻ. سن. منن. مَن=سمجهڻ)، دل.

منائڻ: (سن. منن. من=سمجهڻ)، مڃائڻ.

منتر: (سن. منتر. متر=ايڪانت ۾ چوڻ، صلاح ڏيڻ)، منبر، منتر ينتر، جادو، ٽوڻو ڦيڻو؛ "ويد" جو هڪ حصو، جنهن ۾ ديوتائن جي ساراهه آهي.

منتري: (سن. منتري. متر=صلاح ڏيڻ)، صلاحڪار، وزير.

منجڻ: (سن. مڃّ=آزاد ڪرڻ)، موڪلڻ، ڇڏڻ، ڇٽڻ.

منجر: (سن. منچ)، کٽ، پلنگ.

مَنجهہ : (پرا. مَنجهہ. سن. مَڌيہ. سَن=سمجهن. ٢- ما= سونهن ڏين+ڌا=رکڻ)، اندر، وچ.

مَنجهلو: (سن. مَڌيہ = وچ)، بدن جي وچ ۾ پڌڻ وارو ڪپڙو)، گوڏ، ڀوتڙو.

مَنجهڻ : (پرا. مَجهہ. سن. مُهہ=بيهوش ٿيڻ)، وائڙو ٿيڻ.

مَندر : (پرا. مَندر. سن. مَندر. مَد=ساراهڻ)، ٺڪاڻو، ڏيورو.

مَنڌ : (سن. مَديہ)، شراب.

مَنڌ : (سن. مُگڌا. مُهہ=بي سڌ ٿيڻ)، جوان ۽ سهڻي عورت.

مَنڊل : (سن. منڊل. مَنڊ=سينگارڻ)، چنڊ يا سج جي چوڌاري روشنيءَ جو گهيرو، ڪچهري.

مَنڊلي : (پرا. مَنڊلي. سن. مَنڊلي. منڊ=سينگارڻ)، جماعت، سماج، سڀا.

مَنڊڻ : (پرا. مَنڊڻ. سن. مَنڊن. منڊ=ڪوڙڻ)، ڪوڙڻ.

مَنڊڻ : (سن. مَڌرڻ)، لڪائڻ، ڇپائڻ، ڍڪڻ.

مَنڊي : (سن. منڊپ. مَنڊ=سينگارڻ)، بازار، جتي اناج وغيره وڪامي.

مَنڊي : (پرا. مَڊا. سن مَڌرا)، چلي جو قسم، آڱوٺي.

مَنڍِي : (ڏن. مونڊ. پرا. مَنڍَ. سن. مَنڍ)، سِري.

مَنگَلُ : (پرا. مَنگَلَ. سن. منگَلَ=سدورو)، ٽيون گرهه انگارو.

مَنگلُ : (ع. منقل. سن. مَنڪل)، سگري، ڪل.

مَنگڻُ : (پرا. مَگڻَ. سن. مارگڻ)، گهرڻ.

مَنگهٽُ : (سن. مَڪٽَ)، تاج، موڙ، مُنڪ.

مَنگهڻُ : (سن. مَنڪڻ)، جيت جو قسم.

مَنڻُ : (سن. مانن. مَنُ=چاچڻ)، مڃڻ.

مَنڻُ : (پرا. مَنڊڻُ. سن. مَنڊن)، ڪوڙڻ. ڏسو "منڊڻ".

مَنِڻُ : (سن. مَرڻُ=هڻڻ)، ڪَنيَ ڪان اڪ ڪپڙن کي سَنڻ.

مَنوهرُ : (سن. مَنوهر. مَنُ=منس=مَنُ+هَرُ=کَڻڻ. من کي وڻندڙ)، سُندر، سهڻو.

مَنهُنُ : (پرا. مَنڊو. سن. مَنڊپ. مَنڊ=سينگارڻ)، چاپرو، ڇنو، جهوپڙي.

مُنهُنُ : (پرا. مُهه. سن. مُک)، چهرو، شڪل.

مِنهُنُ : (پرا. مِس. سن. مِش)، بهالو، عذر.

مُني : (پرا. مُنِ. سن. مُنِ. مَنُ = چاڻڻ)، تپشي، گياني، بزرگ.

مُنياڻي : (سن. مُنڊ=مُڏو+ "اي" پچاڙي)، مُڏو، مُڏي.

مَڻِ: (پرا. مڻِ. سن. مُڻِ. مڻ = آواز ڪرڻ)، موتي، رتن، قيمتي پٿر، ڏيا، ڪلا، جوت، روشني.

مَڻ: (ع. مَن)، چاليهه سيرن جي تور جو وٽُ.

مَڻڪو: (سن. مڻيڪا)، گردن جو ٻوٻون هڏو.

مڻيو: (سن. مڻِ. مڻ = آواز ڪرڻ)، قيمتي پٿر.

موتي: (پرا. مُتا. سن. مڪتا)، رتن جو قسم، جو سامونڊي سپ ۾ سڄي ٿو.

مونڊو: (سن. مُشٽ)، ڏُٺو.

موٺ: (سن. مڪشٺ)، اناج جو قسم، گاهه جو قسم.

موچارو: (سن. مک چارو، چارو=سُهڻو)، سهڻو.

مودي: (سن. مودڪ=لڏون)، دڪاندار، کنڊ وکٽائيندڙ.

مور: (سن. مڪل)، گونچ، ٻور.

مور: (پرا. مور. سن. ميور. مِي=مارڻ)، پکيءَ جو قسم.

مُور: (سن. مُول)، ٻاڙ، اصل، موڙي، ٽٽ.

مورت: (پرا. مت. سن. مورتِ) شڪل، روپ.

مُورڇا: (پرا. مڇا. سن. مورڇا)، غشي، بي هوشي.

مورڇل: (سن. ميور + شر=چڙ، ڍگهي چڙي)، مور جي کنڀن جو چونر يا پکو، جو ديوتائن يا بادشاهن مٿان گهلايو (گهمايو) ويندو آهي.

مورِکَ: (سن. مورک. مرچ=حوصلا وڃائڻ)، احمق، بيوقوف.

مُورِي: (پرا. موليہ. سن. مولکَ)، مولِي، ڀاڄيءَ جو قسم.

موريسَرَ: (ف. موءِ سَر. مو=وار+سَر=مٿو. گهٽي روڄ راڙي سبب اکين ۾ سنهيون سنهيون وارن جيان ليکون پيدا ٿينديون آهن)، ڪَنڙ، چاليون.

موڙ: (سن. مؤلِ)، مُڪٽ، سِهرا، جي گهوٽ کي شاديءَ وقت ٻڌجن، ڪَڪڙ جي چوٽي.

موڙڻ: (پرا. موڊنَ. سن. موٽنَ. مَٽ=داٻ ڏيڻ)، ورائڻ، ڏنگو ڪرڻ.

موڙهو: (سن. مَوڍ. مَه=مُنجهي وڃڻ)، گنوارُ، بيوقوف.

موڙي: (سن. مڊ=هيٺ لهڻ)، گهٽتائي، اگهن ۾ لاهو.

مُوڙِي: (سن. مولَ)، داشت، سرمايو.

موڪ: (پرا. موڪ. سن. مُڪتَ. مُچ=ڇڏڻ)، ڪَسِي، نالي، واهه، عام جاءِ ڇنل.

موڪَلَ: (هير. مُڪولَ. ڏن. مُڪڪا. سن. مُڪتَ+"لَ" پڄاڙي)، چُوٽي، رخصت.

موڪَڻَ: (پرا. موکڻ. سن. موکشَنَ. موکش=ڇڏڻ)، ماهائڻ.

موڳو: (سن. مُهه=منجهي وڃڻ)، منجهيل، موڙهل، بيوقوف.

مُولُ: (پرا. مُولَ. سن. مُولَ)، جڙ، بنياد، اصل.

مولهيو: (سن. مؤل=موڙ)، مٿي تي ڍنڪي وانگر ويڙهيل
کهڙا، ڪلنگيدار پڳ.

موهه: (پرا. موهه. سن. موهه)، پيار، بي سمجهي.

مَنڊلُ: (سن. مدڪلَ)، هاٿي.

پوڙ ونَ آ پيٽ پرين، ڪَٽ مَست ڪري منڊلَ.(محمد)

مَها: (سن. مَها. مَهَت)، وڏو.

مَهاڙي: (سن. مُک+"اڙي" ڀڄاڙي)، اڳياڙي، مهڙ واري،
اڳيون حصو.

مَهانگو: (سن. مَهارگهه. مَها=وڏو+ آرگهه =اگهه)، گران.
ضد "سهانگو".

مَهت: (سن. مَهتا) مانُ، عزت.

مَهتو: (گ، مَهتو. ڏن. ميدو. پرا. مَهنتو. سن. مَهت.
مَهه=پوڄڻ، رڏڻ)، ليکو ڪندڙ، منشي، واڻيو.

مِهرُ: (ف. مهر. پرا. مِهرَ. سن. مِهرَ)، سج.

مِهرَ آتي مهتاب رهن، مُشتاق صنم دي روء اتي.
(شاهه محمد)

مَهَراج: (سن. مَهاراجَ)، عزت ڏيڻ لاءِ "گَرن" کي هندن جو لقب.

مَهْراڻَ: (سن. مَها آرڻوَ. مَها+آرْڻوَ=سمنڊ. آرْڻَ=بي آرام ٿيڻ)، وڏو سمنڊ، مهاساگر.

مَهْرِي: (سن. مَسُورَ)، اناج يا دال جو قسم.

مِهِرِي: (پرا. مَهِلا. سن. مَهِلا)، عورت.

مَهْرِي: (پرا. مَسَلَ. سن. مُشَلَ: مَسَلَ. مَسْ = ذرا ذرا ڪرڻ)، مَهلي، انَ چڙڻ جي ڪاٺ جي سرائي.

مَهَڪ: (سن. گَمَڪَ)، خوشبو.

مَهْلو: (سن. مَشَڪَ)، مَهون، مڇر جو قسم، ڪت.

مِهْمانَ: (ف. مِهمان. سن. مَہ = وڏو + مانَ=عزت. جنهن جي آئي پنهنجو مانَ وڏو ٿئي)، سانگي سان ايندڙ ماڻهو. ضد "ميزبان".

مَهَمِيرو: (ف. ماميران)، هڪ ٻوٽيءَ جي جَڙ، جا اکين جي نابينائيءَ لاءِ مفيد آهي.

مَهَنْتَ: (سن. مَهَت=وڏو)، سَنت، ويراڳي، سادو، مڙهيءَ جو وڏو.

مَهَڻُ: (سن. مَشَ)، مارڻ، ڪهڻ، قُرڻ.

مهورت: (سن. مهورت)، افتتاح، آرنڀ، شروعات.

مهي: (ع. مخيض. پرا. مهء. سن. مٿت. مٿ=ولوڙڻ)، اڌ ولوڙيل ڏونرو.

مهيسر: (پرا. مهيسر. سن. مهيشور. مها=ايشور)، مهاديو، ڏٽي، هڪ ذات.

مي: (پرا. ميء. سن. مد)، مستي، نشو، وڏائي.

ميان: (سن. سٽر)، سائين. "عزت" جو لفظ.

مياڻ: (ف. ميان، نيام)، ڪپ، خنجر يا ترار رکڻ جي کوڙري.

مهينو: (ف. ماه. سن. ماس)، سال جو ٻارنهون حصو.

مڱنڪل: (سن. مڏڪل)، هاڻي، هڪ مسلمان قوم.

مٽو متو: (پرا. مٿ. سن. مت)، مست، متوالو.

ميٿي: (سن. ميٿي)، ڀاڄي يا ساڳ جو قسم.

ميٽ: (سن. مرتڪا)، جبل جي پٿر جهڙي سخت مٽي.

ميجالو: (سن. مجن)، مغز، گورو، مک.

ميچ: (سن. مش مش=اک هڻڻ)، اک جو اشارو، اشارو.

ميرو: (ڏن. مئل. هيم. مئلو. پرا. مئل. سن. ملن)، گندو، مٽيءَ هاڻو، ناپاڪ.

ميسارڻ: (سن. مرج=صفا ڪرڻ)، ڌاهڻ، صفا ڪرڻ.

مَيڪَر: (سن. مَڪَر)، مانگر مڇ.

مَيڪَرَ ماربائون، مَلاحن مَنهن سَنرا. (شا.)

ميک: (ف. ميخ)، ڪِلي، ڪوڪو.

ميگهه: (سن. ميگهه. مِهه=ڇنڪارڻ)، بادل، ڪڪر.

ميلو: (پرا. ميلهه. سن. ميلڪَ. مِلُ=گڏ ٿيڻ)، ملاکڙو، ميلاپ.

مَين: (پرا. مِينَ. سن. مِينَ)، مڇي. مڇيءَ جا چپ تمام سنهڙا ۽ وات ننڍڙو ٿئي ٿو، جنهن ڪري اکڙيُن شاعرن تشبيه طور آندي آهي.

ڏند موتي، چَپَ مِينَ، آهَو عَينَ عجب جا. (سينگار)

مَينا: (سن. مادَنَ. مَدُ=مست ٿيڻ)، پکيءَ جو قسم.

ميندي: (سن. مينڌي)، حِنا، ٻوٽي جو قسم، جنهن جي پنن ۾ رنگ ٿئي ٿو.

ميندِي: (سن. ويڻي)، وارن جي گَنيل لَٽَ.

مينهن: (پرا. مَهِسي. سن. مَهِشي)، هڪ چوپايو جانور.

مينهَن: (هِيم. ميهو. پرا. ميهه. سن. مِيگهه)، برسات.

مَيو: (پرا. مَيَه. سن. مَيه)، اٽ.

مِيون : (پرا. مِتُو. سن. مِتْرُ)، سائين، ڏڻي، ميان. "عزت" چو لفظ.

# ن

نافَ : (ف. ناف. سن. نابِ. نَهُ = ٻڌڻ)، ڏنّ، مشڪ، ناف آهو.

نافَ : (ف. ناخُن. پرا. نَهُ. سن. نَکَ)، ننهُن، نيزو.

ناتو : (سن. جِڃاتِ، جڃاتيِہ. جڃا = ڃاڻڻ)، رشتو، ڳانڍاپو.

ناٿُ : (سن. ناٿَ. نَٿَ = گهُرڻ. جنهن کان گهرجي ٿو)، سوامي، مالڪ.

ناٽَ : (سن. ناٽَ. نَٽَ = نچڻ)، ناز نخرو، انگل بازي.

ناٽڪَ : (پرا. نٽَ. سن. ناٽيہ. نٽَ = نچڻ)، هٽ چالاڪي، کيلُ.

نادُ : (پرا. ڻاي. سن. نادَ. ند + آواز ڪرڻ)، سنک، ڪوڏ.

نادِي : (سن. نَندَڪ)، پاڻيءَ جو وڏو ٿانءُ، برف جي ڄڪِي.

نارَ : (سن. نار)، پاڻي، ڪچي زمين يا ڪوهيءَ جي سنهن سوراخن مان نڪرندڙ پاڻيءَ جون ڌارون، لڙڪ.

جِنِ ميں ڪوهيءَ لار، وهن واريءَ ڳاڏڻان،
هينئرو پرِيان ڌارَ، نِيِريانس نہ نِبري. (شاه ڪريم)

نار: (سن. ناري. نُر = وڃڻ، هلائڻ)، عورت.

نارنگي: (ف. نارنگ. پرا. ڻارنگ. سن. نارنگ)، ميوي جو قسم.

ناريل: (ف. نارگيل. سن. نارڪيل. نار: نال = شاخ + ڪَ = هوا، پاڻي + اِلُ = هلڻ. جنهن جي شاخ، پاڻي يا هوا سان وڌي ٿي)، ناريل يا ان جو وڻ.

ناڙ: (پرا. ڻاڙ. سن. ناڊ. نڊ = ڪرڻ)، نبض نس.

ناڙو: (سن. ناڊ. نڊ = ڪرڻ)، گاهه جو قسم، ڪمل گل جون شاخون، پاجاريءَ ۾ پڌڻ وارو (چم يا ڪاپڙ جو) رسو.

ناس: (پرا. ڻسا. سن. ناسا. نسُ = آواز ڪرڻ)، نڪ جو سوراخ، ناڪوڙي.

ناس: (سن. نش. نش = برباد ٿيڻ)، برباد چٽ.

ناستڪ: (پرا. ڻستڪ. سن. ناستڪ. نہ = نہ + آستِ = آهي. اهو، جو چوي تہ خدا نہ آهي)، ڪافر.

ناڪار: (پرا. ڻڪار. سن. نڪار. نہ + ڪُر = ڪرڻ)، انڪار.

ناڪو: (سن. نڪر)، ڦاٽڪ، شهر جو دروازو، رستي جي اها جاءِ، جتي محصول اگهرجي.

ناڪيلي: (سن. ناسڪا ڪيلَ. ناسڪا=نڪ+ڪِيل = ميخ)، ڪاٺ جي ميخ، جا اٺ جي نڪ ۾ لڳل هجي، ڏور يا مهار، جا اٺ کي هلائي ۽ ميخ سان ڳنڍيل هجي.

ناکئو: (ف. ناخدا=ناو = ٻيڙي + خدا=مالڪ. سن. ناوِڪ. نَو نا=ٻيڙي)، خلاصي، ملاح، ناخدا.

نالَ: (سن. نالَ. نَلْ = ٻُڌڻ، چمڪڻ)، بندوق جي نالي، نري.

نالي: (سن. نالِڪ)، ڪسي، واهي.

نامَ: (ف. نام. ڙن نامَ. پرا. ڻامَ. سن. نامَنْ. نَمْ = پڪارڻ. جنهن سان پڪارجي)، نالو.

نانا: (پرا. ڻاڻا. سن. نانا)، طرحين طرحين، گوڻا.

نانگ: (پرا. ڻاگَ. سن. نانگَ. نَ = نه + آگَ = ترسيل)، بلا، سپ.

نانڪو: (سن. نَڪْنَ. نَڃْ = لڄائڻ)، اکھاڙو ۽ اقيرن جو قسم.

ناڻوائي: (ف. نانبائي: نانوا < نان+آبا. نان = ماني + آبا= پوڙ، شروو)، اهو ماڻهو، جو ماني ۽ پوڙ وڪڻي.

ناءُ: (ف. نام. سن. نامَنْ)، نالو، ناموس.

ناهِن: (پرا. ڻهِ. سن. نَهِ)، نہ، نفي.

نائڻ : (سن. نمن. نمر=جهڪڻ)، نمائڻ، جهڪائڻ.

نائو : (سن. ناڪ، نہ=نہ+آڪ=خراب. جو خراب نہ آهي)، پيسا، دولت.

ناهر : (سن. نرهر. نر=ماڻهو+هر=شينهن. ماڻهو سڄڻ تہ شينهن آهي)، ٻگهڙ.

نائڪ : (پرا. ڻايڪ. سن. نايڪ. ني=وٺي وڃڻ، هلائڻ)، سينا پتي، مکيہ، دربان.

نائي : (سن. ناپت)، حجم.

نبار : (سن. نرمالي. نر=سواءِ+مل=گندگي)، پاڪ، صاف.

نباهڻ : (پرا. ڻواهڻ. سن. نروهن. نر=پروسو+وهہ=سهڻ، وٺي وڃڻ)، نڀائڻ، پورو هلڻ، توڙ رسائڻ.

نبيرڻ : (سن. نورتن)، طي ڪرڻ، پورو ڪرڻ.

نپل : (پرا. ڻبل. سن. نربل. نر=سواءِ+بل=ٻل)، ڏبرو، ڪمزور، ضعيف.

نڀ : (پرا. ڻهہ. سن. نڀ؛ نڀس. نڀہ=ٻدل)، آسمان.

نڀائڻ : (ڏسو "نباهڻ".

نڀاڳو : (پرا. ڻڀگ. سن. نرڀاڳيہ. نر=سواءِ+ڀاڳيہ=ڀاڳ)، نحس، ڇنڊو. ضد "سڀاڳو".

نِياڻي: (سن. نِهه. پراڪرت. نِهه=سواءِ+پراڪرت=ياڻ)، ”پِٽ پاراتي“ جو لفظ، جنهن کي ياڻ نه هجي.

نَت: (سن. نِتيه. نه=يقين. جو يقينا هجي)، هميشه، سدائين.

نَٿ: (پرا. نَستا. سن. نَاسَ+ٿَ. مڙس جي جيئڻ جي نشاني)، نڪ ۾ پائڻ جو زيور.

نَٿ: (هير. نٿا. سن. ناٿ. ناٿ=ستائڻ، ڏک ڏيڻ)، ڏاند جي نڪ ۾ وجهڻ واري رسي.

نَٽ: (سن. نَٽ. نَٽ=نچڻ)، ناز نخرو، آنگل آرو.

نِڏر: (پرا. نِڏر. سن. نِشڀر. نه+ڀَيا=ڊرڻ)، ڪٺور، ڊٺو، هوڏي.

نِوَٽ: (سن. نِشپٽ، نِس=سواءِ+پَٽ=پردو)، بنهه، صفا.

نِپٽو: (سن. نِشپتر. نِش=سواءِ+پُتر=پٽ)، بي اولاد، جنهن کي نر ٻچو اولاد نه هجي.

نِوڙڻ: (سن. نِپيڊن. نه=چڱيءَ طرح سان+پيڊ=پيڙڻ)، پيڪوڙڻ، گهٽي داب هيٺ آڻڻ.

نِج: (سن. نِج)، خاص، صاف، رڳو، اصلي.

نِپوسڪ: (پرا. ڻپنسڪ. سن. نپنسڪ. نه=نر+پنسڪ=ماڻهو)، ڪدڙو، هيجڙو، خنثه.

نِجهرو: (سن. نِواسَ + "رو" پڇاڙي. نِ = اندر + وَسَ = رهڻ)، ڪُنيا، گهر، مڪان، جهوپڙي.

نَچَڻُ: (سن. ناٽيہ. نَٽَ = نچڻ)، ناچ ڪرڻ، جهمر هڻڻ، رقص ڪرڻ.

نِچوڙڻُ: (سن. نِ=چڱيءَ طرح سان + چيُونَ = پرڻ. ڪنهن شيءِ جي رس ڪڍي، پيو ٿانءَ پرڻ)، نپوڙڻ.

نِڇَتر: (سن. نَڪشَتر)، تارا. ڏسو "نکٽ".

نِدانَ: (سن. نِدانَ. نِ=يقين + دا=ڏيڻ)، نيٺ پڇاڙي، آخر.

نَدي: (پرا. ڻَي. سن. نَدي. نَدَ=آواز ڪرڻ)، دريا، نهر.

نِڌر: (سن. نِرڌَرَ = نِر آڌارَ. نِر = سواءِ + آڌارَ = وسيلو)، بي واهو، ڪمزور.

نَڌو: (سن. نَڌَ. نَهَ = ٻڌل)، قابو، سوگهو.

نَر: (ف. نر. پرا. ڻَر. سن. نَر. نرُ = وٺي وڃڻ، چلڻ)، مرد.

نِراسَ: (پرا. ڻِراسَ. سن. نِراشَ. نِر = نہ آشا = اميد)، نااميد.

نِراڪارَ: (پرا. ڻِراگارَ. سن. نِراڪار. نِرَ=نہ + آڪارَ=شڪل. جنهن کي ڪا شڪل نہ هجي)، ڏڻي تعاليٰ.

نراڪارَ آڪارَ، ڏاري آهو جڳ ۾. (سامي)

نِرالو: (هيم. نِيراآ. پرا. ڻِراليه. سن. نِراليه. نِرْ=ٻاهر، ايڪانت + آليَہ = جاءِ) الڳ، ليارو.

نِرْباڻ: ڏسو "نرواڻ".

نِرْڀو: (پرا. ڻِڀيه. سن. نِرْڀيه. نِرْ= نہ + ڀيہ = خوف)، بهادر.

نِرْت: (سن. نيتْرَ= اک. نِيي = وٺي وڃڻ، هلائڻ)، نظر، ڏيڊ.

نِرْجَلَ: (سن. نِرْجَلَ. نِرْ= سواءِ + جَلَ = پاڻي)، پاڻيءَ کان سواءِ، نرجل گيارس (هندن جو ورت، جنهن ۾ سڄو ڏينهن آنّ پاڻي ڪو نہ کائين)، بيابان.

نِرْڄو: (پرا. ڻِلَڄَ. سن. نِرْلَڄَ. نِرْ= سواءِ + لڄا = لڄ)، بي شرم، بي حيا، آٿاسو، بي لڪو.

نِرْدوشَ: (سن. نِرْدوشَ. دوشَ = ڏوھ)، بي گناھ، بي قصور.

نِرْدَئي: (نِرْدَيہ. دَيا = رحم. جنهن جي مَنَ ۾ ديا نہ هجي)، ڪٺور، سنگ دل، ظالم.

نِرْڙُ: (پرا. ڻِلاڊُ. سن. لَلاٽَ)، پيشاني.

نَرْڪَ: (پرا. ڻرڪ. سن. نَرَڪ. نَرَ = ماڻهو + ڪي

= آواز ڪرڻ . جتي گنهگار دانهون ڪن ٿا)، دوزخ جو ضد "سرڳ".

نِرمَلُ : (پرا. ڻمل. سن. نِرمَل. نِر=سواءِ+مَلَ=گندگي)، پاڪ، صاف.

نِرْوارُ : (سن. نِر= سواءِ + وارُ = پردو)، پڌري پٽ، کليو کلايو.

نِرْوانُ : (پرا. ڻوان. سن. نِرْوانَ. وا=وَهڻ، وڃڻ)، اها حالت، جنهن ۾ سڀني خواهشن کان آجو ٿي، ڏٺيءَ سان هڪ ٿي رهجي، مُڪتي، نجات.

نِروڳ : (پرا. ڻيروگ . سن . نِروگ . نِ = نه + روگ = بيماري)، آروڳ، نِرويو، تندرست.

نِرويو : (پرا. ڻرويہ. نِروگيہ. نہ+روگيہ=روڳ وارو، بيمار)، تندرست، چڱو ڀلو.

نَڙ : (سن. نَڏ. نَڏ=ڪرڻ)، پورو ڪانو، جنهن سان حقو يا چلم ڇڪجي، ساز جو قسم.

نَسَ : (سن. سناير)، رڳ.

نِسَ : (پرا. ڻسا. سن. نشا. نِ=سڀ طرح سان+شو= سنهو ڪرڻ. ڪمن کي پورو ڪرڻ)، رات.

۸۵. رَبَ واڇي ورجو، نِسَ رَبَ راس نہ رَوءِ. (جلال)

نِستو: (سن. نهستيہ=ستيہ=طاقت)، ڪمزور، ڪمزور.

نِسرڻ: (پرا. نسرڻ. سن. نهہ سرڻ. نهہ = ٻاهر + سر = وڃڻ)، سنگ جو نڪرڻ يا اڀرڻ، ظاهر ٿيڻ.

نِسنگ: (سن. نهہ شنڪ. نهہ = سواءِ + شنڪا = ڊپ )، بي ڊپو، نروار، ظاهر.

نَشٽ: (سن. نشٽ)، برباد، ناس، چٽ.

نشچو: (سن. نشچيہ. نہ = چڱيءَ طرح سان + چہ = گڏ ڪرڻ)، يقين، وشواس.

نشڪام: ڏسو "نهڪام".

نَڪ: (ڏن. نڪو. هير. نڪو. سن. ناسڪا. ناس = آواز ڪرڻ)، سنگهڻ جو حواس، ناس.

نِڪ: (گ. نيڪ. سن. نيڪا)، ڪسي، نهر.

نڪالڻ: (سن. نشڪاسن. نس = ٻاهر + ڪس = وڃڻ )، هڪالڻ، تڙڻ، ٻاهر ڪرڻ.

نَڪت: (سن. نڪت. نہ=پرسان+ڪت=وڃڻ)، ويجهو.

نڪرڻ: (سن. نشڪاسن. نش = نس=ٻاهر + ڪس=وڃڻ)، ٻاهر ٿيڻ، ظاهر ٿيڻ.

نِڪمو: (هير. نڪام. سن. نهڪرم. نہ=سواءِ+ڪرم= ڪم. جو ڪنهن ڪم جو نہ هجي)، نڪمو، بيڪام، بيڪار، واندو.

نِڪونج: (سن. نِڪنج)، اها جاءِ جتي سبزي جام هجي.

نَڪهير: (هہ. ناڪ + سن. ڪشير = پاڻي)، نَڪ مان رت اچڻ.

نِڪيتَن: (سن. نِڪيتن. نِ = چڱي طرح سان + ڪِتَ = رهڻ)، گهر، جاءِ.

نَڪٽ: (سن. نَڪشتر. نَڪش = پهچڻ، وڃڻ)، تارو، برج.

برج "ٻارنهن" آهن: ١- حمل ٢- ثور ٣- جوزا ٤- سرطان ٥- اسد ٦- سنبلہ ٧- ميزان ٨- عقرب ٩- قوس ١٠- جدي ١١- دلو ١٢- حوت.

هندن جي خيال موجب ستاويهہ نکٽ آهن:
١- آشچني ٢- ڀرڻي ٣- ڪرتڪا ٤- روهڻي ٥- مرگشرا ٦- آرڊرا ٧- پنروس ٨- پشيہ ٩- آشليا ١٠- مگها ١١- پورْوا ڦالگنيي ١٢- آترا ڦالگنيي ١٣- هست ١٤- چترا ١٥- سواتي ١٦- وشاکا ١٧- انراڌا ١٨- جييوشيٺا ١٩- مول ٢٠- پورو اشاڊا ٢١- آتراشاڊا ٢٢- شروڻ ٢٣- ڌنشٺا ٢٤- شتڀشا ٢٥- پورو ڀاڊرپدا ٢٦- اتر ڀاڊرا پد ٢٧- ريوتي.

نَڪر: (پرا. ڻَڪر. سن. نَڪر. نَڳ = وڻ، پهاڙ. جنهن ۾ وڻ يا پهاڙ هجن)، شهر.

نِڳڻ: (پرا. ڻِڳمڻ. سن. نِرگمڻ. نِر=ٻاهر+گم=وڃڻ)، نڪرڻ، اپڙڻ، پيدا ٿيڻ.

سَلج ننهن ساوڪ، جو ناقصائي نڳيو. (شاه)

نِلو-نِرو: (سن. نِر=ٻاهر)، سواءِ، بغير، اڪيلو.

نِم: (سن. نِنب. نِنب=ٻاڦي ڏيڻ)، وڻ جو قسم.

نماشام: (ف. نمازشام)، سانجهي، سج لٿي مهل.

نمسڪار: (سن. نمسڪار. نمس=جهڪڻ+ڪر=ڪرڻ)، جهڪي سلام ڪرڻ.

نمڻ: (پرا. ڻمڻ: سن. نمڻ. نم=جهڪڻ)، نيوڙڻ.

نندا: (سن. نندا. نند=برائي ڪرڻ)، گلا، شڪايت.

ننڊ: (سن. نندرا. نِ=يقين + ڊرا=سمهڻ)، سمهڻ جو خيال.

ننگر: (ف. لنگر)، لوهه جو ڪلو، جنهن سان ٻيڙي يا جهاز ٻڌجي.

ننگو: (هير. نگو. پرا. ڻگنَ. سن. نگنَ. نج=لڄائڻ)، اگهاڙو، بي شرم.

ننهن-ننهن: (سن. نک. نَ=نه+ک. جنهن جي وڍڻ سان ايذاءُ نه اچي)، ناخون، هٿن يا پيرن جا ننهن.

نِنان: (سن. نَننَدا. نَ=نہ+نندَ=راضي ٿيڻ. جو ڪيتري به ڏيڻ سان خوش نہ ٿئي)، مڙس جي ڀيڻ.

نِوارَڻ: (پرا. نِوارَڻ. سن. نِوارَڻ. نِ=چئني طرفن کان+وَرَ=گهيرو ڪرڻ)، روڪڻ.

نِواسي: (پرا. نِواس. سن. نِواسِن. نِ=اندر+وَسَ=رهڻ)، رهواسي، رهاڪو، رهندڙ.

نَوانوي: (سن. نَوَ نَوَت)، نوي ۽ نو.

نوٽ: (انگ. نوٽ Note)، روپين جو عدد ڏيکاريندڙ پنو، جو سرڪاري طرح جاري ٿيل هجي.

نِڪِرُ: (سن. نَڪَل. نَ=نہ+ڪَل=ذات. جنهن جي ذات نہ هجي)، هڪ ننڍڙو جانور.

نَورا: (سن. نوپر. نو=گهٽو+پَرَ=اڪٽي هلڻ)، پيرن جو زيور.

نَوِيل: (سن. نَوَ=نئون+لا=وٺڻ)، نَوَلَ، نئون، اڻ هريل.

نَوندَ: (سن. نندرا=ننڊ)، اک جي خماريل حالت.

ڪورَبَ وَ بهندي گوندَ، ڪريا ڪيس ڪَلاه تان،

آلِ آليهَر آنسرا، عَينَ تہ نرگس نوندَ. (جلال)

نوڻ : (سن. نمن. نِ = هيٺ + منا = اڀياس ڪرڻ، ياد ڪرڻ)، هيٺاهين زمين لاهي.

نهاڙڻ : (سن. نِيالن)، ڏسڻ، جاچڻ.

نهائين : (سن. ناپِي)، ڪنڀر جي آوِي.

نهچو : (سن. نشچيه. نِ = چڱيءَ طرح سان چِ = گڏ ڪرڻ)، ڀروسو، پڪ، يقين.

نهڪام : (سن. نِشڪام. نِر = سواءِ + ڪام = شهوت)، ڪامنا يا خواهش کان جٽل.

گر گم رمتا رام، سامي جنهن سهي ڪيو،
ڪڏهن ٿِي ڪين ڪي، مايا جو غلام،
سدائين نِهڪام، رهي پنهنجي حال ۾. (سامي)

نهو : (سن. نِڌِ. نِ=وچ ۾ +ڌا = رکڻ)، خزانو، گنج ۽ جاءِ، مڪان.

نهوڙڻ : (سن. نشودن. نِ = چڱيءَ طرح سان + سود = کهڻ)، مارڻ، ناس ڪرڻ.

نهڻ : (سن. نهِ)، ٻڌڻ، سوگهو ڪرڻ.

نهرڻ : (سن. نکھرني. نک= ننهن +هر = ڪٽڻ)، اوزار، جنهن سان ننهن لاهجن.

نِٺڻ: (سن. نِي)، وٺي وڃڻ، ڪڍڻ.

نَئون: (ف. نَو. سن. نو. نَ = ساراهڻ)، تازو، ڪورو.

نِپ: (سن. نيجڪَ. نجْ = صاف ڪرڻ)، ڌوٻڻ، ڪنياڻي.

نِياپو: (سن. جْڃا = ڄاڻڻ)، سَنيهو، پيغام پارانيو.

نِيارو: (سن. نِرالَيہ. نِرْ = ٻاهر، ايڪانت + آلَيہ = جاء)، الڳ، نرالو.

نِياڻ: (سن. نِيانَ)، حوض، تلاءُ.

نِياءُ: (سن. نْيايہ. نِہ = نيڪ طرح + اِ = آواز)، انصاف.

نِبت: (سن. نمتہِ. نِي = وٺي وڃڻ)، سٺي هلت.

نيتَرُ: (سن. نيتَرہ. نِي = وٺي وڃڻ، چلڻ، پهچائڻ، حاصل ڪرڻ)، اکيون، نيڻ، نين، چشم.

نيتَ: (سن. ويتَرْ)، وڻ جو نسر.

نِيچ: (سن. نِيچ. نِہ = هيٺ + آنچْ = وڃڻ)، ڪميڻو، گهٽ.

نيڊو: (سن. نِڪوڊَ. نِہ + ڪُوڊَ = ڪُوڙهو)، اونهو، هيٺ.

نِيڙ: (سن. نِڪَڊَ)، پيرن جا زنجير.

نِيرُ: (ف. نيلَ. سن. نِيلَ. نيلْ = نيرو ڪرڻ)، نيرو رنگ يا ان جو ٻوٽو.

نِير: (سن. نِير. نِ = هيٺ + اِير = وَهڻ)، پاڻي.

مَڇلي نير کون پلڪَ، نہ اُٿي پري. (سامي)

اَيڙَ: (ع. نَهر)، ڪَسي، واهي.

نيڙي: (سن. نِڪٽ. نِ=ويجهو+ڪَٽ=وڃڻ)، ويجهو.

نيسارو: (سن. نِس = ٻاهر + سَرَ = وڃڻ، وهڻ. جنهن مان پاڻي ٻاهر ڪري)، اها ڪاٺ، لوهہ يا پٿر جي ٿهيل شيءِ، جا جاين ۾ لڳل هجي، جنهن مان مينهن جو پاڻي ٻاهر نڪري.

نيڪارَڻ: (سن. نِڪشارَڻ)، چَنڊي صاف ڪرڻ، پاڪ ڪرڻ.

نيڪيڻي: (سن. نِشڪرتِي. نِس= ٻاهر+ڪرِ=ڪرڻ)، سَتاوڙو.

نِکهارَڻ: (سن. نِرگهرشَڻ)، صاف ڪرڻ.

نِيلَ: (سن. نِيل)، سؤ آرب جو عدد، نيرَ.

نيلامَ: (پور. نيلام)، عام واڪ، کليل واڪ.

نِيلَم: (ف. نِيلم. سن. نِيلمَڻِ. نِيلَ = نيرو + مَڻِ = مڻڪو)، نيري رنگ جو قيمتي پٿر.

نِيلوفَرَ: (ف. نيلوفر. سن. نِيلو تپَل)، نيرو ڪنول.

نيمَ: (سن. نيمَ. نِ+يمَ=روڪڻ)، ريت، چلن، وهنوار.

نينگر: (سن. نگن=اگهاڙو)، ٻالڪ ٻار، ڇوڪرو.

نيڻ: (سن. نيڻ. نيي=وٺي وڃڻ)، اکيون.

نينهن: (سن. سنيهه. سنيهه = پيار ڪرڻ)، عشق.

# و

وات: (سن. وڄ=ڳالهائڻ)، مک، وات.

وٽ: (سن. وات)، رستو، دڳ، گس، چارو.

وائڻ: (هيم. ونٿو. سن. ونٽن. واٽ=حصو ڪرڻ)، حصا ڪرڻ، ونڊڻ.

واٽهڙو: (سن. واٽڪ)، واٽ ويندڙ، رهه گذر.

واهار: (پرا. واوار. سن. ويا پار. و=گهڻو+آ=چئني طرفن
ڪان+پر=ڪم ۾ لڳڻ)، ڏنڌو.

واڄو: (پرا. وڄ. سن. وڏيه. وڏ=آوازڪرڻ)، باجو، سرود.

واجهه: (سن. ٻنڌ = ٻڌڻ)، رسو، حيلو، ڪوشش.

واجهائڻ: (سن. واڇا. واڇ=خواهش ڪرڻ)، انتظار سان ڏسڻ.

واڇ. (سن. واتيا)، واءُ.

واچا: (سن. واچا. وڄ=چوڻ)، وچن، ٻول، ٻاس.

واچڻ: (سن. واچن. وَچ = پڙهڻ)، پڙهڻ.

واڌائو: (سن. ورڌن. ورڌ = وڌڻ)، ويجهه، وراڻ، واڌائي.

واڌائي: (سن. ورڌڪا. ورڌ = وڌڻ)، مبارڪ، خوشخبري.

واڌ: (پرا. رڌ. سن. ورڌر)، رسو، نوڙ.

واڍو: (سن. ورڌڪ. ورڌ = ڪاٽڻ)، ڏکڻ، ڪاٺ جو ڪم ڪندڙ.

وار: (پرا. بال. سن. بال)، ڪيس، وار.

وار: (سن. وار)، وقت، ڏينهن، پيرو.

وارتا: (سن. وارتا. ورت = هجڻ)، بات، سماچار، وائي.

وارڻ: (پرا. وارڻ. سن. وارڻ. ور = ڍڪڻ)، هٽائڻ، موٽائڻ، واري ڇڏڻ، هاٿي.

مور، ڪبڪ، هنجهه، وارڻ ونکي، راٺل ڏي رفتار ميان.

(شاه محمد ديدڙ)

وارو: (سن. وار. ور = ڍڪڻ)، ڍڪ، پناهه، مدد جو مڏي، دانهن.

واري: (سن. والڪا)، ريگ، سنهڙي پٿرن جي پور.

واڙو: (پرا. واڙ. سن. واٽ)، پاٽو، جانورن جو وٿاڻ، لوڙهي اندر جاءِ.

واڙِي: (هير. واڊِي. پرا. واڊِي. سن. واٽِي)، قلواڙِي، جتي ڀاڄيون، گدرا، هندوانا وغيره ٿوڪجن.

واسَ: (سن. وسَ)، خوشبو.

واسامو: (سن. وِيامسَگَ. وِ = گهٽو+آ= چگيءَ طرح سان+ سَنْج=گڏڻ. هڪ ڪم کي چڏي، ٻئي کي لڳڻ)، فڪر، ڳڻتي، مونجهارو.

واسَڻ: (سن. واسَن. واسْ=خوشبودار ڪرڻ)، سُرهو ڪرڻ، ڌوپ واس ڏيڻ.

واسِينگ: (سن. وِشَ آنگَ. وِشَ = زهر+ آنگَ=عضوا)، نانگ جو قسم.

واڪَ: (سن. واڪ. وَچْ=چوڻ)، آواز، ٻولَ.

واڪاڻ: (پرا. وَڪَاڻَ. سن. وِيا ڪِيانَ. وِ= گهٽو، چوڌاري+ کْيا=چوڻ)، ساراهہ، تعريف، بيان.

واڳَ: (سن. وَلْگا. وَلْگَ=وڃڻ، اچالگ ڏيڻ)، مهار، لغام، ڏوري.

واگهہ: (پرا. وَگهہ. سن. وْيا گهر. وِ = گهٽو+ آ =چئني طرفن کان+ گْهر = سنگهڻ)، شينهن جو قسم.

واڱڻ: (سن. وَنگڻ)، ڀاڄيءَ جو قسم.

والِي: (سن. والِڪا)، ڪَنَ جو زيور.

وانجڻ: (سن. وَنچن. وَنچ=لڪائڻ)، ٻاهر ڪرڻ، الڳ ڪرڻ، مخفي رکڻ.

وانڊو: (سن. ٻنڌيا)، ڇڙو ڇانڊ، اڪيلو رولُ.

وانر: (سن. وانر. وانَ=وڻ جو ڦل وغيره+را=وٺڻ) باندر.

واڻ: (سن. وانَ)، آڻ.

واڻي: (پرا. واڻي. سن. واڻي)، ٻاڻي، وَچن.

واڻيو: (گ. واڻيو. هي. واڻيا. هه. ٻنيا. سن. وَڻڪ= واپاري)، هندو.

واهندا: (سن. واسنت. وَسُ=خوشبودار ڪرڻ)، بسنت يا بهار جي هوا.

واهڻ: (سن. وَسَن. وَسُ=رهڻ)، ٻهراڙيءَ جو ڳوٺ.

واهولو: (هه. ٻسولا. سن. واس + "لا" پڇاڙي)، ڍڪاٽڪو اوزار.

واهيرو: (سن. واس. وَس=رهڻ + "رو" پڇاڙي)، آکيرو.

واءُ: (پرا. واءُ. سن. وايُ. وا=چرڻ)، هوا، زور سان هوا جو لڳڻ.

وائسڻ: (سن. ويا وَرتَن)، چوڌاري ڦرڻ، چڪاسڻ، ڏسڻ، خيال ڪرڻ.

وائي: (پرا. وايا. سن. وارتا. وَرتَ = هجڻ)، ٻات، ڳالھ، ٻولي .

وِپچارِي: (پرا. وهچارِي. سن. وِپچارِي. وِ = خراب طرح سان + آيِ = چئني طرفن کان + چَرَ = چلڻ)، شھوت پرست، خراب چال وارو.

وِپچاري ٿي وات تي، ڪن ڪين وسرام. (سچل)

وتُ: (سن. ٻتَ)، ڌن، دولت، پَل، سُکھ .

وترو: (سن. ٻھتر. ٻهَ=گھڻو)، گھڻو وڌيڪ، زيادھ .

وتُ: (پرا. وتُ. سن. وَستُ)، شيءِ، چيز، وستو .

وٿاڻُ: (سن. آوستان)، پاڻ، پاڙو، ٿانءُ، جاءِ .

وَٽ: (سن. ونٽ)، وٽ وٽس، وٽن، نشون سواد .

وَٽ: (هير. وٽي. پرا. وَٽ. سن. وَرتَ. وَرتَ=وٽڻ)، ٻتيءَ يا ڏٽي جي وٽ، ڪنار، ڪناري، جھالر، پرسان

وَٽ: (پرا. وَنٽڪ. سن. وَنٽڪ. وَنٽ=ورهائڻ)، تورو، ڏڙو، وزن .

وَٽڻ: (سن. ٻٽ. ٻٽ=وڪوڙڻ)، ھڪ ڌٻڻ، ڦيرا ڌٻڻ ٻدن ۾ ورڻ، حاصل ڪرڻ .

وَٽو: (پرا. واٽ. سن. وارتَ)، دلالي، اھا ڪمي، جا ڪنھن شيءِ جي اگھ ۾ ٿي وڃي .

وَٽِي : (سن. واٽِڪا)، ننڍو وٽو، ننڍو ڪٽورو، تسريءَ جو قسم.

وِٿ : (پرا. وِٿا. سن. وِشٿا. وِ + سٿا = قائم ڪرڻ)، پکين جو گند.

وِپَتِ : (سن. وِپَتِ. وِ = بريءَ طرح سان + پَدَ = وڃڻ)، آهدا، مصيبت.

وِپَرِيتَ : (سن. وِپَرِيتَ. وِ = جدا + پَرِ = آبتو + اِڻَ = وڃڻ)، آبتو، برعڪس.

وِڄ : (پرا. وِڄ. سن. وِدُيُتَ. وِ = گهڻو + دُيُتَ = چمڪڻ)، کنوڻ، برق، بجلي.

وِڇا : (پرا. وِڇا. سن. وِدَيا. وِدَ = ڄاڻڻ)، علم، ڪاريگري.

وَڄَڻَ : (پرا. وَڄَ. سن. وَدَ)، پڙڻ، آواز ٿيڻ.

وِڇِلَڻَ : (سن. وِڪشُرَڻَ. وِ = گهڻو + ڪشَرَڻَ = جهرڻ)، جهرڻ، جهڄڻ.

وَڃَڻَ : (سن. وَنِجَ)، روانو ٿيڻ.

وِڃُو. (سن. وِيجَنَ. وِيجَنَ. وِ = گهڻو + جَنَ = وڃڻ)، پکو.

وِچَ : (سن. بِچَ = الڳ ڪرڻ)، ڪنهن شيءِ جو وچون هنڌ، مرڪز.

وَچَنَ : (سن. وَچَن. وَچ = چوڻ)، ٻول، انجام، سخن.

وَڇ : (پرا. وَڇ. سن. وَتس)، مينهن جو ماديِ ڦر.

وِڇائڻ : (سن. وِستَرڻ. وِ = گهٽو + سْتْرْ = پکيڙڻ)، پٿارڻ.

وِڇَڙَڻ : (سن. وِ = گهٽو + ڇِتْ = ڪپڻ)، جدا ٿيڻ، الڳ ٿيڻ.

وِڇڙني : (سن. وِ = گهٽو + ڇِتْ = ڪاٽڻ)، مفاصلو.

وِڇون : (سن. وِرشِچڪ. وِرْشِچْ = ڏنگڻ)، ٺُون، عقرب، اٺين راس.

وَڇِرو : (پرا. وَڇ. سن. وَتس)، گهوڙيءَ جو ٻچو.

وِڌوا : (سن. وِڌوا. وِ + پري + ڌوا. جنهن ڪان مڙس پري ٿيو هجي)، رنڙ، بيوه.

وِڌْوانَ : (سن. وِڌياوانَ = وِڌيا + وانَ)، پنڊت، عالم.

وِڌيا : (سن. وِڌيا. وِدَ = ڄاڻڻ)، علم.

وِڌيارٿي : (سن. وِڌيارٿِي. وِڌيا=آرٿي=چاهيندڙ)، شاگرد.

وِديش : (پرا. وِئَس. سن. وِديش. وِ = ٻيو + ديش)، پرديس، پرڏيهه.

وَڌڻ: (سن. وَرڌنَ. وَرڌ=وڌڻ)، زياده ٿيڻ، آسرڻ.

وَڏاندرو: (سن. وَرڌتر: وَڊر)، وڏو، سخت، عمدو.

ڪن پيا وِهسَ وَڏاندرا، صابر چئي سر صاف. (صابر)

وَڏو: (سن. وَڊر، وَرڌ)، لنبو، ڊگهو، ڪشادو.

وِڏوڻ: (سن. وِڌولنَ. وِ=گهٽو+ ڌونَ=ڌوڻڻ)، جوش يا ڪاوڙ ۾ اچڻ.

وَڍڻ: (سن. وَرڌ)، ڪَپڻ، ڪَٽڻ، ڪُٽڻ.

وَڍي: (پرا. وَڌ. سن. وَرڌَر)، ڄم جي رسي، رشوت.

وِر: (سن. وِلِ. وِلْ=ڍَڪڻ)، سوراخ، ڇِر، واڙ.

وَرَ: (پرا. وَرَ. سن. وَرْ=پسند ڪرڻ)، ڀلو، بهتر.

وَرَ: (سن. بَلِ)، وَٽ، ڦيرو، وَڪڙ، وَراڪو.

وِراندو: (ف. بَرآمده. سن. وَرَلَدَ)، پيش دالان، دالي يا اندرين جاء جو اڳيون حصو، جو ٿنڀن تي ڪيل هجي.

وَرْتَ: (سن. وَرْتَ. سن. وَراتَرا)، رسو، نوڙي، سيٽ.

وِرْتَ: (سن. وَرْتَ. وَرْجَ=وڃڻ: وَرْ=پسند ڪرڻ)، آپواس، لنگهڻ.

وَرتاءُ: (سن. وَرتَن)، ورتاءُ، هلت.

وِرچڻ: (سن. وِروچن. وِ = نہ + رَچِ = چاهڻ)، ڪڪ ٿيڻ.

وِرَسَڻ: (سن. وِ = نہ، سواد + رَسُ = مزو وٺڻ)، بي مزي ٿيڻ، ناامِيد ٿيڻ، پشيمان ٿيڻ.

وَرْسِي: (سن. وَرْشَ = سال + "ئي" پڇاڙي)، سالگره، پارهون.

وَرْڪَ: (سن. وَرْڪَشَ)، وڻ.

وِرلي: (سن. وِرَلَ)، ڇڊو، ڪوڪو.

وِرَمَڻ: (سن. وِ = گهٽو + رَمْ = کيڏڻ)، ترسڻ، دير ڪرڻ.

وَرَنَ: (سن. وَرْنَ. وَرْڻَ = رنگڻ)، رنگ.

واڏو ڪنول ڪيس قريب جل جڻن ورن وسايو واھ.
(ڪنيار)

وَرْنائِڻ: (سن. وَرْڻَانَ. وَرْڻَ = ساراھڻ)، اونائڻ، آگاھڻ.

وَرْنَنَ: (سن. وَرْڻَنَ. وَرْڻَ = بيان ڪرڻ)، ذڪر، بيان، وستار.

وَرْنهہ: (ف. بَرنا)، ڳڀرو، جوان، پهلوان.

وَرْڻَ: (سن. وَرْڻَ. وَرْڻَ = رڱڻ، ڍڪڻ، ساراھڻ)، رنگ، اکر، حرف، ذات. آرين جا "چار" ورڻ:
١- بَرْهمڻ ٢- کَتري ٣- وَيْش ٤- شُوڌرَ.

وِرودَ: (سن. وِرودَ. وِ = گهٽو + رُڌَ = روڪڻ)، وير، دشمني.

وِرونَڻ: (سن. وِروڪشڻ)، ڏسڻ، وڃڻ.

وِروهَڻ: (سن. وِنودَن. وِ = کھٽو + نَدَ = تاڪيد ڪرڻ)، رهاڻ ڪرڻ، دل خوش ڪرڻ.

وَرِهَ: (سن. ورش. وَرشَ = وسڻ، پيدا ڪرڻ)، سال.

وِرِهَ: (پرا. وِرهَ. سن. وِرهَ. وِ = کوٽو، رهَ = ڇڏڻ)، برهه، جدائي، عشق.

وِرهسپتِ: (سن. ورهسپتِ. ورهتي = ٻولي + پَت = مالڪ.

٢- بِرهتَ = وڏو، ديوتا + پَت = مالڪ، گرو. ديوتائن جو گرو)، پنجون گرهه؛ وسپت يا خميس جو ڏينهن. ڏسو "گرهه".

وَريامَ: (سن. وِيرِيوانَ)، بهادر، ويَر.

جتي پچڻ ناهه ڪم، تتي پڇڻ ڪم وريامن جو. (ڀاڪو)

وَتُ: (پرا. وَتُ. سن. وَرتُ)، ڀار، نشان، قرب، لائق.

وِٽُ: (سن. وِٽَ)، ڪميڻو، وڙواندو؛

وَڙالَ: (سن. وِلوڙنَ. وِ = گھٽو + لَڙَ = لڏڻ)، وڙول، ولوڙ، گولا قولا، ڏس پتو.

وِڙاهَ: (سن. وِناش. وِ = گھٽو + ناش = ناس)، وِڻاهه، هاڃو، برٻادي، نقصان.

وَڙاڻ: (سن. وَرَڻَ)، رنگ وارو.

وَڙو: (سن. وُٽَ)، مٺائيءَ جو قسم.

وَسَ: (پرا. وَسَ. سن. وَشَ. وَشْ = خواهش ڪرڻ)، اختيار، مرضي، قابو.

وسامَڻَ: (سن. وِلوپْ)، اجهامڻ، گُل ٿيڻ، جهڪو ٿيڻ.

وَسائِڻَ: (سن. وَسَنَ. وَسْ=رهڻ)، بستي بنائڻ، آباد ڪرڻ.

وِسْتارَ: (پرا. وِسْتارَ. سن. وِسْتارَ. وِ= گهٽو+ستر= ڦهلائڻ)، بيان، ڦهلاءُ، ذڪر، ڳالهه.

وَسْتو: (پرا. وَٿ. سن. وَسْتَ)، وٿ، چيز.

وِسپت: ڏسو ''ورهسپت''.

وِسْرامَ: (پرا. وِيسام. سن. وِشْرام. وِ= گهٽو + شَرَمَ = ٿڪڻ)، آرام.

ويهي وِسْتَن ۾ ڪَن ڪِين وسرام. (سچل)

وِسِرَڻَ: (سن. وِسْمَرَڻ. وِ = نه+سْمَرَ= ياد رهڻ)، ڀلڻ، ياد لهي وڃڻ.

وَسْلو: (سن. وَسْتَ=شيءِ+ ''لو'' پچاڙي)، شيءِ، چيز.

وِسْمي: (سن. وِسْمَيَ. وِ = ڪجهه + سْمِ = مُشڪڻ)، اچرج، حيرت.

وَسَنَتَ: (پرا. وسنت. سن. وَسَنَتَ)، بسنت، بهار.

وَسَڻَ: (سن. وَرشڻ، وَرْشَ=وسڻ، پيدا ڪرڻ)، برسات يا مينهن پوڻ.

وَسَڻَ: (پرا. وَسڻ. سن. وَسَنَ. وَسَ=رهڻ)، رهڻ.

وِسَهَڻَ: (سن. وِشوَسَ. وِ = گهٽو + شْواسَ=اعتبار ڪرڻ)، ڀروسو ڪرڻ، اعتبار ڪرڻ.

وَسو: (سن. وَشا=هاڻ)، هاڻي.

وَسو تِ وَڏو چئي، ڇَڏيو لوڏ لِڪن. (وڏو)

وِسيهَرَ: (سن. وشهر. وِشَ=زهر+ هَرَ=ڪٽندڙ)، نانگ، نانگ جو قسم.

وار وِسيهر وَڏو رڪن، تا مَرڪن سيني سِسَ. (صابر)

وِشَ: (سن. وِشَ. وِشَ=ڦهلڻ)، زهر، وهَ.

وِشْدَرَ: (سن. وِشدَرَ. وِشَ=زهر + دْرَ=ڊرڻ، رکڻ)، نالگ، نانگ جو قسم.

وِشَواسَ: (سن. وِشْواسَ. وِ = گهٽو + شْواسَ = جيئڻ. پر "و" اڳياڙي (اپسرگ *Prefix*) اچڻ ڪري معنيٰ "ڀروسو ڪرڻ" ٿئي ٿي)، اعتبار، ڀروسو.

وِشَيہ: (سن. وِشَيہ. وِ = گهٽو+شي=ٻڌڻ)، چيز، وستو، شيءِ، ڪم، موضوع.

وِڪارُ: (سن. وِڪار. وِ + ڪرُ = ڪرڻ)، بيماري.

وِڪرو: (سن. وِڪري. ڪري + خريد ڪرڻ)، ڪاپو، فروخت.

وَڪَڙُ: (سن. وَڪر. بِڪ=ڏنگو ڪرڻ)، وراڪو، پيچ.

وِڪنو: (سن. وِڪل. وِ = گهٽو + ڪَلَ = ڪمزور، ڪڪ)، ڪڪو، نڪل.

وِڪڻُ: (سن. وِڪري)، وِڪڻ، سَلهه، تي ڏيڻ. ضد "وٺڻ".

وِکُ: (سن. وِش. وِش = ڦهڻ)، زهر، وِهُ.

وِکارڻُ: (سن. پيکا=قدم، وک)، هلڻ، گام هڻڻ.

وُکرو: (سن. وِڪار. وِ= گهٽو + ڪر = ڪرڻ)، ڦريل

صورت وارو، نرالو، جدا جدا.
حقيقت پاڻي، صورتون مڙيئي ڏنءِ،
نڪي ٿانءِ وکرو، تہ پاڻي پيو. (گل)

وَکو: (سن. وَسا)، چيچڙو، گوشت جو نڪمو پاڳو.

وِکيانُ: (سن. وِڄان. وِ = گهٽو + ڄا = ڄاڻڻ)، ڄاڻ، وديا، علم.

وَڳ. (پرا. وَڳ. سن. وَرگ. وَرج=ڍَڪڻ)، گهلو، ٽلو، ڏڻ.

وَڳڻُ: (سن. وَدَن. وَد = آواز ڪرڻ)، وَڄڻ.

وَ ڳو: (سن. واڏيہ)، ٻجو، وقت.

وِ ڳوڙَ: (سن. وِ ڳرَهَہ. وِ = ڳهڻو + ڳرَهَہ = وٺڻ. ”و“ اڳياڙي (اپسرگ Prefix) اچڻ ڪري معنيٰ ”لڙڻ“ بہ ٿيشي ٿي)، ٻگاڙو، ڳهمسان، پائيتال، مونجهارو، لڙائي.

وِ ڳهڻ: (سن. وِ ڳهَنَ. وِ = ڳهڻو + هَنْ = مارڻ)، روڪ، اٽڪاءُ، ٻگاڙ.

وِلُ: (پرا. وَلِّ. سن. وَلِّ)، زمين تي اڏريل ٻوٽو.

وِلاڙَ: (سن. وِلولَ. وِ = ڳهڻو + لَلْ = لڏڻ)، سَٽَ، ڏڪ ڏوڙ، جاچ جوچ.

توڙي تون وِلاڙون ڪرين، توٽي هَلين وِکَ،

لِکشي مَنجهان لِکَ، ذرو ضايع نہ ٿئي. (شاه)

وِلاسَ: (پرا. وِلاسَ. سن. وِلاسَ. وِ = ڳهڻو + لَسْ = کيڏڻ)، پوکَ، سُکَ، خوشي.

وِلَپَ: (سن. وِلَپَ. وَلْ = ڍَڪڻ)، ٻارو، مڙس.

وَلَهَ: (سرا. وَلَهَ. پرا. وَلَهَ. سن. وَلَنَ. ورڻ، موٽڻ.

وِلوڙَڻ: (سن. وِلوڊَنَ. وِ = ڳهڻو + لَڊْ = لَڏڻ)، مانڌاڻي (جميل ڪير ۾) ڦيرائڻ.

وِلهَ: (ع. بِلهٰ)، ئَڏ، ملڪ، مات، ٿيڙ.

وَلهو: (پرا. وَلهَ. سن. وَلَّپ)، پيارو، سڙس، پيار.

ورن ولهي جا سون وران، رهيون ڪتيون ڪين قبل.
(محمد)

وِلهو: (سن. وِرهتَ. وِ = گهٽو + رَهتَ = چَٺل. بلڪل رهت ٿيل)، مچو، سڪٺو.

وِماسڻ: (پرا. وِماسَڻ. سن. وِمَرشَن)، غور ڪرڻ.

وِماڻ: (پرا. وِماڻ. سن. وِمانَ. وِ = گهٽو + مانُ = عزت ڏيڻ)، ديوتائن جي گاڏي، آڏند کَٽولي.

وَنَ: (سن. وَرَڻَ)، رنگ.

پوئت وَنَ آ پيت پرين، گَت سَت ڪري سنٺبل.
(محمد)

وِناشَ: (پرا. وِڻاشَ. سن. وِناشَ. وِ = گهٽو + ناشَ = ناس)، برباد، تباهي.

وَنجَن: (پرا. وَنجَڻ. سن. وِيَجنَن. وِ = گهٽو + آنج = وجڻ، ملائڻ)، حرف صحيح.

وِنجوگَ: (سن. وِيوگَ. وِ = جدا + يوگَ = ميلاپ)، جدائي، وڇوڙو.

وَنجهہ : (هِہ. وَنسو. سن. وَنش. وَش=چاهڻ)، ٻانس جو لڪڙو، جنهن سان ٻيڙي ڪناري تان ڌڪجي.

وِنڌڻ : (پرا. وِڌوڻ. سن. وِيڌ : وِڌ=تنگ ڪرڻ)، ٻوٿڻ، (موتين کي) تنگ ڪيڻ.

وَنڊڻ : (سن. وَنڊ)، حصا ڪرڻ، ورهائڻ.

وَنس : (سن. وَنش. وَش = چاهڻ)، ڪُل، ڪٽنب.

وَنڪ : (سن. وَرڻ+"ڪ" پڇاڙي)، رنگ، نمونو، ڍول.

چاجي وَنڪ وِڃن جي، ڪو ساجن جي سينگار؟ (سينگار)

وَنڪو : (پرا. وَنڪ. سن. وَنڪ : وَڪر)، ٻالڪو، ٻهادر.

وَنگ : (سن. وَلڪ)، ور، پيچ، وَڪڙ لمونو.

وِنگو : (سن. وَڪر. ٻِڪ =ڏنگو ٿيڻ)، ڏنگو، مڙيل.

وَنوام : (سن. وِواهَ. وِ=پاڻ +وَهَ=وٺي وڃڻ)، شادي ۽ کان اڳ (انهيءَ موقعي ۾) ڪنوار کي هڪ هنڌ وهارڻ.

وَنهَ : (سن. مَنڊَپ)، اها جاءِ، جتي شادي ٿئي.

وَڻ : (پرا. وَڻ. سن. وَن. وَڻ=شيوا ڪرڻ، آواز ڪرڻ)، درخت، جهاڙ.

وِڻام : (سن. وناش. وِ= گهٽو+ناش = ناس)، ناس، تباهه ۽ اونهو زخم.

وَنجارو: (هہ. ٻِج + هارا. سن. واڄيہ + "هارا" ٻجاڙي)، واپاري.

وَڏَراهہ: (سن. ون راجي. وَنَ = وڻ + راجِي = قطار)، وڻڪار، جهنگ.

وِڏواندَ: (سن. وَچَنَ + وانَ)، مهٽي هاب، خوار خراب.

وِواهہ: (سن. وِواهہ. وِ=پاڻ + وَهہ = وٺي وڃڻ)، وهانءُ، شادي، پرڻو.

وِوڙَڻَ: (سن. وِهرَڻَ. وِ=ٻري، جدا+هَرَڻَ=ڪٽڻ)، کولڻ، ڏوائڻ.

وِويڪ: (سن. وِويڪ. وِ = گهڻو + وِچُ = وچارڻ، جدا ڪرڻ)، ضمير.

وِئِنسا: (سن. ويشيا)، ڪُجري، فاحش عورت.

وَهہ: (سن. وَهہ. وَهُ = وَهڻ)، تِک، وَهڪرو.

وَهہ: (سن. وَسا)، چربي، مٺي.

وِهہ: (پرا. وِس. وِش. وِشُ = قهلڻ)، زهر.

وِهاتِيَ: (سن. وِهَت. وِ = گهڻو، بالڪل + هَت = ماريو. هَنُ = مارڻ)، هَٽِي (ڏَڙي) چڏڻ، ٻورو ڪرڻ.

چانڪي چٽي چڪياس، مٺان آڪ نہ آلهي،
جنهن وَل کهٽا وهاڻيا، اَن سين آرَ لڳوس. (شاه)

وِهانءُ: (پرا. وِهاهہ. سن. وِواهہ. وِ = پاڻ ۾، ڇڳيءَ طرح سان + وَهہ = وٺي وڃڻ. ڇڳيءَ طرح سائِن سوٽِن سان (ڪنوار) کي وٺي وڃڻ. يا پرڻجڻ)، شادي، پرڻو.

وِهاڻي: (سن. وِڀاتَن. وِ = گهٽو + ڀا چمڪڻ)، سڄي رات ڪان پوءِ، پرهہ ڦٽي، ڏيڄ ڏيڻي.

وِهائڻ: (سن. وِڌان. وِ = گهٽو + ڌا = رکڻ)، ڪُنهڻ.

وَهٽ: (سن. وَهہ = ڍوئڻ)، چڙهڻيءَ يا سواريءَ جو جانور.

وَهسَڻ: (سن. وِهسَن. وِ = گهٽو + هَسْ = کلڻ)، کلڻ، خوش ٿيڻ.

وَهلور: (سن. وِهول +"آورَ" پڇاڙي. وِ = گهٽو + هولْ ڊچڻ)، وياڪل، پريشان، بيزار.

وَهنوارَ: (پرا. وَوهار. سن. وْيوهار. وِ = گهٽو + آو = چئني طرفن کان + هرّ = وٺڻ)، ڌنڌو، ڪم، ڏيتي ليتي.

وَهَڻ: (سن. وَهَن. وَهہ=وهڻ: وَهہ=ڍوئڻ)، پاڻيءَ جو جاري رهڻ، ڪم ڪار ڪرڻ.

وِهڻ: (سن. آپوِشَٽ)، ننڊڻ، نهرڻ. ضد "اٿڻ".

وَهون: (پرا. وَهو. سن. وَڏو)، زالون، عورتون.

وَهِي: (سن. وِيَسَ=عمر)، نَهي، جواني.

وَهِي: (سن. ٻِڏَ)، ٻندي، ليکي جو ڪتاب.

وَهيٽو: (سن. وِشِيَ. وَش=چاهڻ)، محتاج، ٻَرَوَس.

وَهيون: (سن. وَسِيِس)، شاهوڪار، آسودو، مالدار. ضد "واهو".

وِياپَڪ: (سن. وْياپَڪ. وِ=گهڻو+آپْ=ڦهلڻ)، هر جا حاضر، ارپو، سَرْوَ وِياپي.

وِياج: (سن. ٻياج)، سُود، سُوَر ڪان وڌيڪ رقم.

وِياچڻ: (سن. واچَن. وَچْ=چوڻ)، اورڻ، ڳرهڻ، واچڻ.

وِيارو: (هہ. ٻيالا. سن. وِڪالَ=شام)، سانجهي يا رات جي ماني.

ڏَکين جا ڏاجَ کهڙا، رَلِيَن جا کهڙا رُوپَ،
ٻَکين جا کهڙا پانڊ، وِلهن کهڙا وِيارا. (گل)

وِياڪَرَڻ: (پرا. واگَرَڻَ. سن. وْيا ڪَرَڻَ. وِ=گهڻو+آ=چئني طرفن کان+ڪُرْ=ڪرڻ)، صرف و نَحْوَ، گرامر.

وِياڪُلَ: (پرا. واتُلَ. سن. وْياڪُلَ. وِ=گهڻو+آڪُلَ= گهبرايل)، ڏکي، پريشان.

وِيامُ: (سن. وَيَنَ، وِيَ=چٽڻ)، ڇڪو ڏيڻ، چٽڻ.

ويڄ: (پرا. وڄ. سن. وَيدَيہ. وِدُ=ڄاڻڻ)، حڪيم، طبيب.

وِيچارُ: (پرا. وِآرُ. سن. وِچار. وِ=گهٽو+چَرُ=هلڻ)، خيال.

ويچارو: (ف. بي چاره. بي=سواءِ+چاره = چارو، رستو)، بيواهه، بي گهر، آپالو، غريب.

وِيچڻ: (سن. وِڪرَيہ)، وڪڻڻ.

وِيچو: (سن. وِچِدَ. وِ= بالڪل + چِدُ = چِيرَڻُ)، تفاوت، وڇوٽي، جدائي.

ويچون: (سن. وِچِدَ)، هلاڪت، تڪليف، ذرا ذرا.

وِيجهڻ: (سن. وَرڌ)، وڌڻ.

ويدُ: (سن. ويدَ. وِدُ=ڄاڻڻ)، هندن جا ڌرمي پستڪ. ويد "چار" آهن، پر مکيہ ٽي آهن: ١- رِگويدَ. ٢- سامَ ويدَ. ٣- يجرُ ويدَ. چوٿون تہ چوٿون "اٿَروَ ويدَ" پوءِ ملايو ويو آهي. ويدن جو گڏ ڪندڙ "وياس" آهي.

ويدانتَ: (پرا. ويئنت. سن. ويدانت. ويدَ + آنتَ = پڇاڙي. ويدن جي پڇاڙيءَ ۾ آيل ذڪر، جنهن کي "اُپنشد" چوندا آهن. هندن جي فيلسوفيءَ جو

طريقو، جنهن ۾ آتما (روح) ۽ جڳت (دنيا، جهان) جو ذڪر اچي ٿو.

ويدَنَ: (سن. ويدَنَ. وِدْ=ڄاڻڻ)، پيڙا، درد.

ويڌي: (سن. ويدَ)، هندن جو نڪاح.

وير: (پرا. ويلا. سن. ويلا. ويلْ=وڃڻ)، وقت.

وَير: (سن. وَيرَ)، دشمني.

وِير: (سن. ويلا)، سمنڊ جي لهر، ڇولي.

وِير: (پرا. وِيرَ. سن. وِيرَ. وِيرْ= طاقت ڏيکارڻ)، پهلوان، پلوان.

ويراڳ: (پرا. وَئراڳَ. سن. وَيراڳَ. و= نه + رَنْجْ = خوشي ڪرڻ)، دنيا کي ڇڏڻ، عشق، فراق.

وِيرَمَ: (سن. وِلَنبَ. وِ= گهٽو+لَبِ= ترسڻ)، دير، چِرْڪَ.

ويروتار: (سن. ويلانَتَر ويلا=وقت)، هر وقت، هميشه.

ويڙهه: (سن. ويشْتَ)، جهنگ، جُهڳٽو.

ويڙهه: (گ. ويدَ. هيم. وَدِيهِ. سن. ويشْتَمَ)، منڊيءَ جو قسم، ڇلي جو هڪ قسم.

ويڙهڻ: (پرا. ويڊَڻَ. سن. ويشْتَنَ)، ورائڻ، لپيٽڻ، گهيرو ڪرڻ، وڪوڙڻ، ڍڪڻ.

وِيس: (پرا. وِيس. سن. وِيش. وِش=ڍڪڻ)، پوشاڪ.

وِيساک: (پرا. وِئساهه. سن. وِيشاک. وِ=گهڻو+شاکا= نمونو. سورنهون "نکت")، هندن جي سال جو پهريون مهينو.

وِيساند: (سن. وِشرانت. وِ=نه+شرانت=ٿڪل)، آرام، ساهي.

وِيساهه: (سن. وِشواس)، اعتبار. ڏسو "وشواس".

وِيڪِر: (سن. وِڪرڻ=پکيڙڻ)، موڪر.

وِيڳاڻو: (ف. بيگانه)، ڌاريو، بي پهچ، اپاڻڪو. ڏسو "بيگانو".

وِيل: ڏسو "وير".

وِيلڻ: (پرا. ويلڻ. سن. ويلن. ويل=لوڏڻ)، ڪاٺ جو ڏستو، جنهن سان چڪري تي، اٽو رکي، مائي ويلجي.

وِيمو: (ف. بيمه. بيم+خوف. سن. وِ=خاص طرف+ ما=ماپڻ)، جوکم، ڪجهه رقم وٺي، سلامتيءَ جو ذمو کڻڻ.

وِينتي: (سن. وِنت. وِنم=جهڪڻ)، عرض.

وِينس: (سن. وِش=زهر)، نانگ جو قسم.

وِنجهارُ: (سن. وِڏ + ڪارَ)، وينجهر، موتي پرکيندڙ، پارکو، سورنج، سگهڙ. ڏسو "ونڏڻ".

وِنگس: (سن. وِڏ=ونڏڻ)، وينجهر، سگهڙ، سٺا واري.

وِڻ: (ڏن. وڻ. پرا. وڻ. سن. وَچنَ. وَچَ=چوڻ)، سخن، ٻول، مهڻو، طعنو.

وِهه: (پرا. وِس. سن. وِشَت)، اڻويهه ۾ هڪ.

ويءِ: (سن. وِرتِ. وِرُ = ڍڪڻ)، لوڙهو، ميدان، چراگاهه، باغ.

وِتپتي: (سن. وِيُتپتِ)، اشتقاق.

# ه

هاتڪ: (ع. حاذِق)، قابل، پارکو.

مدح ۾ محبوب جي، هاتڪ حيرانا. (گروهڙي)

هاٿي: (هن. هٿي. سن. هستِن. هستَ = سونڊ)، گج، ڏگهيءَ سونڊ وارو جانور.

هاڏي: (پرا. آڏي. سن. آستِ. آهِ=ٿيڻ)، هڏ ڪاٺ، بدن جي بيهڪ، آڏاوت.

هاڃو: (سن. هانِ. ها = تياڳڻ، ڇڏڻ)، نقصان، ٽوٽو، ڇيهو.

هار: (سن. هار. هـر = وڃڻ)، شڪست.

هارَ: (سن. هار. هـرُ = وڃڻ)، ماڻهار، ڪنڌي.

هارِي: (سن. هارت. هـرُ = وڃڻ)، هار کاڌل، ليا ڪي.

هاڳامو: (ف. هنگام)، آواز، فساد، جهيڙو.

هالورو: (سن. جهالا = "رو" پچاڙي)، جهلڪو، چاڪو، لوڏ.

هامَ: (سن. آمُ = هائو)، قبوليت، ڊاڙ، ٻاڪ.

هَبَچَ: (ف. هوس)، سڌ، خواهش، لالچ.

هَبَسَ: (ه. آسَ. سن. اوشُر. ع. حبس)، اٻس، هوا جي ٻٽ، گهٽ.

هَتيا: (سن. هَتيا. هنَ = مارڻ)، هچا، خون، پاپ.

هَٿَ: (پرا. هٿو. سن. هَستَ. هسُ = کلڻ)، ٻانهن جو اڳيون حصو، جنهن ۾ پنج آڱريون آهن، دست.

هٿيار: (گ. هٿيار. ڌن. آٿارو. هيہ. هٿار. سن. هَستَ + ڪار)، سلاح، اوزار.

هٿيلي: (ڌن. هٿلي. پرا. هٿلي. سن. هَستَتَل. هَستَ = هٿ + تَل = ترو)، هٿ جي تري، ڪف دست.

هَٽُ: (پرا. هَٽ. سن. هَٽ. هَٽ = چمڪڻ)، دڪان.

هَٽ تَرَ: (ه. هَٽ تال. سن. هَٽ+تَلَڪ = تالو، ڪرف)، د ڪانن ڪي (ڪنهن دڪ يا ٻئي ڪنهن سبب ڪان) تالو هڻڻ، بازار بند.

هَٽَڻ: (سن. گهٽَن)، پرڪَڻ، پوئتي ٿيڻ، گهٽ ٿيڻ.

هَٽ: (سن. هَٽ. هٽ=وڏائي ڪرڻ)، آيمانَ، تڪبر.

هَچَڻ: (سن. هَت. هَن=مارڻ)، هَچڻ، گِهڻ، گِرڻ، پيڙجڻ.

هچا: ڏسو "هتيا".

هچارو: (سن. هَتياڪار. هتيا = خونَ + ڪارَ = ڪندڙ)، راپي، خوني.

هڏ: (سن. هَڏ)، هڏو، عزيز، مائٽ.

هِڏڪي: (پرا. هِڪا. سن. هِڪا)، بيماريءَ جو قسم، هچڪي.

هَر: (پرا. هَل. سن. هَل. هَل=ڪاهڻ)، اوزار، جنهن سان زمين کيڙجي.

هَرائِي: (سن. لَگهتا)، هلڪائي، گهرگهلائي.

هَرتالَ: (سن. هَرتال. هَرت=پيلو رنگ. هَر = سن کي وٺڻ)، سنکڻي جو قسم.

هِردو: (سن. هُردي)، هنيون، دل.

هِرکَڻ: (سن. هَرشڻ. هَرڻ = خوش ٿيڻ)، موهجڻ، دل سرڪڻ.

هِرنو: (سن. هِرڻ؟)، هاٿيءَ جو ٻچو.

ڦَرنڊ وڏو آڦَرَ، هرنو هاٿيءَ جو ٻچو.
(عبدالرحمان چانڊيو)

هَرَڻ: (پرا. هِرَڻ. سن. هرَڻ. هَرَ= وٺڻ)، مرگهه، آهر.

هِرَڻ: (سن. هَرتَ)، عادت ڪرڻ.

هَريڙ: (سن. هَرتڪا)، وکر جو قسم.

هَستِي: (پرا. هَٿ. سن. هَستِن)، هاٿي.

هي جا چِلي چولَ، تنهن هَستِيءَ کي حيران ڪيو. (محمد)

هَسلِي: (سن. آنسلِي)، گلي يا گردن جي هَڏِي، هَس، ٻچيءَ جو گهڻو.

هَسَڻ: (پرا. هسڻ. سن. هَسَن. هَس= کلڻ)، کِلڻ.

هَسوار: (ف. اسپوار. اسپ= گهوڙو + "وار" نسبت جي نشاني)، گهوڙي سوار.

نڏَ ٺڪا گهوڙا، غيباڻا هسوار. (پهاڪو)

هِڱ: (سن. هِنگ)، سرهي وکر جو قسم.

هَلاڪ: (ع. هَلاڪ)، دِق، ڪَڪِ، خَفي.

هَلان: (ع. حَملَ)، آمارو، حملو، ڪاهہ.

هَلڪو: (سن. لَگهڪَ)، گهٽ، وزن وارو. ضد "ڳَرو".

همالي: (سن. همالي. هِم=برف + آلَيہ = جاء)، هندستان جي اتر ۾ هڪ وڏو جبل.

هِمامِ دَستو: (ف. هاوَن = آکري + دَستہ=مهَرو)، آکري مهري جو قسم.

هِمَت: (ع. هِمت)، طاقت، سگهہ.

هَمراهَ: (ف. هَم=ساڳيو + راهہ=رستو)، مددگار، سنگتي.

هَنيرچي: (گ. هَمَچِي)، ناچ جو قسم، جنهن ۾ هَٿ ڪٽي تاڙي هڻبي آهي.

هَنبارَ: (ف. انبار)، ڍِڳ، ڏَن، راهَ.

هَنجهہ: (پرا. هَنس. سن. هَنس. هَنْ=مارڻ، وڃڻ، هَسْ= کِلڻ)، هَنس پکي، جنهن جي هاڻ جي ڏار مرهينڊڙ

آهي. سنڌ ۾ اصل ڪاڏو موتي آهي.

هنجهہ، مور، چشم ت، چڪور ڙتيا، ڦاڦا فيل قندز. (محمد)

هجون: (پرا. آشرَ)، ڳوڙها، لڙڪ.

هندو: (ف. هند<س. سنڌ)، ڪارو، هندستان جو واڻيو.

هندورو: (پرا. هندولَ. س. هندولَ. ڏلَ=لڏڻ)، پينگهو، ڏولي.

هنڊولَ: (س. اِنڌروڏو)، هنڊوو، مينهن وساوڙو، برساتي ڳاڙهو مخملي ڪيڙو.

بيٺس ماڏ مقابلي، هوتن روءِ هنڊولَ. (جلال)

هنڊولَ: (س. هندولَ)، هڪ راڳ جو نالو. ڏسو "راڳ".

هنڊي: (هير. هنڊا. س. هنڊڪا. هنڊ = گڏ ڪرڻ)، ناڻي جي چٺي، جنهن جي ڏيکارڻ ۽ ڏيڻ تي پيسا ملن.

هنڊي: (س. هنڊڪا. هن=مارڻ)، ديگڙي.

هنس: ڏسو "هنجهہ".

هنسا: (س. هنسا. هنس=مارڻ)، مارڻ.

هنگلاج: (پرا. هنگلَ. س. هنگلَ. هنگ = سندورَ + لا =

وٺڻ)، ديويءَ جو مندر، فقيرن جي زيارت جي جاءِ، ھڪ صوفيانہ منزل.

هِنيون: (پرا. هِئير. سن. هرديہ)، دل، مَن.

هَڻَڻ: (سن. هنن. هَنْ=مارڻ)، مارڻ، ڇُنڻ.

هَوائو: (سن. هوان)، هُل، افواه.

هوتَ: (سن. هِتَ. هِ = وڃڻ، وَڃڻ)، پيارو، محبوب.

هورُ: (ع. هَول)، ڊپ. خوف.

هولِي: (سن. هولِڪا. هُ = هومَ ڪرڻ، ڪائڻ)، هندن جو هڪ وڏو ڏينهن.

هُونَٽ: (ڏن. آٽو. پرا. اوٺ. سن. اوشٽ)، چَپ، لَب.

هُونڪارَ: (پرا. هُنڪار. سن. هُنڪار)، آواز، گرجنا.

هيٺ: (هير. هِٺو. پرا. هيٺ. سن. اڌَسْ)، "مٿي" جو ضد، زير.

هيُجُ: (سن. هرديہ)، شوق، محبت.

هيجڙو: (ف. هِيز)، ڪَدڙو.

هِيرَنُ: "هِرنہ" جي شاعرانہ نحوي ترڪيب. ڏسو "هرنو".

پَکَ پَدِمني پَليورِي، تي هِيرَنَ حال هلي. (ڪنيار)

هيرَڻُ: (سن. ايرنڊَ)، وڏو ٻوٽو يا ننڍو وڻ، جنهن جي ٻج مان تيل نڪرندو آهي.

هِيرو: (سن. هيرَ. هَرُ=وٺڻ)، هڪ قيمتي پٿر.

هيڪاند: (سن. ايڪانتَ)، ڳڏجڻ، ملاقات.

هِيڻو: (پرا. هِيڻ. سن. هينَ. ها=ڇڏڻ)، ڪمزور.

HYDERABAD
***4th July, 1956.***

*Dear Mr Sandelo.*

*Thank you for your letter and 'Tahqiq Lughat Sindhi'*

*A book like yours was badly needed for the student community and they must thank you for Providing them. I must congratulate you on your very good effort. Now there is some thing to go on with. I have no doubt, by the time a Second Edition is demanded, you will have made it still more complete and perfect.*

*With all good wishes and thanks.*

***Yours Sincerely***
*I. I. KAZI.*

# Government College, Hyderabad (W. Pakistan)

**Dr. A. C. S. GILANI,**
*M.A., Ph.D., W.P.E.S.(I).,*
**PRINCIPAL.**

March 21st, 1957.

My dear Abdul Karim,

I have gone through the pages of your valuable book entitled TAHQIQ-UL-LUGHAAT, perhaps the only work in SINDHI treating the etymology of the most difficult words, hitherto left unfathomed. Believe me, you deserve my most sincere congratulations on your wonderful feat in producing such a scholarly book, which will go a long way in the better understanding of the language of the soil. You have further made easy the work of a lexicographer of the language and the students of the SINDHI LANGUAGE and LITERATURE.

In my honest opinion, you deserve the thanks of all the Sindhi knowing people upon whom you have conferred a boon by bringing out such an elegantly got-up volume, which, to say the least, will help in diffusion of knowledge and disemination of learning in this part of the Province.

I admire your spirit of application, assiduity, industriousness and the fund of energy, to say nothing of your erudition which you have displayed so splendidly in your book.

The book should find its place in the libraries of all the Universities, Colleges and Schools of the Country. It should be recommended as a PRIZE BOOK.

With deep personal regards,

*Yours sincerely,*
A. C. S. Gilani
**(Dr. A.C.S. GILANI)**
*Principal,*
GOVT. COLLEGE HYDERABAD.

*Professor,*
Abdul Karim sandeelo,
M. A.,
GOVT. COLLEGE, LARKANA.

شمس العلماء
الدڪتور عمر بن محمد داؤد پوٽه

SHAMSUL-ULAMA
**Dr. UM. DAUDPOTA**
M.A. (BOM.) PH. D. (CANTAB).

286, GARDEN EAST,
KARACHI 3.


3-11-55

عزيزي و مڪرمي عبدالڪريم سنڌيلو حفظه الله تعاليٰ

السلام عليڪم و رحمة الله و برڪاته - غرض ته عين انهيءَ ڏينهن جڏهن مان ڪتب فروش ڏي لکڻ وارو هوس، اوهان صاحبن جو مرتب ڪيل ڪتاب "تحقيق لغات سنڌي" ٽپال جي رستي مليو. اوهان تمام گهڻي ڪاوش ڪئي آهي، تنهن لاءِ اوهان ڪيرون لهڻيون. ڪيترائي لفظ اهڙا آهن، جن جو ذاتو هڪ سنسڪرت جو سطحي ڄاڻندڙ لغتن رستي ڄاڻي سگهي ٿو، مگر ڪيترائي لفظ آهن، جي مسلماني سنڌيءَ ۾ مروج ناهن، انهن جو ايراد اجايو هو. بهرحال اوهان جيڪا محنت ڪئي آهي، سا انصاف جوڳي آهي، ۽ خصوصاً ههڙي ڏڪر جي سمي ۾ هن قسم جو ڪتاب ڇپائڻ، جنهنجا پڙهندڙ ٿورا هجن، ڪمال همت آهي. رب تعاليٰ شال اوهان کي سنڌي ادب جي خدمت جي توفيق عطا فرمائي.

اوهان جي "ديهاتي شاعر" جي ظهور لاءِ منتظر آهيان. اميد ته اوهين هرطرح خوش و خورم هوندا.

والسلام

اوهانجي عطيي جو شڪرمند
دعاگو
"ع"

هالا

١٨-١١-٥٥ع

محترمي السلام عليڪم

اوهانجي تصنيف "تحقيق لغات سنڌي" زير مطالع آهي، وايو بعد ۾ موڪليندس، پر ايترو ضرور چوندس ته اوهان سنڌي زبان کي سونو نڪ وڌو آهي. هن قسم جي لغت جي سخت ضرورت هئي. اوهان جيڪا محنت ڪئي آهي، سا بيشڪ قابل تعريف آهي.

والسلام — م - م - ز - طالب المولى

٢٩-١١-٥٥ع

برادرم مڪرم - السلام عليڪم

لغت ڪيترن ڏينهن کان پهتل هئي، ليڪن بروقت جواب موڪلي ڪونه سگهيس، جنهن لاءِ معافي طلب آهيان.

لغت کي تمام چڱيءَ طرح ڏٺم. جهڙي پڌم ٿي، اهڙئي ڏٺم. محنت ۽ تحقيق قابل قدر ۽ داد جي مستحق آهي.

سنڌي لفظن جي خزاني کي ڪولي رکي ڇڏيو اٿو. الله پاڪ اوهان کي جزاءِ خير ڏئي ۽ قوم کي توفيق بخشي، جو اوهان جي پرخلوص محنت جو قدر ڪري.

والسلام — نياز مند

حسام الدين شاه

MEMBER OF PARLIAMENT
(RAJYA SABHA)
*Ex-Governor of Assam*

Observatory Cottege,
Rashtrapati Niwas
SIMLA 13-6-1960. 11 p.m.

*My dear Mr. Abdul Karim*

This letter may seem to come to you from a stranger but being myself a farer on the same way which you have been treading -the study of the Sindhi Language - I feel no barrier in writing to you. I have just finished dipping in to your great work ٿحقيق لغات سنڌي for about two hours Please accept my heartiest congratulations on the splendid service you have rendered to the cause of the Sindhi language. What an amount of patience, deep research cautious judgement, and hard work lies behind this Sindhi Etymology which, I have no doubt, through its later and fuller editions, which hold the field for several decades. All scholars and writers of Sindhi and serious students of the language whether in Pakistan or India will greatly value your **Lughat** for years to come.

Having heard of your book, I tried to secure a copy and received it only this evening. I intend to go through it with greater care than has been possible at this first glance through its pages I have no doubt that I will gain a great deal from its study.

You have mentioned that your book "سنڌ جو سينگار" is in the press. It must have come out by now I am endeavouring to secure a copy of it here. I have no doubt, judging by the magnificent effort you have so successfully put forth in the present cause, that your second book must be a classic in its field.

Once again my congratulations and the best of wishes for the fine work you are doing and the great service you are rendering both to "Mother Sindhi" and the cause of Linguistics in general.

With best regards.

*Yours Sincerly,*
Jairamdas Doulatram

(و)

# اخبار

## هندستان ٢٧-١٢-١٩٥٥ع

"تحقيق لغات سنڌي" جو هڪ دل ڇڪيندڙ ڪوشش پاڪستان ۾ ڇپيل، اسان وٽ سمالوچنا لاءِ آيل آهي، جنهن ۾ سنڌي لفظن جا "ڌاتو" يا "بنياد" ڏنل آهن.

ظاهر آهي ته اهڙن لفظن جي "جڙ يا پاڙ" هٿ ڪرڻ ۾ ڪافي محنت ڪپي. بي ريائي ۽ غير تعصبي درشٽي گهرجي. ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته اهي گڻ مسٽر سنڌيلو ۾ ڪافي انداز ۾ آهن. هن چڱوئي پورهيو ڪري، گهڻي سوچ ۽ کوج بعد مٿيون ڪتاب تيار ڪيو آهي.

"سنڌي لغت" تاهم جو ڪم جڏهن ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کي سپرد ڪيو ويو، تڏهن مسٽر سنڌيلو کي به ان لاءِ هڪ ريسرچ اسسٽنٽ مقرر ڪيو ويو ۽ انهيءَ ڪري، انهيءَ ڪيتر ۾ هن کي چڱي اڀياس ڪرڻ جو موقعو مليو. پر انهيءَ هوندي به اهڙي "ڪٺن ۽ نازڪ" ڪم کي پورو ڪرڻ اهڙو آسان ڪارج نه هو، پر مسٽر سنڌيلو کي "سنڌي لغت" مرتب ڪرڻ جي ڪيتري عرصي کان ايڏي ته آرزو هئي، جو هن ڏينهن رات جاڳي، اهو ڪتاب تيار ڪيو آهي، جو سنڌي ساهت کي چڱي هٿي ڏيندو.

ڪتاب تي جيڪا کوج ۽ محنت ڪيل آهي، تنهن لاءِ ساهت جا پريمي مسٽر سنڌيلو جا هميشه ٿورائتا رهندا.

۾ قابل مصنف هن بحر بيڪران ۾ هٿين خالي گهڙي، ترڪي ترڪي ٻڀون هٽي، جيڪي موتي ڪڍيا آهن، تن جو قدر نه ڪرڻ حد درجي جي زيادتي ٿيندي.

اها ۾ حقيقت آهي ته لغت جو ڪم نهايت نازڪ ۽ ڪٺن آهي ۽ جن هن راه ۾ قدم رکيو هوندو تن کي سوين مشڪلاتن ۽ هزارين ڏکن ۽ ڏاکڙن جو مقابلو ڪرڻو پيو هوندو. ڪيترا ته بيزار ٿي، پچي، ميدان ڪري ويا هوندا ۽ جن راه اڪاري هوندي، تن جو سارو بدن سيلهن ساڙو ڪري ڇڏيو هوندو. پوءِ اهڙن اڻ ٿڪ انسانن جي محنت جو قدر نه ڪرڻ انتهائي بي حسي ٿيندي ۽ جنهن جو لازمي نتيجو اهو نڪرندو، جو ادب ۽ ثقافت جي ميدان ۾ اهڙي بي حس قوم دنيا جي مردار قومن ۾ ليکي ويندي.

”تحقيق لغات سنڌي“ يقيناً سنڌي ادب ۽ سنڌي ٻولي جي هڪ بي بها خدمت آهي ۽ اهڙي خادم جو قدر ڪرڻ اسان سڀني جو فرض آهي.

اسان هن رائي جا آهيون ته هي ڪتاب سنڌي ادب ۾ هڪ شاندار باب جو اضافو آهي ۽ سنڌي زبان جي هر هڪ گهڻگهري کي هڪ ڪتاب خريد ڪرڻ گهرجي.

## نئين سنڌ ٨-١-١٩٥٦ع

هن ڪتاب جي اهميت جو اندازو، سندس ناليءَ مان ئي لڳائي سگهجي ٿو. هن دور ۾ جڏهن ته سنڌي زبان کن

سهڻي سنڌ ۾ نمائشي اديبن جو راند يڪو بڻجي چڪي آهي، سنڌيلي صاحب جي اها جانفشاني ۽ سخت ڪوشش واقعي قابل داد آهي، جنهن جو ثبوت تحقيق لغات سنڌي جي شڪل ۾ مليو آهي.

هيءَ لغت پنهنجي نوعيت ۾ تنها ۽ بينظير آهي، ڇاڪاڻ ته هن ۾ مصنف لفظن جي سنڌين سنڌي معنيٰ نقل ڪري ڇڏڻ بدران، لفظن جي اصلي ماده ۽ بنياد کوڙي ظاهر ڪيو آهي. يقيناً سنڌي زبان جي تاريخ ۾ اها پهرين ڪوشش آهي، جا اميد ته رائگان نه ويندي. هن کان اڳ ڪنهن به لغت نويس اهڙي درد سري نه ڪئي آهي. هر سنڌي کي سنڌيلي صاحب جي هن پيشڪش کان مستفيض ٿيڻ گهرجي.

# رسالا

## سماهي مهراڻ اونهارو ٣-

ڪتاب تي، مصنف، جا محنت ڪئي آهي، سا قابل صد تحسين آهي. ڪتاب ۾ آيل سنڌي لفظن مان هرهڪ لفظ جو ڌاتو يا بنياد ڏنو ويو آهي، معنيٰ کي واضح ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن ڪو متروڪ يا انوکو لفظ آهي ته، بنياد سان گڏوگڏ مشهور شاعرن، جهڙوڪ: شاه ڪريم، شاه ڀٽائي، جلال، سچل، سامي وغيره جي ڪلام مان سند طور مثال ڏنا ويا آهن، تا ته لفظ جي معنيٰ صحيح طور روشن ٿئي. ڪتاب ۾ اٽڪل پنج هزار

## نئين زندگي ماهہ فيبروري ١٩٥٦ع

هن ڪتاب جي پڙهڻ سان ائين معلوم ٿئي ٿو تہ مصنف لغت جو ڳوڙهي نظر سان اڀياس ڪيو آهي، جنهنڪري سندس ڪتاب بہ لغت جي موضوع ۾ بلند جاءِ والاري ٿو. هن قيمتي ڪتاب جي قابل مصنف، سنڌي ادب جي همدردن، کهٽکهرن ۽ سڄڻن کان ڪيرون لهڻيون، جنهن وڏي جاکوڙ ۽ جستجو ڪري، سنڌي ادب ۾ هڪ عمدي لغت سان اضافو ڪيو آهي، جنهن ۾ هر هڪ لفظ جو بنياد يا ڌاتو ڇاڻايل آهي. هن مفيد ڪتاب ۾ جيتوڻيڪ اٽڪل پنج هزار لفظ آندل آهن، پر تنهن هوندي بہ ائين چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو تہ اهي لفظ سڄي لغت جو مغز ۽ مفهوم آهن. هيڙي بيش بها تحفي جو "نئين زندگي" جي پڙهندڙن سان خاص طرح سان ۽ سنڌي ساهتيہ جي سڄڻن سان عام طرح سان تعارف ڪرائيندي، خوشي ٿئي ٿي.

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪائو، ياجوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جھڙيءَ طَرَح وِٽَن جا پَنَ ساوا، ڳاڙھا، نيرا، پيلا يا ناسي ھوندا آھن اھڙيءَ طرح پڑھندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آھن ۽ ھوندا. اُھي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڑھندڙ، پَرندڙ ۽ پڑھندڙ، سُست ۽ پڑھندڙ يا وِڑھندڙ ۽ پڑھندڙ بہ ٿي سگھن ٿا. ہين لفظ ۾ پَنَ کا خُصوصي ۽ تالي لڳل کِلَب Exclusive Club نہ آھي.

ڪوشش اھا ھوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَھڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آھي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اھڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ ھِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ ھيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رھندا. پَنَن پاران ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ ڪان پو ٻيو اھم مرحلو وِرھائڻ distribution جو ٿيندو. اِھو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏھن ڪو پيسا ڪمائي سگھي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ ھوندو.

پَنَن ڪي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ ھو وَس پٽاندڙ وڌِ ڪان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن ڪي ھِمتائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ ڪي ڦھلائڻ جي ڪوشش دوران کَنھن بہ رُڪاوٺَ ڪي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، چانڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ جي نئين ٽهي جو ڪتابن پاران بي پرواهي وارو رويو ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهہ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن ڪي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي چوءِ چالاءِ ۽ ڪينئن جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نه رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان به پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو ته ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)